# پردي جي باري ۾ سوال جواب


- عورت جو ڪنهن ڪنهن کان پردو آهي؟ 34
- مڙس ٻاهر نہ نڪرڻ ڏئي تہ........؟ 86
- مڙس جو حق وڌيڪ يا ماءُ پيءُ جو 89
- ڇا دل جو پردو ڪافي آهي؟ 148
- گهر وارن کي دوزخ کان ڪيئن بچايون 220
- عشق مجازي جي باري ۾ سوال جواب 244



شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال

**مُحَمَّد الياس عطّار قادري رضوي** دامت برڪاتهم العاليہ

# ياداشت

مطالعي جي دوران ضرورت مهل اندر لائن ڪري اشارا لکي صفحو نمبر نوٽ فرمايو، اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ عِلم ۾ ترقي ٿيندي.

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |

www.dawateislami.net
I.T. Majlis of Dawateislami

www.dawateislami.net
I.T. Majlis of Dawateislami

هن ڪتاب ۾ مختلف هنڌن تي اسلامي ڀينرن جي مدني ڪمن
جون مدني بهارون برڪتون لٽائي رهيون آهن

# پردي جي باري ۾ سوال جواب


شيخ طريقت، امير اهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه


## ترجمو پيشڪش

**مجلس تراجم (دعوت اسلامي) سنڌي زبان ۾ هن ڪتاب جو ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلس تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.**


رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)
عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محلہ سوداگران
پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي
فون نمبر: 91-90-021-34921389
*E-mail: translation@dawateislami.net*

كتاب جو نالو : **پردي جي باري ۾ سوال جواب**

مؤلّف : شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتہم العالیه

ڇاپو پهريون :

ڇاپو ٻيون :

ڇاپيندڙ : مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي


# مڪتبة المدينه جون مختلف برانچون


| | |
|---|---|
| مڪتبة المدينه: فيضان مدينه آفندي ٽاؤن حيدرآباد | 022-2620122 |
| مڪتبة المدينه: فيضان مدينه فيضان مدينه سکر | 071-5619195 |
| مڪتبة المدينه: فيضان مدينه العطار ٽاؤن ميرپورخاص | 023-3514672 |
| مڪتبة المدينه: فيضان مدينه مارڪيٽ روڊ دادو | 025-4611541 |
| مڪتبة المدينه: عطار آباد (جيڪب آباد) | 027-2710635 |
| مڪتبة المدينه: چڪرا بازار نوابشاهه | 024-4362145 |
| مڪتبة المدينه: رابعه شاپنگ سينٽر فاروق نگر لاڙڪانه | 074-4054191 |
| مڪتبة المدينه: نزد خضر حيات مسجد ٺٽو | |


مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي-

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ”يا فاطم بنت مصطفيٰ“ جي 15 اکرن جي نسبت سان هن ڪتاب کي پڙهڻ جون 15 نيّتون

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الکبير للطبراني، الحديث: 5942، ج 6، ص185)

**ٻہ مدني گُل:**

❖ سٺي نيت کانسواءِ ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

❖ جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

﴿1﴾ اِخلاص سان مسئلا سکي رضاءِ الٰهي جي حقدار بڻجنديس ﴿2﴾ حتي الامڪان هن ڪتاب جو باوضوءِ ﴿3﴾ قبلي رخ تي مطالعو ڪنديس ﴿4﴾ هن جي مطالعي جي ذريعي فرض علم سکنديس ﴿5﴾ جيڪڏهن ڪو مسئلو سمجهہ ۾ نہ آيو تہ عالمن کان پڇا ڪنديس ﴿6﴾ (پنهنجي ذاتي ڪتاب تي) ضرورت موجب خاص خاص جاين کي انڊر لائين ڪنديس ﴿7﴾ يادداشت واري صفحي تي ضروري نڪتا لکنديس ﴿8﴾ جنهن مسئلي ۾ دشواري ٿي تہ ان کي بار بار پڙهنديس ﴿9﴾ سچي زندگي عمل ڪنديس ﴿10﴾ جيڪي اسلامي ڀينرون نٿيون ڄاڻين انهن کي سيکارينديس ﴿11﴾ جيڪي علم ۾ برابر هونديون انهن سان مسئلن ۾ تڪرار ڪنديس ﴿12﴾ ٻين اسلامي ڀينرن کي هي ڪتاب پڙهڻ جي ترغيب ڏيارينديس ﴿13﴾ گهٽ ۾ گهٽ 12 عدد يا وس آهر هي ڪتاب خريد ڪري ٻين کي تحفي ۾ ڏينديس ﴿14﴾ هن ڪتاب جو مطالعو ڪري ثواب سموري امت کي ايصال ڪندس ﴿15﴾ ڪتابت وغيره ۾ شرعي غلطي نظر آئي تہ ڇاپيندڙن کي تحريري طور تي اِطلاع ڪندس. (ڇاپيندڙن کي ڪتابن جون غلطيون صرف زباني ٻڌائڻ خاص فائديمند ناهي هوندو)

# فهرست


| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| درود شريف جي فضيلت | 1 | عورت جو مرد کان علاج ڪرائڻ | 28 |
| عورت جي لفظي معنيٰ | 1 | چيلھہ جو سُور ۽ مدني قافلو | 29 |
| ڇا اڄ ڪلھہ بہ پردو ضروري آهي؟ | 2 | مرد جو عورتن جي ڪپڙن ڏانهن ڏسڻ | 30 |
| جاهليّت واري زماني جي مدت ڪيتري؟ | 2 | دامن جو ڏاڳو | 32 |
| بي پردگي جو عذاب | 3 | گهر کان ٻاهر نڪرڻ جا احتياط | 33 |
| جهانجهر مان مراد ڪهڙو زيور آهي؟ | 4 | عورت جو ڪنهن ڪنهن کان پردو آهي؟ | 34 |
| هر گهنگهري سان گڏ شيطان هوندو آهي | 4 | مَحارِم جا قِسم | 34 |
| جهانجهر وارن گهرن ۾ فرشتا ناهن ايندا | 5 | ڪير جي رشتي ۾ پردو ڪرڻ مناسب آهي | 35 |
| زيور جي آواز جو حڪم | 6 | نسبي محرمن ۾ ڪير ڪير شامل آهن؟ | 36 |
| عورت جو مڙس جي لاءِ زيور پائڻ | 7 | ڪجھہ سهرا خطرناڪ هوندا آهن | 36 |
| شهنشاهِ مدينہ جو ديدار نصيب ٿي ويو | 8 | ڏير ۽ ڀاڄائيءَ جو پردو | 37 |
| ستر جي باري ۾ سوال جواب | 9 | ساهرن ۾ ڪهڙي طرح پردو ڪري ؟ | 39 |
| سِتُر ڪنهن کي چوندا آهن؟ | 9 | پر ديدار جي لاءِ آزمائشون | 40 |
| مرد جو ستر ڪِٿان کان ڪيستائين آهي؟ | 10 | آسيہ جي دردناڪ آزمائش | 42 |
| حاجي سڳورا ۽ نيڪر پائيندڙ | 11 | مرحومہ امڙ جيجل مدني ڪم ڪرڻ جي | 44 |
| عورت جو سِتر | 11 | اجازت ڏيارائي | |
| نماز ۾ ٿورڙو ستر کليل هجي تہ ......؟ | 12 | مدني ڪم جي تڙپ مرحبا! | 45 |
| آئون نماز ڪونہ پڙهندي هيس | 13 | چار فرمانِ مصطفيٰ | 45 |
| دل خوش ڪرڻ جي فضيلت | 14 | گهر ۾ پردي جو ذهن ڪيئن بڻجي؟ | 46 |
| ستر جي ٻي قِسم جا چار حصا | 15 | ماتحت جي باري ۾ پُڇيو ويندو | 47 |
| (1) مرد جو مرد جي لاءِ ستر | 16 | ننڍي ٻاءُ جي اِنفرادي ڪوشش | 47 |
| ٻار جو ستر | 16 | ديّوث جي تعريف | 49 |
| تمام ننڍڙي ٻار جي ران کي ڇُهڻ ڪيئن؟ | 17 | جيڪڏهن عورت نافرماني ڪري تہ ....؟ | 51 |
| امرد کي ڏسڻ جو حڪم | 17 | ڇا زبان سان چيل ٻاءُ ڀيڻ جو پردو آهي؟ | 52 |
| (2) عورت جو عورت جي لاءِ ستر | 18 | هنج ورتل ٻار جو حڪم | 52 |
| (3) عورت جو اجنبي مرد کي ڏسڻ | 19 | ٻارڙي هنج وٺڻ ڪيئن آهي؟ | 53 |
| ڪافره دائي کان وِيَم ڪرائڻ | 19 | هنج ورتل کان پردو جائز هئڻ جي صورت | 54 |
| (4) مرد جي لاءِ عورت جو ستر | 20 | ڇوڪرو ڪڏهن بالغ ٿيندو آهي؟ | 55 |
| (الف) مرد جو پنهنجي زال کي ڏسڻ | 21 | ڇوڪري ڪڏهن بالغہ ٿيندي آهي؟ | 55 |
| (ب) مرد جو پنهنجي مَحرمن کي ڏسڻ | 21 | ڪيتري عمر جي ڇوڪري کان پردو آهي؟ | 55 |
| مرد جو ماءُ جي پيرن تي زور ڏيڻ | 22 | ڪافره عورت کان پردو | 56 |
| (ج) مرد جو آزاد اجنبي عورت کي ڏسڻ | 23 | اعليٰ حضرت جي فتويٰ | 59 |
| چهرو ڏسڻ جي اجازت جي صورت ۾ ڪَن ۽ | 24 | فاجره عورت کان پردو | 59 |
| ڳچي ڏسڻ جو مسئلو | | منهنجي زندگي جو مقصد | 60 |
| بي پردگي کان توبهہ | 24 | 883 اجتماع | 62 |
| جنهن سان نڪاح ڪرڻو آهي اُن کي ڏسڻ | 26 | مدني انعامات ڪنهن جي لاءِ ڪيترا | 62 |
| جيڪڏهن ڏسڻ ممڪن نہ هجي تہ ڇا ڪري | 27 | مدني انعامات جي عاملين جي لاءِ بشارت | 63 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| چا استاد کان بہ پردو آهي؟ | 64 |
| پير ۽ مريدياڻي جو پردو | 64 |
| عورت نامحرم پير جو هٿ نہ ٿي چمي سگهي | 65 |
| غير عورتن سان هٿ ملائڻ جو عذاب | 65 |
| عورت جو قرآن سکڻ جي لاءِ گهر کان نڪرڻ | 66 |
| استقامت جي برڪت | 66 |
| هر ڳالهہ تي هڪ سال جي عبادت جو ثواب | 67 |
| عورت جو پير کان علم حاصل ڪرڻ | 68 |
| عورت پير سان ڳالهہ ٻولهہ ڪري يا نہ؟ | 69 |
| پير ۽ مريدياڻيءَ جي فون تي ڳالهہ ٻولهہ | 69 |
| عورت جي لاءِ فون ڪٽڻ جو طريقو؟ | 70 |
| بد نصيب عابد ۽ نوجوان ڇوڪري | 71 |
| شهوت پرستي ڪفر تائين وٺي وئي | 74 |
| عالم زادي جيڪڏهن بي پردہ هجي تہ؟ | 75 |
| عالم پيءُ جو دردناڪ انجام | 76 |
| عورت عمرو ڪري يا نہ ڪري؟ | 77 |
| اُمّ المؤمنين سڄي عمر گهر ان ٻاهر نہ نڪتيون | 78 |
| عورت ڪي مسجد جي حاضري منع هئڻ جي وجهہ | 79 |
| 15 ڏينهن کان پوءِ جڏهن قبر کُلي....... | 82 |
| صحبت جو اثر ٿيندو آهي | 84 |
| دنيا گهڻو اڳتي نڪري چڪي آهي! | 85 |
| مڙس ٻاهر نہ نڪرڻ ڏئي تہ .......؟ | 86 |
| 7 فرمانِ مصطفيٰ | 87 |
| مڙس جو حق وڏيڪ يا ماءُ پيءُ جو | 89 |
| مڙس تي زال جا حق | 90 |
| گهر امن جو گهوارو ڪيئن بڻجي؟ | 91 |
| لوڻ وڏيڪ وجهي ڇڏيو | 92 |
| زال جي لاءِ جنت جي خوشخبري | 93 |
| اسلامي ڀينرن لاءِمدني سهرو | 94 |
| مدني سهرو | 95 |
| سچي نيت جي برڪت سان گم ٿيل هار ملي ويو | 96 |
| سٺي نيّت جون فضيلتون | 97 |
| گم ٿيل شيءَ ملڻ جي لاءِ چار وظيفا | 98 |
| خوفِ خدا سبب عورت جو نڪاح نہ ڪرڻ ڪيئن آهي؟ | 98 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| چا نڪاح نہ ڪري عورت گنهگار ٿيندي | 99 |
| (1)مڙس جي اجازت کان سواءِ گهر کان نڪرڻ جو عذاب | 100 |
| (2) نڪ جي سوراخن جو رت ۽ پون ڇٽي تہ بہ ..... | 101 |
| آئون ڪڏهن شادي نہ ڪنديس | 102 |
| پيڪن وارا محتاط رهن | 103 |
| مڙس بي پردگيءَ جو حڪم ڏئي تہ ....؟ | 104 |
| ٻارن جو پهريون مدرسو ماءُ جي هنج آهي | 105 |
| عورت مڙس کان عِلم حاصل ڪري | 106 |
| عورت جو عالمہ وٽ وڃي ڪري پڙهڻ | 107 |
| علم جو ذريعو سنتن ڀريا اجتماع بہ آهن | 108 |
| زيارتِ مصطفيٰ | 108 |
| آقا اُمت جي حالت کان باخبر رهندا آهن | 110 |
| بنا اجازت جي اجتماع جي لاءِ گهر ان نڪرڻ | 111 |
| عورت جو مرد وٽ پڙهڻ | 111 |
| عورت عالم جوبيان ٻڌڻ جي لاءِ نڪري سگهي ٿي يا نہ ؟ | 113 |
| جنت ۾ وٺي وڃڻ وارا عمل | 113 |
| دعوتِ اسلامي جو 99% ڪم انفرادي ڪوشش سان آهي | 115 |
| خطرناڪ زهريلو نانگ | 116 |
| چا پردو ترقي ۾ رڪاوٽ آهي | 117 |
| حقيقت ۾ ڪامياب ڪير؟ | 118 |
| جهنم ۾ عورتن جي ڪثرت | 119 |
| بي غيرتي جي انتها | 120 |
| ستر هزار حرامي ٻار | 121 |
| چادر ۽چوڏيواري جي تعليم ڪنهن ڏني؟ | 122 |
| عورت جي ملازمت جي باري۾سوال جواب | 123 |
| گهر ۾ ڪم واري رکي سگهجي ٿي يا نہ ؟ | 124 |
| ايئر هوسٽس جي نوڪري ڪرڻ ڪيئن؟ | 124 |
| مرد جو ايئر هوسٽس کان خدمت وٺڻ ڪيئن؟ | 124 |
| عورت جو اڪيلو سفرڪرڻ ڪيئن ؟ | 125 |
| عورت جو هوائي جهاز ۾ اڪيلو سفر ڪرڻ ڪيئن آهي؟ | 127 |
| عورت جو علاج جي غرض سان گهٽيءَ ۾ هلڻ ڪيئن آهي؟ | 128 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| اسان هاڻي صرف مدني چينل ڏسندا آهيون | 128 |
| نماز براين کان بچائي ٿي | 129 |
| نبي جي پيروي ۾ خشڪ تاري لوڏي | 130 |
| ڇا عورت ڊاڪٽر وٽ وڃي سگهي ٿي؟ | 131 |
| عورت جو مرد کان انجيڪشن لڳرائڻ | 131 |
| مرد جو نرس کان انجيڪشن لڳرائڻ | 131 |
| مٽي ۾ لوهہ جون ڪِليون | 132 |
| نرس جي نوڪري ڪرڻ ڪيئن آهي؟ | 132 |
| زخمين جي خدمت ۽ صحابيات | 132 |
| نرس جي نوڪري جي جائز ٿيڻ جي صورت | 133 |
| پيءُ کي ٻاهرين ملڪ نوڪري ملي ويئي | 133 |
| گڏيل تعليم جو شرعي حڪم | 135 |
| عورت ۽ ڪاليج | 135 |
| پرديدار ڇوڪريءَ جي شادي ناهي ٿيندي | 136 |
| حڪومتي نوڪري | 137 |
| آزمائش ۾ نہ ڊڄو | 137 |
| ناول پڙهڻ ڪيئن آهي؟ | 138 |
| آئون فيشن واريءَ هيس | 140 |
| مُسڪرائي ڪري ڳالهائڻ سنت آهي | 141 |
| ڇا اڄڪلهہ پردو ضروري ناهي؟ | 142 |
| اوهان تہ گهر جا ماڻهو آهيو؟ | 142 |
| مرد جي هٿان چوڙيون پائڻ | 142 |
| پردو ڪرڻ ۾ معاشري کان خوف ٿيندو آهي | 143 |
| حڪايت | 144 |
| ڇا گهر ۾ ميت تي وڃي تڏهن بہ پردو ضروري آهي؟ | 144 |
| پٽ وِڃايو آهي حياءُ ناهي وڃايو | 145 |
| ڏيءَ جي گلي جو سور ختم ٿي ويو | 146 |
| غير مَحرمہ سان تعزيت ڪري سگهجي ٿي يا نہ ؟ | 147 |
| غير مَحرم جي عيادت ڪرڻ ڪيئن آهي؟ | 147 |
| ويم جي باري ۾ سوال ۽ جواب | 147 |
| ڪافره دائي کان ويم ڪرائڻ جو مسئلو | 148 |
| ڇا دل جو پردو ڪافي آهي؟ | 148 |
| ذهني مريض تندرست ٿي ويو | 150 |
| پردو ڪرڻ ۾ هٻڪ ٿيندي هجي تہ..... | 152 |
| بيبي فاطمہ جي ڪفن جو بہ پردو! | 153 |
| بيبي فاطمہ جو پلصراط تي بہ پردو | 154 |
| ملنساري جون برڪتون | 155 |
| مزارن تي عورتن جي حاضري | 156 |
| عورت جنت البقيع ۾ حاضري ڏي يا نہ ؟ | 157 |
| عورت جي روضہءِ رسول تي حاضري | 158 |
| عورت مديني ۾ زيارتون ڪري سگهي ٿي يا نہ؟ | 160 |
| عورت مسجدِ نبوي ۾ اعتڪاف ڪري يا نہ ڪري؟ | 160 |
| صحابيات جي پردي جون ڪيفيتون | 161 |
| ﴿1﴾ احرام جي حالت ۾ بہ چهري جو پردو | 161 |
| ﴿2﴾ انصار عورتن جون ڪاريون چادرون | 162 |
| ﴿3﴾ تهبند ڦاڙي رَوا ناهي ورتا | 162 |
| ﴿4﴾ پردي جا احتياط! سُبحٰن الله!! | 163 |
| ﴿5﴾ رَوا سنها نہ هجن | 163 |
| ﴿6﴾ سنهو رئو ڦاڙي ڇڏيو | 164 |
| ﴿7﴾ عهدِ رسالت ۾ آزاد مسلمان عورت جي حجاب نشاني هو | 165 |
| ﴿8﴾ هر حال ۾ پردو | 166 |
| ﴿9﴾ زال گهر کان ٻاهر نڪتي ئي ڇو؟ | 166 |
| عورت کي تنگ ڪيو تہ جنگ ڇڙي وئي | 167 |
| عورت ۽ شاپنگ سينٽر | 167 |
| عورت کي گهر ۾ قيد رکو! | 168 |
| سيڊو سامان مرد ئي آڻين | 168 |
| عورت جو ٽيڪسي ۾ ويهڻ بابت سوال جواب | 170 |
| گهر جي نوڪر سان عورت جي بي تڪلفي جو حڪم | 174 |
| اسلامي ڀيڻ ۽ راهِ خدا ۾ سفر | 175 |
| مدني قافلن جون 6 بهارون | 176 |
| ﴿1﴾ گڙدي جو سور ختم ٿي ويو | 177 |
| مفلوج جي هٿو هٿ شفايابي | 178 |
| ﴿2﴾ بلڊپريشر جي مريضہ تندرست ٿي وئي | 179 |
| 100 گهرن کان بلائون پري | 180 |
| ﴿3﴾ سڪون جي ننڊ | 180 |
| ﴿4﴾ ڪنڌ جو سور ختم ٿي ويو | 182 |
| نابين ٻار جي حيرت انگيز حڪايت | 182 |
| ﴿5﴾ مون کي الٽي اچي ويندي هئي | 184 |
| ﴿6﴾ سون جو گم ٿيل ڪوڪو ملي ويو | 185 |
| جنت جو بہ ڇا شان آهي! | 186 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| اسلامي ڀيڻ ۾ نيڪي جي دعوت | 187 |
| آواز ڪيئن ڪليو! | 187 |
| اسلامي ڀينرن جو مدني مشورو | 189 |
| عدت جي دوران سنتون سکڻ جي لاءِ نڪرڻ ڪيئن آهي؟ | 189 |
| اسلامي ڀينرن جو اجتماع ڪرڻ ڪيئن؟ | 190 |
| غير عالم کي بيان ڪرڻ حرام آهي | 191 |
| عالم جي وصف | 191 |
| غير عالم جي بيان ڪرڻ جو طريقو | 193 |
| مبلغن جي لاءِ اهم هدايت | 193 |
| اسلامي ڀينرون نعتون پڙهن يا نه؟ | 194 |
| اسلامي ڀينرون اسپيڪر استعمال نه ڪن | 195 |
| عورت جي راڳ جو آواز | 196 |
| منهنجو آواز ڏڪندو هو | 197 |
| ويراندي مان هڪ ٻئي کي سڏ ڪرڻ ڪيئن آهي؟ | 199 |
| ٻارن کي دڙڪا ڏيڻ جو آواز | 199 |
| عورت نعتن جي وڊيو ڪيسٽ ڏسي يا نه ؟ | 200 |
| عورت نعتن جي ڪيسٽ ٻڌي يا نه؟ | 201 |
| اسلامي ڀينرون نعت خوانن جون ڪيسٽون نه ٻُڌن | 201 |
| ڇا اسلامي ڀينرون مرحوم نعت خوان جون نعتون ٻڌي سگهن ٿيون؟ | 202 |
| مونکي مدني چينل مدني برقعو پارائي ڇڏيو! | 203 |
| اسلامي ڀينرن جي مدني چينل ڏسڻ جو شرعي مسئلو | 204 |
| عورت عامل وٽ وڃي يا نه ؟ | 205 |
| عورت جو ميڪ اپ ڪرڻ ڪيئن آهي؟ | 206 |
| لباس جي باوجود اگهاڙي | 206 |
| ڏيکاءُ جي لاءِ زيور پائڻ | 208 |
| عورت خوشبو لڳائي يا نه؟ | 208 |
| عورت خوشبو هڻي ٻاهر نه نڪري | 209 |
| خوشبو هڻڻ واري عورت جي حڪايت | 210 |
| پُرڪَشش برقعو | 210 |
| مدني برقعو | 211 |
| اسلامي ڀينرن کي تنبيهه | 211 |
| پاڙي ۾ برقعو کولي ڇڏڻ ڪيئن آهي ؟ | 212 |
| مدني برقعي ۾ گرمي لڳندي هجي ته .....؟ | 213 |
| آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَسَلَّم تپندڙ صحرا ۾ | 213 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| وارن جي باري ۾ سوال جواب | 214 |
| وارن جي باري ۾ احتياط | 215 |
| عورت جو مٿو ڪوڙائڻ | 215 |
| عورت جو مردانه وار ڪترائڻ | 215 |
| هُوءَ ڪفن ڦاڙي ڪري اُٿي ويٺي | 215 |
| ڪمزور بهانا | 217 |
| عورت جو درزيءَ کي ماپ ڏيڻ ڪيئن؟ | 218 |
| ڀاءُ ۾ ڀاڄائي جي انفرادي ڪوشش | 218 |
| گهر وارن جي اصلاح ڪريو | 220 |
| گهر وارن کي دوزخ کان ڪيئن بچايون | 220 |
| ڪدڙي کان به پردو | 221 |
| مُخَنث ڪنهن کي چوندا آهن ؟ | 221 |
| ڪدڙائپ کان بچڻ جي تاڪيد | 221 |
| نقلي ڪدڙو | 222 |
| جيڪو مخنث نه هجي ان کي ڪدڙو چئي سڏڻ ڪيئن آهي؟ | 222 |
| مُخَنث کي ڪدڙو چئي ڪري سڏڻ | 223 |
| ڪدڙن جو ڪردار | 224 |
| ٽين جنس يعني خُنثيٰ جي باري ۾ اهم معلومات | 225 |
| هڪ ڪدڙي جي مغفرت جو قِصّو | 226 |
| ڪنوار جي پيرن جو ڌوپ ڇٽڪارڻ ڪيئن آهي؟ | 227 |
| نظر جي باري ۾ سوال جواب | 228 |
| نظر جي باري ۾ 4 حديثون | 228 |
| نظر ڦيري ونو | 228 |
| ڄاڻي واڻي نظر نه وجهو | 229 |
| نظر جي حفاظت جي فضيلت | 229 |
| ابليس جو زهريلو تير | 229 |
| اکين ۾ باهه ڀري ويندي | 230 |
| باهه جي سرائي | 230 |
| نظر دل ۾ شهوت جو ٻج پوکيندي آهي | 230 |
| عورت جي چادر به نه ڏسو | 231 |
| بدنگاهي ڪري ورتي ته پوءِ ڇا ڪري ؟ | 231 |
| گناهه مٽائڻ جو نسخو | 232 |
| توبهه جي ارادي سان گناهه ڪرڻ ڪفر آهي | 232 |
| هڪ اک وارو ماڻهو | 233 |
| آئون گناهن جي ڊپ مان نڪري آيس | 236 |
| دعا جون فضيلتون | 237 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| ڪنهن جي گهر ۾ جهاتي پائي نه ڏسو | 238 |
| اک ڪڍي ڇڏڻ جو اختيار | 239 |
| گفتگوءَ ۾ نظر ڪٿي هجي؟ | 240 |
| نگاهِ مصطفيٰ جون ادائون | 240 |
| جشنِ ولادت جي برڪت سان منهنجي زندگي بدلجي ويئي | 242 |
| جشنِ ولادت ڏسي قبولِ اسلام | 243 |
| جشنِ ولادت ملهائڻ وارن سان آقا خوش ٿيندا آهن | 244 |
| عشق مجازي جي باري ۾ سوال جوا ب | 244 |
| عاشق ۽ معشوق شادي ڪري سگهن ٿا يا نه؟ | 246 |
| غير شرعي مجازي عشق جون تباهه ڪاريون | 247 |
| ٽن نوجوان ڀينرن جي اجتماعي خودڪشي | 248 |
| عشق ۾ ناڪام ٿيلن جون خودڪشيون | 249 |
| مجازي عشق کان بچڻ جو طريقو | 249 |
| شادي ڪيتري عمر ۾ ٿيڻ گهرجي | 250 |
| جِنّ جيڪڏهن عورت تي عاشق ٿي وڃي ته؟ | 252 |
| جنّ جيڪڏهن عورت کي زبردستي تحفو ڏئي ته ..... | 252 |
| عاشق ۽ معشوق جي تحفي جو شرعي حڪم | 252 |
| ناجائز تحفا موٽائڻ جو طريقو | 253 |
| اَمرَد کي تحفو ڏيڻ ڪيئن آهي ؟ | 253 |
| عورت نامحرم کي تحفو ڏئي سگهي ٿي يا نه؟ | 254 |
| زليخا جو داستان | 256 |
| نادان عاشقن جو رد ٿي ويو ! | 258 |
| برقعي پوش اعرابيّه | 260 |
| عشق بازيءَ کان جان ڇڏائڻ جو روحاني علاج | 263 |
| عبدالله بن مبارڪ جي توبهه جو سبب | 263 |
| نانگ مور چل ڪري رهيو هو | 264 |
| خوشنصيب عابد جي ثابت قدمي | 264 |
| انبياءِ ڪرام تي به امتحان آيا | 268 |
| مجازي عشق تباهي مچائي آهي | 270 |
| عاشقن جي جذبات جا ست حياسوز جملا | 271 |
| عاشقائن جي جذبات جا 12 حيا سوز جملا | 272 |
| عشق ۾ ٿيڻ وارين شادين جي باري ۾ سوال جواب | 273 |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| ڪورٽ واري شادي | 273 |
| ڪُفو ڇا کي چوندا آهن؟ | 276 |
| ڪفو جي سڀني شرطن جي وضاحت | 276 |
| (1) نَسَب جو بيان | 276 |
| عَجَمي ڇوڪرو ۽ عَرَبي ڇوڪري | 277 |
| عالم جي وڏي فضيلت آهي | 278 |
| ميمڻ ۽ سيّدياڻي جو ڪورٽ ميرج | 279 |
| سيّدزادي ۽ ميمڻ ڇوڪريءَ جو ڪورٽ ميرج | 281 |
| غيرِ سيّد ۽ سيّده جو نڪاح | 283 |
| (2) اسلام ۾ ڪُفو هئڻ | 284 |
| مسلمان ڇوڪريءَ جو نومسلم سان نڪاح | 284 |
| (3) روزگار (ڪم ڌنڌي) ۾ ڪفو هئڻ | 285 |
| تاجر جي ڇوڪريءَ جو ڪفو آهي يا نه ؟ | 285 |
| حجام ۽ موچي جو پاڻ ۾ ڪفو هئڻ | 286 |
| (4) ديانت ۾ ڪفو هئڻ | 287 |
| فاسق ۽ بنتِ متّقي | 287 |
| (5) مال ۾ ڪفائت (يعني ڪفو هئڻ) | 288 |
| ڪفو جي باري ۾ مختلف سوال | 288 |
| پي کي پيءُ ٻڌائي وڃڻ | 291 |
| شادي ڪارڊ ۾ پيءُ جو نالو غلط وجهڻ | 291 |
| زال مڙس جو هڪ ٻئي تي شڪ ڪرڻ ڪيئن آهي؟ | 295 |
| ڪنهن کي رنڊي چوڻ ڪيئن آهي؟ | 297 |
| گار جي دنياوي سزا | 297 |
| شڪ جي بنياد تي الزام نه هڻو | 299 |
| لوهه جا 80 ڪوڙا | 299 |
| عيب لڪايو، جنت ماڻيو! | 299 |
| عيب کولڻ جو عذاب | 300 |
| جادو ٽوڻو ڪرائڻ جو الزام | 301 |
| بهتان جو عذاب | 301 |
| توبهه جون تقاضائون پوريون ڪري وٺو! | 302 |
| بدگمانيءَ جي باري ۾ سوال جواب | 303 |
| روئندڙ تي بدگمانيءَ جو نقصان | 304 |
| زال مڙس جي غسل ميت جي باري ۾ سوال جواب | 304 |


هڪ چُپ سؤ سُک

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# پردي جي باري ۾ سوال جواب

شيطان ڪيتري به سستي ڏياري هي ڪتاب مڪمل پڙهي وٺو،
اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ معلومات جو انمول خزانو هٿ ايندو.

## درود شريف جي فضيلت

حضرت اُبي بن ڪَعَب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو ته آئون (سڀ وِرد، وظيفا، دعائون ڇڏي ڏيندس ۽) پنهنجو سمورو وقت درود پڙهڻ ۾ گذاريندس، ته سرڪار مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”اهو تنهنجي فِڪرَن کي ختم ڪرڻ جي لاءِ ڪافي ٿيندو ۽ تنهنجا گناهہ معاف ڪيا ويندا.“ (سنن ترمذي ج 4 ص 207 حديث 2465)

ہر درد کی دوا ہے صلِّ علیٰ محمد
تعویذِ ہر بلا ہے صلِّ علیٰ محمد

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## عورت جي لفظي معنيٰ

**سوال:** عورت جي لفظي معنيٰ ڇا آهي؟

**جواب:** عورت جي لغوي معنيٰ آهي **”لڪائڻ جي شيء“** الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: عورت ”عورت“ (يعني لڪائڻ جي شيء) آهي، جڏهن اها نڪرندي آهي ته شيطان ان کي جهاتيون پائي ڏسندو آهي. (يعني ان کي ڏسڻ شيطاني ڪم آهي) (سنن ترمذي ج 2 ص 392 حديث 1176)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.** (طبراني)

## ڇا اڄ ڪلهه به پردو ضروري آهي؟

**سوال:** ڇا هن دؤر ۾ به پردو ضروري آهي؟

**جواب:** جي ها. ڪجهه ڳالهيون جيڪڏهن پيشِ نظر رهن ته اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ پردي جا مسئلا سمجهڻ ۾ آساني رهندي. سيپارو 22 سورةُ الاحزاب جي آيت نمبر 33 ۾ پردي جو حڪم ڏيندي پروردگار عَزَّوَجَلَّ جو ارشادِ نور بار آهي:

وَقَرْنَ فِيْ بُيُوْتِكُنَّ وَلَا تَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِيَّةِ الْاُوْلٰى

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ پنهنجي گهرن ۾ ٽڪيون رهو ۽ بي پردي نه رهو اڳوٽي جاهليت جي بي پردگي وانگر.

خليفهءِ اعليٰ حضرت صَدرُ الاَفاضِل حضرت علامه مولانا سيّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الهادي ان جي تحت فرمائن ٿا: "اڳوٽي جاهليّت مان مراد اسلام کان اڳ جو زمانو آهي، اُن زماني ۾ عورتون اڪڙجي نڪرنديون هيون. پنهنجي زينت ۽ مَحَاسِن (يعني هار سينگار ۽ جسم جون خوبيون مثلاً سيني جي اُڀار وغيره) کي ظاهر ڪنديون هيون ته جيئن غير مرد ڏسن. ڪپڙا اهڙا پائينديون هيون، جن سان جسم جا عضوا چڱيءَ طرح نه ڍڪبا هئا." (خزائن العرفان ص 673) افسوس! موجوده دؤر ۾ به جاهليّت واري زماني جي بي پردگي ڏسڻ ۾ اچي پئي، يقينًا جيئن اُن زماني ۾ پردو ضروري هو ائين ئي هاڻي به پردو ضروري آهي.

## جاهليّت واري زماني جي مدّت ڪيتري؟

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحنّان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

فرمائن ٿا: ڪاش هِن آيت مان موجوده مسلمان عورتون عبرت حاصل ڪن، هي عورتون اُنهن **اُمَّهَاتُ الْمُومِنِين** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُنَّ کان وڌيڪ ناهن. صاحبِ **روح البيان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنَّان فرمايو ته حضرت سيّدنا آدم عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ سيّدنا نوح عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي طوفان جي وچ واري زماني کي جاهليّتِ اُوليٰ چئبو آهي، جيڪو ٻارهن سؤ ٻاهتر (1272) سال آهي ۽ عيسيٰ عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وچ وارو زمانو **جاهليّتِ اُخريٰ** آهي جيڪو تقريبًا ڇهه سؤ(600) سال آهي. وَاللهُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(نورالعرفان ص 673، روح البيان ج 7، ص 170)

# بي پردگي جو عذاب

**سوال:** بي پردگي جو ڇا عذاب آهي؟

**جواب:** عورت جي بي پردگي غضبِ الٰهي ۽ تباهي جو سبب آهي. اِن سوال جو جواب سيپاري 18 سورةُ النُّور جي آيت نمبر 31 جي هن حصي جي تفسير ۾ ملاحظه فرمايو، جيئن ته ارشاد آهي:

وَلَا يَضْرِبْنَ بِاَرْجُلِهِنَّ لِيُعْلَمَ مَا يُخْفِيْنَ مِنْ زِيْنَتِهِنَّ ؕ

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ زمين تي پنهنجا پير زور سان نه رکن جو معلوم ٿي وڃي انهن جو لِڪل سينگار. (پ 18 النور 31)

بيان ڪيل آيت سڳوري جي تحت مفسّرِ قرآن، خليفهءِ اعليٰ حضرت **صَدْرُ الاَفَاضِل** حضرت علامه مولانا سيّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الهَادِي فرمائن ٿا: يعني عورتون گهر جي اندر هلڻ ڦرڻ ۾ به پير ايتري قدر آهستي رکن جو انهن جي زيور جي جهنڪار ٻڌڻ ۾ نه اچي، **مسئلو:** ان ڪري گهرجي ته عورتون وڄندڙ **جهانجهر** نه

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

**پائن. حديث شريف ۾ آهي: "اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اُن قوم جي دعا قبول ناهي فرمائيندو جنهن جون عورتون جهانجهر پائينديون هجن."** (تفسيرات احمديہ ص 565) **ان مان سمجهڻ گهرجي تہ جڏهن زيور جو آواز دعا قبول نہ ٿيڻ جو سبب آهي تہ خاص عورت جو (پنهنجو) آواز (جيڪو بِنا شرعي اجازت جي غير مردن تائين پهچي) ۽ ان جي بي پردگي ڪيڏي نہ ربّ تعاليٰ جي ڏمر جو سبب بڻجندي، پردي جي معاملي ۾ بي پرواهي تباهيءَ جو سبب آهي.** (خزائن العرفان ص 566)

## جهانجهر مان مراد ڪهڙو زيور آهي؟

**سوال:** حديث ۾ جنهن وڄندڙ جهانجهر (يعني ڇيرون) پائڻ جي منع ڪئي وئي اُن مان ڪهڙو زيور مراد آهي؟

**جواب:** ان مان گهنگهرن وارو زيور مراد آهي. اهڙا زيور پائڻ وارين جي باري ۾ هڪ حديث ۾ ارشاد آهي: **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ وڄندڙ جهانجهر جي آواز کي ائين ئي ناپسند فرمائي ٿو جيئن ڳاني جي آواز کي ناپسند فرمائي ٿو ۽ جيڪا اهڙا زيور پائيندي هجي ان جو حشر بہ ڳائڻ وڄائڻ وارن وانگر ڪندو، جيڪا عورت وڄندڙ جهانجهر پائيندي تہ اُن تي لعنت وسندي آهي.

(ڪنزالعمال ج 16 ص 164 رقم 45063)

## هر گهنگهري سان گڏ شيطان هوندو آهي

**حضرت سيدنا عبداللّٰه بن زبير** رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ **فرمائن ٿا اسان جي ٻانهيءَ حضرت زبير** رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ **جي ڇوڪريءَ کي حضرت عمر** رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ **وٽ وٺي آئي ۽ اُن جي پيرن ۾ گهنگهرا هئا، حضرت سيدنا**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعلیٰ)

عمر فاروق رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن انهن کي ڪٽي ڇڏيو ۽ فرمايو ته مون رسول **الله** صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ٻڌو آهي ته هر گهنگهري سان گڏ شيطان هوندو آهي. (سنن ابي داؤد ج 4 ص 124 حديث 4230)

## جهانجهر وارن گهرن ۾ فرشتا ناهن ايندا

حضرت سيدتنا بُنانه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا فرمائن ٿيون ته اُهي اُمُّ الْمؤمِنِين حضرت سيّدتنا عائِشه صِدّيقه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا وٽ هيون ته پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا جن جي خدمت ۾ هڪ ٻارڙي آندي وئي جنهن کي گهنگهرن وارا زيور پاتل هئا جيڪي آواز ڪري رهيا هئا پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا چيو ته هن کي مون وٽ هرگز نه آڻيو پر انهيءَ صورت ۾ جڏهن ته ان جا جهانجهر ٽوڙي ڇڏيا وڃن ۽ مون رسول **الله** صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو ته اُن گهر ۾ ملائڪ ناهن ايندا جنهن ۾ جهانجهر هجي. (سنن ابي داؤد ج 4 ص 125 حديث 4231) هِن باب جي حديثن جي تحت مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان فرمائن ٿا: ”اَجْرَاس، جَرس جو جمع آهي ان جي معنيٰ جَلاجِل يعني گهنگهرا ۽ اُن جهڙي آواز واري شيء، اُٺ جي ڳچي ۾ گهنگهرا ۽ باز نالي پکي جي پيرن جي چلّن کي به اجراس يا جلاجل چوندا آهن. اسان جي هندوستان ۾ به پهرين عورتن ۾ جهانجهر جو رواج هو.“ حضرت عائشه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا واري حديث ۾ جيڪو جهانجهر ٽوڙي ڇڏڻ جو ذڪر آهي اُن جي وضاحت ڪندي مفتي صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: ”اهڙي طرح (ٽوڙي ڇڏيو) جو اُن جي اندر جا ڪَڪرا (پٿر) ڪڍيا وڃن يا اهڙي طرح جو اُن جا گهنگهرا ڪڍيا وڃن يا اهڙي طرح جو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو.** (**ابن عدي**)

**خود جهانجهر ئي ٽوڙيا وڃن مطلب اهو ته اُنهن ۾ آواز نه رهي.** (مرآة المناجيح ج 6 ص 136)

# زيور جي آواز جو حڪم

**سوال: ڇا عورت جي لاءِ آواز وارو زيور پائڻ بلڪل منع آهي؟**

**جواب : نه! ائين هرگز ناهي، منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاه امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن **فتاويٰ رضويه جلد 22 صفحو 127 ۽ 128 تي لکن ٿا: بلڪ عورت جو قدرت هئڻ باوجود بلڪل زيور نه پائڻ مڪروه آهي جو مردن سان مشابهت ٿيندي. وڌيڪ فرمائن ٿا ته حديث ۾ آهي: رسول الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن موليٰ علي** كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم **کي فرمايو: "يَا عَلِيُّ مُرْ نِسَاءَكَ لَايُصَلِّيْنَ عُطُلًا" ترجمو: اي علي! پنهنجي گهر جي عورتن کي حڪم ڏي ته بنا زيور جي نماز نه پڙهن.** (المعجم الاوسط للطبراني ج 4، ص 262، حديث 5929)

**اُمُّ المُؤمِنِين حضرت عائشه صديقه** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا **عورت جو بِنا زيور جي نماز پڙهڻ کي مڪروه** (يعني ناپسنديده) **سمجهنديون هيون ۽ فرمائينديون هيون ڪجهه نه پائي ته هڪ ڌاڳو ئي ڳچي ۾ ٻڌي وٺي.** (السنن الكبريٰ للبيهقي ج 2، ص 332، رقم 3267) **اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **وڄڻ واري زيور جي استعمال جي باري ۾ ارشاد فرمائن ٿا: وڄڻ وارو زيور عورت جي لاءِ ان حالت ۾ جائز آهي جو نامحرمن مثلاً ماسات، ماروت، سوٽ، پُڦات، ڄيٺ، ڏير، پيٽويي جي سامهون نه ايندي هجي، نه اُن جي زيور جي جهنڪار** (يعني وڄڻ جو آواز) **نامحرم تائين پهچي. الله** عَزَّوَجَلَّ **فرمائي ٿو:**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي .** (مجمع الزوائد)

وَلَا يُبْدِيْنَ زِيْنَتَهُنَّ اِلَّا لِبُعُوْلَتِهِنَّ (پ 18 النور 31)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ پنهنجي سينگار کي ظاهر نہ ڪن مگر پنهنجي مڙسن تي.

۽ فرمائي ٿو:

وَلَا يَضْرِبْنَ بِاَرْجُلِهِنَّ لِيُعْلَمَ مَا يُخْفِيْنَ مِنْ زِيْنَتِهِنَّ ؕ (پ 18 النور 31)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ زمين تي پنهنجا پير زور سان نہ رکن جو معلوم ٿي وڃي انهن جو لِڪل سينگار.

فائدو: هي آيت سڳوري جيئن نامحرم تائين زيور جو آواز پهچڻ بابت منع فرمائي ٿي ائين ئي جڏهن آواز نہ پهچي (تہ) ان جو پائڻ عورتن جي لاءِ جائز ٻڌائي ٿي تہ ڌمڪ (آواز) ڪري پير رکڻ کان منع فرمايو، پائڻ کان منع نہ فرمايو. (فتاويٰ رضويه ج 22 ص127، 128)

## عورت جو مڙس جي لاءِ زيور پائڻ

**سوال:** عورتن جو پنهنجي مڙس جي رضامندي لاءِ زيور پائڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** ثواب جو ڪم آهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، **امام اهلسنّت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: عورت جو پنهنجي مڙس جي لاءِ زيور پائڻ، هار سينگار ڪرڻ وڏي اجر جو سبب ۽ عورت لاءِ نفل نماز کان افضل آهي. ڪجهہ نيڪ بيبيون جيڪي پاڻ بہ ۽ انهن جا مڙس بہ اولياءِ ڪرام مان هئا هر رات عشاء نماز کان پوءِ خوب سينگار ڪري ڪنوار ٿي پنهنجي گهر واري وٽ اينديون هيون جيڪڏهن انهن کي پنهنجي طرف حاجت ڏسنديون حاضر رهنديون نہ تہ زيور ۽ ڪپڙا مٽائي مصلو وڇائي ۽ نماز پڙهڻ ۾ مشغول ٿي وينديون هيون. ڪنوار کي سينگار ڪرائڻ تہ تمام

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا .** (طبراني)

پراڻي سنت ۽ گهڻين حديثن مان ثابت آهي بلڪ ڪنواري ڇوڪرين کي زيور ۽ ڪپڙن سان سينگاري رکڻ تہ جيئن انهن جون مڱڻيون (يعني رشتا) اچن، اها بہ سنّت آهي. (فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 126) پر ياد رهي! هار سينگار گهر جي چوٖ ديواري ۾ اُهو بہ صرف محرمن جي سامهون هجي، انهن کي سجائي سنواري غير مردن جي سامهون بي پرده وٺي ڦرڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.

## شهنشاهِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَسَلَّم جو ديدار نصيب ٿي ويو

اسلامي ڀينرو! شرعي پردي تي استقامت حاصل ڪرڻ لاءِ تبليغِ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو. دعوتِ اسلامي جو مدني ڪم بہ ڪنديون رهو ۽ دعوتِ اسلامي جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلن جون مسافر بڻجڻ جي سعادت بہ حاصل فرمائينديون رهو.[1] جيڪڏهن ڪير پُڇي تہ مدني قافلن ۾ ڇا ٿو ملي؟ تہ آئون چوندس تہ مدني قافلن ۾ ڇا نٿو ملي! هِن مدني بهار کي ملاحظہ فرمايو ۽ عشقِ رسول سان لبريز دل جو فيصلو مدني بهار جي آخر ۾ ڏنل شعر تي سُبحٰن الله چئي تصديق جي مهر لڳائي ڪريو. حيدرآباد (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جو بيان ڪجهہ ائين آهي تہ اسان جي علائقي ۾ دعوتِ اسلامي جي اسلامي ڀينرن جو هڪ

---

(1) **اسلامي ڀينرن جي مدني قافلي جي هر مسافره سان گڏ انهن جي ڀارن جا والد يا قابلِ اعتماد محرم جو گڏ هجڻ لازمي آهي. پڻ ذميدارن کي پنهنجي مرضي سان مدني قافلا سفر ڪرائڻ جي اجازت ناهي مثلاً پاڪستان جي اسلامي ڀينرن جي مدني قافلي جي لاءِ ”اسلامي ڀينرون جي مجلس براءِ پاڪستان“ جي منظوري ضروري آهي .**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

مدني قافلو تشريف فرما ٿيو. ٻئي ڏينهن نيڪي جي دعوت لاءِ علاقائي دوري کان پوءِ ٿيڻ واري سنتن ڀري بيان ۾ مون کي ٻه شرڪت جي سعادت ملي، بيان کان پوءِ جڏهن صلٰوة وسلام جا اهي شعر پڙهيا ويا: ”اي شهنشاهِ مدينه اَلصَّلٰوة وَالسَّلام“ ته اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون بيداري جي حالت ۾ ڏٺو ته شهنشاهِ مدينه، راحتِ قلب و سينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُتي تشريف وٺي آيا آهن. پنهنجي غم خوار آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڏسي آئون پاڻ تي قابو نه رکي سگهيس ۽ منهنجي اکين مان لاڳيتو لڙڪ وهندا رهيا، پوءِ اهو ايمان افروز منظر منهنجي نظرن کان غائب ٿي ويو، ايستائين اجتماع پڻ اختتام تي پهتو.

مل گئے وہ تو پھر کمی کیا ہے
دونوں عالم کو پا لیا ہم نے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# ستر جي باري ۾ سوال جواب

## ستر ڪنهن کي چوندا آهن؟

**سوال:** سترِ عورت ڇاکي چوندا آهن؟

**جواب:** ستر جي لفظي معنيٰ آهي لِڪائڻ، ڍَڪڻ. جِن عضون جو لڪائڻ ضروري آهي انهن کي عورت چوندا آهن ۽ گڏجي ان عمل کي ”سترِ عورت“ (يعني پردي وارن عضون جو لڪائڻ) چوندا آهن. اسان جي عرف ۾ انهن مخصوص عضون کي ٻه ستر چوندا آهن جن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا.** (كنزالعمال)

ڪي لڪائڻ ضروري آهي. دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهارِ شريعت“ جلد اول صفحي 479 تي صدرُالشّريعه، بدرُالطّريقه حضرت علامه مولانا مفتي محمّد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: سترِ عورت (يعني اوگهڙ لڪائڻ) هر حال ۾ واجب آهي چاهي نماز ۾ هجي يا نه، اڪيلو هجي يا ڪنهن جي سامهون. بِنا ڪنهن صحيح غرض جي اڪيلائي ۾ به (ستر) کولڻ جائز ناهي ۽ ماڻهن جي سامهون يا نماز ۾ ته ستر (اوگهڙ لڪائڻ) بالاجماع فرض آهي.
(بهارِ شريعت ج 1 حصو 3 ص 479)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ستر جي باري ۾ ٻن قِسمن جا احڪام آهن: (1) نماز ۾ مرد ۽ عورت جي لاءِ ستر جا حڪم (2) نماز کان علاوه ستر جا حڪم ته ڪير ڪنهن ڪنهن جي جسم جي ڪهڙي حصي تي نظر ڪري سگهي ٿو. اڳ ۾ پهرئين قِسم بابت سوال جواب جي صورت ۾ مختصر تفصيل ملاحظه فرمايو:

## مرد جو ستر ڪِٿان ڪان ڪيستائين آهي؟

**سوال:** مرد جي جسم جو ڪهڙو حصو ستر آهي ۽ نماز ۾ اُن جي لاءِ ستر جا ڪهڙا حڪم آهن؟

**جواب:** صدرُالشّريعه، بدرُالطّريقه، حضرت علامه مولانا مفتي محمّد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: مرد جي لاءِ دُن جي هيٺ کان گوڏن جي هيٺ تائين (سترِ) عورت آهي يعني ان جو لڪائڻ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

فرض آهي، دُن ان ۾ داخل ناهي ۽ گوڏا داخل آهن. هِن زماني ۾ ڪيئي ماڻهو جيڪي گوڏ يا پاجامو اهڙي طرح پائيندا آهن جو دُن کان هيٺ جو ڪجهہ حصو کليو رهندو آهي ۽ جيڪڏهن پهراڻ (ڪڙتي) وغيره سان اهڙي طرح ڍڪيل هجي جو جِلد (يعني کل) جي رنگت ظاهر نہ ٿي تہ خير آهي، نہ تہ حرام آهي ۽ نماز ۾ چوٿين حصي جي مقدار کليو رهيو تہ نماز نہ ٿيندي ۽ ڪي لاپرواهہ اهڙا آهن جو ماڻهن جي سامهون گوڏا بلڪ رانون بہ کليل رکندا آهن اهو بہ حرام آهي ۽ ان جي عادت آهي تہ فاسق آهن. (ايضاً ص 481)

## حاجي سڳوراءِ نيڪر پائيندڙ

احرام پائڻ وارا ڪجهہ حاجي بہ بي احتياطي ڪندا آهن ۽ انهن جي ستر جا ڪجهہ حصا جيئن تہ دُن جي هيٺ جو ڪجهہ حصو ۽ گوڏا بلڪ رانن جا ڪجهہ حصا سيني جي سامهون ظاهر ٿيندا رهندا آهن، انهن کي توبهہ ڪرڻ ۽ آئينده احتياط ڪرڻ لازمي آهي. ان سان نيڪر (Knicker) پائي سڄا گوڏا ۽ رانن جو ڪجهہ حصو کليو رکي گهمڻ وارا ماڻهو بہ سبق حاصل ڪن ۽ ان کان توبهہ ڪن، نہ پاڻ گنهگار ٿين نہ ٻين کي بدنگاهي جي دعوت ڏين. جيڪڏهن ڪنهن کي نيڪر پاتل هجي تہ ٻي مسلمان جي لاءِ لازم آهي تہ پنهنجو پاڻ کي اُن جي کليل گوڏن ۽ رانن کي ڏسڻ کان بچائي.

## عورت جو ستر

**سوال:** عورتن جي ستر جي باري ۾ بہ معلومات ڏيو ۽ اِهو بہ ٻڌايو تہ انهن کي نماز ۾ ڇا ڇا ڍڪڻ ضروري آهي؟

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو.** (ابن سني)

**جواب:** مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل بهارِ شريعت جلد 1 حصو 3 صفحي 481 تي آهي: آزاد عورتون (غلام ۽ ڪنيز جو دؤر ختم ٿي ويو آهي اڄڪلهہ سڀ عورتون آزاد آهن) ۽ **خُنثيٰ مشڪل** (يعني جنهن ۾ مرد ۽ عورت ٻنهي جون علامتون هجن ۽ اِهو ثابت نہ ٿئي تہ مرد آهي يا عورت) جي لاءِ سواءِ چهري، هٿن ۽ پيرن جي ترين جي سڄو بدن عورت (يعني لڪائڻ جي جڳهہ) آهي. مٿي جا لٽڪيل وار، ڳچي ۽ ڪارائيون بہ پردي ۾ شامل آهن (۽) انهن جو لڪائڻ بہ فرض آهي. ڪجهہ عالمن هٿ جي پُٺ ۽ (پيرن) جي تَرين کي عورت (يعني لڪائڻ جي شيء) ۾ داخل ناهي ڪيو. ايترو سنهو رئو جنهن سان وارن جي ڪاراڻ نظر اچي، عورت اوڍي ڪري نماز پڙهندي تہ نماز نہ ٿيندي جيستائين اُن تي ڪا اهڙي شيء نہ اوڍي جنهن سان وار وغيره جو رنگ لڪي وڃي. (ايضاً ص 484)

## نماز ۾ ٿورڙو ستر کليل هجي تہ-----؟

**سوال:** جيڪڏهن ٿورڙو ستر کليو رهجي ويو تہ ڇا نماز ٿي ويندي؟

**جواب:** صدرُالشّريعہ، بدرُالطّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي محمّد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: واضح رهي تہ جِن عضون جو ستر (يعني ڍڪڻ) فرض آهي انهن مان ڪو عضوو چوٿائي کان گهٽ کلي ويو نماز ٿي وئي ۽ جيڪڏهن چوٿائي عضوو کلي ويو ۽ هڪدم لڪائي ورتو تڏهن بہ ٿي وئي ۽ جيڪڏهن هڪ رُڪن جي مقدار يعني ٽي ڀيرا سُبۡحٰنَ اللہ چوڻ جي برابر کليو رهيو يا ارادي سان کوليو باوجود ان جي جو هڪدم لڪائي ورتو نماز ويندي رهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

جيڪڏهن ڪجھ عضون مان ٿورو ٿورو کليو رهيو جو هر هڪ اُن عضوي جي چوٿائي کان گهٽ آهي پر انهن جو مجموعو انهن کليل عضون مان جيڪو سڀ کان ننڍو آهي اُن جي چوٿائي برابر آهي نماز نہ ٿي. مثلاً عورت جي ڪن جو نائون حصو ۽ پِني جو نائون حصو کليو رهيو تہ ٻنهي جو مجموعو ڪَن جي چوٿين حصي جي برابر آهي (تنهنڪري) نماز ويندي رهي. (بهارِ شريعت ج 1، ص 481، 482)

# آئون نماز ڪونہ پڙهندي هيس

اسلامي ڀينرو! دعوتِ اسلامي جي برڪتن جي ڇا ڳالھ ڪجي! هِن سنّتن ڀريي مدني ماحول لکين بي نمازين کي نمازي بڻائي ڇڏيو، اهڙي هڪ مدني بهار ملاحظ ڪريو: پنجاب (پاڪستان) ۾ رهندڙ هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي تہ منهنجي گھر جو ماحول جيتوڻيڪ مذهبي هو جو منهنجا والد صاحب مسجد ۾ مُؤَذِّن ۽ وڏي ڀيڻ ۽ ڀاءُ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ هئا، پر منهنجو ذهن دنياوي لذتن ۾ بدمست ۽ نفس گناهن تي دلير هو، نمازون قضا ڪرڻ منهنجي عادت هئي. هڪ ڏينهن ڪجھ اسلامي ڀينرون اسان جي گھر دعوتِ اسلامي جي سنّتن ڀري اجتماع جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ تشريف وٺي آيون. انهن جي محبت ڀري انداز سان منهنجي دل نرم ٿي وئي ۽ مون اجتماع ۾ شرڪت جي نيت ڪري ورتي. جڏهن اُتي ويس تہ دعوتِ اسلامي جي هڪ مبلغہ ”بي نمازي جون سزائون“ جي موضوع تي دل ڏڪائڻ وارو بيان ڪيو جنهن کي ٻڌي آئون ڏڪي ويس ۽ مون پڪي نيت ڪئي تہ

اِنْ شَآءَ اللہ عَزَّوَجَلَّ اڄ کان پوءِ منهنجي ڪا نماز قضا نه ٿيندي، پوءِ ربيعُ النّور شريف جي مهيني جو موسمِ بهار آيو ته آئون اسلامي ڀينرن جي اجتماعِ ميلاد ۾ شريڪ ٿيس جتي هڪ اسلامي ڀيڻ ”ٽي وي جون تباهه ڪاريون“[1] بيان ڪيون. ان بيان کي ٻڌي خوف سان منهنجا وار اُڀا ٿي ويا ۽ منهنجي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا. اُهو ڏينهن ۽ اڄ جو ڏينهن آئون دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي پنهنجي اصلاح جي ڪوشش ۾ مصروف آهيان.

آپ خود تشریف لائے اپنے بے کس کی طرف ”آہ“ جب نکلی تڑپ کر بے کس و مجبور کی
آپ کے قدموں میں گر کر موت کی یا مصطفےٰ آرزو کب آئے گی بَر بے کس و مجبور کی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دل خوش ڪرڻ جي فضيلت

اسلامي ڀينرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ گهر گهر وڃي نيڪي جي دعوت ڏيڻ جون به واقعي وڏيون برڪتون آهن، ٿي سگهي ٿو اوهان جي ٿوري ڪوشش ڪنهن جي تقدير بدلائي ڇڏي ۽ هو آخرت جون ڀلائيون جمع ڪرڻ ۾ مصروف ٿي وڃي ۽ اوهان جو به ٻيڙو پار ٿي وڃي. سوچو ته سهي! اوهان جي نيڪي جي دعوت ٻڌي جيڪا اسلامي ڀيڻ مدني ماحول سان وابسته ٿي هوندي اُن کي ڪيترو سڪون ملندو هوندو ۽ ان جي دل ڪيتري قدر خوش ٿيندي هوندي!

(1) اميرِ اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُم العَالِيَه جي آواز ۾ آڊيو ڪيسٽ ۽ وي سي ڊي ۽ انهي بيان جو رسالو مڪتبة المدينه تان هديةً طلب ڪريو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

سُبحٰنَ اللّٰه! مسلمان جي دل خوش ڪرڻ به تمام وڏي ثواب جو ڪم آهي جيئن ته شهنشاهِ خوش خِصال، پيڪرِ حُسن و جمال، دافعِ رنج و ملال، صاحبِ جُود و نوال، رسولِ بي مثال صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جيڪو شخص ڪنهن مؤمن جي دل ۾ خوشي داخل ڪندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ اُن خوشي مان هڪ فرشتو پيدا فرمائيندو آهي جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۽ توحيد بيان ڪندو آهي. جڏهن اُهو ٻانهو قبر ۾ هليو ويندو آهي ته اُهو فرشتو ان وٽ اچي پڇندو آهي: ”ڇا تون مون کي نٿو سڃاڻين؟“ اُهو چوندو آهي تون ڪير آهين؟ ته اهو فرشتو چوندو آهي ته آئون اُها خوشي جي صورت آهيان جنهن کي تو فُلان مسلمان جي دل ۾ داخل ڪيو هو، هاڻي آئون تنهنجي وحشت ۾ تنهنجو ساٿي هوندس ۽ سوالن جي جوابن ۾ ثابت قدم رکندس ۽ قيامت جي ڏينهن آئون تو وٽ ايندس ۽ تنهنجي لاءِ تنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ سفارش ڪندس ۽ توکي جنت ۾ تنهنجو ٺڪاڻو ڏيکاريندس. (الترغيب والترهيب ج 3، ص 266، حديث 23)

تاج و تخت و حکومت مت دے، کثرتِ مال و دولت مت دے
اپنی خوشی کا دیدے مژدہ، یا اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ مری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ستر جي ٻي قِسم جا چار حصا

هاڻي ستر جي ٻي قِسم (يعني نماز کان علاوه ستر) بابت سوال جواب جي صورت ۾ تفصيل پيشِ خدمت آهي. ان جي احڪامن جا چار قسم آهن: (1) مرد جو مرد جي لاءِ ستر (2) عورت

جو عورت جي لاءِ ستر (3) عورت جي لاءِ اجنبي مرد جو ستر (4) مرد جي لاءِ عورت جو ستر.

## (1) مرد جو مرد جي لاءِ ستر

**سوال:** مرد جو ستر ڪِٿان ڪان ڪيستائين آهي؟

**جواب:** مرد جو ستر دُن جي بلڪل هيٺ کان وٺي گوڏن سميت آهي، دُن ستر ۾ شامل ناهي. صدرُالشّريعہ، بدرُالطّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: مرد، مرد جي بدن جي هر حصي ڏانهن نظر ڪري سگهي ٿو سواءِ انهن عضون جي جن جو ستر (يعني لڪائڻ) ضروري آهي اهو دُن جي هيٺان کان گوڏن جي هيٺ تائين آهي جو بدن جي ان حصي جو لڪائڻ فرض آهي. جن عضون جو لڪائڻ ضروري آهي انهن کي عورت چوندا آهن. ڪنهن گوڏو کليل رکيو تہ منع ڪري ۽ ران کليل رکي تہ سختي سان منع ڪري ۽ شرم گاهہ کليل رکي تہ ان کي سزا ڏني ويندي. (بهارِ شريعت حصو 16، ص 85) ياد رهي! سزا ڏيڻ عوام جو نہ حڪمرانن جو ڪم آهي. ضرورتاً پيءُ اولاد تي، استاد شاگرد تي، پير مريد تي سختي بہ ڪري سگهي ٿو ۽ سزا بہ ڏيئي سگهي ٿو. اهڙي طرح بهارِ شريعت جلد اول صفحو 482 تي آهي: جيڪڏهن عورتِ غليظ (يعني اڳيان يا پٺيان جا مخصوص حصا) ڪوليل هجي تہ جيڪو سزا ڏيڻ تي قادر هجي مثلاً پيءُ يا حاڪم اُهو سزا ڏي.

## ٻار جو ستر

**سوال:** ڇا ڪير ڀياڪ ٻار ۽ ٻارڙي جا بہ گوڏا ۽ رانون وغيره لڪائڻ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

ضروري آهن ؟

**جواب:** جي نه، ڪير ڀياڪ ٻار سڄو ئي اگهاڙو هجي تڏهن به اُن ڏانهن نظر ڪرڻ ۾ ڪو حرج ڪونهي. دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهارِ شريعت" حصو 16 صفحو 85 تي صدرُالشّريعه، بدرُالطّريقه حضرت علامه مولانا مفتي محمّد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: تمام ننڍڙي ٻار جي لاءِ عورت (يعني ستر) ناهي يعني ان جي بدن جي ڪنهن حصي کي لڪائڻ فرض ناهي، پوءِ جڏهن ڪجهه وڏو ٿي ويو ته ان جي اڳيان پٺيان جو مقام لڪائڻ ضروري آهي. پوءِ جڏهن اجا وڏو ٿي وڃي، ڏهن سالن کان وڏو ٿي وڃي ته اُن جي لاءِ بالغ جهڙو حڪم آهي. (بهارِ شريعت حصو 16 ص 85)

## تمام ننڍڙي ٻار جي ران کي ڇُهڻ ڪيئن؟

**سوال:** صفا ننڍڙي ٻار جي ران کي ڇهڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** ڇُهي سگهي ٿو، ها جيڪڏهن ڏسڻ ۽ ڇُهڻ سان شهوت ٿيندي هجي ته هاڻي هڪ ڏينهن جي ٻار کي به نه ڏسي سگهي ٿو نه ڇُهي سگهي ٿو. اڄڪلهه حالات تمام نازڪ ٿي ويا آهن مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ ٻن يا ٽن سالن جي ٻارڙين سان به گندي فعل جون خبرون به ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون.

## اَمرَد کي ڏسڻ جو حڪم

**سوال:** اَمَرَد کي ڏسڻ جائز آهي يا نه؟

**جواب:** اَمَرَد کي ڏسڻ جائز به آهي ۽ ناجائز به. ان جو تفصيل بيان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

ڪندي صدرُالشّريعہ، بدرُالطّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي محمّد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي فرمائن ٿا: ڇوڪرو جڏهن مُراهِق (يعني ڏهن سالن جي عمر کان پوءِ بالغ ٿيڻ جي قريب) ٿي وڃي ۽ اُهو خوبصورت نہ هجي تہ نظر جي باري ۾ ان جو اهو ئي حڪم آهي جيڪو مرد جو آهي ۽ خوب صورت هجي تہ عورت جو جيڪو حڪم آهي ان جي لاءِ بہ اُهو حڪم آهي يعني شهوت سان گڏ ان ڏانهن نظر ڪرڻ حرام آهي ۽ شهوت نہ هجي تہ ان جي طرف نظر بہ ڪري سگهي ٿو ۽ ان سان گڏ اڪيلائي بہ جائز آهي. شهوت نہ هجڻ جو مطلب هي آهي تہ ان کي يقين هجي تہ نظر ڪرڻ سان شهوت نہ ٿيندي ۽ جيڪڏهن ان جو شبهو بہ هجي تہ هرگز نظر نہ ڪري، چُمي ڏيڻ جي خواهش جو پيدا ٿيڻ بہ شهوت جي حد ۾ داخل آهي. (ايضاً) (تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل رسالو ”قوم لوط جون تباهہ ڪاريون“ جو مطالعو ڪريو)

## (2) عورت جو عورت جي لاءِ ستر

**سوال:** ڇا عورت، عورت جي بدن جي هر حصي کي ڏسي سگهي ٿي؟

**جواب:** جي نہ. عورت کي عورت جو دُن جي هيٺ کان وٺي ڪري گوڏن سميت جو حصو ڏسڻ جي اجازت ناهي. جيئن تہ صدرُالشَّريعہ، بدرُالطّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي فرمائن ٿا: عورت جو عورت کي ڏسڻ، ان جو اُهو ئي حڪم آهي جيڪو مرد جو مرد کي ڏسڻ جو آهي يعني دُن جي هينان کان گوڏن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

تائين نٿي ڏسي سگهي باقي عضون ڏانهن ڏسي سگهي ٿي شرط اهو آهي ته شهوت جو خطرو نه هجي. صالحه عورت (يعني نيڪ بيبي) کي گهرجي ته پاڻ کي بدڪار (زانيه ۽ فاحشه) عورت جي ڏسڻ کان بچائي يعني ان جي سامهون رئو وغيره نه لاهي ڇاڪاڻ ته اُها هن کي ڏسي مردن جي سامهون اُن جي شڪل و صورت جو ذڪر ڪندي. (ايضاً ص 86)

## (3) عورت جو اَجنبي مرد کي ڏسڻ

**سوال:** عورت، اجنبي مرد کي ڏسي سگهي ٿي يا نه؟

**جواب:** نه ڏسڻ ۾ عافيت ئي عافيت آهي. جيتوڻيڪ ڏسڻ ۾ جواز جي صورت به آهي پر ڏسڻ کان پهرين پنهنجي دل تي سٺي نموني غور ڪري ته ڪِٿي اِهو ڏسڻ گناهن جي کڏ ۾ نه ڏِڪي ڇڏي. فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جائز هئڻ جي صورت بيان ڪندي فرمائن ٿا: ”عورت جو اجنبي مرد ڏانهن ڏسڻ جو اهو ئي حڪم آهي جيڪو مرد جو مرد ڏانهن نظر ڪرڻ جو آهي ۽ اِهو اُن وقت آهي جو عورت کي يقيني معلوم هجي ته ان ڏانهن نظر ڪرڻ سان شهوت پيدا نه ٿيندي ۽ جيڪڏهن ان جو شبهو به هجي ته هرگز نه ڏسي.

(بهارِ شريعت حصو 16، ص 86، عالمگيري ج 5، ص 327)

## ڪافره دائي کان وِيم ڪرائڻ

**سوال:** اهڙا ملڪ جتي ڪافرن جي اڪثريت هوندي آهي اُتي ڪافره دائي کان ويم ڪرائي سگهجي ٿو يا نه؟

**جواب:** نٿو ڪرائي سگهجي. جيڪي مسلمان اهڙن ملڪن ۾ رهن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

ٿا انهن ڪي پهرين ڪان اهڙا اسپتال ذهن ۾ رکڻ گهرجن جتي ليڊي ڊاڪٽرز، نرسون ۽ دائيون مسلمان هجن. جيڪڏهن ايمرجنسي ٿي وڃي ۽ مسلمان دائي جو ملڻ ممڪن نہ هجي ۽ ٻي ڪا صورت نہ هجي تہ سخت مجبوري جي حالت ۾ ڪافره ڪان اها خدمت وٺي سگهجي ٿي. صدرُالشّريعہ، بدرُالطّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: مسلمان عورت ڪي اهو بہ حلال ناهي تہ ڪافره جي سامهون پنهنجو ستر ڪولي (مسلمان عورت جو ڪافره ڪان اهڙي ئي طرح پردو آهي جهڙي طرح غير مرد ڪان، ڪافره جي لاءِ عورت جي بدن جا اُهي تمام حصا ستر آهن جيڪي هڪ اجنبي مرد جي لاءِ آهن) گهرن ۾ ڪافره عورتون ايندينون آهن ۽ بيبيون انهن جي سامهون اهڙي طرح ستر واريون جڳهيون ڪوليل هونديون آهن جهڙي طرح مسلمان عورتن جي سامهون رهنديون آهن انهن ڪي اِن ڪان بچڻ لازم آهي. اڪثر جڳهين دائيون (MID WIFES) ڪافرياڻيون هونديون آهن ۽ اُهي ٻار ڄڻائڻ جي خدمت انجام ڏينديون آهن، جيڪڏهن مسلمان دائيون ملي سگهن تہ ڪافره ڪان هرگز اِهو ڪم نہ ڪرايو وڃي جو ڪافرياڻي جي سامهون انهن عضون ڪي ڪولڻ جي اجازت ناهي. (ايضاً)

## (4) مرد جي لاءِ عورت جو ستر

اڄڪلهہ جي دؤر ۾ ان جون ٽي صورتون آهن: (الف) مرد جو پنهنجي زال ڪي ڏسڻ (ب) مرد جو پنهنجي محارمن ڏانهن نظر ڪرڻ (ج) مرد جو اجنبي عورت ڪي ڏسڻ.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

# (الف) مرد جو پنهنجي زال کي ڏسڻ

**سوال:** ڇا بدن جو ڪو اهڙو حصو به آهي جنهن جي طرف زال مڙس نظر نٿا ڪري سگهن؟

**جواب:** نه، اهڙو ڪو بدن جو حصو ناهي. صدرُالشّريعه، بدرُالطّريقه حضرت علامه مولانا مفتي محمّد امجد علي اعظمي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللہِ القوي فرمائن ٿا: (مڙس پنهنجي) عورت جي کُڙي کان چوٽي تائين هر عضوي ڏانهن نظر ڪري سگهي ٿو شهوت ۽ بِنا شهوت ٻنهي صورتن ۾ ڏسي سگهي ٿو، اهڙي ئي طرح اهي ٻنهي قسمن جون عورتون (يعني زال ۽ ٻانهي پر هاڻي ٻانهين جو دؤر ناهي رهيو) ان مرد جي هر عضوي کي ڏسي سگهن ٿيون. ها بهتر اِهو آهي ته (ٻنهي مان ڪو به هڪٻئي جي) مخصوص مقام جي طرف نظر نه ڪري ڇاڪاڻ ته ان سان نسيان پيدا ٿئي ٿو (يعني حافظو ڪمزور ٿيندو) آهي ۽ نظر ۾ به ضعف پيدا ٿيندو (يعني نگاهه به ڪمزور ٿيندي) آهي. (ايضاً ص 87)

# (ب) مرد جو پنهنجي مَحرمن کي ڏسڻ

**سوال:** مرد پنهنجي مَحرمن مثلاً ماءُ ڀيڻ جي ڪهڙن عضون جي طرف نظر ڪري سگهي ٿو؟

**جواب:** محرمن جي بدن جي ڪجهه حصن کي ڏسي سگهي ٿو ۽ ڪجهه کي نٿو ڏسي سگهي. ان جو تفصيل بيان ڪندي صدرُ الشّريعه، بدرُالطّريقه حضرت علامه مولانا مفتي محمّد امجد علي اعظمي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللہِ القوي فرمائن ٿا: جيڪا عورت ان جي محارم مان هجي اُن جي مٿي، سيني، پِني، ٻانهن، ڪارائي، ڳچي، پير ڏانهن نظر

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.** (طبراني)

ڪري سگهي ٿو جڏهن ته ٻنهي مان ڪنهن کي شهوت جو خطرو نه هجي، محرمن جي پيٽ، پُٺي ۽ ران ڏانهن نظر ڪرڻ جائز ناهي. اهڙي ئي طرح پاسي ۽ گوڏي ڏانهن ڏسڻ به ناجائز آهي. (اهو حڪم اُن وقت آهي جڏهن جسم جي انهن حصن تي ڪو ڪپڙو نه هجي ۽ جيڪڏهن اهي تمام عضوا ٿلهي ڪپڙي سان لڪيل هجن ته نظر ڪرڻ ۾ حرج ناهي) ڪن، ڪنڌ، ڪُلها ۽ چهري جي طرف نظر ڪرڻ جائز آهي، محرمن مان مراد اُهي عورتون آهن جن سان هميشه جي لاءِ نڪاح حرام آهي. حُرمت نسب سان هجي يا سبب سان مثلاً رضاعت (کير جو رشتو) يا مصاهرت. جيڪڏهن زنا جي وجهه سان حرمتِ مُصاهَرت هجي جيئن مُزَنِيه جا اصول ۽ فروع (يعني جنهن عورت سان زِنا ڪيائين اُن جي ماءُ، ناني، پڙ ناني، متي .... تائين ۽ ڌيئرون، ڏهٽيون، پڙڏهٽيون .... هيٺ تائين) انهن ڏانهن ڏسڻ جو به (زاني جي لاءِ) اُهو ئي حڪم آهي. (ايضاً ص87، 88)

## مرد جو ماءُ جي پيرن تي زور ڏيڻ

**سوال:** اسلامي ڀاءُ پنهنجي امڙ جيجل جا هٿ پير چُمڻ چاهي، يا زور ڏيڻ چاهي ته ان جي اجازت آهي يا نه؟

**جواب:** ٻنهي مان ڪنهن کي شهوت نه هجي ته بلڪل اجازت بلڪ اسلامي ڀاءُ جي لاءِ ان ۾ ٻنهي جهانن جي سعادت آهي. منقول آهي: جنهن پنهنجي ماءُ جا پير چُميا ته ائين آهي جيئن جنت جي چائنٺ کي چُمي ڏني. (در مختار ج 9، ص 606) صدرُالشّريعه، بدرُالطّريقه حضرت علامه مولانا مفتي محمّد امجد علي اعظمي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا:

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

محارم جي جن عضون ڏانهن نگاهه ڪري سگهي ٿو انهن کي ڇُهي به سگهي ٿو جڏهن ته ٻنهي مان ڪنهن کي شهوت جو خطرو نه هجي. مرد پنهنجي ماءُ کي پيرن تي زور ڏيئي سگهي ٿو پر ران تي ان وقت زور ڏئي سگهي ٿو جڏهن ڪپڙي سان ڍڪيل هجي يعني (زور ڏيئي سگهي ٿو پر) ڪپڙي جي مٿان کان ۽ پردي کان سواءِ ڇُهڻ جائز ناهي. (بهارِ شريعت حصو 16، ص 88)

## (ج) مرد جو آزاد اَجنبي عورت کي ڏسڻ

**سوال:** مرد اجنبي عورت جي چهري کي ڏسي سگهي ٿو يا نه؟

**جواب:** نه ڏسي. جيتوڻيڪ ڪجهه شرطن سان گڏ ڏسي سگهي ٿو، ان جون ڪجهه صورتون بيان ڪندي صدرُالشّريعه، بدرُالطّريقه حضرت علامه مولانا مفتي محمّد امجد علي اعظمي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: اجنبي عورت ڏانهن ڏسڻ جو حڪم هي آهي ته (ضرورت جي وقت) اُن جي چهري ۽ هٿ جي ترِي جي طرف نظر ڪرڻ جائز آهي ڇاڪاڻ ته اِن جي ضرورت پوندي آهي جو ڪڏهن ان جي موافق يا مخالف گواهي ڏيڻي پوندي آهي يا فيصلو ڪرڻو پوندو آهي جيڪڏهن اُن کي نه ڏٺو هجي ته ڪيئن گواهي ڏيئي سگهي ٿو ته هن ائين ڪيو آهي. ان جي طرف ڏسڻ ۾ به اُهو ئي شرط آهي ته شهوت جو خطرو نه هجي ۽ ائين به ضرورت آهي جو (اجڪلهه گهٽين بازارن ۾) گهڻيون عورتون گهر کان ٻاهر ايندين ويندين آهن تنهن ڪري ان کان بچڻ به مشڪل آهي، ڪجهه عالمن پيرن ڏانهن ڏسڻ کي جائز چيو آهي. (ايضاً ص 89) وڌيڪ فرمائن ٿا: اجنبي عورت جي چهري جي طرف

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (ڪنزالعمال)

باوجود ان جي جو نظر جائز آهي جڏهن ته شهوت جو خطرو نه هجي پر هي زمانو فتني جو آهي هِن زماني ۾ اهڙا ماڻهو ڪِٿي جهڙا اڳوڻي زماني ۾ هئا تنهن ڪري هن زماني ۾ ان (يعني ڇهري) کي ڏسڻ جي منع ڪئي ويندي سواءِ گواهه ۽ قاضي جي لاءِ ڇوته ضرورت جي ڪري انهن جي لاءِ نگاهه ڪرڻ جائز آهي.

(ايضاً ص 89، 90)

## ڇهرو ڏسڻ جي اجازت جي صورت ۾ ڪَن ۽ ڳچي ڏسڻ جو مسئلو

**سوال:** ڇا ڪن ۽ ڳچي به ڇهري ۾ داخل آهن ۽ جتي اجنبي عورت جي ڇهري ڏانهن ڏسڻ جي اجازت آهي اُتي انهن عضون ڏانهن نظر ڪري سگهجي ٿي؟

**جواب:** جي نه. ڪن ڳچي، گلو ڇهري ۾ داخل ناهي ۽ انهن عضون ڏانهن اجنبي جو ڏسڻ گناهه آهي. (بهارِ شريعت ج 1، ص 483 ملخصاً)

## بي پردگي کان توبهه

اسلامي ڀينرو! عمل جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ مدني ماحول ضروري آهي، نه ته عارضي طور تي جذبو پيدا ٿيندو به آهي ته سٺي صحبت جي ڪمي جي ڪري استقامت نه ملندي آهي. پنهنجو مدني ذهن بڻائڻ جي لاءِ تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو. سُبْحٰنَ الله! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول، سنتن ڀريي اجتماعن ۽ مدني قافلن جون به ڪيڏيون نه بهارون ۽ برڪتون آهن. دعوتِ اسلامي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

جي سنتن ڀريي ماحول ۾ رنگجي وڃڻ جي برڪت سان ڪيترين ئي اسلامي ڀينرن کي شرعي پردو ڪرڻ جي سعادت نصيب ٿي وئي اهڙي ئي هڪ بهار ٻڌو: پنجاب (پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي تحريري بيان جو خلاصو آهي: آئون دعوتِ اسلامي جي مشڪبار مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهرين T.V تي فلمون، ڊراما ڏسڻ جي عادي هئس، بازار وغيره وڃڻ جي لاءِ بي پرده ئي نڪري ويندي هيس، نماز بہ ڪونہ پڙهندي هيس، ائين منهنجي صبح ۽ شام غفلت ۽ گناهن ۾ گذري رهي هئي، هڪ دفعي ڪنهن مون کي مڪتبة المدينہ تان جاري ٿيڻ وارن سنتن ڀريي بيانن جون ڪيسٽون ڏنيون، مون اهي ٻُڌيون تہ اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ آئون غفلت جي گهري ننڊ مان سجاڳ ٿي ويس. انهن بيانن جي برڪت سان مون کي خوفِ خدا جي دولت نصيب ٿي، عشقِ رسول جو جذبو مليو ۽ آئون نمازي بڻجي ويس، مون پنهنجي سيني گناهن خاص طور تي بي پردگي کان سچي توبهہ ڪري ورتي، اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ مدني برقعو منهنجي لباس جو حصو بڻجي ويو. اها بي لگام زبان جيڪا پهرين گانا ڳائڻ ۾ مصروف رهندي هئي هاڻي اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ نعتِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻڌائڻ لڳي، هي سٽون لکڻ تائين دعوتِ اسلامي جي ذيلي مشاورت جي خادمہ جي طور تي سنتن جي خدمت جي سعادت حاصل ڪري رهي آهيان.

ڪٹی ہے غفلتوں میں زندگانی ۔۔۔ نہ جانے حشر میں کیا فیصلہ ہو
الٰہی عَزَّوَجَلَّ ہوں بہت کمزور بندی ۔۔۔ نہ دنیا میں نہ عُقبیٰ میں سزا ہو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

اسلامي ڀينرو! ڏٺو اوهان! مڪتبة المدينہ جون جاري ڪيل سنتن ڀريي بيانن جون ڪيسٽون ٻڌڻ، ٻڌائڻ ڪيتري قدر مفيد آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪيترائي خوش نصيب اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون روزانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ سنتن ڀريو بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن ۽ جيڪي صاحبِ حيثيت هوندا آهن اُهي ورهائيندا بہ آهن اوهان بہ هر مهيني يا گهٽ ۾ گهٽ هر سال ربيعُ النّور شريف ۾ لنگرِ رسائل تقسيم ڪرڻ جي نيّت فرمايو ۽ توفيق مطابق ان ۾ سنتن ڀريي بيانن جون ڪيسٽون ۽ رسالا وغيره ورهايو، جو اهو بہ صدقو آهي ۽ راهِ خدا ۾ صدقي ۽ خيرات جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! حضور پُر نور، شافع يومُ النُشور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: مسلمان جو صدقو عمر ۾ اضافي جو سبب آهي ۽ بُري موت کي ٽاري ٿو ۽ الله تعاليٰ ان جي ڪري غرور ۽ فخر کي ختم فرمائي ڇڏي ٿو. (المعجم الكبير للطبراني ج 17 ص 22 حديث 31)

رہِ حق میں سبھی دولت لٹا دوں
خدا عَزَّوَجَلَّ! ایسا مجھے جذبہ عطا ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جنهن سان نڪاح ڪرڻو آهي اُن کي ڏسڻ

**سوال:** ٻُڌو آهي تہ جنهن سان نڪاح ڪرڻو هجي مرد اُن ڇوڪريءَ کي ڏسي سگهي ٿو!

**جواب:** اوهان صحيح ٻڌو آهي، ٻئي هڪٻئي کي ڏسي سگهن ٿا. صدرُالشّريعہ، بدرُالطّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي محمّد امجد علي

فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نه پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي فرمائن ٿا: (مرد ۽ عورت جي هڪٻئي کي ڏسڻ جي اجازت جي) هڪ صورت ٻي به آهي ۽ اُها هي ته ان عورت سان نڪاح ڪرڻ جو ارادو هجي ته اِنهي نيت سان ڏسڻ جائز آهي جو حديث ۾ اهو آيو آهي ته جنهن سان نڪاح ڪرڻ چاهيو ٿا اُن کي ڏسي وٺو جو اهو بقاءِ محبت (يعني محبت ۾ هميشگي) جو ذريعو ٿيندو. (سنن الترمذي ج 2 ص 346 حديث 1089) اهڙي ئي طرح عورت اُن مرد کي جنهن اُن وٽ (نڪاح جي لاءِ) پيغام موڪليو آهي ڏسي سگهي ٿي، باوجود ان جي جو شهوت جو خطرو هجي پر ڏسڻ ۾ ٻنهي جي اها ئي نيّت هجي ته حديث تي عمل ڪرڻ چاهيون ٿا. (بهارِ شريعت حصو 16 ص 90)

## جيڪڏهن ڏسڻ ممڪن نه هجي ته ڇا ڪرڻ گهرجي

**سوال:** جيڪڏهن ڇوڪرو ۽ ڇوڪريءَ جو هڪٻئي کي ڏسڻ ممڪن نه هجي ته ڪا ٻي صورت؟

**جواب:** اِن جي صورت بيان ڪندي صدرُالشّريعه، بدرُالطّريقه حضرت علامه مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي فرمائن ٿا: جنهن عورت سان نڪاح ڪرڻ چاهي ٿو جيڪڏهن اُن کي ڏسڻ ناممڪن هجي جيئن ته هِن دؤر جو رواج هي آهي ته جيڪڏهن ڪنهن نڪاح جو پيغام ڏئي ڇڏيو ته ڪنهن طرح به اُن کي ڇوڪريءَ کي ڏسڻ نه ڏيندا يعني اُن کان ايترو زبردست پردو ڪيو ويندو آهي جو ٻئي کان ايترو پردو ناهي هوندو ان صورت ۾ ان شخص کي اهو گهرجي ته ڪنهن عورت کي موڪلي جو اها ڏسي ۽ اچي اُن جي سامهون سڄو حليو ۽ نقشو وغيره بيان ڪري ته جيئن اُن کي اُن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نه پڙهي. (حاڪم)

جي شڪل و صورت جي باري ۾ اطمينان ٿي وڃي. (ايضاً ص 90)

## عورت جو مرد کان علاج ڪرائڻ

**سوال:** طبيب (ڊاڪٽر) مريضه کي ڏسي ۽ ڇُهي سگهي ٿو يا نه؟

**جواب:** جيڪڏهن طبيبه (ليڊي ڊاڪٽر) موجود نه هجي ته مجبوري جي حالت ۾ اجازت آهي. انهي باري ۾ صدرُالشّريعه، بدرُالطّريقه حضرت علامه مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: غير عورت ڏانهن نظر ڪرڻ ۾ ضرورت جي هڪ صورت اها به آهي ته عورت بيمار آهي، اُن جي علاج ۾ ڪجهه عضون ڏانهن نظر ڪرڻ جي ضرورت پوندي آهي بلڪ اُن جي جسم کي ڇُهڻو پوندو آهي مثلاً نبض ڏسڻ ۾ هٿ ڇهڻو پوندو آهي يا پيٽ ۾ ورم (سوڄ) جو خيال هجي ته هٿ لڳائي ڏسڻو پوندو آهي يا ڪنهن جڳهه ڦٽ ڦوڙو هجي ته اُن کي ڏسڻو پوندو آهي بلڪ ڪڏهن ته جانچڻو به پوندو آهي انهيءَ صورت ۾ مرض واري جڳهه ڏانهن نظر ڪرڻ يا ان ضرورت ۾ ضرورت مطابق اُن جڳهه کي ڇهڻ جائز آهي. اِهو ان صورت ۾ آهي (جو) ڪا عورت علاج ڪرڻ واري نه هجي، نه ته گهرجي اِهو ته عورتن کي به علاج ڪرڻ سيکاريو وڃي ته جيئن اهڙن موقعن تي اُهي ڪم ڪن ۽ انهن جي ڏسڻ وغيره ۾ ايتري خرابي ناهي جيڪا مرد جي ڏسڻ وغيره ۾ آهي. اڪثر جڳهه دائيون هونديون آهن جيڪي پيٽ جي ورم کي ڏسي سگهن ٿيون. جتي دائيون موجود هجن مرد جي ڏسڻ جي ضرورت باقي ناهي رهندي. علاج جي ضرورت سان نظر ڪرڻ ۾ به اها احتياط ضروري آهي ته

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

صرف اوترو ئي بدن جو حصو کوليو وڃي جنهن جي ڏسڻ جي ضرورت آهي باقي بدن جي حصي کي چڱي طرح لڪائي ڇڏيو جو اُن تي نظر نه پوي. (ايضاً ص 90، 91) جيڪڏهن ڏسڻ سان ڪم هلي سگهي ٿو ته ڇُهڻ جي شرعاً اجازت ناهي، ياد رهي! ڇُهڻ ڏسڻ کان وڌيڪ سخت آهي.

## چيلهه جو سُورءِ مدني قافلو

اسلامي ڀينرو! دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ جتي آخرت جي ثواب جو خزانو هٿ اچي ٿو اُتي ڪيترائي دفعا جسماني بيمارين کان نجات به حاصل ٿيندي آهي، مدني قافلي جي هڪ اهڙي ئي مسافره جي مدني بهار ٻڌو: باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ (عمر تقريباً 45 سال) جو بيان ڪجهه ائين آهي ته مون کي اڪثر چيلهه جي سُور جي شڪايت رهندي هئي ايستائين جو آئون زمين تي ويهي به نه سگهندي هيس، جڏهن مون اسلامي ڀينرن جي مدني قافلي ۾ سفر ڪيو ته سُور ٺيڪ ته پري مونکي ان جو احساس به نه ٿيو، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون ٽئي ڏينهن مدني قافلي جي جدول جي مطابق گذاريا، فرض نمازن کان علاوه تَهَجُّد، اِشراق ۽ چاشت جا نفل به پڙهڻ نصيب ٿيا، مدني قافلي جون برڪتون ڏسندي مون نيت ڪئي آهي ته اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي وڏي ڌيءَ کي به مدني قافلي ۾ سفر ڪرائيندس.

آپ کو دردِ سر ہو یا ہو دردِ کمر — چلئے ہمّت کریں قافلے میں چلو
فائدہ آخرت کے بنانے میں ہے — ساری بہنیں کہیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اسلامي ڀينرو! مدني قافلي جي برڪتن جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي! چيلهه جو سُور ۽ دنيا جون تڪليفون تہ تمام معمولي شيون آهن الله ربُّ العِزّت عَزَّوَجَلَّ چاهيو تہ مدني قافلن جي برڪت سان قبر ۽ آخرت جون مصيبتون بہ دور ٿينديون. مدني قافلن ۾ علمِ دين حاصل ٿيندو، عبادتون ڪيون وينديون ۽ خوب خوب نيڪيون ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ نيڪين جي صِلي ۾ جنت جون ابدي ۽ سرمدي نعمتون حاصل ٿينديون. الله عَزَّوَجَلَّ اسان سڀني کي جنّت الفِردوس ۾ مدني حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو پاڙو نصيب ڪري. اٰمين. جنّت جي نعمت ۽ عظمت جي باري ۾ هڪ روايت ٻڌو: رحمتِ عالم، نورِ مُجسَّم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي: ”جنّت ۾ هڪ چهبڪ جيتري جڳهه دنيا ۽ اُن جي شين کان بهتر آهي.“ (بخاري ج 2 ص 392 حديث 3250) مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان فرمائن ٿا: دُري (يعني چهبڪ) مان مراد آهي اُتي جي ٿورڙي جڳهه، واقعي جنت جون نعمتون دائمي آهن. دنيا جي فاني ۽ وري دنيا جون نعمتون تڪليفن سان مخلوط (يعني ڳنديل)، (۽) اُتي جون نعمتون خالص، پوءِ دنيا جون نعمتون (جڏهن تہ) ادنيٰ، اهي اعليٰ، انهيءَ ڪري دنيا کي اُتي جي ادنيٰ جڳهه سان ڪا نسبت ئي ناهي. (مرأة المناجيح ج 7 ص 447)

## مرد جو عورتن جي ڪپڙن ڌانهن ڏسڻ

**سوال:** جيڪڏهن ڪنهن عورت ٿلهي اڏنگي ڪپڙي جي برقعي ۾

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

پنهنجو سڄو وجود لڪائي رکيو هجي ته اُن ڏانهن نظر ڪري سگهجي ٿي يا نه؟

**جواب:** اُن ڏانهن ڏسڻ ۾ حرج ناهي، ها جيڪڏهن انهن ڪپڙن ڏانهن ڏسڻ سان شهوت ٿيندي هجي ته نٿو ڏسي سگهي جو جڏهن شهوت سان ڏسندو ته ضرور گنهگار ٿيندو. ان مسئلي جي وڌيڪ وضاحت بهارِ شريعت ۾ ائين آهي: اجنبي عورت تمام ٿلها ڪپڙا پاتا هجن جو بدن جي رنگت وغيره نظر نٿي اچي ته ان صورت ۾ اُن ڏانهن نظر ڪرڻ جائز آهي جو اِتي عورت کي ڏسڻ نه ٿيو بلڪ اُن جي ڪپڙن کي ڏسڻ ٿيو. اهو اُن وقت آهي جو اُن جا ڪپڙا چُست (سوڙها) نه هجن ۽ جيڪڏهن سوڙها ڪپڙا پاتل هجن جو جسم جي بيهڪ ظاهر ٿئي مثلاً چست پاجامي ۾ ٻُڪي ۽ ران جي پوري بناوت نظر ايندي هجي ته ان صورت ۾ نظر ڪرڻ ناجائز آهي. اهڙي ئي طرح ڪجهه عورتون تمام سنهڙا ڪپڙا پائينديون آهن مثلاً آبِ روان يا ڄاري يا سنهڙي ململ جو رئو جنهن سان مٿي جا وار يا وارن جي ڪاراڻ يا ڳچي يا ڪن نظر ايندا آهن ۽ ڪجهه سنهڙا تنزيب (هڪ انتهائي سنهڙو ڪپڙو) يا ڄاري جا ڪُڙتا پائينديون آهن جو پيٽ ۽ پُٺي بلڪل (صاف) نظر ايندي آهي ان حالت ۾ نظر ڪرڻ حرام آهي ۽ اهڙن موقعن تي انهن کي ان قسم جا ڪپڙا پائڻ به ناجائز آهن. (ايضاً ص 91) (ستر (اوگهڙ) جي مسئلن جي تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل بهارِ شريعت جلد 1 حصو 3 صفحو 478 کان 486 ۽ حصو 16 صفحو 85 کان 91 جو مطالعو فرمائي وٺو)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

# دامن جو ڏاڳو

**سوال:** ترغيب جي لاءِ ڪنهن وَليہ جي شرعي پردي جي باري ۾ حڪايت ٻڌائي ڇڏيو.

**جواب:** شرعي پردو ڪرڻ وارين جي شان ۽ برڪتن جي ڇا ڳالھ ڪجي. "**اخبار الاخيار**" ۾ آهي: سخت ڏُڪار پيو، ماڻهن جي گهڻين دعائن جي باوجود بارش نہ ٿي. حضرت سيّدنا نظام الدين ابوالمؤيد رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جن پنهنجي امڙ سائڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہَا جي **ڪپڙي جو هڪ ڏاڳو** هٿ ۾ ڪٺي عرض ڪيو: يا **الله** عَزَّوَجَلَّ! هي اُن عورت جي **دامن جو ڏاڳو** آهي جنهن (عورت) تي ڪڏهن ڪنهن نامَحرم جي نظر نہ پئي، منهنجا مولا عَزَّوَجَلَّ! انهيءَ جي ئي صدقي رحمت جو مينهن وساءِ! اڃا دعا ختم بہ نہ ٿي هئي جو رحمت جا ڪَڪَر ڇائنجي ويا ۽ ڇم ڇم برسات شروع ٿي وئي. (اخبار الاخيار ص 294) **الله**عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

یہی مائیں ہیں جن کی گود میں اسلام پلتا تھا

حیا سے ان کی انسان نور کے سانچے میں ڈھلتا تھا

سُبۡحٰنَ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ! بزرگن جي جسم جي نسبت رکڻ واري لباس جي ڏاڳي جو جڏهن اهو شان آهي جو هٿ ۾ رکن تہ ان جي برڪت ۽ وسيلي سان دعا قبول ٿي وڃي تہ خود بزرگن جي وُجودِ مسعود جي برڪتن جو ڇا عالم هوندو!

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

# گهر کان ٻاهر نڪرڻ جا احتياط

**سوال:** گهر کان ٻاهر نڪرڻ وقت اسلامي ڀينرن کي ڪهڙين ڪهڙين ڳالهين جو خيال رکڻ گهرجي؟

**جواب:** شرعي اجازت جي صورت ۾ گهر کان نڪرندي وقت اسلامي ڀيڻ بنا ڪشش واري ڪپڙي جو ڍلو ڍالو مدني برقعو اوڍي، هٿن ۾ دستانا ۽ پيرن ۾ جوراب پائي پر دستانن ۽ جورابن جو ڪپڙو ايترو سنهڙو نہ هجي جو کل جي رنگت ظاهر ٿئي. جتي غير مردن جي نظر پوڻ جو امڪان هجي اُتي چهري تان نقاب نہ هٽائجي مثلاً پنهنجي يا ڪنهن جي گهر جي ڏاڪڻ ۽ گلي، پاڙي وغيره ۾. هيئنئين طرف کان بہ اهڙي طرح برقعو نہ ڪٽي جو بدن جي رنگ برنگي ڪپڙن تي غير مردن جي نظر پوي. واضح رهي تہ عورت جي مٿي کان وٺي پيرن جي پُني جي سختي جي هيٺ تائين جسم جو ڪو حصو بہ مثلاً مٿي جا وار يا ٻانهن يا ڪارائي يا ڳلو يا پيٽ يا پِني وغيره اجنبي مرد (يعني جنهن سان شادي هميشہ جي لاءِ حرام نہ هجي) تي بنا شرعي اجازت جي ظاهر نہ ٿئي بلڪ جيڪڏهن لباس اهڙو سنهڙو آهي جنهن سان بدن جو رنگ ظاهر ٿئي يا اهڙو چُست آهي جو ڪنهن عضوي جي شڪل ۽ صورت يا اُڀار وغيره ظاهر ٿئي يا رئو ايترو سنهو آهي جو وارن جي ڪاراڻ ظاهر ٿئي اها بہ بي پردگي آهي. **منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، وليءِ نعمت، عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانہءِ شمعِ رسالت، مجددِ دين و ملت، حاميءِ سنّت، ماحيءِ بدعت، عالمِ شريعت، پيرِ طريقت،**

**باعثِ خير وبرڪت حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشاهہ امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن **فرمائن ٿا:** ”جيڪو وضع لباس (يعني لباس جي بناوت) ۽ طريقۂ پوشش (يعني پائڻ جو انداز) هاڻي عورتن ۾ رائج آهي جو سنها ڪپڙا جن مان بدن نظر ايندو آهي يا مٿي جي وارن يا ڳچي يا ٻانهن يا ڪارائي يا پيٽ يا پِني جو ڪو حصو ڪليل هجي، ائين تہ سواءِ خاص مَحارِم جي جن سان نڪاح هميشہ لاءِ حرام آهي ڪنهن (ٻئي) جي سامهون ٿيڻ **سخت حرامِ قطعي** آهي.“

(فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 217)

## عورت جو ڪنهن ڪنهن کان پردو آهي؟

**سوال:** عورت جو ڪهڙي ڪهڙي مرد کان پردو آهي؟ ۽ ڪهڙي مرد کان پردو ناهي؟

**جواب:** عورت جو هر بالغ اجنبي مرد کان پردو آهي. جيڪو محرم نہ هجي اهو اجنبي آهي، محرم مان مراد اُهي مرد آهن جن سان نڪاح هميشہ جي لاءِ حرام هجي، حُرمت نسب سان هجي يا سبب سان مثلاً رضاعت (کير جو رشتو) يا مُصَاهَرَت.

## مَحارِم جا قِسم

**سوال:** مَحرَمن ۾ ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو شامل آهن؟

**جواب** : محرمن ۾ ٽن قسمن جا ماڻهو داخل آهن: (1) نسب جي بنياد تي جنهن سان هميشہ جي لاءِ نڪاح حرام هجي (2) رضاعت يعني کير جي رشتي جي بنياد تي جن سان نڪاح حرام هجي (3) مُصَاهَرَت: يعني ساهوراڻي رشتن جي سبب سان جن سان نڪاح

حرام هجي جيئن سُهري جي لاءِ نُنهن يا سس جي لاءِ نائي، مصاهرت کي ائين به سمجهي سگهجي ٿو ته عورت جنهن مرد سان نڪاح ڪري ٿي ته اُن مرد جي اُصول و فروع (اُصول مان مراد پيءُ ڏاڏو پڙ ڏاڏو متي تائين ۽ فُرُوع مان مراد اولاد پوءِ اُن جو اولاد وري اُن جو اولاد هيٺ تائين آهي) انهي تي هميشه جي لاءِ حرام ٿي وڃن ٿا، ائين ئي مڙس تي پنهنجي زال جا اُصول و فُرُوع به هميشه جي لاءِ حرام ٿي وڃن ٿا، زنا ۽ دواعيِ زِنا (يعني زِنا جي طرف دعوت ڏيڻ وارا ڪم مثلاً شهوت سان بِنا پردي جي جسم کي ڇُهڻ يا چُمي ڏيڻ) جي ذريعي مرد ۽ عورت تي اهي ئي حڪم ثابت ٿيندا يعني حرمتِ مُصَاهَرَت ثابت ٿي ويندي. نسبي محرمن کان علاوه ٻنهي طرح جي محرمن کان پردو واجب به ڪونهي ۽ منع به ناهي، خاص طور تي جڏهن عورت جوان هجي يا فتني جو خوف هجي ته پردو ڪري.

## کير جي رشتي ۾ پردو ڪرڻ مناسب آهي

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: جِن سان نڪاح هميشه جي لاءِ حرام آهي ڪڏهن حلال نٿو ٿي سگهي پر حرمت جو سبب (يعني نڪاح حرام هئڻ جو سبب) علاقهءِ نسب (خوني رشتو) نه بلڪ علاقهءِ رضاعت (يعني کير جو رشتو) آهي جيئن کير جي رشتي مان پيءُ، ڏاڏو، نانو، ڀاءُ، ڀائٽيو، ڀاڻيجو، چاچو، مامو، پٽ، پوٽو، ڏوهٽو، يا علاقهءِ صهر (ساهرن جو رشتو) هجي جيئن سهرو، سَس، نياڻو، نُنهن، انهن سڀني کان پردو ڪرڻ نه واجب نه ناجائز آهي، (يعني انهن کان پردو) ڪرڻ نه

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

ڪرڻ بئي جائز آهي ۽ جواني جي حالت ۾ يا فتني جي امڪان ۾ پردو ڪرڻ ئي مناسب آهي، خاص طور تي ڪير جي رشتي ۾ جو عوام جي خيال ۾ ان جي هيبت تمام گهٽ هوندي آهي.

(فتاويٰ رضويه ج 22 ص 235)

## نسبي مَحرمن ۾ ڪير ڪير شامل آهن؟

**سوال:** نسبي مَحرَمن ۾ ڪهڙا ماڻهو داخل آهن؟

**جواب:** نسبي مَحرمن ۾ چئن قسمن جا ماڻهو شامل آهن: (1) پنهنجو اولاد (يعني پُٽ ڌيءَ) ۽ پنهنجي اولاد جو اولاد (پوٽو پوٽي ڏوهٽو ڏوهٽي) هيٺ تائين (2) پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ جا ماءُ پيءُ (يعني ڏاڏو ڏاڏي، نانو ناني) مٿي تائين (3) پنهنجي ماءُ پيءُ جو اولاد (يعني ڀاءُ ڀيڻ چاهي سڳا هجن يا ويڳا (يعني سوتيلا) يعني صرف ماءُ شريڪ يا صرف پيءُ شريڪ ڀاءُ ڀيڻ) ۽ ائين ئي پنهنجي ماءُ پيءُ جي اولاد جو اولاد (يعني ڀائٽيو، ڀائٽي، ڀاڻيجو، ڀاڻيجي، چاهي سڳي ڀاءُ ڀيڻ مان هجن يا ويڳي مان هجن) هيٺ تائين (4) پنهنجي ڏاڏا، ڏاڏي، نانا، ناني جو اولاد (يعني چاچو، ڦڦي، مامو، ماسي، اهي رشتا سڳا هجن يا ويڳا) جيتوڻيڪ چاچي ڦڦي، مامي، ماسي، جا اولاد غير محرم آهن. (فتاويٰ رضويه ج 11، ص 464)

**نوٽ:** مٿي ذڪر ڪيل نسبي محرمن مان مرد عورتن تي ۽ عورتون مردن تي حرام آهن.

## ڪجهه سهرا خطرناڪ هوندا آهن

**سوال:** ڇا سهري ۽ نُنهن جو پردو آهي؟

**جواب:** حُرمتِ مُصاهَرت جي سبب ڪان پردو ناهي. جيڪڏهن پردو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.** (ڪنزالعمال)

ڪري تہ حرج بہ ناهي بلڪ جواني جي حالت ۾ يا فتني جي امڪان جي صورت ۾ جيئن تہ هن دؤر ۾ پردي ڪرڻ ئي ۾ عافيّت آهي چوتہ حالات انتهائي نازڪ آهن، سهري ۽ نُنهن جا ”مسائل“ ٻڌڻ ۾ ايندا رهندا آهن. جيڪي عام طور تي هڪ طرفو يعني سهري جي طرفان هوندا آهن جو ڪڏهن ڪڏهن سهرو اڪيلائي ۾ موقعو ڏسي نُنهن ۾ هٿ وجهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تنهنڪري اڄڪلهہ نُنهن کي سهري سان بي تڪلّف نہ ٿيڻ گهرجي، خاص ڪري نُنهن جي حق ۾ اهو سهرو وڏيڪ خطري وارو ثابت ٿي سگهي ٿو جيڪو پنهنجي زال کان پري يا محروم هجي. (براءِ مهرباني! بهار شريعت حصو 7 مان ”محرمات جو بيان“ پڙهي وٺو)

## ڏيرن ياڄائيءَ جو پردو

**سوال:** ڇا اسلامي ڀيڻ جو پنهنجي ڏير، وڏي ڏير، ڀيڻوئي ۽ ماسات، ماروٽ، سؤٽ ،ڦُپات، ڦُڦڙ ۽ ماسڙ کان بہ پردو آهي؟

**جواب:** جي ها، بلڪ انهن کان تہ پردي جي معاملي ۾ احتياط وڏيڪ هئڻ گهرجي ڇو تہ ڄاڻ سڃاڻ جي سبب هيڪ نہ هوندي آهي ۽ ائين اڻ ڄاڻ ماڻهوءَ جي مقابلي ۾ ڪيترائي ڀيرا وڏيڪ فتني جو خطرو هوندو آهي پر افسوس! اڄڪلهہ انهن کان پردو ڪرڻ جو ذهن ئي ناهي، جيڪڏهن ڪا مديني جي ديواني پردي جي ڪوشش ڪري بہ تہ ويچاريءَ کي طرح طرح سان ستايو ويندو آهي پر همت نہ هارڻ گهرجي، ناسازگار حالات جي باوجود جيڪا خوش نصيب اسلامي ڀيڻ شرعي پردو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي ۽ جڏهن دنيا مان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناھ معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

رخصت ٿئي تہ ڇا عجب! مصطفيٰ جي نورِ عين، شهزاديءِ ڪونين، مادرِ حَسنين، سيّدةُ النِّساء فاطمة الزّهراء رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا اُن جو پُرجوش استقبال فرمائن، ان کي گَلي لڳائن ۽ ان کي پنهنجي بابا جان، ٻنهي جهانن جي سلطان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي محفل ۾ پهچائين.

کیوں کریں بزمِ شبستانِ جِناں کی خواہش
جلوۂ یار جو شمعِ شبِ تنہائی ہو (ذوقِ نعت)

ڏير، جيٺ، ڀيٽوئي ۽ ماسات، ماروٽ، سؤٽ، ڦڦات، ڦڦڙ ۽ ماسڙ کان پردي جي تاڪيد ڪندي منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ”ڏير، جيٺ، ڀيٽويو، ڦڦڙ، ماسڙ، سؤٽ، ماروٽ، ڦڦات، ماسات اهي سڀ ماڻهو عورت جي لاءِ بلڪل اجنبي (يعني غير مرد) آهن بلڪ انهن جو نقصان ڌارئي شخص جي نقصان کان وڌيڪ آهي جو بلڪل اڻ ڄاڻ شخص گهر ۾ ايندي ڊڄندو ۽ اهي (بيان ڪيل رشتيدار) پاڻ ۾ ميل ميلاپ (۽ ڄاڻ سڃاڻ) جي ڪري خوف ناهن رکندا. عورت بلڪل اڻ واقف شخص سان فورًا بي تڪلف ناهي ٿيندي ۽ انهن (يعني ذڪر ڪيل رشتيدارن) کان هٻڪ ختم ٿيل هوندي آهي. تنهنڪري جڏهن رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن غير عورتن وٽ وڃڻ کان منع فرمايو (تہ) هڪ صحابي انصاري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جيٺ ۽ ڏير جي لاءِ ڇا حڪم آهي؟ فرمايائون: ”جيٺ ۽ ڏير تہ موت آهن.“ (فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 217)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي.** (ترغيب و ترهيب)

## ساهرن ۾ ڪهڙي طرح پردو ڪري؟

**سوال:** ساهرن ۾ ڏير ۽ جيٺ وغيره کان ڪهڙي طرح پردو ڪيو وڃي؟ سچو ڏينهن پردي ۾ رهڻ تمام ڏکيو آهي، گهر جو ڪم ڪار ڪندي وقت پنهنجي چهري کي ڪيئن لڪائي؟

**جواب:** گهر ۾ رهندي بہ بالخصوص ڏيرن ۽ جيٺن وغيره جي معاملي ۾ محتاط رهڻو پوندو. صحيح بخاري ۾ حضرت سيّدنا عُقبہ بن عامر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ پيڪرِ شرم وحيا، مڪي مدني مصطفٰي، محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: عورتن وٽ وڃڻ کان بچو. هڪ شخص عرض ڪيو: يا رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏير جي باري ۾ ڇا حڪم آهي؟ فرمايائون: ”ڏير موت آهي.“ (بخاري ج 3 ص 472 حديث 5232) ڏير جو پنهنجي ڀاڄائيءَ جي سامهون ٿيڻ جڻ موت جي سامهون ٿيڻ آهي، جو هِتي فتني جو انديشو وڌيڪ آهي. مفتيءِ اعظم پاڪستان حضرت وقارِ ملت مولانا وقار الدين عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْمُبِين فرمائن ٿا: ”انهن رشتيدارن مان جيڪي نامَحرم آهن، چهرو، ترِيون، پيڏيون، پير ۽ مُرين کان علاوه پردو ڪرڻ ضروري آهي، زينت، ناهہ نوهہ بہ انهن جي سامهون ظاهر نہ ڪئي وڃي.“ (وقار الفتاويٰ ج 3 ص 151)

منقول آهي: ”**جيڪو شخص شهوت سان ڪنهن اَجنبيہ** (يعني ڌارئي عورت) **جي حُسن ۽ جمال کي ڏسندو قيامت جي ڏينهن اُن جي اکين ۾ شيهو پگهاري وِڌو ويندو.**“ (هدايہ ج 4 ص 368) يقينًا ڀاڄائي بہ اجنبيہ ئي آهي، جيڪي ڏير پنهنجي ڀاڄائي کي جاڙي واڙي ڏسندا رهيا هجن، بي تڪلف ڳالهيا هجن، مذاق مسخري ڪندا هجن، اُهي

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نه پڙهيو ته تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو.** (ابن سني)

**الله** عَزَّوَجَلَّ جي عذاب کان ڊڄي فورًا سچي توبهه ڪن، ڀاڄائي جيڪڏهن ننڍي ڏير کي ننڍو ڀاءُ ۽ وڏي ڏير کي وڏو ڀاءُ چوي ٿي ته ان سان بي پردگي ۽ بي تڪلفي جائز ناهي ٿي ويندي بلڪ گفتگو جو اهو انداز فاصلا دور ڪري ويجهو آڻيندو آهي ۽ ڏير ۽ ڀاڄائي بدنگاهي، بي تڪلفي ڪِل ڀوڳ وغيره گناهن جي ڌٻڻ ۾ وڏيڪ ڦاسندا هليا ويندا آهن، جڏهن ته ڏير ۽ ڀاڄائي جو پاڻ ۾ گفتگو ڪرڻ به مسلسل خطري جي گهنٽي وڄائيندو رهندو آهي!

الله عَزَّوَجَلَّ کرے دل میں اُتر جائے مری بات

ڏير ۽ ڀاڄائي وغيره خبردار رهن جو حديث شريف ۾ ارشاد آهي: "اَلْعَيْنَانِ تَزْنِيَانِ" **يعني اکيون زنا ڪنديون آهن.**

(مسند الامام احمد بن حنبل ج 3 ص 305 حديث 8852 )

بهرحال جيڪڏهن هڪ گهر ۾ رهندي عورت جي لاءِ ويجهو وارن نامحرم رشتي دارن کان پردو ناممڪن هجي ته چهرو کولڻ جي ته اجازت آهي پر ڪپڙا هرگز اهڙا سنها نه هجن جن مان بدن يا مٿي جا وار وغيره ظاهر ٿين يا اهڙا سوڙها نه هجن جو بدن جا عضوا جسم جي بيهڪ ۽ سيني جو اُڀار وغيره ظاهر ٿئي.

## پردي دار جي لاءِ آزمائشون

**سوال:** اڄڪلهه پردو ڪرڻ وارين کي "مُلائڻ" چئي گهر ۾ مذاق اُڏايو ويندو آهي، ڪڏهن عورتن جي ڪنهن تقريب ۾ مدني برقعو پائي وڃي ته ڪا چوندي آهي: اڙي! هي ڇا پائي رکيو اٿئي، لاهه هِن کي! ڪا چوندي آهي بس اسان کي معلوم ٿي ويو ته تون وڏي

پرديدار آهين، هاڻي ڇڏ بہ ڪٽي اهو پردو وغيره! ڪا چوندي آهي، دنيا تمام ترقي ڪري چڪي آهي ۽ تو ڇا هي دقيانوسي انداز اپنائي رکيو آهي وغيره. اهڙي طرح جي دل ڏکائيندڙ ڳالهين سان شرعي پردو ڪرڻ واريءَ جي دل ڀڄي ڀُري چڪنا چور ٿي ويندي آهي، انهن حالتن ۾ ان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**جواب:** واقعي انتهائي نازڪ حالات آهن، شرعي پردو ڪرڻ واري اسلامي ڀيڻ سخت آزمائش ۾ مبتلا رهندي آهي پر همت نہ هارڻ گهرجي. مذاق اڏائڻ يا اعتراض ڪرڻ وارين سان زوردار بحث شروع ڪرڻ يا ڪاوڙ ۾ اچي وڙهي پوڻ سخت نقصانڪار آهي جو ان طرح مسئلو حل ٿيڻ بدران وڌيڪ اُلجهي سگهي ٿو. اهڙي موقعي تي هي ياد ڪري پنهنجي دل کي تسلي ڏيڻ گهرجي تہ جيستائين تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن عام اعلانِ نبوت نہ فرمايو هو، ان وقت تائين ڪفار بدانجام پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي احترام جي نظر سان ڏسندا هئا ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي امين ۽ صادق جي لقب سان ياد ڪندا هئا. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جيئن ئي علي الاعلان اسلام کي عام ڪرڻ شروع ڪيو تہ اهي ئي بدبخت ڪافر طرح طرح سان ستائڻ ، مذاق اڏائڻ ۽ گاريون ڏيڻ لڳا، صرف اهو ئي نہ بلڪ جاني دشمن ٿي ويا پر قربان وڃون! سرڪارِ نامدار، اُمّت جي غمخوار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي جو پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بلڪل همت نہ هاري، هميشہ صبر کان ئي ڪم ورتائون. هاڻي اسلامي ڀيڻ صبر ڪندي غور ڪري تہ آئون جيستائين فيشن ايبل

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نه پڙهي. (حاڪم)

۽ بي پرده هيس منهنجو ڪوبه مذاق نه اڏائيندو هو، جيئن ئي مون شرعي پردو اپنايو، ستائجڻ لڳيس. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو شڪر آهي ته مون ڪان ظلم تي صبر ڪرڻ جي سنت ادا ٿي رهي آهي. مدني التجا آهي ته ڪهڙو ئي صدمو پهچي صبر جو دامن هٿ مان نه ڇڏيو، ٻيو ٻِنا شرعي اجازت جي هرگز زبان مان ڪجهه نه ڳالهايو. حديثِ قدسي ۾ آهي ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو: ”اي ابنِ آدم! جيڪڏهن تون اوّل صدمي جي وقت صبر ڪرين ۽ ثواب جو طلبگار ٿئين ته آئون تنهنجي لاءِ جنّت ڪانسواءِ ڪنهن ثواب تي راضي ناهيان.“

(سنن ابن ماجه ج 2 ص 266 حديث 1597)

## آسيه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي دردناڪ آزمائش

**سوال:** جنهن اسلامي ڀيڻ کي شرعي پردي ۽ سنتن تي عمل وغيره جي ڪري معاشري ۾ مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ حقير سمجهندا هجن ۽ خاندان ۾ به ستايو ويندو هجي، ان جي آٿت جي لاءِ ڪا درد ڀري حڪايت بيان ڪريو.

**جواب:** جنهن اسلامي ڀيڻ کي شرعي پردو ڪرڻ جي سبب گهر ۽ خاندان ۾ ستايو ويندو هجي، ان جي لاءِ حضرت سيّدتنا آسيه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي واقعن ۾ ڪافي درسِ عبرت آهي. حضرت سيّدتنا آسيه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرعون جي نڪاح ۾ هيون. جادوگرن جي مغلوب ٿي ايمان آڻڻ تي پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا به حضرت سيّدنا موسيٰ ڪليم اللّٰه عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي ايمان آندو. جڏهن فرعون کي ان جو علم ٿيو ته ان طرح طرح جون سزائون ڏيڻ شروع ڪيون ته ڪنهن طرح به پاڻ رَضِيَ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا ايمان کان ڦري وڃن، پر پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا ثابت قدم رهيون. آخرڪار فرعون پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا کي انتهائي تيز اُس ۾ ڪاٺيءَ جي تختي تي سُمهاري ڪري ٻنهي هٿن ۽ ٻنهي پيرن ۾ ميخون (لوهه جون ڪِليون) نوڪي ڇڏيون. وڌيڪ ظلم هي ته مبارڪ سيني تي جَنڊ جا پُڙ رکرائي ڇڏيا ته جيئن چُري به نه سگهن، ان شديد ترين ۽ ناقابلِ برداشت تڪليف ۾ به سندن ثابت قدمي ۾ ذري برابر به لوڏو نه آيو بيقرار ٿي پنهنجي ربّ غفار جَلَّ جَلَالُہٗ جي دربارِ گوهر بار ۾ عرض گذار ٿيون:

رَبِّ ابْنِ لِیْ عِنْدَكَ بَیْتًا فِی الْجَنَّةِ وَ نَجِّنِیْ مِنْ فِرْعَوْنَ وَ عَمَلِهٖ وَ نَجِّنِیْ مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِیْنَ (۱۱) (پ 28 التحريم 11)

**ترجمو ڪنزالايمان:** "اي منهنجا رب! منهنجي واسطي پاڻ وٽ جنت ۾ جاءِ جوڙ ۽ مون کي فرعون ۽ ان جي ڪم کان ڇوٽڪارو ڏي ۽ مون کي ظالم ماڻهن کان ڇوٽڪارو بخش."

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الْحَنَّان فرمائن ٿا: "اللہ عَزَّوَجَلَّ انهيءَ (يعني سيّدَتُنا آسيه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا) تي فرشتا مقرر فرمائي ڇڏيا جن پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا تي ڇانوَ ڪئي ۽ ڪين جنت وارو گهر ڏيکاري ڇڏيو، جنهن سان پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا انهن سيني مصيبتن کي وِساري ڇڏيو. ڪجهه روايتن ۾ آهي ته پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا آسمان ڏانهن کنيون ويون. حضرت سيّدتنا آسيه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھَا جنت ۾ اسان جي حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي نڪاح ۾ هونديون. (نورالعرفان ص 896)

**اللہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

فرمانِ مصطفي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

# مرحوم امڙ جيجل مدني ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏيارائي

اسلامي ڀينرو! آزمائشن تي صبر ڪرڻ وارن تي اڄ بہ ربّ عَزَّوَجَلَّ جي عنايتن جو ظهور ٿيندو آهي، جيئن تہ هڪ اسلامي ڀيڻ جو تحريري بيان پنهنجي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو، ڪوٽ عطاري (ڪوٽڙي باب الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جو بيان آهي تہ **اَلْحَمْدُلِلّٰه**عَزَّوَجَلَّ مون کي دعوتِ اسلامي سان پيار آهي، تنهن ڪري آئون خوب اڳتي وڌي دعوتِ اسلامي جو ڪم ڪرڻ چاهيندي هيس پر منهنجي ٻارن جو پيءُ اجازت نہ ڏيندو هو. آئون پوءِ بہ شريعت جي دائري ۾ رهندي پنهنجي وس آهر مدني ڪم ڪندي هيس. منهنجي خوش نصيبي جو صفرالمظفر 1430ھ جي مبارڪ مهيني ۾ اسان جي علائقي جي هڪ گهر ۾ دعوتِ اسلامي جي اسلامي ڀينرن جو مدني قافلو آيو، جدول جي مطابق ٻئي ڏينهن ٿيڻ واري تربيتي اجتماع ۾ مون کي بہ شرڪت جي سعادت ملي، مون اُتي هي دعا گهري: "يا **الله**عَزَّوَجَلَّ! هِن مدني قافلي جي برڪت سان منهنجي ٻارن جو پيءُ مون کي دعوتِ اسلامي جو مدني ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏين." **اَلْحَمْدُلِلّٰه** عَزَّوَجَلَّ اُنهيءَ رات منهنجي ٻارن جي پيءُ کي منهنجي مرحوم امڙ جيجل (يعني اُنهن جي سس جيڪا انهن کي پُٽن وانگر پاليندي هئي) جي خواب ۾ زيارت ٿي، مرحوم فرمايو: تون منهنجي ڌيءَ کي دعوتِ اسلامي جو مدني ڪم چو نٿو ڪرڻ ڏين! اُن کي اِن جي اجازت ڏيئي ڇڏ." منهنجي ٻارن جي پيءُ اهو خواب ٻڌائي مون کي راضي خوشي دعوتِ اسلامي جو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

مدني ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏي، ائين اسلامي ڀينرن جي مدني قافلي جي برڪت سان منهنجي دل جي مُراد پوري ٿي.

قافلے میں ذرا مانگو آکر دعا    پاؤ گے نعمتیں قافلے میں چلو
ہوگا لطفِ خدا آؤ بہنو دُعا    مل کے سارے کریں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني ڪم جي تڙپ مرحبا!

اسلامي ڀينرو! ڏٺو اوهان! مدني قافلن جون ڪهڙيون پياريون پياريون بهارون آهن! اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن ۾ خوب دعائون قبول ٿينديون آهن. مدني ڪم جي ذريعي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي تڙپ مرحبا! جو ان ۾ ثواب ئي ثواب آهي. انهيءَ باري ۾ چار مبارڪ حديثون پيش ڪيون وڃن ٿيون:

## چار فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(1) نيڪي جي راهه ڏيکارڻ وارو نيڪي ڪرڻ واري وانگر آهي.
(ترمذي ج 4 ص 305 حديث 2679)

(2) جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ اوهان جي ذريعي ڪنهن هڪ شخص کي هدايت عطا فرمائي ته اهو توهان جي لاءِ اِن ڪان سٺو آهي جو اوهان وٽ ڳاڙها اُٺ هجن. (مسلم ص 1311 حديث 2406)

(3) بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ، اُن جا ملائڪ، آسمان ۽ زمين جي مخلوق ايستائين جو ماڪوڙيون پنهنجي سوراخن ۾ ۽ مڇيون (پاڻي ۾) ماڻهن کي نيڪي سکائڻ واري تي "صلٰوة" موڪليندا آهن.
(ترمذي ج 4، ص 314، حديث 2694)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

**مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحنّان فرمائن ٿا: **الله** عَزَّوَجَلَّ جي "صلٰوة" مان اُن جي خاص رحمت ۽ مخلوق جي "صلٰوة" مان رحمت جي خصوصي دعا مراد آهي.
(مرأة المناجيح ج 1، ص 200)

(4) بهترين صدقو اهو آهي تہ مسلمان ماڻهو علم حاصل ڪري پوءِ پنهنجي مسلمان ڀاءُ کي سيکاري. (سنن ابن ماجہ ج 1 ص 158 حديث 243)

## گهر ۾ پردي جو ذهن ڪيئن بڻجي؟

**سوال:** گهر ۾ پردي جو ذهن ڪهڙيءَ طرح بڻايو وڃي؟

**جواب:** فيضان سنّت ۽ پڻ هِن ڪتاب "**پردي جي باري ۾ سوال جواب**" مان "**گهر درس**" شروع ڪريو، مڪتبة المدينہ کان جاري ٿيڻ وارن سنتن ڀريي بيانن جون ڪيسيٽون ٻُڌرايو، انفرادي ڪوشش جي ذريعي گهر جي مردن کي دعوت اسلاميءَ جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلن جو مسافر بڻائي گهر ۾ مدني ماحول قائم ڪرڻ جي ڪوشش جاري رکو. انهن جي لاءِ دلسوزي سان دعا بہ ڪندا رهو، پاڻ ۽ گهر وارن کي هر گناهہ کان بچائڻ جو جذبو پيدا ڪري ڇڏيو، ۽ ان جي لاءِ ڪوشش بہ جاري رکو. پر نرمي نرمي ۽ نرميءَ کي لازم ڪري ڇڏيو. بِنا شرعي مصلحت جي سختي ڪرڻ تہ نهيو، ان جو سوچيو بہ نہ جو عام طور تي جيڪو ڪم "نرميءَ" سان ٿيندو آهي اهو "گرميءَ" سان ناهي ٿيندو.

ہے فلاح و کامرانی نرمی و آسانی میں
ہر بنا کام بگڑ جاتا ہے نادانی میں

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

بهرحال پنهنجي اهل و عيال جي اصلاح جي هر ممڪن صورت ۾ ترڪيب بڻائڻ گهرجي. 28 سيپاري سورة التحريم جي ڇهين آيت سڳوري ۾ ارشادِ خداوندي آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا قُوۡۤا اَنۡفُسَكُمۡ وَاَهۡلِيۡكُمۡ نَارًا وَّ قُوۡدُهَا النَّاسُ وَالۡحِجَارَةُ (پ 28 التحريم 6)

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ! پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي گهر وارن کي ان باهه کان بچايو جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن.

## ماتحت جي باري ۾ پُڇيو ويندو

ياد رکو! مڙس پنهنجي گهرواريءَ جو، پيءُ پنهنجي ٻارن جو ۽ هر شخص پنهنجي پنهنجي ماتحتن جو هڪ طرح سان "حاڪم" آهي ۽ هر حاڪم کان ان جي ماتحتن جي باري ۾ محشر جي ڏينهن پُڇا ٿيندي. رحمتِ عالم، نَيِّرِ اعظم، نورِ مجسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ معظّم آهي: "توهان سڀئي پنهنجي متعلقين جا سردار ۽ حاڪم آهيو ۽ حاڪم کان قيامت جي ڏينهن اُن جي رعيت جي باري ۾ پڇيو ويندو."

(صحيح البخاري ج 1، ص 309 حديث 893)

## ننڍي ڀاءُ جي اِنفرادي ڪوشش

اسلامي ڀينرو! هلاڪت کان پاڻ کي بچائڻ ۽ مغفرت حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو تبليغِ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جو سنتن ڀريو مدني ماحول به آهي. اڪثر ڪري هڪ ماڻهو جو دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿيڻ سڄي گهر جي اصلاح جو سبب بڻجي ويندو آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

اهڙيون ڪيتريون ئي بهارون موجود آهن، هڪ مدني بهار پيش آهي: باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جو بيان ڪجھ ائين آهي تہ اسان جو گهراڻو تمام ماڊرن هو، گهر جا ڀاتي فلمن ڊرامن ۽ گاني باجي جا شوقين هئا، خدا جو ڪرڻ ائين ٿيو جو منهنجي نندي ڀاءُ تي هڪ اسلامي ڀاءُ انفرادي ڪوشش ڪئي، ان ڪري انهن دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪئي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اجتماع ۾ مسلسل حاضري سان ڀاءُ جي ڪردار ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو، اُهي نمازن جا پابند ٿي ويا، سنتن تي عمل جي ڪوشش ۽ گهر وارن جي اصلاح جي فڪر ۾ رهڻ لڳا، اُهي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جون برڪتون ٻڌائيندا ۽ اسان کي اسلامي ڀينرن جي سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جو شوق ڏياريندا رهيا، انهن جي مسلسل انفرادي ڪوشش آخرڪار رنگ آندو ۽ مون اسلامي ڀينرن جي اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪئي، اُتي جي ماحول جي روحانيت ۽ سنتن ڀريي بيان مون تي عجيب ڪيفيت طاري ڪري ڇڏي، دعا جي دؤران مون خوب روئي روئي پنهنجي گناهن کان توبھ ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول کي ڪڏهن نہ ڇڏڻ جو پڪو ارادو ڪيو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسلامي ڀينرن جي سنتن ڀريي اجتماعن ۾ پابندي سان شرڪت جي بدولت خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۽ عشقِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڌائڻ جو جذبو نصيب ٿيو، دعوتِ اسلامي جي صدقي اسان جي گهر جو بگڙيل ماحول، مدني ماحول ۾ تبديل ٿي ويو،

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

گهر وارن جي پاڻ ۾ رضامندي سان T.V کڍي وئي ڇاڪاڻ ته ان جي هوندي فلمن ڊرامن کان بچڻ بيحد مشڪل آهي ۽ هاڻي اسان جي گهر ۾ فلمون ڊراما ۽ گانا نه بلڪ سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نعتن جا ترانا ٻڌا ويندا آهن.

نہ مرنا یاد آتا ہے نہ جینا یاد آتا ہے
محمد صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم یاد آتے ہیں مدینہ یاد آتا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اسلامي ڀينرو! ٻنا هِمت هارڻ جي خوب خوب انفرادي ڪوشش ڪنديون رهو اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ناڪامي نه ٿيندي، انهي سلسلي ۾ جيڪڏهن ڪا تڪليف به پهچي ته صبر ۽ برداشت جو دامن هٿ مان نه ڇڏيو جو اچڻ واري مصيبت اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ تمام وڏي ڀلائي جو سامان ثابت ٿيندي، حضرت سيدنا ابو هريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته نور جا پيڪر، تمام نبين جا سروَر، ٻنهي جهانن جا تاجوَر، سلطانِ بحر و بر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو روح پرور فرمان آهي: ”الله عَزَّوَجَلَّ جنهن سان ڀلائي جو ارادو فرمائيندو آهي ان کي مصيبت ۾ مبتلا فرمائي ڇڏيندو آهي.“ (صحيح البخاري ج 4 ص 4 حديث 5645)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دَيُّوث جي تعريف

**سوال:** ”دَيُّوث“ ڪنهن کي چوندا آهن؟

**جواب:** جيڪي ماڻهو طاقت رکڻ جي باوجود پنهنجي عورتن ۽ محارم کي بي پردگيءَ کان منع نه ڪن، اُهي ”ديّوث“ آهن. رحمتِ

**عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: ”ٽي شخص ڪڏهن به جنت ۾ داخل نه ٿيندا، ديوث ۽ مردانه طريقو اختيار ڪرڻ واري عورت ۽ شراب پيئڻ جو عادي.“** (مجمع الزوائد ج 4، ص 599، حديث 7722) **مردن جيان وار ڪٽرائڻ ۽ مردانه لباس پائڻ واريون هِن حديث پاڪ مان عبرت حاصل ڪن. ننڍين ٻارڙين جا ڇوڪرن جهڙا وار نهرائڻ ۽ اُنهن کي ڇوڪرن جهڙا ڪپڙا ۽ انگريزي ٽوپي وغيره پارائڻ وارا به احتياط ڪن، ته جيئن ٻارڙي اِن ئي عمر کان پنهنجو پاڻ کي مردن کان ممتاز** (جدا) **سمجهي ۽ هوش سنڀالڻ ۽ بالغه ٿيڻ کان پوءِ ان کي پنهنجون عادتون ۽ طور طريقا شريعت جي مطابق بڻائڻ ۾ مشڪلاتون سامهون نه اچن. حديث پاڪ ۾ هي جيڪو فرمايو ويو ته ”ڪڏهن به جنّت ۾ داخل نه ٿيندا.“ هِتي اِن مان ڏگهي عرصي تائين جنّت ۾ داخلي کان محرومي مراد آهي، ڇو ته جيڪي به مسلمان پنهنجي گناهن جي سزا ۾ مَعَاذَالله دوزخ ۾ ويندا اُهي آخرڪار جنّت ۾ ضرور داخل ٿيندا، پر اهو ياد رهي ته هڪ گهڙيءَ جو ڪروڙون حصو به جهنم جو عذاب ڪو برداشت نه ٿو ڪري سگهي، تنهنڪري اسان کي هر گناهه کان بچڻ جي هر دم ڪوشش ۽ جنّتُ الفِردوس ۾ بي حساب داخل ٿيڻ جي دعا ڪرڻ گهرجي.**

**”دَيُّوث“ جي باري ۾ حضرت علامه علاءُ الدين حصڪفي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِي **فرمائن ٿا: ”ديوث“ اُهو شخص آهي جيڪو پنهنجي گهرواري يا ڪنهن محرم تي غيرت نه ڪائي.** (درالمختار ج 6 ص 113) **معلوم ٿيو ته طاقت رکڻ جي باوجود پنهنجي گهرواري، ماءُ، ڀينرن ۽ جوان ڌيئرن**

وغيره ڪي گهٽين بازارن، شاپنگ سينٽرن ۽ ڳڏيل تفريح گاهن ۾ بي پرده گهمڻ ڦرڻ، ڏارين پاڙيسرين، نامحرم رشتيدارن غير مَحرم ملازمن، چوڪيدارن ۽ ڊرائيورن سان بي تڪلفي ۽ بي پردگي ڪان منع نہ ڪرڻ وارا دَيُّوث، جنّت ڪان محروم ۽ جهنم جا حقدار آهن. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدِّد دين و ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خانعَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ”دَيُّوث سخت اَخْبَث فاسق (يعني خبيث ترين) (آهي) ۽ فاسقِ مُعلن جي پٺيان نماز مڪروهہ تحريمي آهي. ان کي امام بڻائڻ جائز ناهي ۽ ان جي پٺيان نماز پڙهڻ گناهہ ۽ پڙهي تہ بيهر پڙهڻ واجب آهي.“ (فتاويٰ رضويہ ج 6 ص 583)

بے پردہ کل جو آئیں نظر چند بیبیاں، اکبرؔ زمیں میں غیرتِ قومی سے گڑ گیا
پوچھا جواُن سے آپ کا پردہ وہ کیا ہوا؟ کہنے لگیں ”وہ عقل پہ مردوں کی پڑ گیا!“

## جيڪڏهن عورت نافرماني ڪري تہ---------؟

**سوال:** جيڪڏهن مرد جي ڪوشش جي باوجود عورتون بي پردگي ڪان نہ مڙن تہ ڇا پوءِ بہ اُهو ديوث آهي؟

**جواب:** جيڪڏهن مرد پنهنجي حيثيت جي مطابق منع ڪري ٿو ۽ بي پردگيءَ ڪان روڪڻ جون شرعي تقاضائون اُن پوريون ڪيون آهن ۽ اهي نہ ٿيون مڃين تہ اهڙي صورت ۾ مرد تي نہ ڪو الزام آهي، نہ اهو **ديوث** آهي. بس جيترو ممڪن ٿي سگهي بي پردگي وغيره جي معاملي ۾ عورتن کي روڪيو وڃي پر حڪمت عملي سان، ڪِٿي ائين نہ ٿئي جو توهان پنهنجي گهرواريءَ يا ماءُ ڀينرن تي اهڙي سختي ڪري ويهو جو جنهن سان گهر جو امن ئي برباد ٿي وڃي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (کنزالعمال)

## ڇا زبان سان چيل پاءُ ڀيڻ جو پردو آهي؟

**سوال:** ڇا زبان سان چيل پيءُ، پاءُ ۽ پٽ وغيره کان ٻه اسلامي ڀيڻ جو پردو آهي؟

**جواب:** جي ها! انهن کان ٻه پردو آهي جو ڪنهن کي پيءُ، پاءُ يا زبان سان چيل پٽ بڻائڻ سان اهو حقيقي پيءُ، پاءُ ۽ پٽ ناهي بڻجي ويندو، انهن سان ته نڪاح ٻه درست آهي. اسان جي معاشري ۾ **زبان سان چيل** رشتن جو رواج عام آهي ڪو مرد ڪنهن کي ”ماءُ“ بڻايو وينو آهي، ڪا ڇوڪريءَ ڪنهن کي ”پاءُ“ بڻائي ويني آهي ته ڪنهن عورت ڪنهن کي ”پٽ“ بڻائي ورتو آهي، ڪو ڪنهن جوان ڇوڪريءَ جو **زبان سان چيل ڇاڇو** آهي ته ڪو **زبان سان چيل پيءُ** ۽ پوءِ بي پردگين، بي تڪلفين ۽ گڏيل دعوتن جي گناهن ۽ ڏوهن جو اُهو سيلاب آهي جو اَلْاَمَانِ وَالْحَفِيظ. **صنف مخالف** (يعني غير جنس واري) سان زبان سان چيل رشتا قائم ڪرڻ وارن ۽ وارين کي **الله** عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄڻ گهرجي. يقينًا شيطان ڀهريان کان ڇئي حملو ناهي ڪندو. حديث پاڪ ۾ اچي ٿو: ”دنيا ۽ عورتن کان بچو ڇو ته بني اسرائيل ۾ سڀ کان پهريون فتنو عورتن جي سبب کان ٿيو.“

(صحيح مسلم ص 1465 حديث 2742)

## هنج ورتل ٻار جو حڪم

**سوال:** ڪنهن جو ٻار هنج وٺي سگهجي ٿو يا نه؟

**جواب:** وٺي ته سگهجي ٿو، پر اُهو نامحرم هجي ته جڏهن کان عورتن جا ”معاملات“ سمجهڻ لڳي، اُن کان پردو ڪيو وڃي. فقهاءِ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي.** (ترغيب و ترهيب)

**ڪرام** رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام **فرمائن ٿا: مُراهِق** (قريب البلوغ ڇوڪري) **جي عمر ٻارهن سال آهي.** (ردالمحتار ج 4 ص 118)

## ٻارڙي هنج وڻڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڪنهن جي ٻارڙي هنج وڻڻ ڪيئن آهي؟ ڇا ان کي ”ڏيءَ“ ٻڻائڻ سان جوان ٿيڻ تي زبان سان چيل پيءُ کان پردي جي مسئلن ۾ رعايت ٿي ويندي آهي؟

**جواب:** ٻارڙي وڻڻي هجي تہ آساني انهي ئي ۾ آهي تہ محرم مثلاً سڳي ڀائيٽي يا سڳي ڀاڻيجي وڻي تہ جيئن رضاعي (يعني کير جو رشتو قائم نہ هجي تڏهن بہ بالغہ ٿيڻ کان پوءِ گڏ رهي سگهي پر بالغہ ٿيڻ کان پوءِ گهر جي نامحرمن مثلاً سڳا چاچا يا سڳا ماما جنهن پاليو انهن جي بالغ ڇوڪرن کان (جڏهن تہ کير شريڪ ڀاءُ نہ هجن) پردو واجب ٿي ويندو. جيڪڏهن هنج ورتل ٻارڙي نامحرم هئي تہ بالغہ بلڪ بالغہ ٿيڻ جي قريب پهچي تہ اُن کي پالڻ وارو نامحرم پيءُ پاڻ سان گڏ نہ رکي. جيئن **منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن **فتاويٰ رضويہ جلد 13 صفحو 412** تي فرمائن ٿا: ”ڇوڪريءَ بالغہ ٿي يا بالغہ ٿيڻ جي قريب پهتي جيستائين شادي نہ ٿئي ضرور اُن کي پيءُ وٽ رهڻ گهرجي ايستائين جو نَوَ سالن جي عمر کان پوءِ سڳي ماءُ کان ڇوڪريءَ وٺي ورتي ويندي ۽ پيءُ وٽ رهندي نہ ڪي غير (يعني جنهن سان هميشہ جي لاءِ شادي حرام ناهي اُن وٽ) جنهن وٽ رهڻ ڪنهن طرح جائز ئي ناهي، ڏيءَ ڪري پالڻ سان ڏيءَ ناهي ٿي ويندي.“

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام فرمائن ٿا: مُشْتَهاة (يعني بالغہ ٿيڻ جي ويجهو ڇوڪري) جي گهٽ ۾ گهٽ عمر نوَ سال آهي. (ردالمحتار ج 4 ص 118)

## هنج ورتل ڪان پردو جائز هئڻ جي صورت

**سوال:** نَنديپڻ ڪان هِريل ٻارن جي سمجهدار ٿيڻ تي "پردو" نافذ ڪرڻ انتهائي ڏکيو معلوم ٿئي ٿو. ڪا اهڙي صورت هجي تہ ٻڌايو جو ٻار هنج ونجي تہ جوان ٿيڻ تي پردو واجب نہ ٿئي؟

**جواب:** ان جي صورت هي آهي تہ جيڪو ٻار يا ٻارڙي هنج ورتي آهي، ان سان کير جو رشتو قائم ڪري وٺي. پر کير جو رشتو قائم ڪرڻ ۾ اها ڳالهہ سامهون رکڻ ضروري آهي تہ جيڪڏهن ٻارڙي هنج ونٽي هجي تہ مڙس سان رضاعت جو رشتو قائم ڪيو وڃي مثلاً مڙس جي ڀيڻ يا ڀاڻيجي يا ڀائيٽي اِن ٻارڙيءَ کي پنهنجو کير پياري ڇڏي ۽ جيڪڏهن ڇوڪرو هنج ونٽو هجي تہ زال ان سان پنهنجو رضاعت جو رشتو قائم ڪري مثلاً زال پاڻ يا زال جي ڀيڻ يا ڏيءَ يا ڀاڻيجي يا ڀائيٽي اِن ٻار کي پنهنجو کير پياري ڇڏي. اهڙي طرح ٻنهي صورتن ۾ زال ۽ مڙس ٻنهي جي لاءِ پردي جا مسئلا حل ٿي ويندا، اهو ياد رهي جڏهن بہ کير جو رشتو قائم ڪرڻو هجي تہ ٻار کي (هجري سن جي حساب سان) ٻن سالن جي عمر تائين کير پياريو وڃي. اُن ڪان پوءِ کير پيارڻ جائز ناهي بلڪ ماءُ جي لاءِ پنهنجي سڳي اولاد کي بہ ٻن سالن جي عمر ڪان پوءِ کير پيارڻ جائز ناهي پر اڍائي سال جي عمر جي اندر بہ جيڪڏهن ٻار ڪنهن عورت جو کير پي وٺي تہ بہ کير جو رشتو قائم ٿي ويندو آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

## ڇوڪرو ڪڏهن بالغ ٿيندو آهي؟

**سوال:** ڇوڪرو ڪڏهن بالغ ٿيندو آهي؟

**جواب:** هجري سن جي حساب سان 12 ۽ 15 سالن جي عمر جي دؤران جڏهن بہ (جِماع يا مٺ هڻڻ وغيره جي ذريعي) اِنزال ٿيو يا سمهڻ وقت اِحتلام ٿيو يا ان جي جِماع سان عورت حاملہ ٿي وئي تہ انهيءَ وقت بالغ ٿي ويو ۽ ان تي غسل فرض ٿي ويو. جيڪڏهن ائين نہ ٿيو تہ هجري سن جي مطابق 15 سالن جو ٿيندي ئي بالغ ٿي ويو.

(درالمختار ج 9، ص 259 ملخصاً)

## ڇوڪري ڪڏهن بالغہ ٿيندي آهي؟

**سوال:** ڇوڪريءَ ڪڏهن بالغہ ٿيندي آهي؟

**جواب:** هجري سن جي حساب سان 9 ۽ 15 سالن جي عمر جي دؤران اِحتلام ٿئي يا حيض اچي وڃي يا حمل ٿي وڃي تہ بالغہ ٿي وئي، نہ تہ هجري سن جي مطابق 15 سالن جي ٿيندي ئي بالغہ آهي. (ايضًا)

## ڪيتري عمر جي ڇوڪر کان پردو آهي؟

**سوال:** ڪيتري عمر جي ڇوڪر کان پردو ڪيو وڃي؟

**جواب:** 18 سيپاري سورۃُ النور جي آيت نمبر 31 ۾ آهي:

اَوِ الطِّفۡلِ الَّذِیۡنَ لَمۡ یَظۡہَرُوۡا عَلٰی عَوۡرٰتِ النِّسَآءِ (پ 18 النور 31)

**ترجموڪنزالايمان:** يا اهي ٻار جن کي عورتن جي شرم جهڙين شين جي خبر نہ آهي.

هن آيتِ ڪريمہ جي تحت مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان فرمائن ٿا يعني اُهي ننڍا ٻار جيڪي اجا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي.** (حاڪم)

بالغ ٿيڻ جي ويجهو بہ نہ هجن (اُنهن کان پردو ناهي) معلوم ٿيو تہ مُراهِق يعني بالغ ٿيڻ جي قريب ڇوڪري کان پردو ڪرڻ گهرجي. (نورالعرفان ص 564) **فقهاءِ ڪرام** رَحِمَہُمُ اللّٰہُ السَّلَام **فرمائن ٿا تہ مُشْتَهاة** (يعني بالغ ٿيڻ جي قريب ڇوڪريءَ) **جي گهٽ ۾ گهٽ عمر نَوَ سال ۽ مُراهِق** (يعني بالغ ٿيڻ جي قريب ڇوڪري) **جي ٻارهن سال آهي.** (ردالمحتار ج 4، ص 118) **منهنجا آقا اعليٰ حضرت** رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ **فرمائن ٿا:** "نو سالن کان گهٽ جي ڇوڪريءَ کي پردي جي ضرورت ناهي ۽ جڏهن 15 سالن جي ٿئي (تہ) سڀني غير محرمن کان پردو واجب (آهي) ۽ نو سالن کان پندرهن سالن تائين جيڪڏهن بالغ ٿيڻ جون نشانيون ظاهر ٿين تہ (بہ پردو) واجب (آهي) ۽ ظاهر نہ ٿين تہ مستحب، خصوصًا ٻارهن سالن کان پوءِ تمام سخت تاڪيد آهي جو اهو زمانو قربِ بُلوغ و ڪمالِ اِشْتِها جو آهي (يعني 12 سالن جي عمر جي ڇوڪريءَ جي بالغ ٿيڻ ۽ شهوت جي ڪمال تائين پهچڻ جو قريبي دؤر آهي) (فتاويٰ رضويہ ج 23 ص 639)

## ڪافره عورت کان پردو

**سوال:** ڇا اسلامي ڀيڻ جو ڪافره عورت کان بہ پردو آهي؟

**جواب:** جي ها. ڪافره عورت کان بہ اهڙي ئي طرح پردو آهي جهڙي طرح غير مرد کان. ڪافره عورت کان پردي جو تفصيل هي آهي تہ اسلامي ڀيڻ جو ڪافره عورت کان اهڙي ئي طرح جو پردو آهي جهڙي طرح هڪ غير مرد کان پردو هوندو آهي يعني اصل مذهب جي مطابق عورت جي لاءِ سواءِ چهري جي ٽڪلي، هٿ جي تِري ۽ مُرن کان هيٺ پير، جنهن کي ظاهرِ زينت چيو ويندو آهي تمام

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

جسم جو غير مرد کان لڪائڻ ضروري آهي ۽ "متاخرين" جي ويجهو غير مرد کان اهي ٽي عضوا بہ لڪايا ويندا. عورت کي غير مرد کان پردي جا احڪام سيپاري 18 سورة النور جي آيت نمبر 31 ۾ بيان ڪيا ويا آهن. انهي ئي آيت مبارڪ ۾ مسلمان عورت جو ڪافره کان پردي جو حڪم بہ بيان ٿيو تہ سواءِ مَاظَهَرَ مِنْهَا يعني جيترو خود ئي ظاهر آهي جي هڪ مسلمان عورت جو سڄو جسم جهڙي طرح غير مرد جي لاءِ عورت (يعني لڪائڻ جي شيءِ) آهي اهڙي ئي طرح ڪافره جي لاءِ بہ ستر (يعني لڪائڻ جي شيءِ) آهي جيئن تہ مقامِ اِسۡتِثۡناء ۾ اَوۡنِسَآئِهِنَّ (يعني يا پنهنجي دين جون عورتون) مان ظاهر آهي، جيئن تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ قُلۡ لِّلۡمُؤۡمِنٰتِ يَغۡضُضۡنَ مِنۡ اَبۡصَارِهِنَّ وَ يَحۡفَظۡنَ فُرُوۡجَهُنَّ وَلَا يُبۡدِيۡنَ زِيۡنَتَهُنَّ اِلَّا مَاظَهَرَ مِنۡهَا وَلۡيَضۡرِبۡنَ بِخُمُرِهِنَّ عَلٰى جُيُوۡبِهِنَّ ۖ وَلَا يُبۡدِيۡنَ زِيۡنَتَهُنَّ اِلَّا لِبُعُوۡلَتِهِنَّ اَوۡ اٰبَآئِهِنَّ اَوۡ اٰبَآءِ بُعُوۡلَتِهِنَّ اَوۡ اَبۡنَآئِهِنَّ اَوۡ اَبۡنَآءِ بُعُوۡلَتِهِنَّ اَوۡ اِخۡوَانِهِنَّ اَوۡ بَنِيۡۤ اِخۡوَانِهِنَّ اَوۡ بَنِيۡۤ اَخَوٰتِهِنَّ اَوۡ نِسَآئِهِنَّ اَوۡ مَا مَلَكَتۡ اَيۡمَانُهُنَّ اَوِ التّٰبِعِيۡنَ غَيۡرِ اُولِى الۡاِرۡبَةِ مِنَ الرِّجَالِ اَوِ الطِّفۡلِ الَّذِيۡنَ لَمۡ يَظۡهَرُوۡا عَلٰى عَوۡرٰتِ النِّسَآءِ ۖ وَلَا يَضۡرِبۡنَ بِاَرۡجُلِهِنَّ لِيُعۡلَمَ مَا يُخۡفِيۡنَ مِنۡ زِيۡنَتِهِنَّ ؕ وَتُوۡبُوۡۤا اِلَى اللّٰهِ جَمِيۡعًا اَيُّهَ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ لَعَلَّكُمۡ تُفۡلِحُوۡنَ ﴿۳۱﴾

(پ ۱۸ النّور ۳۱)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

منهنجا آقاءِ نعمت، اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، عظيم المرتبت، پروانهءِ شمع رسالت، مُجَدِّد دين و ملت، پير طريقت، عالم شريعت، حاميءِ سنت، ماحيءِ بدعت، باعث خير و برڪت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن پنهنجي جڳ مشهور ترجمهءِ قرآن ڪنزالايمان ۾ انهيءَ جو ترجمو هيئن فرمائن ٿا:

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ مسلمان عورتن کي حڪم ڏيو ته پنهنجون نظرون ڪجهه جهڪيون رکن ۽ پنهنجي پاڪدامني جي حفاظت ڪن ۽ پنهنجو سينگار نه ڏيکارين مگر جيترو پاڻ ظاهر هجي ۽ جڳائي ته پنهنجي گريبانن کي رئوا ويڙهي رکن ۽ پنهنجي سينگار کي ظاهر نه ڪن مگر پنهنجي مڙسن تي يا پنهنجي پيءُ يا مڙسن جي پيءُ يا پنهنجي پٽن يا پنهنجي مڙس جي پٽن يا پنهنجي ڀائرن يا پنهنجي ڀائٽن يا پنهنجي ڀاڻيجن يا پنهنجي دين جي عورتن يا پنهنجي ٻانهين جيڪي پنهنجي هٿ جي ملڪيت هجن يا نوڪر بشرطيڪ شهوت وارا مرد نه هجن يا اهي ٻار جن کي عورتن جي شرم جهڙين شين جي خبر نه آهي، ۽ زمين تي پنهنجا پير زور سان نه رکن جو معلوم ٿي وڃي انهن جو لڪل سينگار ۽ الله جي طرف توبهه ڪريو اي مسلمانو سموري جا سمورا هن اميد تي توهان ڇوٽڪارو لهو.

حضرت صَدْرُ الْاَفَاضِل مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدِّين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي خزائن العرفان ۾ آيت جي هِن حصي اَوْ نِسَآئِهِنَّ (يعني يا پنهنجي دين جون عورتون) جي تحت فرمائن ٿا: امير المؤمنين سيدنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن حضرت سيدنا ابو عُبيده بن جراح رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي لکيو هو ته ڪافر اهلِ ڪتاب جي عورتن کي مسلمان عورتن سان گڏ حمام ۾ داخل ٿيڻ کان منع ڪريو، ان مان معلوم ٿيو ته مسلمان عورت کي ڪافره عورت جي سامهون پنهنجو بدن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

کولڻ جائز ڪونهي.

## اعليٰ حضرت عَلَيْهِ رَحْمَةُ رَبِّ الْعِزَّت جي فتويٰ

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مُجَدِّدِ دين ۽ ملت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ”شريعت جو ته اهو حڪم آهي ته ڪافره عورت کان مسلمان عورت کي اهڙو پردو واجب آهي جهڙو انهن کي مرد کان، يعني مٿي جي وارن جو ڪو حصو يا ٻانهن يا ڪارائي يا ڪنڌ کان پيرن جي پيڏين جي هيٺان تائين جسم جو ڪو حصو مسلمان عورت جو ڪافره عورت جي سامهون کليل هئڻ جائز ناهي.“ (فتاويٰ رضويه ج 23 ص 692)

## فاجره عورت کان پردو

**سوال:** ڇا فاسقه عورت کان به پردو ڪرڻ ضروري آهي؟

**جواب:** نه. ڪبيره گناهه ڪرڻ واري يا صغيره گناهه تي اصرار ڪرڻ واري مثلاً نماز نه پڙهڻ واري، ماءُ پيءُ کي ستائڻ واري، غيبت ۽ چغلي هڻڻ واري فاسقه چورائيندي آهي، جڏهن ته زانيه، فاحشه ۽ بدڪار عورت کي فاسقه سان گڏ فاجره به چوندا آهن. فاسقه کان پردو ناهي ۽ فاجره کان به پردو ڪرڻ جو احتياطاً حڪم آهي. اُن جي صحبت کان بچڻ بيحد ضروري آهي جو بُري صحبت بُرو ڦل آڻي ٿي. فاجره سان ملڻ جي باري ۾ شريعت جو حڪم بيان ڪندي منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: ها اهو (يعني اُن کان پردي ڪرڻ جو) حڪم احتياطي آهي، پر اِها احتياط ضروري آهي جڏهن ڏسي ته هاڻي ڪجهه به بُرو اثر پوڻ معلوم ٿئي ٿو هڪدم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

مڪمل طرح جدا ٿي وڃي ۽ اُن جي صحبت کي باهہ سمجهي، ۽ انصاف اهو آهي تہ بُرو اثر ٿيڻ جي خبر ناهي پوندي ۽ جڏهن پئجي ويندو آهي تہ پوءِ احتياط ڏانهن ذهن وڃڻ ٿورو مشڪل آهي تنهن ڪري امن ۽ سلامتي (فاجره کان) جدا رهڻ ئي ۾ آهي. وباللّٰهِ التَّوفيق (۽ الله عَزَّوَجَلَّ ئي جي مدد سان توفيق ملندي آهي) (فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 204 ملخصاً)

مولانا جلال الدين رومي قُدِّسَ سِرُّهُ العَزِيز مثنوي شريف ۾ فرمائن ٿا:

تا تُوانی دُور شَواَز یارِ بد　　یارِ بد بدتر بُوَد اَز مارِ بد

مارِ بَد تنہا ہَمیں بَرجاں زَنَد　　یارِ بد برجان و بر ایماں زَنَد

(يعني جيستائين ممڪن هجي بُري ساٿي ڪان پري رهو ڇاڪاڻ تہ بُرو ساٿي بُري نانگ ڪان بہ وڌيڪ خطرناڪ ۽ نقصانڪار آهي، انهي لاءِ جو خطرناڪ نانگ تہ صرف جان يعني جسم کي تڪليف يا نقصان پهچائيندو آهي جڏهن تہ بُرو ساٿي جان ۽ ايمان ٻنهي کي برباد ڪري ڇڏيندو آهي) (گلدستہ مثنوي ص 94)

## منهنجي زندگي جو مقصد

اسلامي ڀينرو! بُري صحبت ۾ هلاڪت ئي هلاڪت ۽ سٺي صحبت، سنن سان محبت ۽ نسبت ۾ هر طرح سان عافيت آهي، دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي برڪتن جي ڇا ڳالهہ ڪجي! آخرت برباد ڪرڻ واري راهہ تي هلڻ وارين ڪيترين ئي اسلامي ڀينرن کي جنت جي راهہ تي سفر نصيب ٿي ويو، اهڙي ئي هڪ مدني بهار ٻڌو: باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جو بيان ڪجهہ ائين آهي تہ آئون دنيا جي رنگينين ۾ گم ۽ آخرت جي امتحان کان بي فڪر ٿي زندگي جا ڏينهن گذاري رهي هيس، هڪ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

ڏينهن دعوتِ اسلامي جي مشڪبار مدني ماحول سان لاڳاپيل ڪنهن اسلامي ڀيڻ انفرادي ڪوشش ڪندي مون کي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه جي تهه خاني ۾ ٿيڻ واري اسلامي ڀينرن جي سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، انهن جي شفقت جي نتيجي ۾ مون کي سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت نصيب ٿي، اُتي مدني انعامات جي باري ۾ بيان جاري هو، مون پوري توجهه سان بيان ٻڌڻ شروع ڪري ڏنو. بيان انتهائي پُر سوز هو مون تي يڪدم رقت طاري ٿي ويئي ۽ منهنجي بدن جو وار وار خوفِ خدا وچان ڏڪڻ لڳو. بيان جي ختم ٿيڻ تي مون سچي دل سان نيت ڪئي ته اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ آئنده زندگي مدني انعامات تي عمل ڪندي گذاريندس. پوءِ مدني انعامات تي عمل جي برڪت سان مدني برقعو پائڻ جي سعادت به نصيب ٿي ويئي، هاڻي مون پنهنجي زندگي کي هِن مدني مقصد جي تحت گذارڻ جو ارادو ڪري ڇڏيو آهي ته "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي." اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ مدني انعامات تي عمل ڪرڻو آهي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ گهر جي محرم مردن کي مدني قافلي ۾ سفر ڪرائڻو آهي.

دے جذبہ "مدنی انعامات" کا تو ۔۔۔ کرم بہرِ شہِ کرب و بلا ہو
کرم ہو دعوتِ اسلامی پر یہ ۔۔۔ شریک اس میں ہر اِک چھوٹا بڑا ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! ۔۔۔ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو.** (ابن عدي)

# 883 اجتماع

اسلامي ڀينرو! هينئر اوهان اُنهن ڏينهن جي مدني بهار ملاحظ فرمائي جڏهن دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز ئي ۾ اسلامي ڀينرن جو هفتيوار سنتن ڀريو اجتماع ٿيندو هو! هاڻي مدني مرڪز هر آچر تي منجهند ادائي وڳي ٿيڻ واري اِن هڪ اجتماع ڪي هِن وقت تائين تقريباً 37 جڳهين تي ورهائي ڇڏيو آهي، جيئن جيئن مدني آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عاشقائن جو تعداد وڌندو ويندو اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ تيئن تيئن تقسيم جو سلسلو بہ وڌيڪ جاري رهندو، ان ڪان علاوه اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هر اربع جي منجهند تي باب المدينہ ڪراچي ۾ ذيلي سطح تي بہ هِن وقت تائين تقريباً 883 جڳهين تي هفتيوار سنتن ڀريا اجتماع ٿين ٿا.

## مدني انعامات ڪنهن جي لاءِ ڪيترا

هِن پُر فتن دؤر ۾ آساني سان نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن ڪان بچڻ جي طريقي ڪار تي مشتمل شريعت ۽ طريقت جو جامع مجموعو "مدني انعامات" سوالن جي صورت ۾ ترتيب ڏنو ويو آهي. اسلامي ڀائرن جي لاءِ 72، اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63، علمِ دين جي شاگردن جي لاءِ 92، ديني شاگردياڻين جي لاءِ 83، مدني مُنن ۽ مدني مُنين جي لاءِ 40 جڏهن تہ خصوصي اسلامي ڀائر (يعني گونگن ٻوڙن) جي لاءِ 27 مدني انعامات آهن، بيشمار اسلامي ڀائر، اسلامي ڀينرون ۽ شاگرد مدني انعامات جي مطابق عمل ڪري روزانو سمهڻ ڪان پهرين "فڪرِ مدينہ" ڪندي يعني پنهنجي عملن جو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

جائزو وٺي مدني انعامات جي پاڪٽ سائز رسالي ۾ ڏنل خانا پُر ڪندا آهن، انهن مدني انعامات تي اخلاص سان عمل ڪرڻ ڪان پوءِ نيڪ بڻجڻ ۽ گناهن ڪان بچڻ جي راهه ۾ ايندڙ رڪاوٽون **الله** عَزَّوَجَلَّ جي فضل و ڪرم سان اڪثر ختم ٿي وينديون آهن ۽ انهن جي برڪت سان اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ پابندِ سنت بڻجڻ، گناهن ڪان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪر مند ٿيڻ جو ذهن بہ بڻجي ٿو. سيني کي گهرجي تہ باڪردار مسلمان بڻجڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي ڪنهن بہ شاخ تان مدني انعامات جو رسالو حاصل ڪريو ۽ روزانو فڪرِ مدينہ (يعني پنهنجي عملن جو جائزو) ڪندي ان ۾ ڏنل خانا پُر ڪريو ۽ هجري سن جي مطابق هر مدني يعني قمري (اسلامي) مهيني جي شروعاتي ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي مدني انعامات جي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

تُو ولی اپنا بنا لے اس کو ربِّ لم یزل عَزَّوَجَلَّ
مدنی انعامات پر کرتا رہے جو بھی عمل

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني انعامات جي عاملين جي لاءِ بشارتِ عظميٰ

مدني انعامات جو رسالو پُر ڪرڻ وارا ڪيتري قدر خوش قسمت هوندا آهن ان جو اندازو هِن مدني بهار مان لڳايو: حيدرآباد (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهہ هن طرح حلفيہ (يعني قسميہ) بيان آهي تہ رَجَبُ الْمُرَجَّب جي مهيني 1426ھ جي هڪ رات مون کي خواب ۾ مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

زيارت جي عظيم سعادت ملي. مبارڪ چپن کي حرڪت ٿي ۽ رحمت جا گل وسڻ لڳا ۽ الفاظ ڪجهه ائين ترتيب ۾ آيا: جيڪو هن مهيني روزانو پابندي سان مدني انعامات جي باري ۾ فڪر مدينه ڪندو، الله عَزَّوَجَلَّ اُن جي مغفرت فرمائيندو.

"مَدَنی انعامات" کی بھی مرحبا کیا بات ہے
قُربِ حق کے طالبوں کے واسطے سوغات ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڇا استاد کان به پردو آهي؟

**سوال:** ڇا نامحرم استاد کان به پردو آهي؟

**جواب:** جي ها! مثلاً ننڍپڻ ۾ ڪنهن نامحرم کان قرآن پڙهندي هئي ۽ هاڻي بالغه ٿي وئي ته ان استاد کان به پردو فرض ٿي ويو. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: "باقي پردي جي معاملي ۾ استاد ۽ غير استاد، عالم ۽ غير عالم پير سڀ برابر آهن." (فتاويٰ رضويه ج 23، ص 639)

## پير ۽ مريدياڻي جو پردو

**سوال:** ڇا مريدياڻي ۽ پير جو به پردو آهي؟

**جواب:** جي ها، نامحرم پير کان به عورت جو پردو آهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: "پردي بابت پير ۽ غير پير، هر اجنبيءَ جو حڪم هڪ جهڙو آهي." (فتاويٰ رضويه ج 22 ص 205)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

# عورت نامَحرَم پير جو هٿ نہ ٿي چمي سگهي

**سوال:** ڇا اسلامي ڀيڻ پنهنجي مرشد جو هٿ چُمي سگهي ٿي؟

**جواب:** اسلامي ڀيڻ کي نا محرم پير صاحب جو هٿ چمڻ حرام آهي. نہ روڪي تہ پير بہ گنهگار آهي. مٺي مٺي آقا، مڪي مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عمل جو طريقو ملاحظہ ڪريو: **اُمُّ المُؤمنين** حضرت سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون: تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت، پيڪر جود و سخاوت، سراپا رحمت، محبوبِ ربُّ العزت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن عورتن کي بيعت ڪندا ۽ انهن کي فرمائيندا هئا: ”وڃو مون توهان کي بيعت ڪيو.“ خدا جو قسم! بيعت ڪرڻ ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ هٿ ڪڏهن بہ ڪنهن عورت جي هٿ سان ناهي ڇُهيو. (ابن ماجہ ج 3 ص 398 حديث 2875)

حضرت سيّدتنا **اُمَيمَہ بنت رُقَيقَہ** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون تہ آئون ڪجھ عورتن سان گڏ نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان بيعت ڪرڻ جي لاءِ حاضر ٿيس. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”اِنّي لَا اُصَافِحُ النِّسَاءَ يعني آئون عورتن سان مصافحو نہ ڪندو آهيان يعني هٿ نہ ملائيندو آهيان. (سنن ابن ماجہ ج 3، ص 398، حديث 2874)

# غير عورتن سان هٿ ملائڻ جو عذاب

پير جو عورتن کان هٿ چُمرائڻ تہ پري رهيو صرف انهن سان هٿ ملائي تہ ان جو عذاب بہ گهڻ خوفناڪ ناهي. حضرت **فقِيہ ابواللّيث سمرقندي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نقل فرمائن ٿا: ”دنيا ۾ غير عورت سان هٿ ملائڻ وارو قيامت جي ڏينهن اِن حال ۾ ايندو جو اُن جا هٿ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (ڪنزالعمال)

اُن جي ڪنڌ ۾ باهه جي زنجيرن سان ٻڌل هوندا.“

(قرة العيون مع روض الفائق ص 389)

## عورت جو قرآن سکڻ جي لاءِ گهر کان نڪرڻ

**سوال:** قرآن پاڪ صحيح پڙهڻ ضروري آهي ته ڇا اسلامي ڀيڻ ان کي سکڻ جي لاءِ گهر کان نڪري سگهي ٿي؟

**جواب:** بهتر اِهو ئي آهي ته گهر جي ڪنهن مَحرم جي ذريعي سِکي نه ته مجبوريءَ ۾ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کان سکڻ جي لاءِ اهڙي طرح ٻاهر نڪري جو پردي جون تمام شرعي تقاضائون پوريون ٿين.

## استقامت جي برڪت

اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ خاص طور تي مدني قافلن ۾ خوب علمِ دين ۽ سنتون سکڻ جو موقعو ملندو آهي، دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستگي سان زندگي ۾ اُهي حيرت انگيز تبديليون اچن ٿيون جو ڏسڻ وارا حيرت ۾ پئجي ويندا آهن، دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي برڪتن سان مالا مال هڪ مدني بهار ملاحظه فرمايو: باب المدينه (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي ته دعوتِ اسلامي جي رنگ ۾ رنڱجڻ کان پهرين آئون ڏاڍي فضول ڳالهائيندڙ هيس، مذاق مسخري ۽ طنز بازي ڪري ڀين کي تنگ ڪرڻ منهنجو محبوب مشغلو هو، نمازن جي پابندي جو بلڪل ذهن نه هو، اڳاري جي ڏينهن ڪجهه اسلامي ڀينرون اسان جي گهر نيڪي جي دعوت ڏيڻ اينديون هيون پر اسان ٽئي ڀينرون ڪو ڌيان نه ڏينديون هيون سين بلڪ ڪڏهن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي.** (ترغيب و ترهيب)

ڪڏهن تہ بورچي خاني ۾ وڃي لِڪنديون هيون سين، امڙ سائڻ ڪي خبر پوندي تہ اُهي اچي اسان ڪي سمجهائينديون تہ ويچاريون پاڻ هلي اسان جي گهر آيون آهن گهٽ ۾ گهٽ انهن جي ڳالهہ تہ ٻڌي ونو جو اُهي بہ آخر توهان وانگر ئي انسان آهن، انهن اسلامي ڀينرن جي استقامت تي قربان جو اسان جي بي مروتي جي باوجود بنا همت هارڻ جي اُنهن مدني ڪوششون جاري رکيون، **اَلْحَمْدُلِلّٰه** عَزَّوَجَلَّ پوءِ اُهو ڏينهن آيو جو منهنجي وڏي ڀيڻ انهن جي شوق ڏيارڻ تي دعوتِ اسلامي جي مدرسة المدينه جي مُعَلِّمہ ڪورس ۾ داخلو وٺي ورتو، اُتي انهن جو مدني ذهن ٺجندو رهيو، انهن ڪي ڏسي اسان ٻنهي ڀينرن ڪي بہ شوق پيدا ٿيو، اهڙي طرح اسان بہ معلمہ ڪورس ۾ داخلو وٺي ورتو. **اَلْحَمْدُلِلّٰه** عَزَّوَجَلَّ وقت سان گڏوگڏ اسان ٽئي ڀينرون مدني رنگ ۾ رنگجي ويون آهيون، مدني برقعو بہ اپنائي ورتو ۽ دعوتِ اسلامي جو مدني ڪم ڪندي اڄ آئون علاقائي مشاورت جي خادمہ جي طور تي اسلامي ڀينرن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ جي لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهيان.

تمہیں لُطف آ جائیگا زندگی کا
قریب آ کے دیکھو ذرا مدنی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هر ڳالهہ تي هڪ سال جي عبادت جو ثواب

اسلامي ڀينرو! هِن مدني بهار ۾ انهن اسلامي ڀينرن ۽ اسلامي ڀائرن جي لاءِ بہ درس آهي جيڪي اِهو چوندي ٻڌڻ ۾ ايندا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نه پڙهيو ته تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

آهن ته اسان جي ته ڪير ٻُڌي ئي نٿو! عرصو ٿي ويو فُلان تي انفرادي ڪوشش ڪندي پر ڪو نتيجو ناهي نڪتو! اهڙن جي خدمت ۾ ادب سان درخواست آهي ته ”اسان جو ڪم نيڪي جي دعوت پهچائڻ آهي، مڃرائڻ اسان جو ڪم ناهي.“ جيڪڏهن بنا همت هارڻ جي استقامت سان گڏ انفرادي ڪوشش جاري رکندا ته اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ هڪ ڏينهن ڪوششون بہ رنگ لائينديون بي صورت ۾ نيڪي جي دعوت جو ثواب ته اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ ملي ئي ويندو. جيئن ته بارگاهِ ربّ الانام عَزَّوَجَلَّ ۾ حضرت سيدنا موسيٰ ڪليم الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن عرض ڪيو: اي الله عَزَّوَجَلَّ جيڪو پنهنجي ڀاءُ کي نيڪي جو حڪم ڪري ۽ بُرائي کان روڪي اُن جي جزا ڇا آهي؟ الله تعاليٰ ارشاد فرمايو: آئون اُن جي هر هر ڳالهہ جي بدلي هڪ هڪ سال جي عبادت جو ثواب لکندو آهيان ۽ اُن کي جهنم جي سزا ڏيڻ ۾ مون کي حياءُ ايندو آهي. (مڪاشفة القلوب ص 48)

## عورت جو پير کان علم حاصل ڪرڻ

**سوال:** ڇا اسلامي ڀيڻ پنهنجي پير صاحب کان علمِ دين حاصل ڪري سگهي ٿي؟

**جواب:** ان جا ڪجهہ شرط آهن، جيئن ته منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ”جيڪڏهن جسم ٿلهن ۽ ويڪرن ڪپڙن سان ڍڪيل آهي، نہ اهڙا سنها (ڪپڙا) جو جسم يا وارن جو رنگ ظاهر ٿئي نہ اهڙا سوڙها (ڪپڙا) جو جسم جي حالت ڏيکارين ۽ اڪيلائيءَ ۾

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

وڃڻ نہ ٿئي ۽ پير جوان نہ هجي (يعني اهڙو پوڙهو ۽ ڪمزور جنهن ڪان طرفين يعني پير ۽ مريدياڻي مان ڪنهن هڪ جي طرفان بہ شهوت جو خطرو نہ هجي) مطلب تہ ڪو فتنو نہ في الحال هجي، نہ ان جو انديشو (آئينده جي لاءِ) هجي تہ علم دين (۽) راهِ خدا جا ڪم سکڻ جي لاءِ وڃڻ ۽ گهرائڻ ۾ حرج ناهي.“ (فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 240)

## عورت پير سان ڳالهہ ٻولهہ ڪري يا نہ؟

**سوال:** ڇا اسلامي ڀيڻ نامحرم پير يا ٻين ماڻهن سان ڳالهائي سگهي ٿي؟

**جواب:** رڳو ضرورت جي وقت ڳالهائي سگهي ٿي. ان جون صورتون بيان ڪندي منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ”تمام محارم (سان ڳالهائي سگهي ٿي) ۽ (جيڪڏهن) ضرورت هجي ۽ فتني جو انديشو نہ هجي، نہ خلوت (يعني اڪيلائي) هجي تہ پردي جي اندر ڪجهہ نامحرمن سان بہ ڳالهائي سگهي ٿي. (فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 243) پير صاحب سان سندس اجازت کانسواءِ ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪئي وڃي ۽ ڪيس گفتگو لاءِ مجبور بہ نہ ڪيو وڃي، ٿي سگهي ٿو تہ انهن جي نزديڪ گفتگو نہ ڪرڻ ۾ ئي بهتري هجي.

## پير ۽ مريدياڻيءَ جي فون تي ڳالهہ ٻولهہ

**سوال:** ڇا اسلامي ڀيڻ پير سان فون جي ذريعي پنهنجي پريشاني جي حل جي لاءِ دعا جي درخواست ڪري سگهي ٿي؟

**جواب:** ڪري تہ سگهي ٿي. پر نا محرم پير صاحب (يا ڪنهن بہ غير

مرد سان ضرورتاً ڳالهائڻو پئجي وڃي تہ ان) سان ڳالهائڻ جو انداز ٿورو کهرو هجي، آواز لچڪ وارو ۽ نرم ۽ انداز بي تڪلّفي وارو نہ هجي. (ردالمحتار ج 2 ص 97 ملخصًا) جيئن تہ ان جي رعايت ڏاڍي مشڪل آهي تنهنڪري بهتر هي آهي تہ انهن مسئلن کي پنهنجي محرمن جي ذريعي پير صاحب تائين پهچائي ۽ بِنا ضرورت نامحرم پير صاحب سان بہ ڳالهہ ٻولهہ نٿي ڪري سگهي. مثلاً صرف سلام دعا ۽ حال پڇڻ وغيره جي لاءِ فون تي بہ ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪري جو اهو ضرورت ۾ داخل ناهي.

## عورت جي لاءِ فون ڪٽڻ جو طريقو؟

**سوال:** اسلامي ڀيڻ غير مردن جا فون ڪٽڻ (يعني اٽينڊ) ڪري سگهي ٿي يا نہ؟

**جواب:** انهيءَ احتياط سان ڪري سگهي ٿي. يعني آواز نہ نرم هجي، مثلاً نرميءَ سان "هيلو هيلو" چوڻ بدران رُکي انداز ۾ پُڇي، "ڪير؟" هِتي معاملو ٿورو ڏکيو آهي ڇو تہ ممڪن آهي تہ سامهون وارو گهر جي ڪنهن مرد سان ڳالهہ ڪرائڻ جو مطالبو ڪري، پنهنجو نالو ۽ پيغام بيان ڪري ۽ ڳالهائڻ جو وقت وغيره پُڇي. ٻيو هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ خدانخواستہ با حيا ۽ باعمل اسلامي ڀيڻ جي سخت رُکي گفتگو جي انداز کي خراب سمجهي ناراض ٿئي، ۽ شرعي مسئلن کان اڻ ڄاڻ هجڻ جي سبب بد زبان هجي تہ "ڪجهہ" چئي بہ ڇڏي، جيئن تہ ڪجهہ اسلامي ڀائرن پنهنجو تجربو بيان ڪيو آهي تہ نامحرم عورتن سان ضرورتًا فون تي ڳالهائڻ جي نوبت اچڻ

تي اسان جي غير نرم ۽ رُکي لهجي تي عورتن مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هِن طرح جون ڳالهيون ٻڌايون آهن، مثلاً (مولانا) توهان کي ڪاوڙ چو پئي اچي! بهرحال عافيّت انهيءَ ۾ معلوم ٿئي ٿي تہ "**آنسرنگ مشين**" لڳائي وڃي ۽ ان ۾ مرد جي آواز ۾ هي جملو ڀري ڇڏيو: "پيغام ريڪارڊ ڪرائي ڇڏيو." بعد ۾ ريڪارڊ ٿيل پيغام گهر جا مرد پنهنجي سهولت سان ٻڌي وٺن. **اُمَّهاتُ الْمُؤمنين** رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُن جي غير مردن سان گفتگو جي باري ۾ 22 سيپاري سورة **الاحزاب** جي آيت نمبر 32 ۾ ارشاد آهي:

يٰنِسَآءَ النَّبِيِّ لَسْتُنَّ كَاَحَدٍ مِّنَ النِّسَآءِ اِنِ اتَّقَيْتُنَّ فَلَا تَخْضَعْنَ بِالْقَوْلِ فَيَطْمَعَ الَّذِیْ فِیْ قَلْبِهٖ مَرَضٌ وَّ قُلْنَ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ۚ﴿۳۲﴾

**ترجموڪنزالايمان:** اي نبي جون بيبيون! توهان ٻين عورتن وانگر نہ آهيو جيڪڏهن الله کان ڊڄو تہ ڳالهائڻ ۾ اهڙي نرمي نہ ڪريو جو دل جو بيمار ڪا لالچ ڪري هائو چڱي ڳالهہ چئو. (پ 22 الاحزاب 32)

## بد نصيب عابد ۽ نوجوان ڇوڪري

**سوال:** عورت کي بزرگ کان خطرو هوندو آهي يا بزرگ کي عورت کان؟

**جواب:** ٻنهي کي هڪ ٻئي کان خطرو هوندو آهي، ڪنهن کي بہ پنهنجي نفس تي اعتماد نہ ڪرڻ گهرجي. دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 561 صفحن تي مشتمل ڪتاب "ملفوظات اعليٰ حضرت" صفحو 454 تي منهنجا آقا اعليٰ حضرت عَلَيْهِ رَحْمَةُ رَبِّ العزّت فرمائن ٿا: "جنهن پنهنجي نفس تي اعتماد ڪيو ان وڏي ڪذّاب (يعني تمام وڏي ڪوڙي) تي اعتماد ڪيو. (الملفوظ)

شيطان ڪهڙي طرح انسان کي ڦاسائي برباد ڪندو آهي، ان کي سمجهڻ جي لاءِ هڪ عبرتناڪ حڪايت ملاحظه فرمايو. منقول آهي: بني اسرائيل ۾ هڪ تمام وڏو **عابد** يعني عبادت گذار شخص هو. اُنهي ئي علائقي جا ٽي ڀائر هڪ ڀيري ان **عابد** جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض گذار ٿيا ته اسان کي سفر درپيش آهي، واپسيءَ تائين اسان جي جوان ڀيڻ کي اسان توهان وٽ ڇڏي وڃڻ چاهيون ٿا، **عابد** فتني جي خوف سبب معذرت ڪئي پر انهن جي مسلسل اصرار تي هو تيار ٿي ويو ۽ چيائين ته مان پاڻ سان گڏ ته نه رکندس ڪنهن ويجهي گهر ۾ ان کي ڇڏي وڃو، اهڙي طرح ائين ئي ڪيو ويو. **عابد** کاڌو پنهنجي عبادت خاني جي دروازي جي ٻاهران رکي ڇڏيندو ۽ هوءَ کڻي ويندي هئي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ شيطان **عابد** جي دل ۾ همدردي جي انداز ۾ وسوسو وِڌو ته کاڌي جي وقت ۾ نوجوان ڇوڪريءَ پنهنجي گهر کان نڪري ايندي آهي ڪِٿي ڪنهن بدڪار مرد جي هٿ نه چڙهي وڃي، بهتر هي آهي ته پنهنجي دروازي جي بدران اُن جي دروازي جي ٻاهران کاڌو رکيو وڃي، ان سٺي نيت جو ثواب به ڪافي ملندو. اهڙي طرح هاڻي ان کاڌو ان جي دروازي تائين پهچائڻ شروع ڪيو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ شيطان وري وسوسي جي ذريعي **عابد** جي همدرديءَ واري جذبي کي اُڀاريو ته ويچاري چپ چاپ اڪيلي پئي هوندي آهي، آخر ان جي وحشت دور ڪرڻ جي سٺي نيت سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ۾ ڪهڙو گناهه آهي؟ اهو ته ثواب جو ڪم آهي، هونئن به تون وڏو پرهيزگار

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

ماٺهو آهين، نفس تي غالب آهين، نيت به صاف آهي هي تنهنجي ڀيڻ وانگر آهي، اهڙي طرح ڳالهه ٻولهه جو سلسلو شروع ٿيو. نوجوان ڇوڪريءَ جي سريلي آواز **عابد** جي ڪن ۾ ٻُرڻ لڳو، دل ۾ جوش پيدا ٿيو، شيطان وڌيڪ اُڀاريو ايتري تائين جو "نه ٿيڻ وارو ٿي ويو" ايتري تائين جو ڇوڪريءَ ٻار به ڄڻي ڇڏيو، شيطان دل ۾ وسوسن جي ذريعي خوف ڏياريو ته جيڪڏهن ڇوڪريءَ جي ڀائرن ٻار ڏسي ورتو ته وڏي بدنامي ٿيندي تنهنڪري عزت پياري آهي ته نئين ڄاول ٻار کي ذبح ڪري زمين ۾ پوري ڇڏ. هو ذهني طور تي تيار ٿي ويو وري فورًا وسوسو وِڌائين ته ڪِٿي ائين نه ٿئي جو ڇوڪري ئي پنهنجي ڀائرن کي ٻڌائي ڇڏي بس عافيت انهيءَ ۾ آهي ته "نه رهي بانس نه وڄي بانسري" ٻنهي کي ئي ذبح ڪري ڇڏ، مطلب ته عابد جوان ڇوڪريءَ ۽ ننڍڙي ٻار کي بيدرديءَ سان ذبح ڪري انهيءَ جڳهه ۾ هڪ کڏ کوٽي دفن ڪري زمين برابر ڪري ڇڏي، جڏهن ٽئي ڀائر سفر کان موٽي **عابد** وٽ آيا ته ان افسوس جو اظهار ڪندي چيو: توهان جي ڀيڻ فوت ٿي وئي آهي، اچو ان جي قبر تي فاتحه پڙهي ڇڏيو. اهڙي طرح **عابد** انهن کي قبرستان وٺي ويو ۽ هڪ قبر ڏيکاري ڪوڙ هڻندي چيائين: هيءَ توهان جي مرحومه ڀيڻ جي قبر آهي، پوءِ انهن فاتحه پڙهي ۽ غمگين واپس موٽي آيا. رات جو شيطان هڪ مسافر جي صورت ۾ ٽنهي ڀائرن جي خوابن ۾ آيو ۽ ان **عابد** جا تمام ڪارا ڪرتوت بيان ڪري ڇڏيا ۽ تدفين واري جڳهه جو نڪاڻو به ٻڌائي ڇڏيو ته هتي کوٽيو، پوءِ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

ٿئي اُٿيا ۽ هڪ ٻئي کي پنهنجو خواب ٻڌايو. ٿنهي ملي خواب ۾ ٻڌايل زمين کوٽي تہ واقعي اُتي پيٽ ۽ ٻار جا ذبح ٿيل لاش موجود هئا. اُهي ٽئي **عابد** تي حملي آور ٿيا، اُن ڏوهہ جو اعتراف ڪيو، انهن بادشاهہ جي درٻار ۾ فرياد ڪيو. **عابد** کي سندس عبادتخاني مان ڪِڍي ڪري ڪڍيو ويو ۽ ڦاهي ڏيڻ جو فيصلو ٿيو. جڏهن ڦاهي تي چڙهائڻ جي لاءِ آندو ويو تہ شيطان اُن تي ظاهر ٿيو ۽ چوڻ لڳو: مون کي سُڃاڻ! مان تنهنجو اُهو ئي ساٿي آهيان، جنهن توکي عورت جي فتني ۾ وجهي ذلت جي آخري منزل تائين پهچايو آهي، خير گهٻراءِ نہ، مان بچائي سگهان ٿو پر شرط اهو آهي تہ توکي منهنجي اطاعت ڪرڻي پوندي. جنهن جي جان تي اچي پوندي آهي اُهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي! **عابد** چيو : مان تنهنجي هر ڳالهہ مڃڻ لاءِ تيار آهيان. ان چيو: **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جو انڪار ڪري ڇڏ ۽ ڪافر ٿي وڃ. **بدنصيب عابد** چيو: مان **خدا جو انڪار ڪريان ٿو ۽ ڪافر ٿيان ٿو.** شيطان هڪدم غائب ٿي ويو ۽ سپاهين فورًا ان **بدنصيب عابد** کي ڦاسي ڏيئي ڇڏي. (ملخص از تلبيس ابليس ص 38، 40)

## شهوت پرستي ڪفر تائين وٺي وئي

ڏنو اوهان! شيطان وٽ مردن کي برباد ڪرڻ لاءِ سڀ کان وڏو ۽ ٻُرو هٿيار "عورت" آهي، **بدنصيب عابد** پاڻ وٽ نوجوان ڇوڪريءَ کي رکڻ لاءِ تيار ٿي ويو ۽ پوءِ شيطان جي فريب ۾ اچي اُن جي دروازي تائين ڪاڏو پهچائڻ لڳو ۽ بس اهڙي طرح ان شيطان کي صرف آڱر پڪڙائي هئي تہ ان چالباز هٿ پاڻ ئي پڪڙي ورتو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

۽ آخرڪار پروردگار عَزَّوَجَلَّ جو انڪار ڪرائي، ان کي دار (يعني اها سنهي ڇهنب واري ڪاتي جنهن کي زمين ۾ کلي وانگر کوڪي ڪري اُن تي ڏوهي جي جان وٺندا آهن) تي چاڙهائي ذلت جي موت مارائي ڇڏيو، **شهوت پرستي ڪفر تائين وٺي ويندي آهي.** حضرت سيّدنا ابو درداء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ **بلڪل صحيح فرمايو آهي ته هڪ گهڙيءَ جي لاءِ شهوت جي تسڪين وڏي غم جو سبب ٿيندي آهي.** يقينًا ڪو عام شخص هجي يا نامحرم رشتيدار بس پردي ئي ۾ ٻنهي جهانن جي ڀلائي آهي، نه ته مرد ۽ عورت جو پاڻ ۾ بي تڪلّف ٿيڻ بيحد خطرناڪ نتيجا آڻي سگهي ٿو. **بدنصيب عابد** واري حڪايت مان هي درس به ملي ٿو ته عورت جي فتني جي سبب ڪان قتل غارتگري تائين نوبت پهچي سگهي ٿي، ٻنهي ڌرين جي دردناڪ انجام جو سامان ۽ ايمان جي بربادي جو قوي امڪان رهندو آهي.

ڪر لے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہو گی کڑی

## عالم زادي جيڪڏهن بي پرده هجي تہ؟

**سوال:** اڄڪلهه ته ڪجهه عالمن جون نياڻيون به پردي جون تقاضائون پوريون نه ٿيون ڪن!

**جواب:** ڪنهن عالم زاديءَ يا پيرزاديءَ کي به بالفرض بي پردگي ۾ ڏسو ته پنهنجي آخرت برباد ڪرڻ جي لاءِ خدارا! ان کي دليل نه بڻايو ۽ نه ئي ان جي والد محترم يعني عالمِ دين ۽ جامع شرائط پير جي باري ۾ بدگماني فرمايو. دؤر تمام نازڪ آهي، اڄوڪي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

دؤر ۾ اولاد گهٽ ئي فرمانبردار ۽ اطاعت گذار هوندو آهي. عالم ۽ پير پنهنجي اولاد کي شريعت جي دائري ۾ رهي سمجهائي سگهن ٿا، ڪجھ صورتن ۾ سزا به ڏئي سگهن ٿا پر قتل نه ٿا ڪري سگهن. عين ممڪن آهي ته اهو عالم يا پير صاحب سمجهائڻ جون شرعي تقاضائون پوريون ڪري چڪا هجن.

## عالم پيءُ جو دردناڪ انجام

**سوال:** جيڪڏهن ڪنهن عالم يا پير جا گهر وارا شريعت جي خلاف حرڪتون ڪن ٿا ته اڄڪلھ اڪثر ماڻهو عالمن ۽ مشائخن کي بُرو ڀلو چوڻ لڳندا آهن ته اِهي ماڻهو دنيا کي ته تبليغ ڪن ٿا پر پنهنجي گهروارن کي نٿا سُڌارين.

**جواب:** اُنهن ماڻهن جي ڪم نصيبي آهي، جيڪي بنا سبب جي بدگمانيون ڪري عالمن ۽ مشائخن جي خلاف ٿي ويندا آهن. ڏسو! وعظ ۽ نصيحت ڪرڻ باذنهٖ تعاليٰ (يعني الله جي حڪم سان) علماءِ ڪرام جو ڪم آهي جڏهن ته ماڻهن کي هدايت ڏيڻ، دلين کي ڦيرڻ ۽ بگڙيلن کي سڌارڻ هي ربُّ الانام عَزَّوَجَلَّ جو ڪم آهي. جيڪڏهن ڪو عالم يا پير بلڪ هر اُهو مسلمان جيڪو واقعي پنهنجي اولاد جي اصلاح جي پوري طرح ڪوشش نہ ٿو ڪري بيشڪ اُهو خطاڪار آهي. پر بِنا شرعي اجازت جي اُن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ جو اسان کي ڪو اختيار ناهي. عالم هجي يا غير عالم سيني کي الله عَزَّوَجَلَّ جي بي نيازي کان ڏڪڻ ۽ خوف رکڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ هڪ عبرتناڪ حڪايت ملاحظ فرمايو: حضرت سيّدنا مالڪ بن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي.** (مجمع الزوائد)

دينار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الغفار فرمائن ٿا: منقول آهي ته بني اسرائيل ۾ هڪ عالم صاحب پنهنجي گهر ۾ اجتماع ڪري ان ۾ بيان ڪندو هو، هڪ ڏينهن ان عالم صاحب جي نوجوان ڇوڪري هڪ خوبصورت ڇوڪريءَ ڏانهن اشارو ڪيو، اُن عالم صاحب ڏسي ورتو ۽ چيائين: ”اي پٽ! صبر ڪر.“ اهو چوندي ئي عالم صاحب پنهنجي تخت تان منهن ڀر ڪِري پيو ايتري تائين جو ان جو مٿو ڦاٽي پيو، **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ان وقت جي نبي (عَلَيْهِ السَّلَام) تي وحي فرمائي ته فلاڻي عالم کي آگاهه ڪري ڇڏ ته آئون اُن جي نسل مان ڪڏهن به صديق (سڀ کان اعليٰ درجي جو ولي) پيدا نه ڪندس، ڇا منهنجي لاءِ صرف ايترو ئي ناراض ٿيڻ ڪافي هو جو هو پٽ کي چئي ڇڏي: ”اي پٽ صبر ڪر.“ (مطلب هي ته پنهنجي پٽ تي سختي ڇو نه ڪيائين ۽ ان بري حرڪت کان ان کي چڱي طرح ڇو نه روڪيائين) (ملخصًا حلية الاولياءِ ج 2 ص 422 رقم 2823)

## عورت عمرو ڪري يا نه ڪري؟

**سوال:** ڇا عورت رمضان المبارڪ ۾ پنهنجي مڙس يا قابلِ اطمينان محرم سان گڏ عمري لاءِ سفر ڪري سگهي ٿي؟

**جواب:** ڪري سگهي ٿي. عمرو جيئن ته فرض يا واجب ناهي جيڪڏهن نه ڪيو ته ڪنهن قسم جو گناهه به ناهي. قابل توجهه ڳالهه هيءَ آهي ته هِن دؤر ۾ ۽ اُهو به رمضان المبارڪ ۾ عورت عمري جي لاءِ وڃي ۽ بي پردگي ۽ غير مردن جي ميلاپ کان به بچيل رهي، اِهو تمام مشڪل آهي. تنهنڪري مشوري طور عرض آهي ته عمري يا نفلي حج کان عورت پاسو ڪري. ها جيڪا شرعي پردي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

جي مڪمّل معلومات رکي ٿي ۽ ان جون تمام تقاضائون به پوريون ڪري سگهي ٿي، غير مردن جي ميلاپ ڪان به بچي سگهي ٿي، فليٽ يا ڪمرو به الڳ ڪرائي تي وٺي سگهي ٿي، ته بيشڪ اُها جيڪڏهن عمري يا نفلي حج جي لاءِ وڃي ته حرج ناهي. افسوس! اڄڪلهه حرمين طيبين زَادَهُمَا اللهُ شَرَفاً وَّتَعْظِيماً ۾ ڪِرائي جي جڳهين ۾ اڪثر اجنبي ۽ اجنبيه هڪ ئي ڪمري ۾ گڏ رهندا آهن. اِهو ئي حال مِنيٰ شريف ۽ عرفات شريف جي خيمن ۾ هوندو آهي. حقيقي معنيٰ ۾ باحياء ۽ شرعي پردي جو مدني ذهن رکڻ وارين اسلامي ڀينرن ۽ اسلامي ڀائرن جي لاءِ سخت امتحان هوندو آهي. جيڪڏهن عمري يا نفلي حج جو مقصد صرف رضاءِ الاهي آهي ته ان نيڪ ڪم ۾ خرچ ٿيندڙ رقم ڪنهن غربت جي ماريل جي علاج لاءِ مجبور سخت بيمار يا بيروزگار يا قرضدار يا سخت لاچار کي ثواب جي نيت سان پيش ڪري اجر جو قيمتي خزانو ۽ ڏکويل دل جون دعائون حاصل ڪري سگهجن ٿيون.

پئے" نیکی کی دعوت" تُو جہاں رکھے مگر اے کاش!
میں خوابوں میں پہنچتا ہی رہوں اکثر مدینے میں

## اُمُّ المُؤمنين سڄي عمر گهر ان ٻاهر نه نڪتيون

**سوال:** ڇا بزرگ عورتن ۾ ڪو اهڙو مثال ملي ٿو جو اُهي نفلي حج لاءِ نه نڪتيون هجن؟

**جواب:** جي ها. مثال موجود آهن، حالانڪه اڄ جي مقابلي ۾ اُهو دؤر بيحد پُر امن هو جيئن اُمُّ المؤمنين حضرت سيّدتنا سوده رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.** (ڪنزالعمال)

فرض حج ادا ڪري چڪيون هيون جڏهن پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کي ٻيهر **نفلي حج ۽ عمري جي** لاءِ عرض ڪيو ويو تہ فرمايائون: **آئون فرض حج ڪري چڪي آهيان.** منهنجي رب عَزَّوَجَلَّ مون کي گهر ۾ رهڻ جو حڪم فرمايو آهي، خداعَزَّوَجَلَّ جو قسم! هاڻي منهنجي بدران منهنجو جنازو ئي گهر مان نڪرندو. راوي فرمائن ٿا، **خدا جو قسم**! ان ڪانپوءِ زندگيءَ جي آخري ساهہ تائين پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا گهر کان ٻاهر نہ نڪتيون. (تفسيرِدر المنثور ج 6، ص 599) **اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

جڏهن اُن پاڪيزه دؤر ۾ بہ اُمُّ المؤمنين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جو پردي جي معاملي ۾ ايتري قدر احتياط هيو تہ اڄ هِن پُرفِتن دؤر ۾ جنهن ۾ پردي جو تصوّر ئي ختم ٿيندو پيو وڃي، مرد ۽ عورت جي پاڻ ۾ بي تڪلّفي ۽ بدنگاهي کي **مَعَاذَالله** عَزَّوَجَلَّ عيب ئي نہ پيو سمجهيو وڃي، اهڙين نازڪ حالتن ۾ هر حيا دار ۽ پرديدار اسلامي ڀيڻ سمجهي سگهي ٿي تہ اُن کي ڪيتري محتاط زندگي گذارڻ گهرجي.

## عورت کي مسجد جي حاضري منع هئڻ جي وجهہ

**سوال:** عورت کي مسجد ۾ باجماعت نماز کان ڇو روڪيو ويو آهي؟

**جواب:** شريعت کي پردي جي حرمت جو بيحد لحاظ آهي. سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري حياتي ۾ عورتون مسجد ۾ باجماعت نمازون ادا ڪنديون هيون، پوءِ حالات جي تبديلي جي سبب علماءِ ڪرامرَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام عورتن کي مسجد جي حاضري کان منع

فرمائي ڇڏيو. حالانڪ عورتن کي مسجد جي صفن ۾ سڀ کان آخر ۾ بيهڻو پوندو هو، جيئن تہ فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام فرمائن ٿا، مرد ۽ ٻار ۽ خُنثيٰ (يعني اُهو شخص جنهن ۾ مرد ۽ عورت ٻنهي جون نشانيون هجن) ۽ عورتون (نماز جي لاءِ) گڏ ٿين تہ صفن جي ترتيب هي آهي تہ پهريان مردن جي صف هجي پوءِ ٻارن جي، پوءِ خُنثيٰ جي، پوءِ عورتن جي. (درالمختار ج 2 ص 377، بهار شريعت حصو 3 ص 133) عورتن ۽ مردن جو جتي اِختلاط هجي (يعني ٻئي گڏ هجن) اهڙين عام محفلن وغيره ۾ باپرده وڃڻ کان بہ اسلامي ڀينرن کي پري رهڻ جي باري ۾ سمجهائيندي منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: "مسجدن کان بهتر عام محفل ڪِٿي هوندي! ۽ (مسجد جي نماز ۾) ستر بہ ڪهڙو (يعني پردي جي ترڪيب بہ ڪيڏي زبردست) جو (نماز جي دؤران) مرد هوڏانهن اهڙي طرح پُٺ ڏين جو (اُهي عورتن ڏانهن) منهن نہ ٿا ڪري سگهن ۽ انهن (يعني مردن کي هي بہ) حڪم تہ سلام ڪانپوءِ جيستائين عورتون (مسجد کان ٻاهر) نہ نڪري وڃن، نہ اُٿن. پر علماء شروع ۾ ڪجھ تخصيصون ڪيون (يعني احتياطي شرط مقرر ڪيا) جڏهن فتنن جو زمانو آيو (۽ بي پردگي جي گناھ زور پڪڙيو تہ مسجد ۾ نماز جي لاءِ عورتن جي حاضريءَ کي) مڪمّل طور تي ناجائز فرمايو. (فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 229) منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاھ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن هڪ بي هنڌ تي لکن ٿا: اُمُّ المؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو ارشاد پنهنجي زماني ۾ هو: جيڪڏهن نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظہ فرمائن ها جيڪي ڳالهيون

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

عورتن هاڻي پيدا ڪيون آهن ته ضرور انهن کي مسجد کان منع فرمائي ڇڏين ها جيئن بني اسرائيل جي عورتن کي منع ڪيو ويو. پوءِ تابعين ئي جي زماني کان ائمه (يعني امامن) (مسجدن ۾ اچڻ جي آهسته آهسته) ممانعت شروع فرمائي ڇڏي، پهرين جوان عورتن کي پوءِ پوڙهين کي به، پهرين ڏينهن ۾ پوءِ رات ۾ به، ايستائين جو ممانعت جو حڪم عام ٿي ويو. ڇا اُن زماني جون عورتون خراب عورتن وانگر ڳائڻ نچڻ واريون يا فاحشه دلاله هيون (۽) هاڻي (يعني موجوده دؤر ۾) صالحات (يعني نيڪ پرهيزگار) آهن يا پهريان (يعني گذريل دؤر ۾) فاحشات (بي حيا عورتون) وڌيڪ هيون هاڻي صالحات (نيڪ عورتون) وڌيڪ آهن، يا پهريان (يعني گذريل دؤر ۾) فيض ۽ برڪتون نه هيون هاڻي آهن يا پهريان (يعني گذريل دؤر ۾) گهٽ هيون هاڻي وڌيڪ آهن، حاشا (يعني هرگز نه) بلڪ قطعاً يقيناً هاڻي معاملو گذريل دؤر کان اُبتڙ آهي. هاڻي جيڪڏهن هڪ صالحه (نيڪ عورت) آهي ته پهريان (يعني گذريل دؤر ۾) هزار هيون، پهريان (يعني گذريل دؤر ۾) جيڪڏهن هڪ فاسقه هئي هاڻي هزار آهن، هاڻي (يعني موجوده دؤر ۾) جيڪڏهن هڪ حصو فيض آهي پهريان (يعني اڳوڻي دؤر ۾) هزار حصا هو، رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”لَا يَأْتِيْ عَامٌ اِلَّا وَالَّذِيْ بَعْدَهٗ شَرٌّ مِنْهُ“ يعني جيڪو سال به ايندو اُن کان پوءِ وارو اُن کان بُرو ئي هوندو. بلڪ عنايه (امام اڪمل الدين بابرتي) ۾ آهي ته اميرالمؤمنين فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن عورتن کي مسجد کان منع فرمايو، اُهي اُمُّ المؤمنين حضرت عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا وٽ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

شڪايت ڪٽي ويون، (تہ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي طرفداري ۾) فرمايائون: جيڪڏهن حضور اقدس (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي زماني ۾ بہ حالت اها (يعني بگاڙ واري) هجي ها (تہ) حضور (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) عورتن کي مسجد ۾ اچڻ جي اجازت نہ ڏين ها. (فتاويٰ رضويہ ج 9 ص 549) مسجدن وغيره ۾ باجماعت نماز پڙهڻ جي خواهش رکڻ وارين يا عمري ۽ نفلي حج جي لاءِ وڃڻ وارين کي منهنجي آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي مٿي ذڪر ڪيل فتويٰ تي غور ڪرڻ گهرجي، حالات بدلجڻ جي سبب مسجد جهڙي پُرامن جڳهہ تي فرض نماز جهڙي عظيم ترين عبادت ۾ سخت پردي سان بہ عورتن کي غير مردن سان گڏ شامل ٿيڻ کان روڪيو ويو ۽ اها بہ صدين پراڻي ڳالهہ آهي، هاڻي تہ حالات ڏينهون ڏينهن بگڙجندا پيا وڃن، شرعي پردي جو تصوّر ئي ختم ٿيندو پيو وڃي، سچ پُڇو تہ حالت اهڙي آهي جو مبالغي سان عرض ڪريان تہ هِن نازڪ ترين دؤر ۾ عورت کي هزار پردن ۾ لڪائي ڇڏيو وڃي تڏهن بہ گهٽ آهي!

## 15 ڏينهن کان پوءِ جڏهن قبر کُلي......

اسلامي ڀينرو! منهنجو مدني مشورو آهي تہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ بنهي جهانن ۾ ٻيڙو پار ٿي ويندو، دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي ڇا ڳالهہ ڪجي! يقيناً سني صحبت رنگ لائيندي آهي، زندگي پنهنجي جڳهہ تي پر ڪجهہ موت بہ قابلِ رشڪ هوندا آهن، اهڙي ئي هڪ قابلِ رشڪ موت جو تذڪرو ٻڌو ۽ رشڪ ڪريو: عطار آباد (جيڪب آباد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

باب الاسلام سنڌ) جي رهائشي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ منهنجي امڙ سائڻ غالباً 2004ع ۾ قادريہ رضويہ عطاريہ سلسلي ۾ بيعت ٿي عطاريہ بڻيون، دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ پنج وقت جي نمازن جي پابندي سان گڏوگڏ نفلن جي ادائگي جو بہ معمول بڻجي ويو. 17 صفر المظفر 1430ھ، 13 فيبروري 2009ع جي صبح امڙ سائڻ مون کي فجر جي نماز جي لاءِ سجاڳ ڪيو ۽ پاڻ فجر نماز ۾ مشغول ٿي ويون. آئون نماز پڙهي موٽيس تہ اُهي اجا مصلي ئي تي هيون، ڪجھ دير ڪان پوءِ انهن ٻيهر وضو ڪيو ۽ اشراق جي نماز جي نيت ڪئي، جڏهن پهرين رڪعت ۾ سجدو ڪيو تہ مٿو نہ ڪنيو. گهر وارا سمجهيا تہ شايد امان کي نماز پڙهندي ننڊ اچي ويئي آهي، جڏهن جاڳائڻ جي لاءِ اُنهن کي لوڏيو ويو تہ اُهي هڪ طرف ڪِري پيون، گهٻرائي ڏٺو ويو تہ اُنهن جو روح قفسِ عنصري مان پرواز ٿي چڪو هو! اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رَاجِعُوْن ائين لڳي ٿو تہ منهنجي امڙ سائڻ کي شهنشاهِ بغداد حضور غوثِ اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الاَكْرَم جي نسبت ۽ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستگي ڪم اچي ويئي. خوش قسمت هئي جو عين سجدي جي حالت ۾ داعي اَجَل کي لَبَّيْڪ چيو. وڌيڪ ڪرم هي ٿيو جو انتقال کان پوءِ انهن جو چهرو بہ ڏاڍو نوراني ٿي ويو هو. انتقال جي تقريباً 15 ڏينهن کانپوءِ يعني 2 ربيعُ النّور شريف 1430ھ (28 فيبروري 2009ع) ڇنڇر جي ڏينهن سندن قبر جو تختو ڪِري پيو ۽ قبر ۾ مٽي ڀرجي ويئي. صحيح ڪرائڻ جي لاءِ جيئن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

ئي قبر کولي ويئي تہ هر طرف گلاب جي گلن جي خوشبو ڦهلجي ويئي! ۽ اهو ايمان افروز منظر ڏسي اسين خوشي مان جهومڻ لڳاسين تہ امڙ سائڻ جو ڪفن ۽ بدن سلامت هو. جڏهن قبر مان مٽي ڪڍي ورتي ويئي تہ منهنجي ڀاءُ امي جي پيرن کي ڇُهيو تہ اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن جو جسم زنده انسانن وانگر نرم هو، منهنجي والد صاحب جو بيان آهي تہ جڏهن مون چهري تان ڪپڙو هٽائي ڏٺو تہ چهرو وڏيڪ نوراني ٿي چڪو هو. اسلامي ڀاءُ جو وڌيڪ ٻڌائڻ آهي: حيرت انگيز ڳالهہ اها هئي تہ جيڪي تختا قبر ۾ ڪريا هيا، امي جان جو جسم انهن جي ڏڪ کان محفوظ رهيو هو اُهو ائين جو اُنهن جو مبارڪ ۽ ترو تازو لاشو قبر جي پٽ ڏانهن ٿيل هو جهڙو اُهي پاڻ اُن طرف ٿيون هجن يا ڪنهن ڪري ڇڏيو هجي. جڏهن تہ تدفين جي وقت انهن کي قبر جي وچ ۾ سمهاريو ويو هو!

دَہَن میلا نہیں ہوتا بدن میلا نہیں ہوتا
خدا کے پاک بندوں کا کفن میلا نہیں ہوتا

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## صحبت جو اثر ٿيندو آهي

اسلامي ڀينرو! صحبت جو اثر ٿيندو آهي، تِر کي گلاب جي گل ۾ رکو تہ ان جي صحبت ۾ رهي گلابي ٿي ويندو. اهڙي طرح الله عَزَّوَجَلَّ ۽ اُن جي پياري رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مهرباني سان تبليغِ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ وارو بي حيثيت پٿر بہ انمول

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو.** (طبراني)

هيرو ٻڌجي ويندو، خوب جڳمڳائيندو ۽ اڪثر ڪري اهڙي شان سان داعي اَجل کي لَبّيڪ چوندو آهي جو ڏسڻ ٻڌڻ وارو ان تي رشڪ ڪندو ۽ اهڙي ئي آرزو ڪرڻ لڳندو آهي، هِن عاشقءِ رسول جي دنيا مان ايمان سان رخصت ٿيڻ ۽ دفن ڪان پوءِ جڏهن مجبوراً قبر کولي ويئي تہ قبر مان گلاب جي گلن جي خوشبو جو اچڻ ڪفن ۽ بدن جو سلامت هئڻ مسلڪِ حق اهلسنت جي صداقت جي غيبي تائيد آهي. **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ! اُن خوش نصيب اسلامي ڀيڻ کي پُل صراط، حشر ۽ ميزان هر جڳهہ سرخرو فرمائي جنت الفردوس ۾ پنهنجي پياري حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو پاڙو عطا فرمائي ۽ اِهي سڀ دعائون عطار خطاڪار گنهگارن جي سردار جي حق ۾ بہ قبول فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ذات آپ کی تو رحمت و شفقت ہے سر بسر
میں گرچہ ہوں تمہارا خطا وار یارسول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دنيا گهڻو اڳتي نڪري چڪي آهي!

**سوال:** ڪجهہ ماڻهن جو چوڻ آهي تہ دنيا گهڻو اڳتي نڪري چڪي آهي، پردي جي معاملي ۾ ايتري قدر سختي نہ ڪرڻ گهرجي؟

**جواب:** **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪو بہ حڪم اهڙو ناهي جيڪو مسلمان تي اُن جي طاقت ڪان وڌيڪ هجي، جيئن تہ سيپاري 3 سورةُ البقره جي آيت نمبر 286 ۾ **ربُّ العِباد** عَزَّوَجَلَّ جو ارشادِ حقيقت بنياد آهي:

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.** (طبراني)

لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا ؕ **ترجمو ڪنزالايمان: الله** (عَزَّوَجَلَّ) ڪنهن جان تي بار نه رکندو آهي مگر سندس طاقت آهر.

البت شرعي پردو بي پردگي ڪرڻ وارين جي نفس تي ضرور سخت گذرندو آهي.

## مڙس ٻاهر نه نڪرڻ ڏئي ته ------؟

**سوال:** مڙس جيڪڏهن ڏير ۽ ڄيٺ جي سامهون اچڻ وغيره کان منع ڪندو هجي ته زال کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ خاندان جا ڪجهه ماڻهو گهرواريءَ کي مڙس جي خلاف ڀڙڪائيندا آهن ته هي گهٽي سختي ڪري ٿو هن کان طلاق وٺ وغيره ته اهڙن جي لاءِ ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** گهرواريءَ کي پنهنجي مڙس جي اطاعت ڪرڻي پوندي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: "ڪا عورت اهڙي هجي به جو انهن (يعني پردي جي) معاملن جي پوري احتياط رکي، ڪپڙا ٿلها مٿي کان پيرن تائين پائيندي رهي جو منهن جي ٽڪلي ۽ هٿ جي ترين (۽ پيرن جي) ترين ڪانسواءِ جسم جو ڪو وار ڪڏهن به ظاهر نه ٿئي ته ان صورت ۾ ڏير ۽ ڄيٺ جي سامهون اچڻ جائز ته ٿي ويو پر جيڪڏهن مڙس انهن ماڻهن جي سامهون اچڻ جي لاءِ منع ڪندو ۽ ناراض ٿيندو آهي ته هاڻي (مڙس جي حڪم جي ڪري) ائين (غير مردن جي) سامهون (باپرده) اچڻ به حرام ٿي ويو، **عورت جيڪڏهن** (مڙس جو حڪم) نه مڃيندي ته **الله** قهّار عَزَّوَجَلَّ جي غضب ۾ گرفتار ٿيندي. جيستائين مڙس ناراض رهندو عورت جي ڪا نماز قبول نه ٿيندي. **الله** عَزَّوَجَلَّ جا فرشتا عورت تي لعنت ڪندا، جيڪڏهن طلاق گهرندي (ته) منافقه ٿيندي، جيڪي ماڻهو عورت کي ڀڙڪائيندا،

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

مڙس سان وڙهڻ لاءِ اُڀاريندا آهن، اُهي شيطان جا پيارا آهن.“
(فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 217)

ڳالهہ ڳالهہ تي مڙس سان ضد ڪرڻ واريون ست روايتون ٻُڌن، خوفِ خدا کان ڏڪن، ۽ پنهنجي مڙس کان معافي وٺي پنهنجي آخرت جي بهتري جي خاطر اُن جي اطاعت ۽ خدمت ۾ مشغول ٿين.

## ”توبهہ ڪريو“ جي ست اکرن جي نسبت سان 7 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**﴿1﴾** ٽن شخصن جي نماز انهن جي ڪَنن کان مٿي ناهي ويندي، آقا کان ڀڳل غلام جيستائين موٽي اچي، ۽ عورت جيڪا سُمهي ۽ اُن جو مڙس ان کان ناراض هجي ۽ جيڪو ڪنهن قوم جي امامت ڪري ۽ اُهي ان جي عيب جي سبب ان جي امامت تي راضي نہ هجن. (ترمذي ج 1 ص 375 حديث 360) **﴿2﴾** ٽن ماڻهن جي نماز انهن جي مٿن کان گرانٺ جيتري بہ مٿي ناهي ٿيندي، هڪ اهو ئي امام، ۽ عورت جيڪا سمهي ۽ مڙس ناراض آهي ۽ بہ (مسلمان) ڀائر جن جو پاڻ ۾ محبت جو تعلق ختم ڪيل هجي. (ابن ماجہ ج 1 ص 516 حديث 971) (يعني بنا شرعي اجازت جي تعلق ٽوڙي ڇڏيا هجن) **﴿3﴾** ٽن شخصن جي ڪا نماز قبول ناهي ٿيندي، نہ ڪا نيڪي آسمان ڏانهن چڙهندي، نشي وارو جيستائين هوش ۾ اچي ۽ عورت جنهن کان اُن جو مڙس ناراض هجي ايتري تائين جو راضي ٿي وڃي ۽ ڀڄي ويل غلام جيستائين پنهنجي آقائن ڏانهن موٽي پنهنجو پاڻ کي انهن جي قابو ۾ ڏئي. (المعجم الاوسط للطبراني ج 6 ص 408 حديث 9231، الاحسان بترتيب صحيح ابن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **توهان جتي به هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

حبان ج 7 ص 370 حديث 5331) **﴿4﴾** **جڏهن مڙس عورت کي پنهنجي بستر ڏانهن سڏي ۽ هوءَ** (بِنا عذر جي) **انڪار ڪري ۽ مڙس ناراض ٿي رات گذاري ته فرشتا صبح تائين اُن عورت تي لعنت موڪليندا آهن.** (صحيح بخاري ج 2 ص 388 حديث 3237) **مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الحَنّان **هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: هتي رات جو سڏڻ جو خصوصيت سان ذڪر ان لاءِ ٿيو جو عام طور تي زالن وٽ رهڻ سمهڻ رات ئي جو ٿيندو آهي ڏينهن ۾ گهٽ، نه ته جيڪڏهن ڏينهن ۾ مڙس سڏي ۽ عورت نه اچي ته شام تائين فرشتا ان تي لعنت ڪندا آهن. رات جي لعنت صبح جو ان لاءِ ختم ٿي ويندي آهي جو صبح ٿيڻ تي مڙس ڪم ڪار ۾ لڳي ويندو آهي ۽ رات جي ڪاوڙ ختم يا گهٽ ٿي ويندي آهي.** (مرآة ج 5 ص 91) **﴿5﴾** **جيڪا عورت** (بِنا شرعي حاجت جي) **پنهنجي گهر کان ٻاهر وڃي ۽ ان جي مڙس کي خراب لڳي جيستائين واپس نه موٽي آسمان ۾ هر فرشتو ان تي لعنت ڪندو، جنّ ۽ ماڻهن کان علاوه جنهن شيءِ کان گذرندي سڀ ان تي لعنت ڪندا.** (المعجم الاوسط ج 1 ص 158 حديث 513) **﴿6﴾** **جيڪا عورت بنا شرعي ضرورت** (يعني بغير سخت تڪليف جي) **مڙس کان طلاق گهري، ان تي جنّت جي خوشبو حرام آهي.** (سنن ترمذي ج 2 ص 402 حديث 1191) **﴿7﴾** **جيڪڏهن مڙس پنهنجي عورت کي اهو حڪم ڏئي ته ڦڪي رنگ جي جبل تان پٿر ڪٽي ڪري ڪاري جبل تي کڻي وڃي ۽ ڪاري رنگ جي جبل تان پٿر کڻي ڪري اڇي جبل تي کڻي وڃي ته عورت کي پنهنجي مڙس جو اهو حڪم به مڃڻ**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

**ڳهرجي.** (مسند للامام احمد ج 9 ص 353 حديث 24525) **مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنّان **هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا:** هي فرمان مبارڪ مبالغي جي طور تي آهي، ڪارا ۽ اچا جبل ويجها ويجها ناهن هوندا بلڪ پري پري هوندا آهن مقصد اِهو آهي ته مڙس (شريعت جي دائري ۾ رهي) مشڪل کان مشڪل ڪم جو به حڪم ڏئي تڏهن به زال اُن کي ڪري، ڪاري جبل جو پٿر اڇي جبل تي پهچائڻ سخت مشڪل آهي جو ڳرو بوجھ کڻي سفر ڪرڻو آهي. (مرأة ج 5 ص 106)

## مڙس جو حق وڌيڪ يا ماءُ پيءُ جو

**سوال:** اسلامي ڀيڻ تي مڙس جي حقن جو ڪهڙو تفصيل آهي؟ ڇا مڙس جو حق ماءُ پيءُ کان به وڌيڪ آهي؟

**جواب:** مڙس جي حقن جي باري ۾ **منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاه امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن **فرمائن ٿا:** ”عورت تي مرد جو حق زوجيت سان لاڳاپيل معاملن ۾ **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **کان پوءِ تمام حقن ايستائين جو ماءُ پيءُ جي حق کان** وڌيڪ آهي، انهن ڪمن ۾ اُن جي حڪمن جي اطاعت ۽ اُن جي عزت جي حفاظت عورت تي اهم فرض آهي، اُن جي اجازت کان سواءِ محرمن کان علاوه ڪيڏانهن نٿي وڃي سگهي ۽ محرمن وٽ به (جيڪڏهن اجازت کان سواءِ وڃڻو پوي ته) ماءُ پيءُ وٽ هر اٺين ڏينهن اهو به صبح کان وٺي شام تائين جي لاءِ ۽ ڀاءُ ڀيڻ، چاچي، مامي، ماسي، پڦي وٽ سال کان پوءِ (وڃي سگهي ٿي) ۽ (بنا اجازت) رات جو

ڪيڏانهن (يعني ماءُ پيءُ وٽ) بہ نٿي وڃي سگهي. (باقي اجازت سان جتي وڃڻو هجي اُتي روزانو ۽ رات جي وقت بہ وڃي سگهي ٿي) نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: جيڪڏهن آئون ڪنهن کي غير خدا جي سجدي جو حڪم ڏيان ها تہ عورت کي حڪم ڏيان ها تہ پنهنجي مڙس کي سجدو ڪري. هڪ حديث ۾ آهي: "جيڪڏهن مڙس جي نڪ جي سوراخن مان رت ۽ پونء وهي ۽ اُن جي کُڙين تائين جسم پرجي ويو هجي ۽ عورت پنهنجي زبان سان چٽي اُن کي صاف ڪري تڏهن بہ اُن جو حق ادا نہ ٿيندو." (فتاويٰ رضويہ ج 24 ص 380)

## مڙس تي زال جا حق

**سوال:** اسان وٽ عام طور تي مڙس جا حق تہ بيان ڪيا ويندا آهن پر زال جا حق بيان ناهن ٿيندا! ڇا مڙس تي بہ زال جا ڪجهہ حق آهن يا نہ؟

**جواب:** بيشڪ جهڙي طرح شريعت سڳوري زال تي مڙس جا حق لازم ڪيا آهن اهڙي ئي طرح مڙس تي بہ زال جا حق ذمي ڪيا آهن مثال طور اُن جي کائڻ پيئڻ رهڻ وغيره جي پرگهور لهڻ، مهر جي ادائگي، سهڻي نموني سان رهڻ سهڻ، حسنِ سلوڪ، چڱين ڳالهين جي تعليم، پردي ۽ شرم و حيا جي تاڪيد ۽ هر جائز ڳالهہ ۾ اُن جي دلجوئي وغيره ڪرڻ اِهي سڀ عورت جا مرد تي حق آهن. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن ڪان سوال ڪيو ويو تہ مڙس تي زال جا ڪهڙا حق آهن؟ فرمايائون: نفقہ و سَڪني (ڪاڌي، ڪپڙي ۽ جڳهہ)، مهر، حُسنِ معاشرت،

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

نيڪ ڳالهين، حياءُ ۽ پردي بابت تعليم ۽ تاڪيد، ان جو خلاف ڪرڻ تي منع ۽ ملامت ڪرڻ. هر جائز ڳالهہ ۾ ان جي دلجوئي ڪرڻ ۽ جيڪر نيڪ ٻانهن جي سنت تي عمل جي توفيق ملي تہ شريعت جي خلاف ۾ اُن جي ايذاءُ تي برداشت ڪمالِ خير آهي باوجود ان جي اهو عورت جي حق مان ناهي (يعني جن ڳالهين کي شريعت منع ڪيو آهي اُنهن ۾ ڪا رعايت نہ ڏي اُن کان علاوه جيڪي معاملا آهن اُنهن ۾ جيڪڏهن زال جي طرفان ڪنهن خلافِ مزاج ڳالهہ جي سبب تڪليف پهچي تہ صبر ڪرڻ تمام وڏي نيڪي آهي. جيتوڻيڪ اهو عورت جي حقن مان ناهي) (فتاويٰ رضويہ ج 24 ص 371)

## گهر امن جو گهوارو ڪيئن بڻجي؟

**سوال:** اسلامي نقطۂ نظر سان زال مڙس کي گهر ۾ ڪهڙي طرح رهڻ گهرجي جو جهيڙو جهٽو وغيره نہ ٿئي؟

**جواب:** زال مڙس کي گهرجي تہ پاڻ ۾ رواداري ۽ محبت سان رهن، ٻئي هڪٻئي جي حقن تي نظر رکن ۽ اُنهن کي ادا بہ ڪندا رهن ائين نہ ٿئي جو عورت کي مرد صرف "ٻانهي، نوڪرياڻي" بڻائي رکي ڇاڪاڻ تہ جهڙي طرح **الله** عَزَّوَجَلَّ مردن کي حاڪميت ڏني آهي اهڙي ئي طرح اِهو بہ فرمايو آهي:

وَعَاشِرُوْهُنَّ بِالْمَعْرُوْفِ (پ 4 النسا 19) **ترجموڪنزالايمان:** ۽ انهن سان چڱو سلوڪ ڪريو.

حضورِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: توهان مان سنا ماڻهو اُهي آهن جيڪي عورتن سان سٺي نموني پيش اچن. (سنن ابن ماجہ ج 2 ص 478 حديث 1978) مرد پنهنجي عورت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.** (طبراني)

ڪي نيڪي جي دعوت ۽ ضروري مسئلا سيکاريندو رهي، ان جي کائڻ پيئڻ جو خيال رکي ۽ جيڪڏهن ڪڏهن مزاج جي خلاف ڳالهه ٿئي ته درگذر کان ڪم وٺي ائين نه ٿئي جو مارڪُٽ تي لهي اچي، اهڙي طرح ضد پيدا ٿيندو آهي ۽ پاڻ ۾ اٽڪٽ تي ويندي آهي. هِي **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظه فرمايو:

(1) عورت پاسراٽي مان پيدا ڪئي وئي آهي اُها تنهنجي لاءِ ڪڏهن به سِڌي نه ٿي سگهندي جيڪڏهن تون ان کي استعمال ڪرڻ چاهين ته انهيءَ حالت ۾ استعمال ڪر ۽ سڌو ڪرڻ چاهيندين ته ٽوڙي ڇڏيندين ۽ ٽوڙڻ طلاق ڏيڻ آهي. (صحيح مسلم ص 775 حديث 1468)

(2) مسلمان مرد (پنهنجي) مؤمنه عورت کي مبغوض نه رکي (يعني ان سان نفرت ۽ بُغض نه رکي) جيڪڏهن هُن جي هڪ عادت خراب لڳندي آهي ته ٻي پسند ايندي. (ايضاً حديث 1469) مطلب اِهو آهي ته جيڪڏهن زال جي ڪا عادت خراب محسوس ٿيندي آهي ته ڪجهه عادتون سٺيون به لڳنديون هونديون تنهن ڪري اُن جي خوبين تي نظر ڪري ۽ خامين جي مناسب طريقي سان اصلاح جي ڪوشش جاري رکي.

## لوڻ وڌيڪ وجهي ڇڏيو

پنهنجي مزاج جي خلاف زال جي حرڪت تي صبر ڪرڻ واري هڪ خوش نصيب شخص جي ايمان افروز حڪايت پڙهو ۽ خوش ٿيو، دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 472 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بياناتِ عطاريه" (حصو ٻ)

جي صفحي 164 تي آهي: هڪ ماڻهو جي زال ڪاڏي ۾ لوڻ وڌيڪ وجهي ڇڏيو، ان کي ڪاوڙ ته گهڻي آئي پر اهو سوچيندي غصي کي قابو ڪيائين ته آئون به ته خطائون ڪندو آهيان جيڪڏهن اڄ مون زال جي خطا تي سختي سان پڪڙ ڪئي ته ڪِتي ائين نه ٿئي جو سڀاڻي قيامت جي ڏينهن **الله** عَزَّوَجَلَّ به منهنجي خطائن تي پڪڙ ڪري. اهڙي طرح اُن دل ئي دل ۾ پنهنجي زال جي خطا معاف ڪري ڇڏي. وفات ڪان پوءِ ان کي ڪنهن خواب ۾ ڏسي پُڇيو: **الله** عَزَّوَجَلَّ اوهان سان ڇا معاملو فرمايو؟ هُن جواب ڏنو: گناهن جي ڪثرت جي سبب عذاب ٿيڻ وارو ئي هو جو **الله** عَزَّوَجَلَّ فرمايو: منهنجي ٻانهِيءَ ٻوڙ ۾ لوڻ وڌيڪ وجهي ڇڏيو هو ۽ تو اُن جي خطا معاف ڪري ڇڏي هئي، بس! آئون به اُن جي بدلي ۾ توکي اڄ معاف ڪريان ٿو.

**الله** کی رحمت سے تو جنّت ہی ملے گی

اے کاش! محلّے میں جگہ اُن کے ملی ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# زال جي لاءِ جنّت جي خوشخبري

زال کي به گهرجي ته اها به پنهنجي مڙس جي فرمانبرداري ڪري ان کي راضي رکي. حضرت سيدتنا اُمِّ سلمه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان روايت آهي ته نبيءِ رحمت، شفيعِ اُمت، شهنشاهِ نبوت، تاجدارِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنت نشان آهي: جيڪا عورت ان حال ۾ مري وڃي جو اُن جو مڙس ان کان راضي هجي اها جنت ۾ داخل ٿيندي. (سنن الترمذي ج 2 ص 386 حديث 1164) مڙس کي زال پنهنجو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

"غلام" نہ بڻائي تہ جيڪو آئون چاهيان اُهو ئي ٿئي، پلي ڪجهہ بہ ٿي وڃي پر منهنجي ڳالهہ ۾ فرق نہ اچي بلڪ اُن جي لاءِ بہ اهو ئي حڪم آهي تہ پنهنجي مڙس جي حقن جو خيال رکي، ان جي جائز خواهشن کي پورو ڪندي رهي ۽ اُن جي نافرماني کان بچندي رهي. حضرت سيدنا قيس بن سعد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ سلطان انبياءِ ڪرام، شاهِ خيرالانام صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو عظيم الشان فرمان آهي: "جيڪڏهن آئون ڪنهن کي حڪم ڪريان ها تہ غيرِ خدا جي لاءِ سجدو ڪري تہ حڪم ڏيان ها تہ عورت پنهنجي مڙس کي سجدو ڪري." (سنن ابن ماجہ ج 2 ص 411 حديث 1853) هن حديثِ پاڪ مان مڙسن جي اهميت خوب واضح ٿئي ٿي تنهنڪري اسلامي ڀينرن کي گهرجي تہ انهن جي حقن ۾ ڪنهن قسم جي ڪوتاهي نہ ڪن. زال مڙس ٻئي هڪٻئي جي والدين کي پنهنجا والدين سمجهي انهن جي مرتبي جو ادب ۽ لحاظ ڪندا رهن ۽ گڏ ئي دعا بہ ڪندا رهن تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان جي وچ ۾ پيار و محبت قائم ۽ دائم فرمائي ۽ اسان جي گهر کي امن جو گهوارو بڻائي.

## اسلامي ڀينرن لاءِ مدني سهرو

(مدني ماحول جي اسلامي ڀينرن جي شادي جي موقعي تي پڙهيو ويندڙ مدني گلن جي خوشبوئن سان مهڪندڙ مدني سهرو ملاحظہ فرمايو ان سهري ۾ سجيل مدني گل جيڪڏهن ڪا اسلامي ڀيڻ پنهنجي دل جي مدني گلدستي ۾ سجائي رکي تہ اِنْ شَآءَ اللهُ عَزَّوَجَلَّ اُها پنهنجي ازدواجي معاملن ۾ ڪڏهن بہ غمگين نہ ٿيندي)

فرمانِ مصطفیٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہ وسلم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي.** (ترغيب و ترهيب)

# مدني سهرو

فضلِ رب سے بنتِ .......... دلہن بنی — پھول سہرے کے کھلے چادر حیا کی ہے تنی

تجھ کو ہو شادی مبارک ہورہی ہے رخصتی — رخصتی میں تیری پنہاں قبر کی ہے رخصتی

گھر ترا ہو مشکبار اور زندگی بھی پر بہار — رب ہو راضی خوش ہوں تجھ سے دو جہاں کے تاجدار

مَدَنی بیٹی کا خدایا گھر سدا آباد رکھ — فاطمہ زہرا کا صدقہ دو جہاں میں شاد رکھ

یہ مِیاں بیوی الٰہی مکرِ شیطاں سے بچیں — یہ نمازیں بھی پڑھیں اور سنتوں پر بھی چلیں

یہ میاں بیوی چلیں حج کو الٰہی! بار بار — بار بار ان کو مدینہ تو دکھا پروردگار

مَیکا وسُسرال تیرے دونوں ہی خوشحال ہوں — دو جہاں کی نعمتوں سے خوب مالا مال ہوں

اپنے شوہر کی اطاعت سے نہ غفلت کرنا تُو — حشر میں پچھتائے گی اے مَدَنی بیٹی ورنہ تو

مَدَنی بیٹی یا الٰہی !نا بنے غُصّے کی تیز — یہ کرے سُسرال میں ہر دم لڑائی سے گریز

یاد رکھ ! تو آج سے بس تیرا گھر سسرال ہے — نفرتِ سسرال سن لے آفتوں کا جال ہے

ماں سمجھ کے ساس کی خدمت جو کرتی ہے بہو — راج سارے ہی گھرانے پر تو سن لے وہ کرتی ہے بہو

ساس نندوں کی تو خدمت کر کے ہوجا کامیاب — ان کی غیبت کر کے مت کر بیٹھنا خانہ خراب

ساس اور نندیں اگر سختی کریں تو صبر کر — صبر کر بس صبر کر چلتا رہے گا تیرا گھر

ساس اور نندوں کا شِکوہ اپنے میکے میں نہ کر — اس طرح برباد ہوسکتا ہے بیٹی تیرا گھر

میکے کے مت کر فضائل تو بیاں سسرال میں — اب تو اس گھر کو سمجھ اپنا ہی گھر ہر حال میں

یاد رکھ تو نے زباں کھولی اگر سسرال میں — پھنس کے تُو قضیوں کے سُن رہ جائے گی جنجال میں

ساس چیخی تو بھی بپھری اور لڑائی ٹھن گئی — ہے کہاں بھول ایک کی دو ہاتھ سے تالی بجی

میری مَدَنی بیٹی سن ’’فیضانِ سنت‘‘ پڑھ کے تو — التجا ہے روز دینا درس اپنے گھر پہ تو

گر نصیحت پر عمل عطّار کی ہوگا ترا
ان شاءَ اللہ اپنے گھر میں تو سکھی ہوگی سدا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

# سچي نيت جي برڪت سان گُم ٿيل هار ملي ويو

اسلامي ڀينرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي سان وابستہ اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي مٺي مٺي مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي غلامي تي ناز آهي. دعوتِ اسلامي جي سنتن ڀريي اجتماعن ۾ دعائون گهرڻ سان بيشمار اسلامي ڀينرن جون مشڪلاتون حل ٿيڻ جا واقعا ملن ٿا، اهڙي ئي هڪ مدني بهار پيش آهي: باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي تہ هڪ ڏينهن اوچتو منهنجو قيمتي هار گم ٿي ويو جيڪو تمام گهڻي ڳولها جي باوجود نہ ملي سگهيو، جن ڏينهن ۾ آئون گهڻي پريشان هيس اُنهن ڏينهن مون کي تبليغِ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت نصيب ٿي. اجتماع ۾ تلاوت ۽ نعت کان پوءِ دعوتِ اسلامي جي هڪ مبلغہ مڪتبة المدينہ جي هڪ شايع ٿيل رسالي مان ڏسي ڪري بيان فرمايو، بيان جي اختتام تي انهن اتي موجود اسلامي ڀينرن کي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت ڪرڻ جي نيت ڪرائي، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون بہ سچي دل سان نيت ڪري ورتي. منهنجو حُسنِ ظن آهي تہ اها اُن نيت ئي جي برڪت هئي جو جڏهن آئون اجتماع تان واپس گهر پهتيس ۽ بستر صحيح ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي وهاڻي کي کنيو تہ اوچتو خوشي وچان جهومڻ لڳيس ڇو تہ منهنجو گم ٿيل هار وهاڻي جي هيٺ موجود

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نه پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

هو اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ هاڻي آئون دعوتِ اسلامي جي اسلامي ڀينرن جي سنتن ڀريي اجتماع ۾ شريڪ ٿيندي آهيان ۽ نيڪ بڻجڻ جي ڪوششن ۾ مصروف آهيان.

بلندی پہ اپنا نصیب آ گیا ہے　　　دیارِ مدینہ قریب آ گیا ہے
کرم یا حبیبی کرم یا حبیبی　　　کہ در پر تمہارے غریب آ گیا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سٺي نيّت جون فضيلتون

اسلامي ڀينرو! اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي اسلامي ڀينرن جي سنتن ڀريي اجتماعن ۾ رحمتن جي خوب برسات ٿيندي ۽ برڪتن جو نزول ٿيندو آهي سٺي نيت جي عظمت جي به ڇا ڳالھ ڪجي! اُن اسلامي ڀيڻ جو حسنِ ظن هو ته انهن کي اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت جي نيت جي برڪت سان گم ٿيل هار ملي ويو! دنيا جو هار ڪهڙي شيء آهي، سٺي نيت ته اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ جنت ۾ پهچائي ڇڏيندي. محبوبِ ربّ العٰلمين، جنابِ صادق و امين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مبين آهي: ”سٺي نيت انسان کي جنت ۾ داخل ڪندي.“ (الجامع الصغيرللسيوطي، ص557 حديث 9326) سٺي نيت جا وڏيڪ فضائل ملاحظه فرمايو:

شفيعُ المُذنبين، انيسُ الغريبين، سراجُ السالڪين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: ”سچي نيت افضل عمل آهي“ (الجامع الصغير ص 81 حديث 1284) مَخزنِ جود و سخاوت، پيڪرِ عظمت و شرافت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ بابرڪت آهي: ”مسلمان جي نيت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي.** (حاڪم)

اُن جي عمل کان بهتر آهي“ (المعجم الکبیر للطبراني ج 6 ص 185 حديث 5942)

## گم ٿيل شيءِ ملڻ جي لاءِ چار وظيفا

﴿1﴾ **يَا رَقِيْبُ:** ڪا شيءِ گم ٿي ويئي هجي تہ ڪثرت سان پڙهو اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ملي ويندي.

﴿2﴾ **يَا جَامِعُ:** ڪا شيءِ وڃائجي وڃي تہ ڪثرت سان پڙهندا رهو اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ملي ويندي.

﴿3﴾ ڪا شيءِ جيڪڏهن هيڏانهن هوڏانهن رهجي وئي هجي تہ اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْن پڙهي ڳولها ڪئي وڃي اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ملي ويندي نہ تہ غيب مان ڪا بهترين شيءِ عطا ٿيندي.

﴿4﴾ سورةُ الضُّحيٰ ست دفعا پڙهو اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ گم ٿيل ماڻهو يا شيءِ ملي ويندي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## خوفِ خدا جي ڪري عورت جو نڪاح نہ ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ”مڙس جي حقن ۾ ڪوتاهي جي ڪري ڪِٿي گنهگار نہ ٿي وڃان“ اهو چوندي صرف خدا جي خوف جي ڪري ڪا اسلامي ڀيڻ نڪاح نہ ڪرڻ چاهي تہ ڇا ان جي گنجائش آهي؟

**جواب:** نڪاح ڪرڻ يا نہ ڪرڻ کي ترجيح ڏيڻ جي تعلق سان مختلف موقعن تي مختلف حڪم آهن. نڪاح ڪرڻ ڪڏهن فرض ڪڏهن واجب ڪڏهن مڪروه ۽ ڪڏهن حرام بہ هوندو آهي. (تفصيل جي لاءِ

فتاويٰ رضويہ جلد 12 صفحو 291 ۽ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 112 صفحن جي ڪتاب ”بهارِ شريعت“ حصو 7 صفحو 4 ۽ 5 ملاحظ فرمايو) نڪاح ۾ شرعي رڪاوٽ نہ هئڻ جي صورت ۾ صرف مڙس جي حقن ۾ ڪوتاهي ٿيڻ جو خوف رکڻ واري اسلامي ڀيڻ ڪي گهرجي تہ اهڙي موقعي تي نڪاح نہ ڪرڻ جو ذهن رکڻ جي بدران حق پورا ڪرڻ جو ذهن بڻائي ۽ اُن جي لاءِ علمِ دين حاصل ڪندي مڙس جي حقن جي معلومات ڪري ۽ هوئين بہ هر نڪاح ڪرڻ واري جي لاءِ انهن شين جو علم حاصل ڪرڻ فرض آهي. صرف مڙس جا حق ئي نہ بلڪ صبر ۽ شڪر ڇا آهي، ان جون صورتون ڪهڙيون ڪهڙيون آهن، ان باري ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون توجهہ لائق آهن انهن ڪان بہ آگاهي حاصل ڪري. ان جي لاءِ اِحياءُ الْعُلوم وغيره جو مطالعو وڏيڪ فائديمند آهي. اڄوڪي معاشري ۾ بي نڪاح عورت جو گذارو تمام مشڪل آهي ان سان گهريلو مسئلا پيدا ٿيڻ سان گڏوگڏ ڪيترن ئي گناهن ۾ ڦاسڻ جو بہ خطرو آهي. تنهن ڪري جتي گهٽتائي آهي ان کي پورو ڪيو وڃي نہ اهو جو ان ڀلائي کي ئي ڇڏي ڏنو وڃي.

## ڇا نڪاح نہ ڪري عورت گنهگار ٿيندي

جيتوڻيڪ جنهن کي حق پورا ڪرڻ ۾ ڪوتاهي جو خطرو هجي اها جيڪڏهن شادي نہ ڪري تہ اِن بنياد تي گناهگار نہ ٿيندي جيستائين جو اهي حالتون نہ ڏٺيون وڃن جنهن ۾ نڪاح ڪرڻ شرعاً واجب يا فرض ٿي چڪو هجي. اسلام جي تاريخ پنهنجي دامن

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

۾ اهڙن واقعن کي محفوظ ڪري رکيو آهي جنهن کي پڙهي اسلام جي تعليمات تي عمل ڪرڻ جو جذبو وڌيڪ سجاڳ ٿي ويندو آهي. **الله** عَزَّوَجَلَّ جون اهڙيون نيڪ ٻانهيون به ٿيون آهن جن کي پنهنجي مٿان لازم ٿيڻ وارن حقن جي ادائگي جو فڪر رهندو هو ۽ اُهي پنهنجي پسند ۽ نا پسند جو فيصلو **الله ربُّ الانام** ۽ ان جي محبوب سلطانِ انبياءِ ڪرام صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حڪمن کي سامهون رکي ڪنديون هيون. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، **امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهه امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويه جلد 12 صفحو 297 تي فرمائن ٿا: حديثن ۾ آيو ته مڙس جا حق ۽ انهن جي تاڪيد ٻڌي ڪيترين ئي ٻيبين (رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُنَّ) حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون سڄي زندگي نڪاح نه ڪرڻ جو عهد ڪيو ۽ حضور پُر نور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انڪار نه فرمايو. انهي سلسلي ۾ جلد 12 صفحو 297 کان 305 تي پيش ڪيل روايتن مان ٽي پيش ڪيون وڃن ٿيون، جيئن ته نقل ڪن ٿا:

## (1) مڙس جي اجازت کان سواءِ گهر کان نڪرڻ جو عذاب

هڪ عورت خَثْعَمِيَّه جن حضور سرورِ عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مقدس بارگاهه ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: يا رسول **الله**! مون کي ٻڌايو ته مڙس جو حق عورت تي ڇا آهي جو آئون ٻِنا مڙس جي عورت آهيان اُن جي ادا جي پاڙ ۾ طاقت ڏسان ته نڪاح ڪريان نه ته ائين ئي ويني رهان. فرمايائون: بيشڪ مڙس جو حق زال تي هي آهي جو عورت ڪجاوي (يعني اُٺ تي رکيل ڪاٺ جي ڏولي) تي ويني

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

هجي ۽ مرد انهيءَ سواري تي اُن سان ويجهائي چاهي تہ انڪار نہ ڪري، ۽ مرد جو حق عورت تي اهو آهي تہ ان جي اجازت کان سواءِ نفلي روزو نہ رکي جيڪڏهن رکندي تہ بيڪار بُکي اُڃائي رهي روزو قبول نہ ٿيندو ۽ گهر مان مڙس جي بنا اجازت ڪيڏانهن نہ وڃي جيڪڏهن ويندي تہ آسمان جا فرشتا، رحمت جا فرشتا، عذاب جا فرشتا سڀ ان تي لعنت ڪندا جيستائين موٽي اچي. اهي ارشاد ٻڌي اُن بيبي عرض ڪيو: بهتر اهو آهي تہ آئون ڪڏهن نڪاح نہ ڪنديس. (مجمع الزوائد ج 4 ص 563 حديث 7638)

## (2) نڪ جي سوراخن جو رت ۽ پون چٽي تہ بہ-----

هڪ بيبي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا سيّدُ الابرار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: آئون فُلاڻي ڌيءَ فُلان آهيان. فرمايائون: مون توکي سڃاتو پنهنجو ڪم ٻڌاءِ، عرض ڪيائين: مون کي پنهنجي چاچي جي پٽ فلان عابد سان ڪم آهي، فرمايائون: مون اُن کي بہ سڃاتو يعني مطلب ٻڌاءِ. عرض ڪيائين: اُن مون کي پيغام ڏنو آهي، حضور (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن ارشاد فرمائن تہ مڙس جو حق عورت تي ڪهڙو آهي؟ جيڪڏهن ان (حق) مان ڪا شيءِ منهنجي وَس ۾ هجي تہ آئون اُن سان نڪاح ڪري وٺان. فرمايائون: مرد جي حق جو هڪ ٽڪرو (حصو) هي آهي تہ جيڪڏهن اُن جي نڪ جا ٻئي سوراخ رت يا پونءَ سان وهندا هجن ۽ عورت اُن کي پنهنجي زبان سان چٽي تڏهن بہ مڙس جي حق کان بري نہ ٿي، جيڪڏهن ماڻهو جو ماڻهو کي سجدو جائز هجي ها تہ آئون عورت کي حڪم ڏيان ها

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

تہ مرد جڏهن ٻاهران ڪان اُن جي سامهون اچي، اُن کي سجدو ڪري جو خدا (عَزَّوَجَلَّ) مرد کي فضيلت ئي اهڙي ڏني آهي، اهي ارشاد ٻڌي انهي بيبي (رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا) چيو: اُن جو قسم جنهن حضور (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي حق سان موڪليو آهي آئون جيستائين دنيا ۾ رهنديس نڪاح جو نالو نہ وٺنديس (ان کي بزاز ۽ حاڪم حضرت ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت فرمايو) (المستدرڪ للحاڪم ج 2 ص47 حديث 2822)

## آئون ڪڏهن شادي نہ ڪنديس

هڪ صاحب (رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ) پنهنجي صاحبزاديءَ (رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا) کي وٺي حضور سيدالعٰلمين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: منهنجي هي ڌيءَ نڪاح ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿي، حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اَطِيْعِي اَبَاكِ (يعني) پنهنجي پيءُ جو حڪم مڃ. اُن ڇوڪريءَ (رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا) عرض ڪيو: اُن جو قسم جنهن حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي حق سان ڳڏ موڪليو آئون (اُن وقت تائين) نڪاح نہ ڪنديس جيستائين حضور (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اهو نہ ٻڌائن تہ مڙس جو حق عورت تي ڇا آهي؟ فرمايائون: مڙس جو حق عورت تي هي آهي جيڪڏهن اُن کي ڪو ڦٽ هجي عورت اُن کي چٽي صاف ڪري يا اُن جي نڪ جي سوراخن مان پونءَ يا رت نڪري عورت اُن کي ڳهي وٺي تہ مرد جي حق کان آجي نہ ٿي (يعني حق پورا نہ ٿيا). اُن ڇوڪريءَ (رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا) جن عرض ڪيو: اُن جو قسم جنهن حضور (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي حق سان ڳڏ موڪليو آئون ڪڏهن شادي نہ ڪنديس، حضور پُر نور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: عورتن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

جو نڪاح نہ ڪريو جيستائين اُنهن جي مرضي نہ هجي.

(مجمع الزوائد ج 4 ص 564 حديث 7639)

اسلامي ڀينرو! انهن حديثن مان معلوم ٿيو تہ صحابيات رِضْوَانُ اللهِ تعاليٰ عَلَيهِنّ اَجْمَعِين جي سيرتِ طيبہ جتي اسان کي اِهو سِکائي ٿي تہ انهن کي پيش ايندڙ مسئلن جي باري ۾ علمِ دين حاصل ڪرڻ جي جستجو رهندي هئي اُتي اِهي واقعا مڙس جي حقن بابت صحابيات رِضْوَانُ اللهِ تعاليٰ عَلَيهِنّ اَجْمَعِين جي مدني سوچ جو پتو ڏين ٿا تہ اُهي پنهنجو پاڻ فيصلا ڪرڻ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ اُن جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نافرماني کان بچڻ کي سامهون رکنديون هيون ۽ گناهہ جي خوف کان بہ محتاط رهنديون هيون. انهن مقدس حديثن ۾ شادي وارين جي لاءِ بہ اهو درس آهي تہ اُهي پنهنجي مڙس جي حقن ۾ هرگز گهٽتائي نہ ڪن.

## پيڪن وارا محتاط رهن

**سوال:** اڄڪلهہ اڪثر پيڪن وارا مڙس جي خلاف ڪَنَ ڀريندا رهندا آهن، ان جي باري ڪجهہ مدني گل عطا فرمايو؟

**جواب:** پهريان تہ اسلامي ڀيڻ کي گهرجي تہ جيڪڏهن ساهرن ۾ ڪا پريشاني آهي بہ تہ ان تي صبر ڪري اجر ڪمائي، چو تہ اها جڏهن پيڪن ۾ اچي اندر جي باهہ ڪيندي آهي تہ اڪثر غيبتن، تهمتن، بدگمانين ۽ راز فاش ڪرڻ وغيره ڪبيره گناهن جو سلسلو شروع ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ پيڪن وارا مڙس يا ساهرن جي خلاف ڪَن ڀرڻ جو ڪم سنڀالي وٺندا آهن ۽ ائين وڏيڪ گناهن ۽ فتنن جا رستا

ڪلندا آهن. پيڪن وارن کي گهرجي ته جڏهن ڪَن پرڻ يعني مڙس يا ساهرن جي خلاف ڳالهائڻ جو ذهن بڻجي ته گهٽ ۾ گهٽ هنن ٻن روايتن کي پيش نظر رکندا ڪن. (1) حضرت سيّدنا بُرَيدَه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته رحمتِ عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ معظم آهي: ”جيڪو ڪنهن شخص جي گهرواريءَ کي اُن جي خلاف ڀڙڪائي اُهو اسان مان ناهي.“ (مسند امام احمد ج 9 ص 16 حديث 23041) (2) حضرت سيّدنا جابر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته سرڪارِ نامدار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عبرت نشان آهي: ”شيطان پنهنجو تخت پاڻيءَ تي وڇائيندو آهي، پوءِ پنهنجو لشڪر موڪليندو آهي، انهن لشڪرن ۾ ابليس جي سڀ کان وڌيڪ ويجهو اُن جو درجو هوندو آهي جيڪو سڀ کان وڌيڪ فتني باز هوندو آهي ۽ ان جي لشڪر مان هڪ اچي چوندو آهي مون هيئن هيئن ڪيو آهي ته شيطان چوندو آهي: ”تو ڪجهه به ناهي ڪيو.“ پوءِ هڪ ٻيو لشڪر ايندو آهي ۽ چوندو آهي: ”مان هڪ ماڻهوءَ کي ان وقت تائين نه ڇڏيو جيستائين ان جي ۽ ان جي گهرواريءَ جي وچ ۾ جدائي نه وجهي ڇڏي.“ اهو ٻڌي ابليس ان کي پنهنجي ويجهو ڪري ڇڏيندو آهي ۽ چوندو آهي: ”تون ڪيڏو نه سٺو آهين، ۽ ڳلي سان لڳائيندو آهي.“ (صحيح مسلم ص 1511 حديث 67 (2813))

## مڙس بي پردگيءَ جو حڪم ڏئي ته......؟

**سوال:** جيڪڏهن مڙس يا ساهرا يا ماءُ پيءُ پردي جي باري ۾ ڪو شريعت جي خلاف حڪم ڏين ته ڇا ڪري؟

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

**جواب:** اِن ڳالهه ۾ انهن جي اطاعت نه ڪئي ويندي جو گناهن جي معاملن ۾ مڙس يا والدين وغيره جو حڪم مڃڻ ثواب جي بدران گناهه آهي. اميرالمؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ، شيرِ خدا ڪَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم کان روايت آهي ته سرڪارِ مدينه، سلطانِ باقرينه، قرارِ قلب وسينه صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان باقرينه آهي: "لَاطَاعَةَ فِيۡ مَعۡصِيَةِ اللّٰهِ اِنَّمَاالطَّاعَةُ فِي الۡمَعۡرُوۡفِ" يعني **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ۾ ڪنهن جي اطاعت جائز ناهي، اطاعت ته صرف نيڪي جي ڪمن ۾ آهي. (مسلم ص 1023 حديث 1840) هِن حديث پاڪ جي لفظ "معروف" جي معنيٰ بيان ڪندي مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الۡحَنَّان فرمائن ٿا: "معروف اُهو ڪم آهي جنهن کي شريعت منع نه ڪري، معصيت اُهو ڪم آهي جنهن کي شريعت منع ڪري."
(مراة ج 5 ص 340)

## ٻارن جو پهريون مدرسو ماءُ جي هنج آهي

**سوال:** هڪ اسلامي ڀيڻ جي لاءِ علمِ دين حاصل ڪرڻ جو بنيادي ذريعو ڪهڙو آهي؟

**جواب:** ضرورت جيترو علمِ دين حاصل ڪرڻ يقيناً هر مسلمان مرد ۽ عورت تي فرض آهي جيئن ته حديثِ پاڪ ۾ آهي: "طَلَبُ الۡعِلۡمِ فَرِيۡضَةٌ عَلٰى كُلِّ مُسۡلِمٍ" يعني علم حاصل ڪرڻ هر مسلمان تي فرض آهي. (سنن ابنِ ماجه ج 1 ص 146 حديث 224) تنهن ڪري ان جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ لازمي آهي. علم حاصل ڪرڻ جي مختلف ذريعن مان هڪ ذريعو والدين به آهن، ٻار جو پهريون مدرسو "ماءُ جي هنج" آهي. ماءُ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا . (طبراني)

پيءُ جي لاءِ ضروري آهي ته پنهنجي اولاد جي صحيح اسلامي تربيت ڪن، انهيءَ سلسلي ۾ ٻه فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پيش آهن: ﴿1﴾ "پنهنجي اولاد کي ٽي ڳالهيون سيکاريو: (1) پنهنجي نبي (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي محبت (2) اهلِ بيت (رِضوانُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيهِم اَجْمَعِين) جي محبت ۽ (3) قرآن جي قِراءَت." (الجامع الصغير للسيوطي ص 25 حديث 311) ﴿2﴾ "پنهنجي اولاد سان نيڪ سلوڪ ڪريو ۽ انهن کي زندگي جا آداب (اخلاق، طور طريقا) سيکاريو." (سنن ابنِ ماجہ ج 4 ص 189 حديث 3671)

## عورت مڙس کان عِلم حاصل ڪري

**سوال:** شادي شده عورت ڪهڙي طرح علم حاصل ڪري؟

**جواب:** جيترو ممڪن ٿئي پنهنجي گهر واري کان ديني علم حاصل ڪري. مڙس تي انهي سلسلي ۾ وڏي ذميداري لازم ٿئي ٿي قرآن شريف سيپارو 28 سورةُ التحريم جي ڇهين آيت: ﴿قُوْٓا اَنْفُسَكُمْ وَاَهْلِيْكُمْ نَارًا﴾ **ترجموڪنزالايمان:** "پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي گهر وارن کي ان باهه کان بچايو." جي تحت حضرت علامہ جلال الدين سيوطي الشافعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي تفسير دُرِمنثور ۾ نقل فرمائن ٿا ته حضرت علي المرتضيٰ، شير خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم ان آيت مبارڪ جو تفسير بيان ڪندي فرمائن ٿا: هن آيت جي تقاضا آهي ته پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجي گهر وارن کي خير (يعني ڀلائي) جي تعليم ڏيو ۽ انهن کي زندگي جا طور طريقا سيکاريو. (تفسير در منثور ج 8 ص 225)

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويہ شريف ۾ مڙس تي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

زال جا حق بيان ڪندي ارشاد فرمائن ٿا: ”نفقه و سَڪني (کاڌي، ڪپڙي ۽ جڳهه)، مهر، حُسنِ معاشرت (يعني سهڻي نموني رهڻي ڪهڻي جو ڍنگ)، نيڪ ڳالهين، حياءُ ۽ پردي بابت تعليم ۽ تاڪيد، ان جو خلاف ڪرڻ تي منع ۽ ملامت ڪري، هر جائز ڳالهه ۾ ان جي دلجوئي (ڪري)“ (فتاويٰ رضويه ج 24 ص 371)

شرعي مسئلو پيش اچي ته اُن جي معلومات جي ترڪيب بهارِ شريعت ۾ اها بيان ڪئي ويئي آهي: ”عورت کي مسئلو پڇڻ جي ضرورت هجي ته جيڪڏهن مڙس عالم هجي ته اُن کان پڇي ۽ عالم ناهي ته اُن کي چوي ته اُهو پُڇي اچي ۽ انهن صورتن ۾ اُن کي پاڻ عالم وٽ وڃڻ جي اجازت ناهي ۽ اهي صورتون نه هجن ته وڃي سگهي ٿي.“ (بهارِ شريعت حصو 7 ص 99، عالمگيري ج 1 ص 341)

## عورت جو عالم وٽ وڃي ڪري پڙهڻ

**سوال:** ڇا عورت ديني علم سکڻ لاءِ عالم وٽ وڃي سگهي ٿي؟

**جواب:** ماءُ پيءُ ۽ مڙس جي ذريعي فرض عُلوم سکڻ ممڪن نه هجي ته صحيح العقيده سنّي عالمه کان ديني علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ وڃي سگهي ٿي. صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي دؤر ۾ اُمّهاتُ المؤمنين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُنّ وٽ عورتون حاضر ٿينديون ۽ انهن کان ديني تعليم حاصل ڪنديون هيون. اڄوڪي دؤر ۾ به اسلامي ڀينرون ديني تعليم جي لاءِ نيڪ سيرت عالمه اسلامي ڀينرن کان ديني علم حاصل ڪري سگهن ٿيون ۽ اُهي سُنّي ادارا جتي پردي جا شرعي تقاضا پورا ڪيا ويندا هجن اُتي وڃي ڪري به فرض علوم سِکي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا.** (كنزالعمال)

سگهجن ٿا، دعوتِ اسلامي جي زيرِ اهتمام جامعة المدينہ للبنات ٻہ اسلامي ڀينرن جي لاءِ فرض علم سکڻ جو بهترين ذريعو آهن جتي مڪمل پردي جي پابندي سان اسلامي ڀينرون ئي تدريس جو فرض سر انجام ڏين ٿيون.

## علم سکڻ جو ذريعو سنتن ڀريا اجتماع بہ آهن

**سوال:** ڇا دعوتِ اسلامي جي اسلامي ڀينرن جا سنتن ڀريا اجتماع بہ فرض علوم سکڻ جو ذريعو آهن؟

**جواب:** ڇو نہ پر اِهو ضروري آهي تہ انهن ۾ حاضري جي لاءِ ايندي ويندي ۽ ان سنتن ڀريي اجتماع جي اندر بہ اسلامي ڀينرن جي شرعي پردي جا تمام شرط پورا ٿيندا هجن. مبلغہ جي لاءِ لازمي آهي تہ صحيح العقيده سنّي عالمه هجي ۽ جيڪي ڪجهہ بيان ڪري اُهو بہ درست هجي يا جيڪڏهن عالمہ نہ هجي تہ ڪنهن صحيح العقيده سنّي عالم جي ڪتاب مان ڏسي بيان ڪندي هجي. اَلۡحَمۡدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ اسلامي ڀينرن جي سنتن ڀريي اجتماعن ۾ انهن شرطن جي پابندي جي ڏاڍي سخت تاڪيد آهي. دعوتِ اسلامي جي مبلغن ۽ مبلغائن کي زباني بيان ڪرڻ جي اجازت ناهي، انهن کي اهلسنت جي عالمن جي ڪتابن مان ضرورت جي مطابق فوٽو ڪاپيون ڪرائي پنهنجي ڊائري ۾ لڳائي ڏسي ڪري بيان ڪرڻو آهي.

## زيارتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اسلامي ڀينرو! ڪاش! هر مسلمان تبليغ قرآن و سنت جي

عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلامي سان وابستہ ٿي سنتون سکڻ سيکارڻ وارن عاشقانِ رسول ۾ شامل ٿي وڃي، هر درس ۽ هر سنتن ڀريي اجتماع ۾ اول کان آخر تائين حاضري جي سعادت حاصل ڪري ۽ ان جي لاءِ سچي دل سان جاکوڙ ڪري، هڪ اسلامي ڀيڻ تي سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي لطف و ڪرم جو ايمان ڀريو واقعو ٻڌو ۽ جهومو: ڀمپر (ڪشمير) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جو تحريري بيان ڪجهہ هن طرح آهي تہ اسان جي گهر کان ڪجهہ فاصلي تي اسلامي ڀينرن جو هفتيوار سنتن ڀريو اجتماع ٿيندو آهي. هڪ ڏينهن ڪجهہ اسلامي ڀينرون اسان جي گهر بہ آيون ۽ اسان کي سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي، انهن جي خوش اخلاقي ۽ عاجزي ڀريي لهجي جو اثر هو جو منهنجون بہ ڀينرون پابندي سان سنتن ڀريي اجتماع ۾ شريڪ ٿيڻ لڳيون پر آئون اڪثر غير حاضر ٿي ويندي هيس. هڪ ڏينهن ٿورو آرام ڪرڻ جي لاءِ ليٽيس تہ ننڊ اچي ويئي، آئون ستيس تہ ڇا منهنجو سُتل ڀاڳ جاڳي پيو سچ چوان تي مون کي خواب ۾ جنابِ رسالت مآب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي زيارت نصيب ٿي، مون پنهنجا ڪجهہ مسئلا پنهنجي غمخوار آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهِ بيڪس پناهہ ۾ عرض ڪيا تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ چپن ۾ حرڪت ٿي، رحمت ڀريا مٺا لفظ ڪجهہ ائين هئا: ”دعوتِ اسلامي جي اجتماع ۾ شرڪت ڪنديون ڪريو.“ پوءِ منهنجي اک کلي ويئي، انهي ئي وقت مون نيت ڪئي تہ آئنده پابندي سان سنتن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

پريي اجتماع ۾ شرڪت ڪنديس. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هاڻي مون کي بہ پابندي سان سنتن پريي اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ٿي رهي آهي، مون اها بہ نيت ڪئي آهي تہ جيڪڏهن مدني مرڪز اجازت ڏني تہ اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جلد ئي پنهنجي گهر ۾ سنتن پريو اجتماع شروع ڪري ڇڏينديس.

عالم نہ متقی ہوں نہ زاہد نہ پارسا
ہوں امتی تمہارا گنہگار یارسول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## آقا اُمت جي حالت کان باخبر رهندا آهن

سُبْحٰنَ الله! اڄ بہ اسان جا غيب دان آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي اُمت جي حال کان باخبر آهن ۽ خوابن ۾ اچي خير خواهي ڪندا آهن، جيئن تہ هڪ بزرگ فرمائن ٿا: آئون حمام ۾ ڪِري پيس، منهنجي هٿ کي وڏيڪ ڏڪ رسيو جنهن سان سوڄ ٿي پئي ۽ گهڻو سخت سور ٿي رهيو هو، انهيءَ دؤران مون کي ننڊ اچي وئي، خواب ۾ محبوبِ ربُّ الارباب، نبوت جي ماهتاب، رسالت جي آفتاب، راحتِ قلبِ بيتاب، جنابِ رسالت مآب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو جلوهءِ عالم تاب نظر آيو، مبارڪ چپن ۾ حرڪت ٿي ۽ مٺا ٻول ڪجھ ائين ترتيب ۾ آيا: "پُٽ تنهنجي درود مون کي متوجھ ڪيو." صبح جو اُٿيس تہ مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي برڪت سان نہ سور هو نہ سوڄ. (سعادة الدارين ص 140)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

## بنا اجازت جي اجتماع جي لاءِ گهران نڪرڻ

**سوال:** جيڪڏهن عورت کي اُن جا ماءُ پيءُ يا مڙس علمِ دين جي مجلس (سنتن ڀريي اجتماع) کان روڪيندا هجن تہ ڇا ڪري؟

**جواب:** اُنهن جي اطاعت ڪري، ها فرض علم مثلاً پاڪائي، نماز، روزي وغيره جي باري ۾ ضروري معلومات جيڪڏهن گهر کان نڪرڻ بغير حاصل نہ ٿي سگهندي هجي تہ هاڻي انهن فرض علوم کي سکڻ جي لاءِ وڃڻ ۾ اجازت جي ضرورت ناهي.

**سوال:** اڄڪلهہ اسلامي ڀينرن جي اجتماع ۾ مائڪ جي ذريعي اسلامي ڀائرن جا بيان ٻڌايا ويندا آهن ڇا ائين ڪرڻ شرعي طور صحيح آهي؟

**جواب:** شرعي تقاضا پورا ٿيندا هجن تہ صحيح آهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ”عورتن کي مسجد ۾ نماز کان منع آهي ۽ واعظ (يعني واعظ ڪرڻ وارو) يا ميلاد خوان جيڪڏهن سنّي صحيح العقيده عالم هجي ۽ ان جو وعظ ۽ بيان شريعت جي مطابق هجي ۽ (عورت جي اچڻ) وڃڻ ۾ پورو احتياط ۽ ڪامل پردو هجي ۽ فتني جو ڪو خوف نہ هجي ۽ مجلسِ رجال (يعني مردن جي محفل) کان پري (جتي ھڪٻئي تي نظر نہ پوندي هجي اهڙي جڳهہ) انهن جي ويهڻ جو انتظام هجي تہ حرج ناهي.“ (فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 239)

## عورت جو مرد وٽ پڙهڻ

**سوال:** پردي جي اوٽ ۾ رهي عورت جو مرد کان پڙهڻ ڪيئن آهي؟

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي.** (حاڪم)

**جواب:** جيڪڏهن پردي جي اوٽ ۾ رهي پڙهائڻ وارو جوان مرد آهي تہ اسلامي ڀينرن کي اُن وٽ وڃڻ جي شرعاً اجازت ناهي ۽ نہ ئي پڙهائڻ جي انهي انداز کي "مجلسِ وعظ" جي اجازت تي قياس ڪرڻ دُرُست آهي، مجلسِ واعظ يا سنتن ڀريي اجتماع ۾ پردي جي پابندي سان هڪ بہ اجتماعي بيان ٿيندو آهي جڏهن تہ پڙهڻ پڙهائڻ جو معاملو جُدا آهي، ان ۾ پردي جي باوجود پڙهڻ واريون علائقي واريون ۽ ڄاڻو سُڃاڻون هونديون آهن تنهن ڪري خطرا تمام گهڻا هوندا آهن. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، **امام اهلسنّت،** مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جن انهي ئي بنياد تي پردي جي سمورين پابندين جي باوجود عورت کي ديني علم سکڻ جي لاءِ جوان پير وٽ وڃڻ جي اجازت ناهي ڏني، جيئن فتاويٰ رضويہ شريف ۾ فرمائن ٿا: "جيڪڏهن بدن موٽي ۽ ويڪرن ڪپڙن سان ڍڪيل آهي، نہ اهڙا سنهڙا (ڪپڙا) جو بدن يا وارن جي رنگت ظاهر ٿئي نہ اهڙا سوڙها (ڪپڙا) جو بدن جي حالت (يعني ڪنهن عضوي جي گولائي يا اُڀار وغيره) ظاهر ٿئي ۽ اڪيلائي ۾ وڃڻ نہ ٿئي ۽ پير جوان نہ هجي (يعني اهڙو پيرسن مثلاً ڇهري تي گُهنج هجن ۽ شهوت جي اعتبار سان بلڪل بي ڪشش هئڻ گهرجي جو جنهن سان طرفين يعني پير ۽ مريدياڻي مان ڪنهن هڪ جي طرفان بہ شهوت جو خطرو نہ هجي) مطلب ڪو فتنو نہ في الحال هجي نہ ان جو خطرو (آئنده جي لاءِ) هجي تہ ديني علم (۽) راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ جا ڪم سکڻ جي لاءِ وڃڻ ۽ گُهرائڻ ۾ ڪو حرج ناهي." (فتاوٰي رضويه ج 22 ص 240)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

## عورت عالم جو بيان ٻڌڻ جي لاءِ نڪري سگهي ٿي يا نہ؟

**سوال:** ڇا اسلامي ڀيڻ عالم جو بيان ٻڌڻ جي لاءِ پردي جي پابندي سان گهران ٻاهر نڪري سگهي ٿي؟

**جواب:** ڪجهہ شرطن سان ديني علم حاصل ڪرڻ جي نيت سان گهران ٻاهر نڪري سگهي ٿي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، **امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ”عورتن کي مسجد ۾ نماز کان منع آهي ۽ واعظ (يعني واعظ ڪرڻ وارو) يا ميلاد خوان جيڪڏهن سنّي عالم صحيح العقيده هجي ۽ ان جو وعظ ۽ بيان شريعت جي مطابق هجي ۽ (عورت جي اچڻ) وڃڻ ۾ خوب احتياط ۽ ڪامل پردو هجي ۽ فتني جو ڪو خوف نہ هجي ۽ مجلسِ رجال (يعني مردن جي محفل) کان پري (جتي هڪٻئي تي نظر نہ پوندي هجي اهڙي جڳهہ) انهن جي ويهڻ جو انتظام هجي تہ حرج ناهي.“ (فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 239)

## جنت ۾ وٺي وڃڻ وارا عمل

اسلامي ڀينرو! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهڻ سان زندگي ۾ اُهي حيرت انگيز تبديليون اچن ٿيون جو ڪيترن ئي اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن پنهنجي جذبن جو اظهار ڪندي چيو: ڪاش! اسان کي گهڻو اڳ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول ملي وڃي ها! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي برڪتن سان مالا مال هڪ مدني بهار ملاحظ فرمايو: باب الاسلام (سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀيڻ دعوتِ اسلامي جي مشڪبار مدني ماحول سان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

وابستہ ٿيڻ جو سبب ڪجهہ ائين بيان ڪن ٿيون: آئون نمازون قضا ڪرڻ، بي پردگي ۽ فلمون ڏسڻ جهڙن گهڻن گناهن ۾ گرفتار ٿي وقت جي انمول هيرن کي آخرت جي بربادي جو سامان خريد ڪرڻ ۽ دوزخ ۾ وٺي وڃڻ وارن عملن ۾ خرچ ڪرڻ ۾ مصروف هيس. افسوس! گناهن جي ڏٻڻ ۾ ګلي تائين ڦهجي وڃڻ باوجود مون کي اهو احساس بہ نہ هو تہ اهي سڀ ڪم خدا عَزَّوَجَلَّ ۽ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ناراض ڪرڻ وارا آهن، منهنجي اصلاح جو سبب اُهي قيمتي لمحا بڻيا جيڪي مون دعوتِ اسلامي جي اسلامي ڀينرن جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ گذاريا، ان اجتماع ۾ شريڪ ٿيڻ جو وسيلو دعوتِ اسلامي جي هڪ مبلغہ جي انفرادي ڪوشش بڻي، اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت تہ ڇا ملي منهنجي دل چوٽ کائي وئي! (يعني اهڙو اثر ٿيو جو) بيوفا دنيا کان منهنجي دل ٽٽي وئي، اُها دل جيڪا ڪڏهن دنيا جي رنگينين ۾ گم رهندي هئي، هاڻي ان کان بيزار ٿي چڪي هئي، مون کي اهو احساس ٿي چڪو هو تہ

ایک جھونکے میں اِدھر سے اُدھر — چار دن کی بہار ہے دنیا
زندگی نام ہے اِس کا مگر — موت کا انتظار ہے دنیا

اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ آئون گناهن کان توبهہ ڪري جنت ۾ وٺي وڃڻ وارن عملن ۾ لڳي ويس، اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ مون دعوتِ اسلامي جو مدني ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو، هي سٽون لکڻ تائين هڪ حلقہ مشاورت جي ذميدار جي حيثيت سان سنتن جي خدمت جي سعادت حاصل ڪري رهي آهيان.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

گناہوں نے کہیں کا بھی نہ چھوڑا — کرم مجھ پر حبیبِ کبریا ہو
مری بد عادتیں ساری چھٹیں گی — اگر لطف آپ کا یا مصطفےٰ ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جو 99 فيصد ڪم انفرادي ڪوشش سان آهي

اسلامي ڀينرو! ڏٺو اوهان! انفرادي ڪوشش جون ڪهڙيون برڪتون نصيب ٿيون! آخرت جي بربادي واري ڏنگي واٽ تي هلندڙ اسلامي ڀيڻ کي اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ جنت ۾ وٺي وڃڻ واري رستي تي هلڻ جي توفيق ملي وئي، يقيناً نيڪي جي دعوت جي مدني ڪم ۾ انفرادي ڪوشش کي وڏو عمل دخل آهي ايستائين جو اسان جي مٺي مٺي آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سڀ جا سڀ انبياء ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن نيڪي جي دعوت جي ڪم ۾ انفرادي ڪوشش فرمائي آهي. بيشڪ دعوتِ اسلامي جو تقريباً 99% (نوانوي فيصد) مدني ڪم انفرادي ڪوشش جي ذريعي ئي ممڪن آهي. اجتماعي ڪوشش جي مقابلي ۾ انفرادي ڪوشش بيحد آسان آهي ڇاڪاڻ ته اجتماع ۾ تمام گهڻين اسلامي ڀينرن جي سامهون "بيان" ڪرڻ جي صلاحيت هر هڪ ۾ ناهي هوندي جڏهن ته انفرادي ڪوشش هر اها اسلامي ڀيڻ به ڪري سگهي ٿي جنهن کي بيان ڪرڻ ته پري ڳالهائڻ به نه ايندو هجي. هر اسلامي ڀيڻ کي گهرجي ته مدني مرڪز جي ڏنل طريقيڪار جي مطابق اسلامي ڀينرون (پلي انهن جو تعلق زندگي جي ڪنهن به شعبي سان هجي) کي بي خوف نيڪي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

جي دعوت پيش ڪري. ڪهڙي خبر جو اوهان جا ڪجهہ جملا ڪنهن جي دنيا ۽ آخرت سنوارڻ ۽ اوهان جي لاءِ وڏيڪ ثوابِ جاريہ حاصل ڪرڻ جو ذريعو بڻجي وڃن.

اِنفرادی کوشش کرتی رہیں
نیکیوں سے جھولیاں بھرتی رہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## خطرناڪ زهريلو نانگ

**سوال:** گهرواريءَ جي گهران ٻاهر نڪرڻ تي مڙس جي بُرو سمجهڻ بابت صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو ڪو واقعو ٻڌائي ڇڏيو؟

**جواب:** هڪ غيرتمند صحابي جي حڪايت ٻڌو ۽ عبرت حاصل ڪريو. حضرت سيّدنا **ابو سعيد خُدري** رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: هڪ نوجوان صحابي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ **جي نئين نئين شادي ٿي هئي**. هڪ ڀيري جڏهن پاڻ پنهنجي گهر تشريف ڪٺي آيا تہ ڏٺائون سندس ڪنوار گهر جي دروازي تي بيٺي آهي، ڪاوڙ ۾ اچي نيزو تاڻي پنهنجي ڪنوار ڏانهن وڌيا، هوءَ گهٻرائجي پوئتي هٽي وئي ۽ رڙ ڪري چيائين: **منهنجا سرتاج!** مون کي نہ ماريو، آئون بي قصور آهيان، ٿورو گهر جي اندر هلي ڏسو تہ ڪهڙي شيءِ مون کي ٻاهر ڪڍيو آهي، اهڙي طرح اهي صحابي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ اندر تشريف ڪٺي ويا، **ڇا ٿا ڏسن تہ هڪ خطرناڪ زهريلو نانگ ويڙهجي سيڙهجي بستري تي ويٺو آهي**. بي قرار ٿي نانگ تي وار ڪري ان کي نيزي تي ڪٺي ورتائون، نانگ تڙپي ڪري کين بہ ڏنگي وڌو. زخمي نانگ تڙپي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

تڙپي مري ويو ۽ اهي غيرتمند صحابي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ به نانگ جي زهر جي اثر ڪان شهادت جو مرتبو حاصل ڪيائون. (صحيح مسلم ص 228 حديث 236) **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## ڇا پردو ترقي ۾ رڪاوٽ آهي

**سوال:** ڪجھ ماڻهو چوندا آهن، غير مسلم تمام اڳتي نڪري چڪا آهن، پردي تي سختي مسلمانن جي ترقي ۾ رڪاوٽ آهي!

**جواب:** مسلمانن جي ترقي ۾ پردو نه حقيقت ۾ بي پردگي رڪاوٽ بڻيل آهي! جي ها، جيستائين مسلمانن ۾ شرم و حيا ۽ پردي جو رواج رهيو تيستائين اُهي تمام گھڻي ڪاميابي حاصل ڪندا رهيا، ايتري تائين جو دنيا جي بيشمار ملڪن تي اسلام جو جهنڊو جهولڻ لڳو، پرديدار مائرن وڏن وڏن بهادر جرنيلن ۽ سپہ سالارن، عظيم حڪمرانن، علماءِ ربانين ۽ اولياءِ ڪاملين کي پيدا ڪيو، تمام اُمّهاتُ المؤمنين ۽ سيّدالمرسلين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون تمام صحابيات رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُنَّ باپرده هيون، حسنين ڪريمين رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا جي والده ماجده خاتونِ جنت سيّده فاطمه زهرا رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهَا با پرده هيون، سرڪار بغداد حضور غوث اعظم عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْاَکْرَم جي والده محترمه سيّدتنا اُمُّ الخير فاطمه رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْهَا باپرده هيون، مطلب ته جيستائين پردو قائم هو ۽ پاڪ بيبيون چادر ۽ چؤديواري جي اندر هيون، مسلمان خوب ترقي جون منزلون طئي ڪندو رهيو ۽ ڪافرن تي غالب رهيو. جڏهن ڪان مڪار ڪافرن ڪان متاثر ٿي مسلمانن بي پردگي جو سلسلو شروع

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

ڪيو آهي مسلسل تنزلي جي اونهي کڏي ۾ ڪِرندا پيا وڃن. ڪلهه تائين جيڪي ڪافر مسلمان جي نالي کان ڏڪندا هئا، اڄ اُهي مسلمانن جي بي پردگين ۽ بد اعمالين جي سبب غالب اچي چڪا آهن. اسلامي ملڪن تي باقاعده ناجائز حملا ٿي رهيا آهن ۽ ظالمانه قبضا ڪيا پيا وڃن، پر مسلمان آهي جيڪو هوش ۾ ئي نه ٿو اچي. آه! اڄ جو نادان مسلمان T.V، V.C.R ۽ INTERNET تي فلمون ڊراما هلائي، بيهوده فلمي گانا جهونگاري، شادين ۾ ڊانس جون محفلون ڄمائي، ڪافرن جي پيروي ۾ ڏاڙهي ڪوڙائي، ڪافرن جهڙو بي حيائي وارو لباس بدن تي پائي، اسڪوٽر جي پويان بي پرده گهرواريءَ کي ويهاري، بي حيا گهرواريءَ کي ميڪ اپ ڪرائي مردن ۽ عورتن جي گڏيل تفريح گاهه ۾ وڃي، پنهنجي اولاد کي دنياوي تعليم جي خاطر ڪافرن جي ملڪن ۾ ڪافرن جي حوالي ڪرائي، خبر ناهي ڪهڙي قِسم جي ترقيءَ جي ڳولا ۾ آهي!

وہ قوم جو کل تک کھیلتی تھی شمشیروں کے ساتھ
سینما دیکھتی ہے آج وہ ہمشیروں کے ساتھ

## حقيقت ۾ ڪامياب ڪير؟

**افسوس صد ڪروڙ افسوس!** اڄ گهڻا مسلمان ڪوڙ، غيبت، تهمت، خيانت، زِنا، شراب، جُوا، فلمون، ڊراما ڏسڻ ۽ گانا باجا وغيره ٻڌڻ جا گناهه لاپرواهي سان ڪندا پيا وڃن، اڪثر مسلمان عورتن، مردن سان کلهو کلهي ۾ ملائي هلڻ جي ناپاڪ ارادي ۾ حياءُ جي چادر لاهي اُڇلائي ڇڏي آهي ۽ هاڻي، پرڪشش ساڙهين، اڌ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

اگهاڙن غرارن، مردانه لباس جيان ۽ مردن وانگر وار رکي شادي هالن، هوٽلن، تفريح گاهن ۽ سينيما گهرن ۾ پنهنجي آخرت برباد ڪرڻ ۾ مشغول آهن. خدا جو قسم! موجوده طور طريقي ۾ نه ترقي آهي نه ڪاميابي. ترقي ۽ ڪاميابي صرف ۽ صرف **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري ڪندي هِن مختصر زندگيءَ کي سنتن جي مطابق گذاري ايمان سلامت کڻي قبر ۾ وڃڻ ۽ جهنم جي خوفناڪ عذاب کان بچي جنّتُ الفِردوس ماڻڻ ۾ آهي، جيئن ته سيپاري 4 سورة آل عمران جي آيت نمبر 185 ۾ خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جو ارشاد آهي:

فَمَنۡ زُحۡزِحَ عَنِ النَّارِ وَاُدۡخِلَ الۡجَنَّةَ فَقَدۡ فَازَ ؕ

**ترجموڪنزالايمان:** جيڪو باهه کان بچائي بهشت ۾ داخل ڪيو ويو سو مراد کي پهتو.

## جهنم ۾ عورتن جي ڪثرت

آه! آه! آه! عورتن ۾ بي پردگي ۽ گناهن جي ڪثرت تيڻ انتهائي تشويشناڪ آهي، خدا جو قسم! جهنم جو عذاب برداشت نه ٿي سگهندو. صحيح مسلم ۾ آهي: حضور نبيءِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشاد عبرت بنياد آهي: مون جهنم ۾ ملاحظه فرمايو ته جهنم ۾ عورتون وڌيڪ آهن. (صحيح مسلم ص 228 حديث، 2737)

يه شَرحِ آيۂ عِصمت ہے جو ہے بَیش نہ کم — دل و نظر کی تباہی ہے قُربِ نامَحرَم
حیا ہے آنکھ میں باقی نہ دل میں خوفِ خدا — بہت دنوں سے نظامِ حیات ہے بَرہَم
یہ سَیرگاہیں کہ مَقتَل ہیں شرم و غیرت کے — یہ مَعصِیَت کے مَناظِر ہیں زینتِ عالَم
یہ نیم باز سا بُرقع یہ دِیدہ زَیب نِقاب — جَھلک رہا ہے جَھلا جَھل قمیص کا رَیشم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا .** (طبراني)

نہ دیکھ رَشک سے تہذیب کی نُمائش کو ۔۔۔ کہ سارے پھول یہ کاغذ کے ہیں خدا کی قسم
وُہی ہے راہ ترے عزم و شوق کی منزِل ۔۔۔ جہاں ہیں عائشہ و فاطِمہ کے نقشِ قدم
تِری حیات ہے کردارِ رابعہ بصری
ترے فَسانے کا موضوع عِصمتِ مریم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد
تُوبُوا اِلَى الله ! اَسْتَغْفِرُالله
صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بي غيرتي جي انتها

**ڪافرن** جي اجائي ترقي جي ريس ڪندي بي پردگي ۽ بي حيائي جو بازار گرم ڪرڻ وارا ٿورو غور ته ڪن، **يورپ، آمريڪا** ۽ انهن ڪان متاثر ٿيڻ وارن ملڪن ۾ ڇا ٿي رهيو آهي! رقص گاهن ۾ ماڻهو پنهنجي اکين سان پنهنجي ننهن ڌيئرن کي ٻين جي آغوش ۾ ڏسن ٿا ۽ **بلڪل** غيرت نه ٿا ڪائن، بلڪ اهي دَيُّوث فخر سان آڪڙ ڪندي داد ڏئي رهيا هوندا آهن! بي پرده ۽ فيشن ايبل عورتن جي "منهن ڪاري" ٿيڻ جون حيا سوز خبرون اڪثر ڪري اخبارن ۾ ڇپجنديون آهن. اُها عورت جيڪا مرد جي شهوت پرستي جو شڪار ٿيندي آهي جيڪڏهن ان کي حمل ٿي ويو ته اها ڪٿي وڃي لڪندي؟ حمل ڪيرائڻ جي صورت ۾ هوءَ پنهنجي جان به وڃائي سگهي ٿي، هلو مڃيوسين ته يورپ جي ترقي يافته ملڪن ۾ اهڙيون اسپتالون موجود آهن جيڪي حمل ڪيرائڻ جي "خدمت" انجام ڏينديون آهن ۽ اهڙيون پناهه گاهون به موجود آهن جتي غير

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

شادي شده مائرن کي پناهہ ملي ويندي آهي پر ڇا معاشري ۾ انهن کي ڪو قابلِ احترام مقام بہ نصيب ٿي سگهي ٿو. مجيوسين تہ ذليل ٿي انهن ٻنهي (يعني غير شادي شده جوڙي) پنهنجي ڪئي جي دنيا ۾ هٿو هٿ سزا پاتي پر اهو ٻار جيڪو ان طرح پيدا ٿيو آهي جيڪڏهن زنده بچي بہ ويو تہ ان جو ڇا ٿيندو؟ ان جي شهوت پرست پيءُ بہ ان کان منهن موڙي ورتو بدڪار ماءُ بہ ان کي گند جي ڍير يا ڪنهن محتاج خاني ۾ ڇڏي هلي وئي!

## ستر هزار حرامي ٻار

ٻي جنگ عظيم ۾ آمريڪا جا سپاهي پنهنجي دوست ملڪ برطانيہ جي مدد جي لاءِ برطانيہ آيا هئا. اهي ڪجهہ سال برطانيہ ۾ ترسيا ۽ جڏهن ويا تہ سرڪاري انگن اکرن جي مطابق ستر هزار حرامي ٻار ڇڏي ويا! يورپ جي ڪجهہ ملڪن ۾ حرامي ٻارن جي پيدائش جي شرح سٺ سيڪڙو کان بہ وڌي وئي آهي ۽ ڪنواري مائرن جي تعداد ۾ تمام گهڻو اضافو ٿي رهيو آهي. طلاقن جي ڪثرت آهي، گهرن ۾ سڪون جي دولت نٿي ملي. زال مڙس ۾ اعتماد موجود ناهي، گهرواريءَ ۽ مڙس ۾ سچي محبت جي ڪمي آهي، برداشت ۽ ايثار جو جذبو ختم ٿي چڪو آهي. ڪا ڳالهہ ڪنهن جي مرضي جي خلاف ٿي وئي تہ جهٽ طلاق حاصل ڪئي ويندي آهي. غور فرمايو! زال مڙس جي ذهني هم آهنگي جيڪا معاشري جي خشتِ اول (يعني بنيادي ايڪو) آهي ۽ محڪم اساس (يعني مضبوط بنياد) بہ اها ئي آهي جو جنهن تي معاشري جو محل تعمير ڪري

سگهجي ٿو، جيڪڏهن اهو بنياد ئي ڪمزور هوندو ته صحت مند معاشرو ڪيئن تعمير ٿيندو؟

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسلام جن شين جي ادائيگي جو حڪم ڏنو آهي انهن ۾ اسان جو ڀلو آهي ۽ جن شين کان روڪيو آهي انهن کي ڪرڻ ۾ اسان جو نقصان آهي هي دين هميشه جي لاءِ آهي ان لاءِ ڪو اهڙو وقت نٿو اچي سگهي جو ان جون حرام ڪيل شيون حلال ٿي وڃن ۽ انهن تي مرتب ٿيڻ وارا نقصان ختم ٿي وڃن.

اٹھا کر پھینک دے اللہ کے بندے
نئی تہذیب کے انڈے ہیں گندے

## چادر ۽ چؤديواري جي تعليم ڪنهن ڏني؟

**سوال:** ڪجھ آزاد طبيعت جا مرد ۽ عورت چوندا آهن ته علماءِ ڪرام چاهين ٿا ته عورت چؤديواري ۾ ويني رهي!

**جواب:** ان ۾ علماءِ ڪرام جو پنهنجو ڪو ذاتي مفاد ناهي، اهو دنيا جي ڪنهن عالمِ دين جو نه ربُّ العٰلمين جَلَّ جَلَالُهٗ جو ارشاد حقيقت بنياد آهي.

وَقَرْنَ فِيْ بُيُوْتِكُنَّ وَلَا تَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِيَّةِ الْاُوْلٰى
(پ 22 الاحزاب 33)

**ترجموكنزالايمان:** ۽ پنهنجي گهرن ۾ ٽڪيون رهو ۽ بي پردي نه رهو اڳوڻي جاهليت جي بي پردگي وانگر.

ڏٺو اوهان! عورت جي لاءِ چادر ۽ چؤديواري جو حڪم ڪنهن عام شخص جو نه اسان سڀني جي پالڻهار ربّ عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ عالي آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي.** (ترغيب و ترهيب)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

تُوبُوا اِلَي الله! اَسْتَغْفِرُالله

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# عورت جي ملازمت جي باري ۾ سوال جواب

**سوال:** ڇا عورت ملازمت ڪري سگهي ٿي؟

**جواب:** پنج شرطن سان اجازت آهي جيئن ته منهنجا آقا اعليٰ حضرت، **امام اهلسنّت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاه امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ”هتي پنج شرط آهن (1) ڪپڙا سنها نه هجن جن مان مٿي جا وار يا ڪارائي وغيره ستر جو ڪو حصو ظاهر ٿئي. (2) ڪپڙا سوڙها نه هجن جيڪي جسم جي بيهڪ (يعني سيني جو اڀار يا پِني وغيره جي گولائي وغيره) ظاهر ڪن. (3) وارن يا ڳلي يا پيٽ يا ڪارائي يا پِني جو ڪو حصو ظاهر نه ٿيندو هجي. (4) ڪڏهن نامحرم سان معمولي دير جي لاءِ به اڪيلائي نه ٿيندي هجي. (5) ان جي اتي رهڻ يا ٻاهر اچڻ وڃڻ ۾ ڪو فتني جو گمان نه هجي. اِهي پنج ئي شرط جيڪڏهن جمع آهن ته حرج ناهي ۽ انهن مان هڪ به گهٽ آهي ته (ملازمت وغيره) حرام آهي. (فتاويٰ رضويه ج 22 ص 248) **جهالت ۽ لاپرواهي** جو دؤر آهي، مٿي ذڪر ٿيل پنجن شرطن تي عمل اڄڪلهه گهڻو مشڪل آهي، اڄڪلهه آفيسن وغيره ۾ مرد ۽ عورتون **مَعَاذَالله** گڏجي ڪم ڪندا آهن ۽ ائين انهن ٻنهي جي لاءِ بي پردگي، بي تڪلفي ۽ بدنگاهي کان بچڻ ناممڪن جي قريب آهي، تنهنڪري عورت ڪي گهرجي ته گهر ۽ آفيس ۾ نوڪري جي بدران ڪو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

گهريلو روزگار اختيار ڪري.

## گهر ۾ ڪم واري رکي سگهجي ٿي يا نہ؟

**سوال:** گهر ۾ ڪم واري رکي سگهجي ٿي؟

**جواب:** رکي تہ سگهجي ٿي پر هيٺئر جيڪي پنج شرط بيان ٿيا انهن کي پيش نظر رکڻ گهرجي، جيڪڏهن بي پردگي ڪرڻ واري هوندي تہ گهر جي مردن جو بدنگاهين ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارين حرڪتن کان بچڻ ڏاڍو مشڪل ٿيندو، بلڪ مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ گهر جي پرديدار عورتن جو اخلاق بہ تباهہ ڪري ڇڏيندي. غير عورت سان مرد جي معمولي اڪيلائي بہ حرام آهي ۽ گهر ۾ رهندڙ مرد جو اڄڪلهہ ان کان بچڻ تقريباً ناممڪن هوندو آهي، تنهنڪري گهر ۾ ڪم واري نہ رکڻ ۾ ئي عافيت آهي.

## ايئر هوسٽس جي نوڪري ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا ايئر هوسٽس جي نوڪري جائز آهي؟

**جواب:** هن دؤر ۾ ايئر هوسٽس جي نوڪري حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي، ڇو تہ ان ۾ بي پردگي شرط هوندي آهي ۽ ان کي بغير مڙس يا محرم جي غير مردن سان گڏ سفر بہ ڪرڻو پوندو آهي.

## مرد جو ايئر هوسٽس کان خدمت وٺڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** هوائي جهاز جو مرد مسافر ايئر هوسٽس جون خدمتون وٺي سگهي ٿو يا نہ؟

**جواب:** هر باحيا ۽ غيرتمند مسلمان ان سوال جو جواب پنهنجي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

ضمير ڪان وٺي سگهي ٿو. ظاهر آهي هڪ بي پرده عورت جنهن جي تربيت ۾ غير مردن سان بہ نرم ۽ نازڪ انداز ۾ گفتگو ڪرڻ شامل هجي، ان ڪان بِنا شديد حاجت جي پاڻي، ڪولڊ ڊرنڪ، چانهہ ۽ ڪافي يا ڪاڏو وغيره گهرڻ خطرن ۾ وجهي سگهي ٿو ها پاڻ اچي ڪاڏو وغيره رکي وڃي تہ ڪائي وٺي، يا پاڻ اچي ڪري ڪجهہ پُڇي تہ نظرون يڪدم جهڪائي يا اکيون بند ڪري هڪ ٻن لفظن ۾ جواب ڏئي جان ڇڏائي وٺي. هرگز ان سان سوال جواب نہ ڪري ۽ ان ڪان ڪجهہ گهرائي بہ نہ، نہ تہ اها ڏيڻ جي لاءِ ايندي جنهن سبب وڌيڪ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ يا نگاهہ پوڻ جا مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا. اهڙي موقعي تي جڏهن نفس طرح طرح جا حيلا سيڪاري بي پرده عورت ڪي ڏسڻ ۽ ان سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جي ترغيب ڏئي تہ هِن روايت ڪي ياد ڪرڻ تمام فائديمند آهي، جيئن تہ منقول آهي: **"جيڪو شخص شهوت سان ڪنهن اَجنَبيہ جي حُسن ۽ جمال ڪي ڏسندو تہ قيامت جي ڏينهن اُن جي اکين ۾ شيهو پِگهاري وِڌو ويندو."** (هداية ج 2 ص 368)

## عورت جو اڪيلو سفر ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا اسلامي ڀيڻ جو بغير محرم جي سفر ڪرڻ گناهہ آهي؟

**جواب:** جي ها، بغير مڙس يا محرم جي عورت جو ٽن ڏينهن جي فاصلي (سفر) واري ڪنهن جڳهہ وڃڻ حرام آهي. اهو ظاهرُ الرِّوايہ آهي ايتري تائين جو جيڪڏهن عورت وٽ حج جي سفر جو خرچ آهي پر مڙس يا ڪو قابل اطمينان محرم گڏ ناهي تہ حج ڪرڻ جي

لاءِ بہ نہ ٿي وڃي سگهي، جيڪڏهن وئي تہ گناهگار ٿيندي، باوجود ان جي جو فرض حج ادا ٿي ويندو. جيتوڻيڪ فقهاءِ مُتَاخِّرين جن هڪ ڏينهن جي فاصلي تي عورت جي بِنا محرم وڃڻ کي بہ ممنوع (ناجائز) قرار ڏنو آهي. (ماخوذ از ردالمحتار ج 3 ص 533 وغيره)

مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل "بهارِ شريعت" جلد اول صفحو 752 تي آهي تہ عورت کي بنا محرم جي ٽن ڏينهن يا وڌيڪ جي راهہ وڃڻ (يعني سفر ڪرڻ) ناجائز آهي بلڪ هڪ ڏينهن جي سفر تي وڃڻ بہ. نابالغ ٻار يا مَعتُوه سان گڏ بہ سفر نٿي ڪري سگهي، سفر ڪرڻ لاءِ بالغ محرم يا مڙس جو هئڻ ضروري آهي. (عالمگيري ج 1 ص 142، فتاوٰي رضويہ ج 10 ص 657) محرم جي لاءِ ضروري آهي تہ سخت گنهگار بيباڪ غير محفوظ نہ هجي.

**سوال:** ٽن ڏينهن جي مسافت مان ڇا مراد آهي؟

**جواب:** خشڪي ۾ سفر تي ٽن ڏينهن جي مسافت مان مراد ساڍا ستونجاهہ ميل جو فاصلو آهي. (فتاوٰي رضويہ ج 8 ص 270) ڪلو ميٽر جي حساب سان اهو مقدار تقريباً 92 ڪلو ميٽر بڻجي ٿو.

**سوال:** مٿي لکيل جواب ۾ جيڪا "ظاهرُالرِّوايہ" جي اصطلاح بيان ڪئي ويئي آهي اُن جي وضاحت ڪري ڇڏيو.

**جواب:** فقہ حنفي ۾ ظاهرُالرِّوايہ اُنهن مسئلن کي چيو ويندو آهي جيڪي حضرت سيدنا امام محمد بن حسن شيباني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّورانِي جي ڇهن ڪتابن: (1) جامع صغير (2) جامع ڪبير (3) سير ڪبير (4) سير صغير (5) زيادات (6) مبسوط ۾ ذڪر ٿيل هجن.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

**سوال:** بهارِ شريعت جي حصي ۾ اهو جيڪو "مَعۡتُوہ" بيان ڪيو ويو آهي اهو ڪير هوندو آهي؟

**جواب:** جيڪو شخص گهٽ سمجهه وارو هجي، تدبير صحيح نه هجيس، ڪڏهن عقلمندن جهڙيون ڳالهيون ڪري، ڪڏهن مدهوشن جهڙيون جيڪڏهن جنون جي حد تائين نه پهتل هجي، ماڻهن کي بي سبب ماريندو گاريون نه ڏيندو هجي، اُهو مَعۡتُوہ چورائي ٿو. شرعاً اُن جو حڪم سمجهدار ٻار جي مِثل آهي. (فتاوٰي رضويه ج 19 ص 636)

## عورت جو هوائي جهاز ۾ اڪيلو سفر ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** جيڪڏهن ڪنهن ٻئي شهر يا ٻئي ملڪ ۾ عورت جو محرم يا مڙس آهي ۽ اهو ان کي گهرائي رهيو آهي ته ڇا عورت، بس، ڪار، ريل گاڏي، ٻيڙي يا هوائي جهاز وغيره جي ذريعي سان به اڪيلي نه ٿي وڃي سگهي؟

**جواب:** نه ٿي وڃي سگهي.

**سوال:** ته ڇا اها مڙس جي نافرماني نه چئبي؟

**جواب:** جي نه. **امير المؤمنين** حضرت مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ، شير خدا كَرَّمَ اللہُ تَعَالٰی وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم ڪان روايت آهي ته سرڪارِ مدينه، سلطانِ باقرينه، قرارِ قلب و سينه، فيضِ گنجينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: "لَاطَاعَةَ فِيۡ مَعۡصِيَةِ اللّٰهِ اِنَّمَا الطَّاعَةُ فِي الۡمَعۡرُوۡفِ" يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ۾ ڪنهن جي اطاعت جائز ناهي، اطاعت ته صرف نيڪي جي ڪمن ۾ آهي. (صحيح مسلم ص 1023 حديث 1840) هِن حديث پاڪ ۾ ارشاد ٿيل لفظ "معروف" جي معنيٰ بيان ڪندي مُفسّر شهير،

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنّان فرمائن ٿا: ”معروف“ اُهو ڪم آهي جنهن ڪان شريعت منع نہ ڪري، ”مَعصِيت“ اُهو ڪم آهي جنهن ڪان شريعت منع ڪري. (مِراة المناجيح ج 5 ص 340)

## عورت جو علاج جي غرض سان گهٽيءَ ۾ هلڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڊاڪٽر روزانو مخصوص وقت جي لاءِ پيادي هلڻ جي تاڪيد ڪئي هجي ۽ گهر ۾ ائين ممڪن نہ هجي تہ ڇا ڪري؟

**جواب:** پردي جي سمورن شرطن جي پابندي ڪندي ٻاهر پيادل هلڻ ۾ حرج ناهي جڏهن تہ ڪا ٻي شرعي رڪاوٽ موجود نہ هجي.

## اسان هاڻي صرف مدني چينل ڏسندا آهيون

اسلامي ڀينرو! سنتن ڀري تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ برڪتون ۽ سعادتون ملنديون. معاشري جا ڪيترائي بگڙيل خاندان دعوتِ اسلامي جي مدني قافلي جي برڪت سان اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ سِڌي راهہ تي اچي چڪا آهن. شهداد پور (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀيڻ (عمر تقريباً 45 سال) جي بيان جو خلاصو آهي تہ اسان جي گهر ۾ نمازن جي ادائيگي جي ڪا ترڪيب نہ هئي، ڪيبل جي ذريعي T.V تي خوب فلمون ۽ دراما ڏٺا ويندا هئا، دين جي علم کان محرومي ۽ نيڪ صحبت کان پري هئڻ جي ڪري سڄو گهر برائين ۾ مبتلا هو، اسان جي خوش نصيبي جو اپريل 2009ع ۾ اسان جي علائقي ۾ دعوتِ

اسلامي جي اسلامي ڀينرن جو مدني قافلو آيو، ”علاقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت“ جي دؤران مدني قافلي جون اسلامي ڀينرون اسان جي گهر به آيون، انهن جي دعوت تي آئون مدني قافلي جي قيام واري جڳهه تي ٿيڻ واري بيان ۾ شريڪ ٿيس، ان بيان منهنجي دل جي دنيا بدلائي ڇڏي، آئون شرمسار ٿيس ته افسوس! منهنجي سڄي زندگي گناهن ۾ گذري ويئي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسلامي ڀينرن جي مدني قافلي جي برڪت سان مون کي توبهه جي سعادت ملي، نه صرف مون بلڪ منهنجي ڌيئرن به پنج وقتي نماز پڙهڻ شروع ڪري ڇڏي ۽ هاڻي اسان جي گهر کو ٻيو نه صرف دعوتِ اسلامي جو مدني چينل ڏٺو ويندو آهي.

دل کی کالک دُھلے سُکھ سے جینا ملے　　آؤ آؤ چلیں قافلے میں چلو
چھوٹیں بد عادتیں سب نَمازی بنیں　　پاؤگے رحمتیں قافلے میں چلو
صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نماز برائين کان بچائي ٿي

اسلامي ڀينرو! اوهان ڏٺي مدني قافلي جي برڪت! ربّ العزت عَزَّوَجَلَّ جي عبادت کان پري رهڻ واري گهراڻي ۾ اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ نمازن جي بهار اچي وئي! هر مسلمان کي نماز پڙهڻ گهرجي اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ نماز جي برڪت سان بُرائين جي عادت ختم ٿي ويندي، الله عَزَّوَجَلَّ سيپاري 21 سورةُ العَنكبوت آيت نمبر 45 ۾ ارشاد فرمايو:

اِنَّ الصَّلٰوةَ تَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَ الْمُنْكَرِ ط　　ترجموڪنزالايمان: بيشڪ نماز بي حيائي ۽ بري ڳالهه کان روڪي ٿي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

# نبي جي پيروي ۾ خشڪ ٽاري لوڏي

نماز جي فضيلت جي بہ ڇا ڳالهہ ڪجي! دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 743 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”جنت میں لے جانے والے اعمال“ صفحي 76 تي آهي: حضرت سيدنا ابو عثمان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ آئون حضرت سيدنا سلمان فارسي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ سان گڏ هڪ وڻ جي هينان بيٺو هئس تہ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن اُن وڻ جي هڪ خشڪ ٽاري کي جهليو ۽ لوڏيو ايستائين جو اُن جا پتا ڇڻڻ لڳا پوءِ فرمايائون: اي ابو عثمان! ڇا تون مون کان نہ پڇندين تہ مون ائين ڇو ڪيو؟ مون پڇيو تہ اوهان ائين ڇو ڪيو؟ تہ فرمايائون: هڪ دفعي آئون رسول اڪرم، رحمتِ عالم، نور مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هڪ وڻ جي هيٺ بيٺو هئس تہ رحمت عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اهڙي ئي طرح ڪيو ۽ اُن وڻ جي هڪ خشڪ ٽاري کي جهلي ڪري لوڏيو ايستائين جو اُن جا پتا ڇڻي ويا پوءِ فرمايائون: اي سلمان! ڇا تون مون کان نہ پڇندي تہ مون اهو عمل ڇو ڪيو؟ مون عرض ڪيو: اوهان ائين ڇو ڪيو؟ ارشاد فرمايائون: بيشڪ جڏهن مسلمان چڱي طرح وضو ڪري ٿو ۽ پنج نمازون ادا ڪري ٿو تہ اُن جا گناهہ ائين ڇڻن ٿا جهڙي طرح اهي پن ڇڻي ويجن ٿا، پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هي آيت سڳوري پڙهي:

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعلي)

وَ اَقِمِ الصَّلٰوةَ طَرَفَيِ النَّهَارِ وَ زُلَفًا مِّنَ الَّيْلِ ؕ اِنَّ الْحَسَنٰتِ يُذْهِبْنَ السَّيِّاٰتِ ؕ ذٰلِكَ ذِكْرٰى لِلذّٰكِرِيْنَ ۚ﴿۱۱۴﴾
**(پ 12 هود 114)**

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ نماز قائم رکو ڏينهن جي ٻنهي طرفن ۽ ڪجھ رات جي حصن ۾ بيشڪ چڱايون برايون کي متائي ڇڏينديون آهن، هي نصيحت آهي نصيحت مڃيندڙن جي واسطي.
(مسند احمد ج 9 ص 178 حديث 23768)

## ڇا عورت ڊاڪٽر وٽ وڃي سگھي ٿي؟

**سوال:** ڇا عورت مرد ڊاڪٽر کي نبض ڏيکاري سگھي ٿي؟

**جواب:** جيڪڏهن ليڊي ڊاڪٽر کان علاج ممڪن نه رهي ته هاڻي مرد ڊاڪٽر وٽ وڃڻ جي اجازت آهي. ضرورتًا اهو مرد ڊاڪٽر مريضه کي ڏسي به سگھي ٿو ۽ مرض واري جڳھ تي هٿ به لڳائي سگھي ٿو. پر عورت مرد ڊاڪٽر جي سامهون جسم جو صرف ضرورت وارو حصو ڏيکاري، ڊاڪٽر به جيڪڏهن غير ضروري حصي تي جاڻي واڻي ڏسندو يا ڇهندو ته گناهگار ٿيندو. انجيڪشن وغيره عورت جي ذريعي لڳرائي جو هتي عموماً مرد جي حاجت ناهي هوندي.

## عورت جو مرد کان انجيڪشن لڳرائڻ

**سوال:** جيڪڏهن نرس نه هجي ۽ انجيڪشن لڳرائڻ ضروري هجي ته عورت ڇا ڪري؟

**جواب** : صحيح مجبوري جي صورت ۾ غير مرد کان لڳرائي وٺي.

## مرد جو نرس کان انجيڪشن لڳرائڻ

**سوال:** ڇا مرد نرس کان انجيڪشن لڳرائي سگھي ٿو؟

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو.** (ابن عدي)

**جواب:** نہ انجيڪشن لڳرائي سگهي ٿو، نہ پٽي ٻڌرائي سگهي ٿو، نہ بلڊ پريشر چيڪ ڪرائي سگهي ٿو، نہ ٽيسٽ ڪرائڻ جي لاءِ رت ڪڍرائي سگهي ٿو. **مطلب تہ بنا شرعي اجازت جي مرد ۽ عورت ڪي هڪ ٻئي جو جسم ڇهڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.**

## مٽي ۾ لوهہ جون ڪِليون

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: "توهان مان ڪنهن جي مٿي ۾ لوهہ جي ڪِلي نوڪي وجڻ ان ڪان بهتر آهي تہ اهو ڪنهن اهڙي عورت کي ڇُهي جيڪا ان جي لاءِ حلال ناهي."

(المعجم الكبير ج 20 ص 211 حديث 486)

## نرس جي نوڪري ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا عورت نرس جي نوڪري بہ نہ ٿي ڪري سگهي؟

**جواب:** هن ئي ڪتاب جي صفحي 123 تي عورت جي نوڪري جا جيڪي پنج شرط بيان ڪيا ويا جيڪڏهن انهن جي پابندي ڪئي تہ "نرس" جي نوڪري جائز آهي. اڄڪلهہ جي دؤر ۾ نرس جي لاءِ هنن شرطن کي نڀائڻ بيحد مشڪل نظر اچي ٿو، شرعي تقاضن جو لحاظ ڪرڻ ڪان بغير نرس جي نوڪري ڪرڻ گنهگار ٿيڻ ۽ پاڻ تي بيشمار فتنن جو دروازو کولڻ آهي.

## زخمين جي خدمت ۽ صحابيات

**سوال:** ڇا جهاد ۾ صحابيات رِضْوَانُ اللّٰهِ تعاليٰ عَلَيهِنّ اَجْمَعِين جون زخمين جي خدمت ڪرڻ ثابت ناهن؟ جيڪڏهن ثابت آهن تہ نرسن کي مريضن جي خدمتن جي آزادي ڇو نہ پئي ڏني وڃي؟

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

**جواب:** صحابيات رِضْوَانُ اللهِ تعالي عَلَيهِنّ اَجْمَعِين جو مقصد جنّت جو حُصول ۽ نرس جو مقصد دولت جو حُصول آهي. اُتي پردو نهايت سخت، هِتي عام طور تي بي پردگي شرط. وري جهاد ۽ اسپتال ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق به آهي. جيڪڏهن اڄ به جهاد فرضِ عين ٿي وڃي ته بالغ مردن کي والدين ۽ مڙس وارين کي مڙس روڪين تڏهن به جهاد لاءِ وڃڻ ضروري ٿي ويندو، جڏهن ته اسپتال ۾ اها صورت ناهي، پوءِ به سموريون شرعي تقاضائون پوريون ڪري سگهنديون هجن ته نرس بڻجڻ جي لاءِ اجازت جي صورت اڳ ۾ بيان ڪري ڇڏي آهي.

## نرس جي نوڪري جي جائز ٿيڻ جي هڪ صورت

**سوال:** ڇا نرس جي نوڪري جائز ٿيڻ لاءِ ڪا صورت آهي يا نه؟

**جواب:** فرض ڪريو ڪا اهڙي اسپتال هجي جتي بلڪل بي پردگي نه ٿيندي هجي، غير مرد کي ڇُهڻ، انجيڪشن لڳائڻ، پٽي وغيره ٻڌڻ جي به نوبت نه ايندي هجي اِن کان علاوه به جيڪڏهن ڪا شرعي ممانعت نه هجي ته اُتي نرس جي نوڪري جائز آهي.

## پيءُ کي ٻاهرين ملڪ نوڪري ملي ويئي

اسلامي ڀينرو! اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي برڪت سان هر طرف سنتن جي ڌوم متل آهي. اچو دعوتِ اسلامي جي هڪ ايمان افروز بهار سان پنهنجي دل ۽ جگر کي گلِ گلزار ڪريو: باب المدينه (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي ته ڪجهه عرصو پهرين اسان پنهنجي والد محترم جي بيروزگاري جي ڪري گهڻي آزمائش ۾ مبتلا هئاسين. گهر جا ڪثير خرچا پورا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

ڪرڻ جي خاطر والد صاحب هڪ مدت کان ٻاهرين ملڪ نوڪري جي لاءِ هٿ پير هٽي رهيا هئا پر ڳالهه ٺهندي نظر نه ايندي هئي. هڪ ڏينهن ڪنهن اسلامي ڀيڻ امڙ کي ٻڌايو: اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي سنتن ڀريي اجتماعن ۾ شريڪ ٿيڻ وارين جي دعائن جي قبوليت جا ڪيترائي واقعا آهن، تنهن ڪري اوهان به اجتماع ۾ شريڪ ٿي پنهنجي مسئلي جي لاءِ دعا ڪريو، ان ڪري امڙ سائڻ اجتماع ۾ حاضري ڏني ۽ اُتي اسان جي والد محترم جي نوڪري جي لاءِ به دعا ڪئي، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اجتماع ۾ شرڪت جي برڪت سان ڪجهه ئي ڏينهن ۾ ٻاهرين ملڪ والد محترم جي نوڪري جي ترڪيب ٺهجي ويئي. هاڻي ته سيني گهر وارن جي دلين ۾ دعوتِ اسلامي جي محبت وڌي وئي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اهو دعوتِ اسلامي جو صدقو آهي جو اڄ اسان جي گهر ۾ مدني ماحول آهي ۽ آئون به دعوتِ اسلامي جي هڪ ادنيٰ مبلغه جي حيثيت سان مدني ڪم ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهيان.

غیبی امداد ہو گھر بھی آباد ہو، لطفِ حق دیکھ لیں اجتماعات میں
چل کے خود دیکھ لیں، رزق کے در کھلیں، برکتیں بھی ملیں اجتماعات میں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اسلامي ڀينرو! سنتن ڀريي اجتماعن ۾ ٻنهي جهانن جي برڪتن جي برسات جي به ڇا ڳالهه ڪجي! مدني آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي عاشقائن جي قرب ۾ گهريون ويندڙ دعائون ڇو نه رنگ لائين. سني صحبت وري سني صحبت هوندي آهي، چڱن جو قُرب مرحبا

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

صد ڪروڙ مرحبا! انهي سلسلي ۾ سنن پاڙيسرين جي باري ۾ هڪ ايمان افروز روايت پڙهو ۽ ايمان تازو ڪريو:

حُسنِ اخلاق جي پيڪر، نبين جي تاجور، محبوبِ ربّ اڪبر صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”اللّٰه عَزَّوَجَلَّ نيڪ مسلمان جي ڪري اُن جي پاڙي جي 100 گهرن کان مصيبت پري فرمائي ڇڏي ٿو.“

(المعجم الاوسط للطبراني ج 3 ص 129 حديث 4080)

## گڏيل تعليم جو شرعي حڪم

**سوال:** مخلوط تعليم (co-education) جي باري ۾ ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** بالغان جي مخلوط تعليم جو رائج ٿيل سلسلو سراسر ناجائز، حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.

## عورت ۽ ڪاليج

**سوال:** هِن زماني ۾ عورت ڪي اسڪول ڪاليج جي تعليم ۾ ڪهڙن ڪهڙن خطرن ڪي مُنهن ڏيڻو پوندو آهي؟

**جواب:** عورت جڏهن کان اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽي ۾ پهتي آهي، فتنن جو اهو دروازو کليو آهي جو اَلاَمَانُ والحَفِيظ. اوّل تہ تعليمي ادارن جي ڊريس بي پردگي واري ۽ جيڪڏهن ڪِٿي برقعو وغيره آهي بہ تہ اهو پرڪشش هئڻ جي سبب نامناسب، وري نوجوان عورت جو آزادي سان گهر کان ٻاهر اچڻ وڃڻ هزار فتنا پيدا ڪندو آهي، ڪاليج جون اُهي شاگرداڻيون جيڪي اُتي جي ڇوڪرن سان بي تڪلف ٿي ويندڙيون آهن، انهن مان شايد ئي ڪنهن جي ”آبرو“ سلامت رهندي هجي! انهن جي عشق و فِسق جا قصا روزانو ئي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

اخبارن ۾ ڇپجندا آهن، مرضي جي شادي ۾ جيڪڏهن ماءُ پيءُ رڪاوٽ بڻجن ٿا ته جذبات ۾ اچي ڪيترائي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون خودڪشي جي راهه اختيار ڪندا آهن. ڇوڪري پڙهي لکي جيڪڏهن آفيس ۾ نوڪري اختيار ڪري ته پوءِ ان ۾ گناهن جي سلسلي جو وڏيڪ خطرو آهي، آفيسن ۾ بي پردگي ۽ غير مردن سان بي تڪلفي کان بچڻ ناممڪن جي قريب هوندو آهي. هر غيرت مند مسلمان ان جي دنياوي ۽ اُخروي نقصانن کي سمجهي سگهي ٿو، اڪبر اِلٰہ آبادي به خوب خبر ورتي آهي.

تعلیمِ دُختراں سے یہ اُمید ہے ضَرور
ناچے دُلہن خوشی سے خود اپنی برات میں

## پرديدار ڇوڪريءَ جي شادي ناهي ٿيندي

**سوال:** گهر وارا پردو ڪرڻ کان اهو چئي روڪيندا آهن ته ڪاليج جي تعليم کان اڻ ڄاڻ، فيشن پرستي کان پري ۽ شرعي پردو ڪرڻ واري ڇوڪريءَ جو رشتو ناهي ٿيندو! ڇا اها صحيح سوچ آهي؟

**جواب:** اها سوچ غلط آهي لوح محفوظ تي جتي جوڙو لکيل آهي هر حال ۾ اُن جڳهه تي شادي ٿيندي ۽ جيڪڏهن لکيل ناهي ته چاهي ڪيڏي به پڙهيل لکيل ۽ فيشن جي شوقين هجي دنيا جي ڪا طاقت شادي نٿي ڪرائي سگهي ۽ جيڪڏهن مقدر ۾ دير آهي ته دير سان ئي شادي ٿيندي. روزانو خبر ناهي ڪيتريون ئي پڙهيل لکيل فيشن جون ديوانيون ۽ ڪنواريون حادثن يا بيمارين جي ذريعي موت جو شڪار ٿي وينديون آهن ۽ ڪيتريون ئي جوان ڇوڪريون

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

سمنڊ ڪناري تي ترڻ جي شوق ۾ ٻڏي مرنديون آهن، يا بي پردگي ۽ فيشن پرستيءَ جي سبب "مجازي عشق" جي چڪر ۾ پاڻ کي ڦاسائي ۽ پوءِ مرضي جي شادي جون راهون بند ڏسي ڪري خودڪشي جو رستو اختيار ڪنديون آهن! هرگز اها باطل سوچ نه رکڻ گهرجي ته بي پردگي ۽ فيشن پرستي وغيره گناهن جا ذريعا استعمال ڪنداسين تڏهن ئي ڪم ٿيندو. منهنجي ڀِلهه ڪي هن عبرت انگيز حڪايت مان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو، منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نقل ڪن ٿا:

## حڪومتي نوڪري

حضرت سيدنا امام سفيان ثوري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن هڪ شخص کي حڪمرانن جي نوڪري کان منع فرمايو، ڇو ته حڪمرانن جو درباري ٿيڻ ۾ ظلم ۽ گناهه کان بچڻ ڏکيو هوندو آهي. اِهو ٻڌي ان چيو: ٻارن ٻچن جو ڇا ڪريان؟ فرمايائون: ٿورو ٻُڌو! هي شخص چوي ٿو ته آئون خدا عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ڪندس تڏهن (اهو) منهنجي اهل و عيال کي رزق پهچائيندو (۽ جيڪڏهن) اطاعت ڪندس ته بي روزگار ئي ڇڏي ڏيندو. (فتاويٰ رضويه ج 23 ص 528)

## آزمائش ۾ نه ڊڄو

يلي ڪيڏي ئي سخت آزمائش اچي وڃي اسلامي ڀينرن کي گهرجي ته شرعي پردو نه ڇڏين، اللهعَزَّوَجَلَّ، شهزاديءِ ڪونين بيبي فاطمه ۽ اُمُّ المؤمنين بيبي عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جي صدقي آساني فرمائي ڇڏيندو. 30 سيپاري ۾ سورهٔ اَلَمْ نَشْرَح ۾ ارشاد آهي:

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو.** (ابن سني)

فَاِنَّ مَعَ الْعُسْرِ یُسْرًاۙ(۵) اِنَّ مَعَ الْعُسْرِ یُسْرًاؕ(۶)

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ بيشڪ ڏک سان گڏ سک آهي بيشڪ ڏک پٺيان سک آهي.

(پ 30 الم نشرح 5، 6)

# ناول پڙهڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** عورتون اڄڪلهہ ڊائجيسٽ ۽ ناول وغيره پڙهنديون آهن انهن جي باري ۾ ڪجھ ٻڌايو.

**جواب:** اخباري مضمونن، ڊائجيسٽن ۽ ناولن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪفريات ڏنا وڃن ٿا. انهن ۾ بدمذهبن جا مضمون بہ هوندا آهن جن کي پڙهڻ سان دين ۽ ايمان جي بربادي جو خطرو رهندو آهي. شريعت جي روشني ۾ بدمذهبن جو مذهبي ڪتاب ۽ انهن جو من گهڙت اسلامي مضمون پڙهڻ مرد ۽ عورت ٻنهي لاءِ حرام آهي. ها ڪٽر سنّي عالم ضرورت پوڻ تي ضرورت آهر ڏسي سگهي ٿو، بهرحال عورت جو معاملو تمام نازڪ آهي، منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: صحيح حديث مان ثابت آهي تہ ڇوڪرين کي سورة يوسف جو ترجمو (۽ تفسير) نہ پڙهايو جو ان ۾ عورتن جي ڏوڪي ڏيڻ جو ذڪر فرمايو آهي. (فتاويٰ رضويہ ج 24 ص 455) غور جو مقام آهي، ڇوڪرين کي قرآنِ پاڪ جي هڪ سورت "سورة يوسف" جي تعليم ڏيڻ کان منع ڪيو ويو آهي تہ ڪِتي اُهي منفي (يعني ابتو) اثر نہ وٺن. هاڻي توهان ئي اندازو لڳايو تہ بي ڍنگي تصويرن ۽ حيا سوز فلمي اشتهارن وغيره هزارين تباهہ ڪارين سان ڀرپور اخبارن، بازاري ماهنامن، ناولن ۽ ڊائجيسٽن جي اجازت ڪيئن ٿي ڏئي سگهجي! ياد رهي! انهن رسالن جو مطالعو مردن جي آخرت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

جي لاءِ بہ گهڻ نقصان ده ناهي.

**سوال:** ڇوڪرين کي ڪهڙي سورت جي تعليم ڏني وڃي؟

**جواب:** ڇوڪرين کي سورةُ النّور جي تعليم ڏني وڃي ۽ ان سورت جو ترجمو ۽ تفسير پڙهايو وڃي. حضور، مفيضُ النّور، فيض گنجور، شاهہ غيور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ نورٌ عليٰ نور آهي: پنهنجي عورتن کي (سٽ) ڪتڻ (پراڻي زماني ۾ ڪپڙو گهرن ۾ تيار ڪيو ويندو هو اُن کي ڪتڻ (يعني چرکي تي ڪپھہ مان سوٽ ٺاهڻ) چئبو آهي هن حديث جو مطلب هي آهي تہ انهن کي سبڻ، پوئڻ، وغيره گهر جا ڪم) سيکاريو ۽ انهن کي "سورةُ النّور" جي تعليم ڏيو. (المستدرک ج 3 ص 158 حديث 3546) منقول آهي: حج جي ڏينهن ۾ حضرت سيدنا عبدالله بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا سورة النّور جي منبر تي تلاوت فرمائي ۽ ان جي اهڙي سهڻي انداز سان تشريح ڪئي جو جيڪڏهن رومي ان کي ٻڌي وٺن ها تہ مسلمان ٿي وڃن ها. (تفسير مدارک ص 793)
سورة النّور ارڙهين سيپاري ۾ آهي، ان ۾ 9 رکوع ۽ 64 آيتون آهن. ڇوڪرين کي ان جي ضرور تعليم ڏني وڃي بلڪ تمام اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي ان جو ترجمو ۽ تفسير پڙهڻ گهرجي.

**سوال:** سورةُ النّور جو تفسير ڪهڙو پڙهون؟

**جواب:** خزائن العرفان يا نورالعرفان مان پڙهي وٺو. وڌيڪ تفصيلي تفسير پڙهڻ چاهيو تہ خليلُ العلماء حضرت خليل ملت مفتي محمد خليل خان قادري برڪاتي مارَهروي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ القوي جو "سورة النّور" جو تفسير "چادر اور چار ديواري" جو مطالعو فرمايو، هن تفسير جي خاص خوبي اها آهي تہ هن ۾ ترجمو "ڪنزالايمان" تان ورتو ويو آهي.

فرمانِ مصطفٰے صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ متيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نه پڙهي. (حاڪم)

# آئون فيشن واريءَ هيس

اسلامي ڀينرو! سنتن ڀري تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو، دعوتِ اسلامي جي هڪ مبلغه دعوتِ اسلامي ۾ پنهنجي شامل ٿيڻ جا جيڪي سبب بيان ڪيا اُهي ٻڌڻ سان تعلق رکن ٿا، جيئن ته هڪ اسلامي ڀيڻ جي تحريري بيان جو خلاصو آهي ته آئون نِت نئين فيشن جا ڪپڙا پائيندي هيس ۽ بي پرده ئي گهر مان نڪري ويندي هيس، هڪ دفعي ڪجهه اسلامي ڀينرون اسان جي گهر آيون ۽ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جون برڪتون ٻڌائيندي اسان جي گهر ۾ سنتن ڀريو اجتماع ڪرڻ جي اجازت گهري. اسان خوشي سان اجازت ڏني، آخر اجتماع جو ڏينهن به اچي ويو آئون پاڻ به انهي اجتماع ۾ شريڪ ٿيس، مون کي اسلامي ڀينرن جي سادگي، حُسنِ اخلاق ۽ مدني ڪم ڪرڻ جو انداز گهڻو پسند آيو خاص ڪري رِقت ڀري دعا کان آئون وڌيڪ متاثر ٿيس، اهڙي دعا مون پهريون ڀيرو ٻڌي هئي، ائين ان اجتماع جي برڪت سان مون کي گناهن کان توبهه نصيب ٿي ۽ آئون مدني ماحول سان وابسته ٿي ويس، فيشن ڇڏي مون به سادگي اپنائي ورتي ۽ هاڻي ذيلي سطح جي ذميدار جي حيثيت سان دعوتِ اسلامي جو مدني ڪم ڪري پنهنجي آخرت بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهيان. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مڪتبة المدينه جو جاري ڪيل هڪ ڪيسٽ بيان روزانو ٻڌڻ جو به معمول آهي، آئون الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪريان ٿي جو ان مون کي ايترو پيارو ماحول عطا ڪيو،

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو.** (طبراني)

اي ڪاش! هر اسلامي ڀيڻ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# مُرڪي ڳالهائڻ سنت آهي

اسلامي ڀينرو! چوڻي مشهور آهي ته "اُجايل ڪي ڪوهه تي وڄڻو پوندو آهي" پر هِن مدني بهار ۾ اهو ڪمال موجود آهي جو ڪوهه خود هلي اُجايل جي گهر پهتو! يعني اسلامي ڀينرون پاڻ اچي ان ماڊرن اسلامي ڀيڻ جي گهر سنتن ڀريو اجتماع ڪيو جيڪو ان جي تقدير سنورجڻ ۽ ان تي مدني رنگ چڙهڻ جو سبب بڻجي ويو! واقعي گهر وڃي، خوش اخلاقي سان مرڪي مدني گل پيش ڪرڻ ڪيترن جون ئي قسمتون کولي ڇڏيندو آهي. **اَلْحَمْدُلله** عَزَّوَجَلَّ مُرڪي گفتگو ڪرڻ سنت آهي، جيڪڏهن ڪير ائين ئي عادت جي طور مُرڪي ڳالهائي ته ان کي سنت ادا ڪرڻ جو ثواب نه ملندو، ڳالهائڻ وقت دل ۾ اها نيت ڪرڻي پوندي ته آئون سنت ادا ڪرڻ جي لاءِ مُرڪي ڳالهائيندس (يا ڳالهائينديس). ڪاش! اسان کي سنت ادا ڪرڻ جي نيت سان مُرڪي ڳالهائڻ جي عادت نصيب ٿي وڃي. انهي سلسلي ۾ هڪ مدني گل قبول فرمايو. جيئن ته حضرت سيدتنا اُمِّ درداء رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا **حضرتِ سيدنا ابو درداء** رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ **جي باري ۾** فرمائن ٿيون ته اهي هر ڳالهه مُرڪندي ڪندا هئا، جڏهن مون انهن کان ان باري ۾ پڇيو ته انهن جواب ڏنو: "مون رسول اڪرم، رحمت عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي ڏٺو ته پاڻ گفتگو جي دؤران

فرمان مصطفي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

مُرڪندا رهندا هئا.“ (مڪارم الاخلاق للطبراني رقم 21)

## ڇا اڄڪلهه پردو ضروري ناهي؟

**سوال:** اڄڪلهه پردو ضروري ناهي، ائين چوڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ انتهائي بيوقوفي، جهالت ۽ نهايت ئي سخت آهي. ان طرح جي جملن مان بلڪل پردي جي فرضيت جي انڪار جو ظاهر ٿئي ٿو ۽ بلڪل پردي جي فرضيت جو ئي انڪار ڪفر آهي. البت جيڪڏهن ڪير پردي جي فرضيت جو قائل آهي پر پردي جي ڪنهن خاص طريقي جو انڪار ڪري ٿو جنهن جو تعلق ديني ضرورتن سان ناهي ته پوءِ ڪفر جو حڪم ناهي.

## اوهان ته گهر جا ماڻهو آهيو؟

**سوال:** ائين چوڻ ڪيئن آهي ته پير ڪان ڪهڙو پردو! پير صاحب ڪان به ڀلا ڪو پردو ٿيندو آهي! يا نامحرم رشتيدارن، پاڙيسرين يا گهر ۾ اچڻ وڃڻ وارن مخصوص ماڻهن جي متعلق ان طرح چوڻ ته، ”اوهان ته گهر جا ماڻهو آهيو توهان ڪان ڪهڙو پردو ڪرڻ!“

**جواب:** اها به سراسر بيوقوفي ۽ جهالت آهي ان طرح جون ڳالهيون ڪرڻ وارا توبهه ڪن. نامحرم پير صاحب ۽ هر اجنبي رشتيدار، دوستن ۽ پاڙيسرين ڪان پردو آهي.

## مرد جي هٿان چوڙيون پائڻ

**سوال:** اجنبي چوڙيون وڪڻڻ واري جي هٿ ۾ عورت پنهنجو هٿ ڏيئي ان ڪان چوڙيون پائي سگهي ٿي يا نه؟

**جواب:** ائين ڪرڻ واري عورت گناهگار ۽ جهنم جي سزاوار آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

جيڪڏهن مڙس ۽ محارم غيرت نه کائن ۽ طاقت جي باوجود نه روڪين ته اهي به "ديُّوث" ۽ جهنّم جا حقدار آهن. جيڪڏهن مڙس پنهنجي زال کي ان حال ۾ ڏسي جو ڪنهن غير مرد ان جو هٿ پڪڙيو آهي ته مرڻ مارڻ جي لاءِ تيار ٿي ويندو آهي، پر صد ڪروڙ افسوس! اها ئي گهرواريءَ جڏهن چوڙيون پائڻ جي لاءِ غير مرد جي هٿن ۾ هٿ ڏيندي آهي ته مڙس جو رت بلڪل به جوش نٿو کائي! منهنجي آقا اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ کان جڏهن چوڙيون پارائڻ واري جي هٿان چوڙيون پائڻ جي باري ۾ شرعي حڪم پڇيو ويو ته فرمايائون: حرام حرام حرام آهي، هٿ ڏيکارڻ غير مرد کي حرام آهي، ان جي هٿ ۾ هٿ ڏيڻ حرام آهي. جيڪو مرد پنهنجي عورتن سان ان کي جائز سمجهندا آهن، اهي دَيُّوث آهن.

(فتاويٰ رضويه ج 22 ص 247)

## پردو ڪرڻ ۾ معاشري کان خوف ٿيندو آهي

**سوال:** ماڻهو چون ٿا: نوجوان ڌيءَ کي پردو ڪرائيندي هن معاشري کان خوف ٿئي ٿو، رشتيدار طرح طرح جون ڳالهيون ڪندا آهن!

**جواب:** مسلمان کي معاشري کان نه الله تبارڪ و تعاليٰ کان ڊڄڻ گهرجي. قرآن پاڪ جي پهرئين سيپاري سورةُ البَقره جي 40 آيت سڳوري ۾ ارشاد آهي:

وَ اِيَّايَ فَارۡهَبُوۡنِ ﴿۴۰﴾ **ترجموڪنزالايمان:** ۽ خاص مون کان ئي ڊڄو.

جيڪو حقيقي معنيٰ ۾ **الله تعاليٰ** کان ڊڄندو آهي، **الله** عَزَّوَجَلَّ ان جي غيبي مدد فرمائيندو ۽ ماڻهن جي دلين ۾ ان جي هيبت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

وجهي ڇڏيندو آهي.

## حڪايت

هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي ڪافرن گهيري ورتو ۽ تلوارون سڏيون ڪري شهيد ڪرڻ لاءِ وڌيا، پر سيني جو تلوار وارو هٿ شل (يعني بي حس) ٿي ويو ۽ وار نہ ڪري سگهيا. اهو ڏسي اهي بزرگ روئي پيا، ڪافرن تعجب وچان چيو هي روئڻ ڇا جو! توهان کي تہ خوش ٿيڻ گهرجي جو جان بچي وئي. فرمايائون: مون کي ان ڳالهہ روئاري ڇڏيو تہ آئون شهادت جي سعادت کان محروم ٿي ويس! جيڪڏهن توهان مون کي قتل ڪيو ها تہ منهنجي عيد ٿي وڃي ها جو رحمتِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ سان جنّت جو حقدار بڻجي وڃان ها، اِهو ايمان افروز جواب ٻڌي **اَلْحَمْدُلله** عَزَّوَجَلَّ سمورا ڪافر مسلمان ٿي ويا. **الله** عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪنهن کان نہ ڊڄڻ واري اُن بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه انهن جي مفلوج ٻانهن تي پنهنجو مبارڪ هٿ ڦيريو تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ سيني جا هٿ صحيح ڪري ڇڏيا. **الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

نکل جائے دل سے مرے خوفِ دنیا تجھی سے ڈروں میں سدا یا الٰہی
ترے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ میں تھر تھر رہوں کانپتا یا الٰہی

## ڇا گهر ۾ ميت ٿي وڃي تڏهن بہ پردو ضروري آهي؟

**سوال:** جيڪڏهن گهر ۾ ميت ٿي وڃي ۽ تعزيت لاءِ ماڻهن جي اچ وڃ ٿئي ڇا اهڙي ايمرجنسي ۾ بہ پردي جو خيال رکڻ ضروري آهي؟

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

**جواب:** اهڙي موقعي تي ته پنهنجو موت وڌيڪ ياد اچڻ گهرجي جڏهن موت گهڻو ياد ايندو ته گناهن کان بچڻ جو ذهن به گهڻو ٺهندو آهي، جيئن ته بي پردگي به گناهه ۽ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي، ان لاءِ اهڙي موقعي تي غيرتمند ۽ خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ رکڻ وارين جو پردو وڌيڪ سخت ٿي ويندو آهي.

## پٽ وڃايو آهي حياءُ ناهي وڃايو

**حضرت سيّدتُنا اُمِّ خلّاد** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو پٽ جنگ ۾ شهيد ٿي ويو. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا اُن جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ چهري تي نقاب وجهي باپرده بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿيون، ان تي ڪنهن حيرت مان چيو: هِن وقت به اوهان چهري تي نقاب وجهي رکيو آهي! چوڻ لڳيون: مون پٽ ضرور وڃايو آهي، حياءُ ناهي وڃايو. (سنن ابي داؤد ج 3 ص 9 حديث 2488) **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**ڏٺو اوهان!** پٽ شهيد ٿي وڃڻ جي باوجود سيدتنا اُمِّ خلاد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا "پردو" برقرار رکيو. حق ڳالهه اها آهي ته دل ۾ خوفِ خدا ۽ احڪامِ شريعت تي عمل ڪرڻ جو جذبو هجي ته مشڪل کان مشڪل ڪم به آسان ٿي ويندو آهي ۽ جيڪو نفس جي حيلن بهانن ۾ اچي وڃي ان جي لاءِ آسان کان آسان ڪم به مشڪل ٿي ويندو آهي. يقينًا **الله تَوَّاب** عَزَّوَجَلَّ جي عذاب کان ڊڄي ٿوري گهڻي تڪليف برداشت ڪري پردي جي پابندي ڪئي وڃي ته اهو ڪو تمام گهڻو

فرمانِ مصطفيٰ ﷺ مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

مشڪل ڪم ناهي، نہ تہ جهنم جي عذاب جي تڪليف هرگز برداشت نہ ٿيندي. جيڪڏهن ڪو حڪمِ الاهي عَزَّوَجَلَّ تي عمل ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪندو تہ بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ آساني پيدا ڪري ڇڏيندو آهي.

## ڏيءَ جي ڳلي جو سور ختم ٿي ويو

اسلامي ڀينرو! شريعت جي احڪامن تي عمل ڪرڻ جو جذبو حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين ذريعو تبليغِ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عاشقن سان گڏ سنتن ڀريو سفر بہ آهي. جيڪڏهن سفر جي سچي نيت ڪئي ۽ ڪنهن سبب جي ڪري سفر نصيب نہ ٿئي تڏهن بہ اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ٻيڙو پار آهي. مدني قافلي ۾ سفر جي نيت ڪرڻ واري هڪ خوش نصيب جي ايمان افروز حڪايت ٻڌو ۽ جهومو: باب الاسلام (سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جو ڪجهہ هن طرح بيان آهي تہ منهنجي ڏيءَ ڳلي جي سور ۾ ورتل هئي، گهڻو علاج ڪرايو پر آرام نہ آيو، مون اسلامي ڀينرن جي مدني قافلي ۾ سفر جي نيت ڪئي، منهنجو حسنِ ظن آهي تہ انهي نيت جي برڪت سان منهنجي ڏيءَ کي صحت ملي ويئي، پوءِ مون پنهنجي نيت جي مطابق اسلامي ڀينرن جي مدني قافلي ۾ سفر بہ ڪيو.

فضل کی بارشیں رحمتیں نعمتیں گر تمہیں چاہئیں قافلے میں چلو
دور بیماریاں اور پریشانیاں ہوں گی بس چل پڑیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي .** (مجمع الزوائد)

## غير مَحرَم سان تعزيت ڪري سگهجي ٿي يا نه؟

**سوال:** جيڪڏهن ڪنهن غير محرم جو عزيز فوت ٿي وڃي ته غير محرم تعزيت (عُذرخواهي) ڪري يا نه؟

**جواب:** نه، صدرُالشَّريعه، بدرُالطَّريقه حضرت علامه مولانا مفتي محمّد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: عورت سان ان جا مَحارِم ئي تعزيت ڪن. (بهار شريعت حصو 4 ص 201)

## غير مَحرَم جي عيادت ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا غير محرم ۽ غير محرم بيماري ۾ هڪ ٻئي جي عيادت به نه ڪن؟

**جواب:** جي نه. ان طرح هڪ ٻئي جو پاڻ ۾ رغبت وڌڻ جو سخت خطرو آهي جيڪو تباهي جو سبب آهي.

## ويم جي باري ۾ سوال ۽ جواب

**سوال:** ڇا مرد کان ويم ڪرائي سگهجي ٿو؟

**جواب:** مڙس کان علاوه ٻيو ڪو به مرد ويم نٿو ڪرائي سگهي ڇو ته اِن ڪم ۾ سخت بي پردگي ٿيندي آهي، جيڪڏهن ممڪن هجي ته گهر ۾ ئي مسلمان دائي (Mid wife) جون خدمتون حاصل ڪيون وڃن. نه ته اهڙي اسپتال ۾ ترڪيب بڻائي وڃي جتي صرف مسلمان عورتون ئي اهي خدمتون انجام ڏينديون هجن. اسپتال ۾ نالو داخل ڪرائڻ کان اڳ ۾ معلومات ڪرڻ ضروري آهي، نه ته اڪثر مرد ڊاڪٽر ۽ خاص ڪري سرڪاري اسپتالن ۾ ميڊيڪل اسٽوڊنٽس به ٻار ڄڻائڻ (Delivery) جي ڪم ۾ حصو وٺندا آهن. ياد رهي! ڪافره

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

عورت ڪان مسلمان عورت جو اهڙوئي پردو آهي جهڙو غير مرد ڪان.

## ڪافره دائي ڪان ويم ڪرائڻ جو مسئلو

**سوال:** ڪافرن جي اڪثريت وارن ملڪن ۾ اڪثر دائيون ڪافره هونديون آهن، اهڙي صورت ۾ ويم جي معاملن ۾ سخت ڏکيائي ٿيندي آهي. رهنمائي فرمائي ڪري عنداللّٰه ماجور ۽ عندالنّاس شڪر گذار ٿيو.

**جواب:** مسلمان عورت جو ڪافره عورت جي سامهون ستر کولڻ حلال ناهي، ان ڪان بچڻ لازمي آهي. جيڪر مسلمان دائي ملي سگهي ۽ اُها صحيح ڪم ڪري سگهندي هجي ته ڪافرياڻي ڪان قطعي اهو ڪم نه ڪرايو وڃي، ها جيڪڏهن مجبوري آهي ۽ مسلمان دائي نه ملي سگهي جيئن ته سوال ۾ ذڪر آهي ته اهڙي سخت مجبوري ۾ ڪافره دائي ڪان ويم ڪرائڻ ۾ ڪو حرج ناهي.

**سوال:** ياجائي وٽ ٻار پيدا ٿيڻ جي موقعي تي ڏير يا جيٺ ڏسڻ ۽ ٻار جي مبارڪ ڏيڻ وڃي يا نه؟

**جواب:** ياجائي ۽ ڪنهن ٻه غير محرم ڪي ڏسڻ ۽ مبارڪ ڏيڻ لاءِ وڃڻ سخت فتنن جو دروازو کولڻ آهي.

## ڇا دل جو پردو ڪافي آهي؟

**سوال:** ڪجھ بي پرده عورتون چونديون آهن: ”صرف دل جو پردو هئڻ گهرجي“ ان جي ڇا حقيقت آهي؟

**جواب:** اهو شيطان جو تمام وڏو ۽ بُرو وار آهي ۽ هِن قولِ بدتر از بَول ۾ انهن مبارڪن قرآني آيتن جي انڪار جو پهلو آهي جن ۾

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.** (ڪنزالعمال)

ظاهري جسم ڪي پردي ۾ ڍڪڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، مثلاً 22 سيپاري سورة الاحزاب جي آيت نمبر 33 ۾ فرمايو ويو: **ترجموڪنزالايمان: ۽ پنهنجي گهرن ۾ پيون رهو ۽ بي پردي نہ رهو اڳوڻي جاهليت جي بي پردگي وانگر.** انهي ئي سورة جي آيت نمبر 59 ۾ آهي: **ترجموڪنزالايمان: اي نبي! پنهنجي بيبين ۽ صاحبزادين ۽ مسلمانن جي عورتن کي فرماءِ تہ پنهنجي چادرن جو هڪ حصو پنهنجي منهن تي رکن.** الخ. سورة النور جي آيت نمبر 31 ۾ آهي تہ **ترجموڪنزالايمان: ۽ پنهنجي سينگار کي ظاهر نہ ڪن.** الخ. **جيڪا جسم جي پردي جو مطلقاً انڪار ڪري ۽ چوي تہ "صرف دل جو پردو هئڻ گهرجي" ان جو ايمان ختم ٿي ويو.** پر ائين چوڻ باوجود اها عورت (مرتده ٿيڻ جي باوجود) نڪاح مان نہ نڪتي، نہ ان کي روا (جائز) جو اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ ڪنهن ٻئي سان نڪاح ڪري، ها (جيئن تہ اِرتداد جي ڪري پنهنجي مڙس تي حرام ٿي چڪي آهي تنهنڪري) وري اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ اڳوڻي مڙس کان ئي تجديد نڪاح ڪرڻ تي مجبور ڪئي ويندي ۽ مريداڻي ٿيڻ چاهي تہ ڪنهن بہ جامع شرائط پير کان بيعت ٿي وڃي. البت جيڪڏهن ڪير پردي جي فرضيت جو قائل آهي پر پردي جي ڪنهن خاص حالت (طريقي) جو انڪار ڪري ٿو جنهن جو تعلق ضرورياتِ دين سان ناهي تہ پوءِ ڪفر جو حڪم ناهي. ڪفر کان توبهہ، تجديدِ ايمان ۽ تجديدِ نڪاح جو طريقو مڪتبة المدينہ جي طرفان شايع ٿيل 16 صفحن جي مختصر رسالي "28 ڪفريہ ڪلمات" مان ڏسي وٺو. **الله** عَزَّوَجَلَّ اسان جو ايمان سلامت رکي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

حقيقت ته اها آهي ته ”ظاهر“ دل جو نمائندو آهي دل سڌي هوندي ته اُن جو اثر ٻاهر ۾ به ظاهر ٿيندو تنهن ڪري پردو اُها ئي ڪندي جنهن جي دل سڌي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي اطاعت ڏانهن مائل هوندي جيئن منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ”اهو خيال ته باطن (يعني دل) صاف هئڻ گهرجي، ظاهر ڪهڙو به هجي بلڪل باطل آهي. حديث ۾ فرمايو ته ان جي دل صحيح هجي ها ته ظاهر پاڻ (يعني خود ئي) صحيح ٿي وڃي ها.“ (فتاويٰ رضويه ج 22 ص 605)

## ذهني مريض تندرست ٿي ويو

اسلامي ڀينرو! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي برڪتن جي ڇا ڳالهه ڪجي! انهن برڪتن حاصل ڪرڻ جي عادت بڻائڻ جي لاءِ اوهان به دعوتِ اسلامي جي سنتن ڀريي اجتماعن ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪريو، اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اوهان جا مسئلا حيرت انگيز طور تي حل ٿي ويندا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل و ڪرم سان غيبي مدد ٿيندي، جيئن ته ڪهروڙ پڪا (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي تحريري بيان جو خلاصو آهي ته منهنجو ننڍو ڀاءُ گهريلو ناچاقين، تنگدستين وغيره پريشانين جي سبب لڳاتار ٽينشن (ذهني دٻاءُ) ۾ جڪڙيل رهڻ جي ڪري آهسته آهسته ذهني مريض ٿي ويو هو ۽ خراب بيهوده ڳالهيون بڪندو رهندو هو، ايستائين جو مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي هٿن سان آپگهات ڪرڻ يعني خودڪشي جي باري ۾ سوچڻ لڳو هو، مون کي انهن جي حالت تي ڏاڍو رحم ايندو هو پر مان هڪ بيوس عورت ڇا ڪري پئي سگهيس، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ آئون

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

پهريان ئي دعوتِ اسلامي جي سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪندي هيس، اُتي مون ڀاءُ جي صحتيابي جي لاءِ ٻاڏائيندي دعا گهرڻ شروع ڪري ڏني، ڪجهہ ئي عرصو گذريو هو جو منهنجي ڀاءُ کي الله شافي عَزَّوَجَلَّ شفا عطا فرمائي ڇڏي. اَلْحَمْدُللهعَزَّوَجَلَّ هاڻي هو والدين جي عزت ۽ احترام ڪرڻ جي ڪري انهن جي اکين جا تارا بڻجي چڪا آهن.

اے رضاؔ ہر کام کا اِک وقت ہے
دل کو بھی آرام ہو ہی جائے گا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اسلامي ڀينرو! ڏٺو اوهان! سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي ڪهڙي برڪت آهي، اها ڳالهہ هميشہ ياد رکو تہ اجتماع جي حاضري ۾ صرف دنياوي مسئلن جي حل ئي جي نيت نہ ڪئي وڃي. علم جي طلب ۽ آخرت جي ثواب ڪمائڻ جون بہ نيتون ضرور ڪرڻ گهرجن. اَلْحَمْدُللهعَزَّوَجَلَّ اسلامي ڀينرن جا شرعي پردي جي پابندي سان پاڪستان جي بيشمار شهرن ۽ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ڪيترين ئي جڳهين تي هفتيوار سنتن ڀريا اجتماع ٿيندا آهن، هر اسلامي ڀيڻ کي گهرجي تہ دعوتِ اسلامي جي سنتن ڀريي اجتماع ۾ نہ صرف پاڻ شرڪت ڪري بلڪ ٻين اسلامي ڀينرن سان پرجوش ۽ محبت واري انداز سان ملاقات ڪري خوب انفرادي ڪوشش ڪري ۽ انهن کي اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت ڏيندي رهي.

**مدني ڦل:** حضرتِ سيدنا جابر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي، شهنشاهِ

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نه پڙهيو ته تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

مدينه، قرارِ قلب و سينه، صاحبِ معطر پسينه، باعثِ نزولِ سڪينه، فيضِ گنجينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”هر نيڪي صدقو آهي ۽ توهان جو پنهنجي ڀاءُ سان خوش مزاجي سان ملڻ به نيڪي آهي ۽ پنهنجي ڏول سان پنهنجي ڀاءُ جي ٿانوَ ۾ پاڻي وجهڻ به نيڪي آهي.“ (مسند احمد بن حنبل ج 5 ص 111 حديث 14715)

## پردو ڪرڻ ۾ هٻڪ ٿيندي هجي ته......

**سوال:** ماحول تمام ايڊوانس ۽ فيشن پرستي عام آهي، شرعي پردو ڪندي هٻڪ محسوس ٿئي ٿي ته ڇا ڪيو وڃي؟

**جواب:** شرعي پردو نه ڇڏيو وڃي جو اها عظيم نيڪي آهي ۽ بي پردگي سخت گناهه آهي. پردي ڪرڻ ۾ جيتري تڪليف گهٽي هوندي اوترو ئي ثواب به اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ گهڻو ملندو، منقول آهي: اَفْضَلُ الْعِبَادَاتِ اَحْمَزُهَا يعني ”افضل ترين عبادت اُها آهي جنهن ۾ تڪليف وڌيڪ هجي.“ (ڪشف الخفاء ج 1 ص 141) امام شرف الدين نَوَوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ القوي فرمائن ٿا: عبادت ۾ مشقت ۽ خرچ گهڻو هئڻ سان ثواب ۽ فضيلت به وڌي ويندي آهي. (شرح صحيح مسلم للنووي ج 1 ص 390) حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: افضل ترين عمل اهو آهي جنهن جي لاءِ نفسن کي مجبور ڪيو پوي. (اتحاف السادة للزبيدي ج 11 ص 10) حضرت سيدنا ابراهيم بن ادهم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الاكرم فرمائن ٿا: ”جيڪو عمل دنيا ۾ جيتريقدر ڏکيو هوندو، قيامت جي ڏينهن ميزانِ عمل ۾ اوتري قدر وزندار هوندو.“ (ملخصاً تذڪرة الاولياء ص 95) ها جيڪڏهن ڪنهن جي پنهنجي دل ۾ ئي کوٽ هجي ته ڇا ٿو چئي سگهجي!

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي.** (عبدالرزاق)

**مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمت، حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنَّان **"نور العرفان" صفحي 318 تي فرمائن ٿا: "جنهن کي گناهہ آسان معلوم ٿين ۽ نيڪ ڪم ڏکيا، سمجهو اُن جي دل ۾ نفاق آهي. الله** عَزَّوَجَلَّ **محفوظ رکي."** اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## بيبي فاطمہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي ڪفن جو بہ پردو!

**سوال:** چون ٿا تہ بيبي فاطمہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي سندن **ڪفن** تي ڪنهن غير مرد جي نظر پوڻ بہ پسند نہ هو!

**جواب:** بيشڪ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري وصال کان پوءِ خاتونِ جنت، شهزاديءِ ڪونين، حضرت سيدتنا فاطمةُ الزَّهراء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا تي **غمِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو ايتريقدر غلبو ٿيو جو سندن چپن جي مُرڪ ئي ختم ٿي وئي!** پنهنجي وصال کان اڳ صرف هڪ ئي ڀيرو مُرڪندي ڏٺيون ويون. ان جو واقعو ڪجهہ هيئن آهي: حضرت سيدتنا **خاتونِ جنت** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا **جن کي اها ڳڻتي** هئي تہ سڄي عمر تہ غير مردن جي نظرن کان پاڻ کي بچائي رکيو آهي، هاڻي ڪٿي وفات کان پوءِ منهنجي **ڪفن پوش لاش** تي ئي ماڻهن جي نظر نہ پئجي وڃي! هڪ موقعي تي حضرت سيدتُنا **اَسماء بِنتِ عُمَيس** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا چيو: مون حبشہ ۾ ڏٺو آهي تہ جنازي تي وڻ جون ٽاريون ٻڌي هڪ ڏولي جيان ٺاهي اُن تي پردو وجهي ڇڏيندا آهن. پوءِ پاڻ ڪجهيءَ جون ٽاريون گهرائي انهن کي جوڙي ان تي ڪپڙو وجهي **سيده خاتونِ جنت** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کي ڏيکاريو. پاڻ تمام گهڻو خوش ٿيون ۽ چپن تي مُرڪ اچي وئي. بس اها ئي هڪ مُرڪ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي.** (حاڪم)

**هئي جيڪا سرڪارِ مدينہ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي ظاهري وصال کان پوءِ ڏني وئي.**" (جذب القلوب مترجم ص 231)

سُبْحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! **سيّده خاتونِ جنت** رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا **جي پردي جي بہ ڇا ڳالهہ آهي! ڪنهن ڪيڏو نہ پيارو شعر چيو آهي:**

چو زہرا باش از، مخلوق رو پوش
کہ در آغوش شبیرے بہ بنی

**(يعني حضرت سيدتنا فاطمة زهرا** رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا **وانگر پرهيزگار ۽ پرديدار بڻجو تہ جيئن پنهنجي هنج ۾ حضرت سيدنا امام حسين** رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ **جهڙو اولاد ڏسو)**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيبي فاطمہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو پلصراط تي بہ پردو

**سوال:** ڇا محشر وارا بہ **سيده خاتون جنت** رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا ڪي پلصراط تان گذرندي نہ ڏسي سگهندا؟

**جواب:** حضرت علامہ جلال الدين سُيوطي شافعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي **امير المؤمنين** حضرت مولاءِ ڪائنات علي المرتضيٰ، شير خدا ڪَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم کان روايت ڪئي آهي تہ رحمت عالم، نور مُجَسَّم، شاهہ بني آدم، رسول محتشم، نبي محترم، محبوب رب اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "**جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو تہ هڪ اعلان ڪرڻ وارو اعلان ڪندو: اي محشر وارؤ! پنهنجا مٿا جهڪايو اکيون بند ڪيو تہ جيئن حضرتِ فاطمہ بنتِ محمّد مصطفيٰ** (رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا) **پل صراط تان گذرن.**" (الجامع الصغير ص 57 حديث 822)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

# ملنساري جون برڪتون

اسان جي اسلامي ڀينرن کي بہ خاتونِ جنّت، شهزاديءِ ڪونين، حضرت سيّدتُنا فاطمةُ الزَّهراء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا جي سيرتِ مبارڪ مان درس حاصل ڪرڻ گهرجي. اسلامي ڀينرون دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويندیون ۽ پنهنجي علائقي ۾ دعوتِ اسلامي جي ٿيندڙ هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت فرمائينديون رهنديون ۽ مدني انعامات تي عمل ڪري فڪرِمدينه ڪندي روزانو رسالو پري پنهنجي ذميدار اسلامي ڀيڻ کي جمع ڪرائينديون رهنديون تہ اِنۡ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ ٻيڙو پار ٿيندو. اوهان جو شوق وڌائڻ لاءِ مدني قافلي جي هڪ مدني بهار پيش آهي: هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي تہ آئون نمازن جي معاملي ۾ غفلت جو شڪار ۽ غيرن جي فيشن تي نثار هُيس، فلمون ڊراما وڏي شوق سان ڏسندي هُيس، هڪ دفعي آئون ڪنهن جي دعوت تي ٽن ڏينهن جي دعوتِ اسلامي جي بين الاقوامي سنّتن ڀريي اجتماع جي آخري نشست ۾ پنهنجي هڪ سهيلي سان گڏ شريڪ ٿيس، اتي ٻن اسلامي ڀينرن بنا ڄاڻ سڃاڻ جي اسان جو تمام خيال رکيو، اسان کي وڏي پنهنجائپ سان پنهنجي حلقي ۾ ويهاريو حسنِ اتفاق سان هُو اسان جي ئي علائقي جون هيون انهن اسان کي اربع جي ڏينهن ٿيندڙ اسلامي ڀينرن جي علاقائي اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت بہ ڏني پر اسان ڪو خاص توجه نہ ڏنو. انهي باوجود اهي اسان جي گهر اجتماع جي دعوت جي لاءِ تشريف وني آيون، هاڻي منهنجي دل ڪجهہ نرم ٿي ۽ مرّوت ۾

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

انهن جو مان رکندي حامي ڀري ورتي ۽ سوچيو هلو هڪ علائقائي اجتماع ۾ شرڪت ڪري ئي وٺان بعد ۾ ڪونه وينديس، پر دعوتِ اسلامي واريون ديوانيون مرحبا! انهن دل ننڍي نه ڪئي، منهنجي آخرت جي ڀلائي جي خاطر منهنجو پيڇو نه ڇڏيو، شفقت و محبت جو سلسلو مسلسل جاري رکيو ۽ خوب ملنساري سان انفرادي ڪوشش ڪنديون رهيون. آخرڪار انهن جي حسنِ اخلاق منهنجي پٿر کان به سخت دل کي ميٺ ٻٽائي ڇڏيو ۽ آئون آهسته آهسته مدني ماحول ۾ رنگجي ويس.

علی کے واسطے سورج کو پھیرنے والے
اشارہ کر دو کہ میرا بھی کام ہو جائے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مزارن تي عورتن جي حاضري

**سوال:** اسلامي ڀينرون قبرستان يا اوليائن جي مزارن تي وڃي سگهن ٿيون يا نه؟

**جواب:** عورتن جي لاءِ ڪجهه عالمن قبرن جي زيارت کي جائز ٻڌايو آهي، دُرمختار ۾ اهو ئي قول اختيار ڪيو ويو، پر مٿن مائٽن جي قبرن تي وينديون ته روئينديون پٽنديون، تنهنڪري منع آهي ۽ برڪت لاءِ نيڪ ٻانهن جي قبرن تي وڃڻ ته پوڙهين لاءِ ڪو حرج ناهي ۽ نوجوان عورتن لاءِ منع آهي. (ردالمحتار ج 3 ص 178) صدرُ الشّريعه، بدرُ الطّريقه حضرت علامه مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: ۽ اسلم (يعني سلامتيءَ جو رستو) هي آهي ته عورتن کي

بلڪل منع ڪيو وڃي جو پنهنجن جي قبرن جي زيارت لاءِ وينديون ته روئڻ پٽڻ ڪنديون ۽ نيڪ ٻانهن جي قبرن تي يا تعظيم ۾ حد کان وڌي وينديون يا بي ادبي ڪنديون ۽ عورتن ۾ اهي ٻئي ڳالهيون ڪثرت سان موجود آهن. (بهار شريعت جلد اوّل ص 849)

منهنجي **آقا اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه عورتن جو مزارن تي وڃڻ کان ڪئي هنڌن منع فرمايو آهي. جيئن ته هڪ جڳهه تي فرمائن ٿا: ”امام قاضي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان سوال ٿيو ته عورتن جو مزارن تي وڃڻ جائز آهي يا نه؟ فرمايائون: اهڙي جڳهه تي جائز و ناجائز جو ناهي پڇبو، هي پڇو ته ان ۾ عورت تي ڪيتري لعنت ٿيندي آهي، جڏهن گهر کان قبرن ڏانهن هلڻ جو ارادو ڪندي آهي ته **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ فرشتن جي لعنت پوندي آهي جڏهن گهر کان ٻاهر نڪرندي آهي ته چوڌاري شيطان ان کي گهيري وٺندا آهن، جڏهن قبر تائين پهچندي آهي ته ميت جو روح ان تي لعنت ڪندو آهي جيستائين واپس ايندي آهي، **الله** عَزَّوَجَلَّ جي لعنت ۾ هوندي آهي.“

(فتاويٰ رضويه ج 9 ص 557)

## عورت جنّتُ البَقيع ۾ حاضري ڏي يا نه؟

**سوال:** مديني جي حاضري جي موقعي تي اسلامي ڀيڻ جنّتُ البَقِيع ۾ شُهداءِ اُحُد رِضوانُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيهِم اَجْمَعِين جي مزارن تي حاضري ڏئي سگهي ٿي يا نه؟

**جواب:** نه ٿي ڏئي سگهي.

**سوال:** ڇا انهن مزارن تي ٻاهران کان به سلام عرض نه ٿي ڪري

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

سگهي؟

**جواب:** اسلامي ڀيڻ پيدل يا سواري تي ڪنهن ڪم سان نڪتي هجي حاضري جي نيت ئي نہ هجي ۽ هاڻي اتفاقًا جنّتُ البَقيع، جنّتُ المعليٰ يا مسلمانن جي ڪنهن بہ قبرستان يا ڪنهن بزرگ جي مزار شريف جي ويجهو کان گذر ٿيو ۽ بنا رڪجڻ جي پري کان ئي سلام عرض ڪري ڇڏيو تہ حرج ناهي.

## عورت جي روضہء رسول تي حاضري

**سوال:** اسلامي ڀيڻ محبوب ربِ اڪبر، مديني جي تاجور، شهنشاھ بحر و بر، حضور انور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي روضي مبارڪ تي بہ حاضري جي لاءِ وڃي سگهي ٿي يا نہ؟

**جواب:** سواءِ روضي مبارڪ جي ڪنهن بہ مزار تي وڃڻ جي اجازت ناهي، البت اتان جي حاضري سنتِ جليلہ عظيمہ واجب جي قريب آهي ۽ قرآنِ عظيم ان کي گناهن جي معافيءَ جو عظيم ذريعو ٻڌايو. سيپاري 5 سورةُ النساء جي آيت نمبر 64 ۾ ارشاد آهي:

وَلَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ وَاسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا ﴿٦٤﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جيڪڏهن اهي پنهنجي پاڻ تي ظلم ڪن تہ اي محبوب تنهنجي بارگاھ ۾ حاضر ٿين پوءِ الله کان معافي گهرن ۽ رسول انهن جي شفاعت فرمائي تہ ضرور الله کي گهڻو توبہ قبول ڪندڙ مهربان لهندا.

حديث پاڪ ۾ ارشاد ٿيو: "جيڪو منهنجي قبر جي زيارت ڪري ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب آهي." (دار قُطني ج 2 ص 351 حديث

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعلٰي)

(2669 **حضرت سيدنا ابوهريره** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ **ڪان روايت آهي تہ رسول الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **فرمايو: ”جنهن حج ڪيو ۽ منهنجي زيارت نہ ڪئي ان مون تي جفا ڪئي.“** (الڪامل في ضُعفاء الرجال ج 8 ص 248) **بيشڪ بارگاهِ اقدس جي حاضري واجب جي ويجهو آهي، انهي ۾ توبھ جي قبوليت، ۽ شفاعت جي دولت حاصل ڪرڻ بہ آهي ۽ پڻ انهي ۾ سرڪار مدينہ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **سان مَعَاذَالله جفا** (يعني ظلم) **ڪان بچڻ بہ آهي. اهي عظيم اهم ڪم اهڙا آهن جن سرڪار مدينہ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي سمورن غلامن ۽ سمورين ٻانهين تي خاڪ بوسيءِ آستانِ عرش نشان** (يعني مديني منور جي حاضري) **لازم ڪري ڇڏي آهي. بخلاف ٻين قبرن ۽ مزارن جي جو اتي اهڙيون تاڪيدون ناهن ۽ فساد جا امڪان موجود آهن تہ جيڪڏهن عزيزن جون قبرون آهن تہ عورتون بي صبري ڪنديون ۽ اولياء جي مزارن تي يا تہ بي تميزي يا بي ادبي ڪنديون يا جهالت سبب تعظيم ۾ زيادتي جيئن تہ عام مشاهدو آهي، تنهنڪري انهن جي لاءِ سلامتي وارو طريقو اهو ئي آهي تہ اهي مزارات اولياء ۽ قبرن جي زيارت ڪان بچن. منهنجا آقا اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **فرمائن ٿا: ”يعني خصوصًا هن صورت ۾ جو جڏهن ان عزيز جي انتقال کي گھڻو عرصو نہ گذريو هجي عورتن جو نئين سر سان غم تازو ٿيڻ لازم آهي ۽ مزاراتِ اولياء ڪرام** رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام **تي حاضري ۾ اِحدَي الشَّناعَتَين** (ٻن مان هڪ برائي) **جو انديشو يا ادب جو ترڪ يا ادب ۾ ناجائز حد تائين وڌي وڃڻ تہ سبيلِ اطلاق منع آهي تنهنڪري ”غُنِيّه“ ۾ ڪراهت جو قول اختيار**

ڪيو ويو آھي البت حاضري ۽ خاڪ بوسي آستانِ عرش نشان سرڪارِ اعظم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اَعظَمُ المَندُوبَات (عظيم ترين مستحب) بلڪ قريبِ واجبات آھي انھي کان نہ روڪيندا سين ۽ آداب جي درستگي سيکاريندا سين.“ (فتاويٰ رضويہ ج 9 ص 538)

## عورت مديني ۾ زيارتون ڪري سگھي ٿي يا نہ؟

**سوال:** حرمين طيّبين جي حاضري جي دؤران اسلامي ڀيڻ ولادت گاھ شريف، غار حِرا، غارِ ثور، جبلِ اُحُد شريف وغيره جي زيارتن لاءِ وڃي سگھي ٿي يا نہ؟

**جواب:** مردن جي اختلاط (يعني ميڙ) کان بچندي پردي جي سمورن شرطن سان زيارتون ڪري سگھي ٿي. بھتر اھو آھي تہ گھر ۾ رھي عبادت ڪري ڇو تہ خاص ڪري حج جي موسمِ بهار ۾ مردن جي اختلاط کان بچڻ ڪافي ڏکيو ھوندو آھي. جيڪڏھن وڃي بہ تہ گاڏي ۾ ويٺي ويٺي پري کان زيارت ڪرڻ مناسب ترين آھي.

## عورت مسجدِ نبوي ۾ اعتڪاف ڪري يا نہ ڪري؟

**سوال:** حرمين طيبين جي مسجدَينِ ڪريمين ۾ عورتن جي لاءِ مخصوص ڪيل حصي ۾ اسلامي ڀيڻ رمضان المبارڪ جي آخري عشري جو اعتڪاف ڪري سگھي ٿي يا نہ؟

**جواب:** نہ ٿي ڪري سگھي.

**سوال:** تہ ڇا ڪرائي تي ورتل رھائشگاھ ۾ اسلامي ڀيڻ اعتڪاف ڪري وٺي؟

**جواب:** ڪِرائي جي گھر ۾ نماز جي لاءِ ڪنھن حصي کي مخصوص

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

ڪرڻ جي نيت ڪري، اها جڳهه هاڻي ان جي لاءِ "مسجدِ بيت" ٿي وئي، اتي اعتڪاف ڪري سگهي ٿي.

## صحابيات رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُنَّ جي پردي جون ڪيفيتون

**سوال:** صحابيات رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُنَّ جو پردو ڪيئن هوندو هو ڪجهه حديثون به بيان فرمايو.

**جواب:** صحابيات رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُنَّ جي حوالي سان پردي جي باري ۾ 9 روايتون پيش آهن:

## ﴿1﴾ احرام جي حالت ۾ به چهري جو پردو

اُمُّ المؤمنين حضرت سيدتُنا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا روايت فرمائن ٿيون: اسان رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ حج جي سفر ۾ احرام جي حالت ۾ هيون سين، جڏهن اسان وٽان ڪو سوار گذرندو هو ته اسان پنهنجي چادرن کي پنهنجي مٿن تان لٽڪائي چهري جي سامهون ڪري ونديون هيون سين ۽ جڏهن ماڻهو لنگهي ويندا هئا ته اسان پنهنجي چهرن کي کولي ونديون هيون سين.

(ابو داؤد ج 2 ص 241 حديث 1833)

ڏٺو اوهان! احرام جي حالت، جو جنهن ۾ چهري سان ڪپڙو لڳائڻ (touch) ڪرڻ منع آهي، انهي حالت ۾ به صحابيات رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُنَّ پنهنجي چهري کي غير مردن کان لڪائڻ جو اهتمام ڪنديون هيون. ياد رکو! احرام ۾ چهري سان ڪپڙو لڳائڻ حرام آهي تنهنڪري اهي ان احتياط سان چهرو لڪائينديون هيون جو ڪپڙو چهري سان نه لڳي. انهي موقعي تي اها ڳالهه به ياد رکڻ جي آهي ته صحابيات

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا . (طبراني)

رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُنَّ عام حالتن ۾ به پنهنجي چهري کي لڪائيندي يون ۽ سخت پردو ڪنديون هيون جڏهن ته حديثِ پاڪ ۾ اِحرام جي حالت ۾ چهرو نه لڪائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي جيئن بخاري شريف ۾ آهي ته تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "وَلَا تَنْتَقِبِ الْمَرْأَةُ الْمُحْرِمَةُ وَلَا تَلْبَسِ الْقُفَّازَيْنِ" احرام جي حالت ۾ ڪا عورت نه چهري تي نقاب ڏي ۽ نه ئي دستانه پائي. (بخاري ج 1 ص 607 حديث 1838)

## ﴿2﴾ انصار عورتن جون ڪاريون چادرون

اُمُّ المُؤمنين حضرت سيدتُنا اُمّ سلمه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا روايت ڪن ٿيون: جڏهن قرآن شريف جي هي آيت سڳوري نازل ٿي:

يُدْنِيْنَ عَلَيْهِنَّ مِنْ جَلَابِيْبِهِنَّ **ترجموڪنزالايمان:** پنهنجي چادرن جو هڪ حصو پنهنجي منهن تي رکن. ته انصار جون عورتون پنهنجي گهرن مان نڪرندي وقت ڪاري چادرن سان پاڻ کي لڪائي نڪرنديون هيون، انهن کي ڏسندي پري کان لڳندو هو ته جڻ انهن جي مٿن تي ڪانگ ويٺل آهن. (سنن ابي داؤد ج 4 ص 84 حديث 4101)

## ﴿3﴾ تهبند ڦاڙي رَوا ٺاهي ورتا

اُمُّ المُؤمنين حضرت سيدتُنا عائشه صديقه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا روايت فرمائن ٿيون: جڏهن هي آيت سڳوري وَلْيَضْرِبْنَ بِخُمُرِهِنَّ عَلٰى جُيُوْبِهِنَّ **ترجموڪنزالايمان:** ۽ جڳائي ته پنهنجي گريبانن کي رئوا ويڙهي رکن. نازل ٿي ته عورتن پنهنجي تهبند (يعني گوڏ) جي چادرن کي ڪنارن کان ليرون ليرون ڪيون ۽ انهن سان پنهنجن چهرن کي ڍڪيو.

(بخاري ج 3 ص 290 حديث 4759)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.** (ڪنزالعمال)

## ﴿4﴾ پردي جا احتياط! سُبحٰن الله!!

اَبُوالقُعَيس جي گهرواريءَ اُمُّ المؤمنين حضرت سيدتُنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي ننڍپڻ ۾ کير پياريو هو تنهنڪري ابُو القُعَيس حضرت سيدتُنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جا رضاعي والد ۽ ابُو القُعَيس جو ڀاءُ اَفلح حضرت سيدتُنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جا رضاعي چاچا ٿيا، جڏهن پردي جي باري ۾ آيتون نازل ٿيون ته اَفلح حضرت عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا وٽ اچڻ چاهيو ته پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا پردي جي احتياط جي پيشِ نظر منع فرمائي ڇڏيو، جيئن بخاري شريف ۾ آهي ته حضرت سيدتُنا عائشه صديقه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا فرمائن ٿيون ته پهرين آئون سرڪارِ مدينه منوّره، سردارِ مکّهٴ مکرّمه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان معلوم ڪري وٺان ته کير جي رشتي جي ڪري اَفلح جو مون کان پردو آهي يا نه؟ ڇو ته آئون اهو ٿي سمجهان ته مون کير ته ابُو القُعَيس جي گهرواريءَ جو پيتو آهي، اَفلح سان ڪهڙي رشتيداري؟ انهيءَ تي رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اي عائشه! اَفلح کي اجازت ڏيو اهي توهان جا رضاعي چاچا آهن. (ايضًا ص 306 حديث 4796)

## ﴿5﴾ رَوا سنها نه هجن

حضرت سيدنا دِحيَہ بن خَليفه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمتِ سراپا رحمت ۾ هڪ دفعي سفيد رنگ جا مصر جا سنها ڪپڙا آندا ويا سرڪارِ عالي وقار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن انهن مان هڪ ڪپڙو مون

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻہ سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا.** (كنزالعمال)

ڪي عطا فرمايو ۽ ارشاد فرمايو: انهي جا ٻہ ٽڪرا ڪري هڪ مان پنهنجو ڪُرتو ۽ ٻيو پنهنجي گهرواريءَ کي ڏئي ڇڏجان جنهن مان هُو پنهنجو رئو ناهي، راوي چون ٿا جڏهن آئون وڃڻ لڳس تہ حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون کي انهي ڳالهہ جي تاڪيد ڪئي تہ پنهنجي گهرواريءَ کي چئجان تہ هن جي هيٺان ٻيو ڪپڙو لڳائي وٺي جيئن رئي جي هيٺان ڪجهہ نظر نہ اچي.

(سنن ابي داؤد ج 4 ص 88 حديث 4116)

## ﴿6﴾ سنهو رئو ڦاڙي ڇڏيو

هڪ دفعي اُمُّ المؤمنين حضرتِ سيدتُنا عائشہ صديقہ رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جن جي بارگاهہ ۾ سندن ڀاءُ حضرت سيدنا عبدالرَّحمٰن رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي نياڻي سيدتُنا حفصہ رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا حاضر ٿيون انهن سنهو رئو اوڍي رکيو هو، حضرتِ سيدتُنا عائشہ صديقہ رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جن انهي رئي کي ڦاڙي ڇڏيو ۽ انهن کي ٿلهو رئو اوڍائي ڇڏيو. (مؤطا امام مالڪ ج 2 ص 410 حديث 1739) مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: يعني انهي رئي کي ڦاڙي ٻہ رومال ناهي ڇڏيا تہ جيئن اوڍڻ جي قابل نہ رهي، رومال جي ڪم اچي تنهنڪري انهي تي اهو اعتراض ڪونهي تہ پاڻ اهو مال ضايع ڇو ڪري ڇڏيو، وڌيڪ فرمائن ٿا: اها عملي تبليغ ۽ ڇوڪرين جي صحيح تربيت ۽ تعليم آهي، انهيءَ رئي مان مٿي جا وار نظر اچي رهيا هئا، ستر پورو نہ هيو ان ڪري اهو عمل فرمايو.

(مراة ج 6 ص 124)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

# ﴿7﴾ عهدِ رسالت ۾ آزاد مسلمان عورت جي نشاني حِجاب هو

حضرتِ سيدنا اَنَس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ جو بيان آهي تہ نبيءِ رحمت، شفيع اُمّت، شهنشاهِ نبوّت، تاجدارِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن خيبر ۽ مدينہ منوّره (زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعظِيمًا) جي وچ ۾ ٽي ڏينهن قيام فرمايو، انهيءَ دؤران حضرت صَفِيہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي پنهنجي حرم ۾ داخل فرمايو پوءِ سفر جي دؤران پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي دعوتِ وليمہ ڪئي انهي ۾ ماني ۽ گوشت جو اهتمام نہ هو بلڪ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن دسترخوان وڇائڻ جو حڪم ڏنو ۽ ان تي ڪجورون، پنير ۽ گيهہ رکيو ويو، وليمو اهو ئي هو پر آخر تائين صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان تي اهو واضح نہ ٿيو هو تہ حضرت صَفِيہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا کي حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پنهنجي زوجيّت ۾ داخل ڪيو آهي يا ٻانهي بڻايو آهي (ڇو تہ اهي خيبر جي جنگي قيدين ۾ شامل هيون) انهن پنهنجي انهي مونجهاري کي حل ڪرڻ جي لاءِ طئي ڪيو تہ جيڪڏهن سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن کي پردو ڪرائن ٿا تہ سمجهي ونجو تہ زوجيت ۾ داخل ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن حجاب (يعني پردو) نہ ڪرائين تہ سمجهي ونجو ٻانهي بڻايو آهي. جڏهن قافلو هليو تہ حضور پرنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پنهنجي پنيان حضرت صَفِيہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي جڳهہ ناهي ۽ انهن جي ۽ ماڻهن جي وچ ۾ پردو ٽنگي ڇڏيو.

(بخاري ج 3 ص 450 حديث 5159)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

## ﴿8﴾ هر حال ۾ پردو

حضرت سيدتُنا اُمِّ خلّاد رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو پٽ جنگ ۾ شهيد ٿي ويو. پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا انهن جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ نقاب وجهي باپرده بارگاهِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿيون، انهيءَ تي ڪنهن حيرت سان چيو: هن وقت بہ اوهان نقاب وجهي رکيو آهي! چوڻ لڳيون: مون پٽ ضرور وڃايو آهي، حياءُ ناهي وڃايو. (سنن ابي داؤد ج 3 ص 9 حديث 2488)

## ﴿9﴾ زال گهر کان ٻاهر نڪتي ئي ڇو؟

حضرت ابو سعيد خُدري رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: هڪ نوجوان صحابي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي نئين نئين شادي ٿي هئي، هڪ دفعي جڏهن هُو پنهنجي گهر تشريف فرما ٿيا تہ ڏٺائون انهن جي ڪنوار گهر جي دروازي تي بيٺل آهي، جلال وچان نيزو ڪڍي پنهنجي ڪنوار ڏانهن وڌيا، هُو گهبرائي پوئتي هٽي ويئي ۽ روئيندي چيائين: منهنجا سرتاج! مون کي نہ ماريو، آئون بي قصور آهيان، ٿورو گهر جي اندر هلي ڏسو تہ ڪهڙي شيءِ مون کي ٻاهر ڪڍيو آهي! پوءِ اهي صحابي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ اندر تشريف وٺي ويا، ڇا ڏسن ٿا تہ هڪ خطرناڪ زهريلو نانگ ڦڻ ڪڍي بستري تي وينو آهي، بيقرار ٿي نانگ تي حملو ڪري انهي کي نيزي تي ويڙهي ورتو، نانگ تڙپندي انهن کي ڏنگي وڌو، زخمي نانگ تڙپي تڙپي مري ويو ۽ هُو غيرتمند صحابي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ نانگ جي زهر جي اثر کان شهادت جو رتبو حاصل ڪيو. (صحيح مسلم ص 228 حديث 236)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

# عورت ڪي تنگ ڪيو تہ جنگ ڇڙي ويئي

انهي پاڪيزه دؤر جي مسلمانن جي غيرتِ ايماني جو اندازو هن واقعي سان بہ لڳائي سگهجي ٿو جنهن کي علامہ ابن هشام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن "اَلسِّيرةُالنَّبوِيَّةُ" ۾ لکيو آهي پاڻ لکن ٿا تہ عهدِ رسالت ۾ مسلمانن جي هڪ عورت چهري تي نقاب وجهي پنهنجون ڪجھ شيون وِڪرو ڪرڻ جي لاءِ بني قَيْنُقاع جي بازار ۾ آئي هن پنهنجو سامان وِڪيو ۽ هڪ يهودي سوناري جي دوڪان تي اچي ويهي رهي يهودي ڳالهين ڳالهين ۾ گهڻي ڪوشش ڪئي تہ هُو پنهنجي چهري تان نقاب کولي ڇڏي پر هن انڪار ڪيو پوءِ ان هن خاتون سان شرارت ڪئي، اهو ڏسي يهودي ٺهڪ ڏيڻ لڳا، ان خاتون وڏي آواز سان مدد لاءِ پڪاريو، هڪڙي مسلمان ان يهودي سوناري تي حملو ڪيو ۽ انهي کي ماري وڌو، انهي بازار جا يهودي جمع ٿي ويا ۽ انهيءَ مسلمان کي شهيد ڪري وڌائون ۽ ان جي نتيجي ۾ مسلمان ۽ يهودين جي وچ ۾ هڪ زبردست جنگ ٿي جنهن کي تاريخ ۾ غزوهءِ بنو قَيْنُقاع جي نالي سان ياد رکيو وڃي ٿو.

(السيرة النبويّة لابن هشام ج 3 ص 44)

يهود و نصاریٰ کو مغلوب کر دے
ہو ختم ان کا جور و ستم یا الٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# عورت ۽ شاپنگ سينٽر

**سوال:** اسلامي ڀيڻ خريداريءَ جي لاءِ شاپنگ سينٽر ۾ وڃي سگهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ متيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نه پڙهي.** (حاڪم)

ٿي يا نه؟

**جواب:** اڄڪلهه اڪثر شاپنگ سينٽرن ۾ بي حيائي ۽ گناهن ڀريو ماحول هوندو آهي ۽ عورت صِنفِ نازڪ آهي، ان ڪي اتان ڪان پري رهڻ ۾ ئي عافيّت آهي. منهنجا **آقا اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ”عورت نهايت نرم نازڪ بلڪ ائين آهي، جيئن ديال جي وڻ جو ڪؤنر بلڪ بارود جي دبي آهي جو باهه جي ٿوري چڻنگ سان ٻري پوندي آهي. عقل ۾ ناقص ۽ بنياد ۾ ٽيڏائپ ۽ شهوت ۾ مرد ڪان سؤ حصا وڌيڪ آهي.“ (فتاويٰ رضويه ج 22 ص 212)

## عورت کي گهر ۾ قيد رکو!

امام محمد بن احمد ذهبي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي (متوفّي 748هه) لکن ٿا منقول آهي: عورت پردي جي شيءِ آهي، بس انهي کي گهر ۾ قيد رکو، ڇو ته عورت جڏهن گهر کان ٻاهر نڪرندي آهي ته ان جا گهر وارا پڇندا آهن، ڪِٿان جو ارادو آهي؟ هوءَ چوندي آهي ته آئون مريض جي عيادت جي لاءِ وڃي رهي آهيان، پوءِ شيطان مسلسل هن سان گڏ هوندو آهي ايستائين جو هو گهر کان ٻاهر نڪري ويندي آهي ۽ عورت کي (عيادت وغيره ڪنهن نيڪ ڪم ۾) **الله** عَزَّوَجَلَّ جي اهڙي رضا حاصل ٿي نٿي سگهي جهڙي هوءَ گهر ۾ ويهي ڪري **الله** عَزَّوَجَلَّ جي عبادت (۽ جائز ڪم ۾) مڙس جي اطاعت ڪري حاصل ڪري سگهي ٿي. (ڪتاب الڪبائر ص 203)

## سيڏو سامان مرد ئي آڻين

**سوال:** اڄڪلهه عمومًا مڙس يا مَحارم سيڏو سامان آڻڻ ۾ سستي

ڪندا آهن تنهنڪري اڪثر عورتون ئي گوشت، مڇي، سبزي، ڪپڙا وغيره ضرورياتِ زندگي جون شيون خريد ڪرڻ وينديون آهن ڇا اهو جائز آهي؟ مڙس يا محارم به ان طرح گنهگار ٿي رهيا آهن يا نه؟

**جواب:** جيڪڏهن مرد صرف پنهنجي سستيءَ جي سبب گهر جو سيڌو سامان نٿا آڻن ته اها تمام سخت بي احتياطي آهي جو هاڻي ان جي گهر واريءَ يا محرم يعني ماءُ يا ڀيڻ يا ڌيءُ غير مردن کان ضرورت جون شيون خريد ڪرڻ جي لاءِ گهران ٻاهر نڪرندي جيتوڻيڪ عورت جي لاءِ في نفسهٖ خريد و فروخت منع ناهي تنهن هوندي به بي حيائيءَ جو دؤر آهي ۽ اڄڪلهه جي بازار جو ماحول ڪير نٿو ڄاڻي! باپرده عورت به اڄڪلهه بازار وڃي ۽ گناهن کان بغير موٽي اچي اهو ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. جيڪڏهن عورت بي پردگي سان يعني مٿي جا وار، ڪن، ڳلو وغيره سِتر جو ڪو حصو کولي بازار وڃي ٿي يا عورت جوان ۽ محلِ فتنه آهي ۽ انهي جي ٻاهر نڪرڻ سان فتنو ٿئي ٿو ۽ طاقت جي باوجود مرد منع نه ٿو ڪري ته اهڙو مرد **ديوث** ۽ اها عورت **فاسقه** آهي. جيڪڏهن هر طرح جي ڪوشش جي باوجود مرد نٿا وڃن ۽ ضرورياتِ زندگي جي شين جي حصول جي ڪا ٻي صورت ناهي مثلاً ڪنهن ڪوجهي پوڙهي يا فون جي ذريعي به هي ڪم نه ٿو ٿي سگهي ته هاڻي عورت انهن ڪمن جي لاءِ **شرعي پردي** جو لحاظ رکندي نڪري. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، **امام اهلسنت**، مُجَدّد دين ۽ **ملت** مولانا شاهه امام احمد رضا **خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاوٰي رضويه **جلد** 6 صفحو 487 کان 488 تي فرمائن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

ٿا: جنهن جي عورت بي پرده ٻاهر ڦري ٿي ۽ ٻانهون، گلو يا پيٽ يا مٿي جا وار يا پني جو حصو مطلب جنهن جسم جو لڪائڻ فرض آهي اهو ڪليل آهي يا انهي تي هڪ سنهو ڪپڙو هجي جو بدن ڏسڻ ۾ ايندو هجي ۽ هو انهي حالت کان باخبر ٿي عورت کي پنهنجي وس آهر نه روڪيندو هجي بندوبست نه ڪندو هجي اهو به فاسق ۽ ديّوث آهي. رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ٽي شخص جنت ۾ نه ويندا ماءُ پيءُ کي تڪليف ڏيڻ وارو ۽ ديّوث ۽ مردن جي شڪل ناهڻ واري عورت. (المستدرڪ ج 1 ص 253 حديث 252) دُرّمختار ۾ آهي: ”جيڪو پنهنجي عورت يا پنهنجي ڪنهن محرم تي غيرت نه ڪري اهو ديّوث آهي.“ (در مختار ج 6 ص 113) اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا: اهڙي طرح جيڪڏهن عورت جوان ۽ فتني جو محل آهي ۽ انهي جي ٻاهر ڦرڻ سان فتنو ٿئي ٿو ۽ هي باخبر هجڻ باوجود نٿو روڪي تڏهن به ڪليو ديّوث آهي جيتوڻيڪ پوري پردي سان ٻاهر نڪرندي هجي، انهن ماڻهن کي امام بڻائڻ گناهه آهي ۽ انهن جي پنيان نماز مڪروهِ تحريمي حرام جي ويجهو آهي نه پڙهي وڃي ۽ پڙهي ورتي ته اعادو (يعني ٻيهر پڙهڻ) ضروري آهي.

(فتاوٰي رضويه ج 6 ص 488، 487)

## عورت جو ٽيڪسي ۾ ويهڻ بابت سوال جواب

**سوال:** اسلامي ڀيڻ جو غير محرم ڊرائيور سان گڏ رڪشي، ڪار يا ٽيڪسي ۾ مڙس يا قابل اطمينان مرد محرم جي بغير اچڻ وڃڻ ڪيئن آهي؟

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

**جواب:** هتي ٻن ڳالهين جو ڄاڻڻ تمام ضروري آهي، پهرين ڳالهہ اها تہ عورت جو اجنبي مرد سان اڪيلائي ۾ گڏ ٿيڻ حرام آهي. خاتمُ المرسلين، رحمةٌ لِّلعٰلمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: ”خبردار ڪو شخص ڪنهن اجنبي عورت سان گڏ اڪيلائپ ۾ ناهي هوندو پر انهن سان گڏ ٽيون شيطان هُوندو آهي.“ (سنن الترمذي ج 4 ص 67 حديث 2172) مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحنّان انهي حديث پاڪ جي تحت مراٰة جلد 5 صفحي 21 تي فرمائن ٿا: يعني جڏهن ڪو شخص اجنبي عورت سان گڏ اڪيلائپ ۾ هوندو آهي ڀلي اهي ڪيڏا بہ نيڪ هجن ۽ ڪنهن (نيڪ) مقصد لاءِ (ئي) جمع ٿيا هجن (پر) شيطان ٻنهي کي برائي تي ضرور اُڀاريندو آهي ۽ ٻنهي جي دلين ۾ ضرور هيجان پيدا ڪندو آهي، خطرو آهي تہ زنا ڪرائي ڇڏي! انهي لاءِ اهڙي اڪيلائي ۾ جمع ٿيڻ کان وڌيڪ احتياط ڪرڻ کپي گناهہ جي سببن کان بچڻ بہ لازمي آهي، بخار روڪڻ جي لاءِ نزلي زڪام کي روڪيو. (مراٰة)

حضرت علامہ عبدالرؤف مناوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي انهي حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: ”جڏهن ڪا عورت ڪنهن اجنبي مرد سان گڏ اڪيلائپ ۾ گڏ ٿيندي آهي تہ شيطان جي لاءِ هي هڪ سنو موقعو هوندو آهي، هو انهن ٻنهي جي دلين ۾ خراب وسوسا وجهندو آهي، انهن جي شهوت کي ڀڙڪائيندو آهي، حيا ڇڏي گناهن ۾ ملوّث ٿيڻ جي ترغيب ڏيندو آهي.“ (فيض القدير شرح الجامع الصغير ج 3 ص 102 تحت الحديث 2795) معلوم ٿيو تہ اجنبي مرد ۽ عورت کي هرگز هرگز اڪيلائپ ۾

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

گڏ ٿيڻ جائز نہ آهي. انهي صورت ۾ گناهن جا وسوسا ۽ تهمت لڳڻ بلڪ نہ ٿيڻ وارو بہ ٿي وڃڻ جو انديشو رهندو آهي. ٻي ڳالھ هي تہ پنهنجو پاڻ کي خطرن ۽ فتنن کان بچائڻ هر اسلامي ڀيڻ تي لازم آهي، البت خطرن ۽ فتنن جي انديشن جي ڪا حدبندي نہ آهي نامحرم تہ پري جي ڳالھ محرمن کان بہ خطرا ممڪن آهن، صرف اڪيلائپ ۾ ئي نہ، هجوم ۾ بہ خطرا درپيش ٿيندا رهندا آهن. اسلامي ڀيڻ جو اجنبي ڊرائيور سان گڏ ٽيڪسي ۾ اڪيلو ويهڻ تي جيتوڻيڪ خلوت (مرد سان گڏ گھر ۾ اڪيلائپ) جو حڪم تہ ناهي پر اها صورت خلوت (يعني مرد سان گڏ گھر ۾ اڪيلو هئڻ) سان ملندڙ جلندڙ ضرور آهي ۽ ٽيڪسي وغيره بند گاڏين ۾ خطرن جو ڪجھ وڌيڪ ئي امڪان آهي، ڊرائيور جي ذريعي ٽيڪسي جي مسافرن جي اغوا ٿيڻ جا واقعا بہ ٿيندا رهندا آهن. خاص ڪري ان وقت خطرو ڪجھ وڌيڪ هوندو آهي جڏهن ڊرائيور جي باري ۾ ڪا معلومات ئي نہ هجي تہ ڪير آهي؟ ڪٿي رهندو آهي؟ ڪهڙو ماڻهو آهي؟ عام طور تي وڏن شهرن ۾ ڊرائيورن سان ڄاڻ سڃاڻ گهٽ ئي هوندي آهي دراصل عورت صنفِ نازڪ آهي ۽ عمومًا مردن جي توجھ جو مرڪز هوندي آهي ۽ اڄڪلھ حالات بہ ايترا خراب ٿي چڪا آهن جو ڪيترائي ماڻهو صرف انهي لاءِ گناھ نٿا ڪن جو انهن جي وس ۾ ڪونهي نہ تہ جڏهن بہ انهن کي موقعو هٿ اچي ٿو گناھ جي طرف فورًا ڊوڙي پون ٿا. اهڙن خطرناڪ حالات ۾ اسلامي ڀينرن جي ذميداري آهي تہ اهي پاڻ ئي محتاط طرز عمل

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

اپنائين. تنهنڪري احتياط اهو آهي جو جوان عورت هرگز شهر ۾ بہ رڪشي يا ٽيڪسي ۾ محرم يا قابلِ اعتماد خاتون جي بغير سفر نہ ڪري ۽ فتني جو انديشو جيترو وڌندو ويندو احتياط جي حاجت بہ اوتري وڌندي هلي ويندي.

**سوال:** جيڪڏهن گاڏي هلائڻ وارو ڪو ڀروسي لائق نامحرم ويجهو رشتيدار هجي تہ ڇا ڪا اسلامي ڀيڻ شهر جي اندر ٽيڪسي يا ڪار ۾ ان سان گڏ ضرورتًا ڪيڏانهن وڃي سگهي ٿي؟

**جواب:** اسلامي ڀيڻ جو ضرورتًا ڪنهن ڀروسي لائق نامحرم ويجهي رشتيدار سان گڏ شهر جي اندر ٽيڪسي يا ڪار ۾ اڪيلو سفر ڪرڻ جائز آهي پر اهڙي صورت ۾ عورت جوان هجي تہ سخت احتياط جي حاجت آهي. ڪوشش ڪري تہ ويجهو عزيز جيڪو نامحرم هجي انهي سان گڏ بہ محرم يا ثقہ ۽ قابل اعتماد عورت جي بغير نہ وڃي پر ويجهو عزيز قابلِ ڀروسو هجي ۽ شهر جي اندر ضرورت مهل وڃڻو بہ پئجي وڃي تہ مڪمل پردي سان وڃي ۽ هرگز هرگز بي تڪلّفي اختيار نہ ڪري ۽ جيڪڏهن ڪو رشتيدار اهڙو آهي جيڪو بيباڪ قسم جو آهي بي تڪلّفي جي عادت رکي ٿو تہ انهي سان هرگز نہ وڃي.

**سوال:** هڪ ڪان وڌيڪ باپرده اسلامي ڀينرون گڏجي نامحرم ڊرائيور سان گڏ ٽيڪسي وغيره ۾ اچ وڃ ڪري سگهن ٿيون يا نہ؟

**جواب:** هڪ ڪان وڌيڪ اسلامي ڀينرن جو گڏجي ۽ اهو بہ شهر جي اندر سفر ڪرڻ ۾ بيشڪ خطري جو انديشو گهٽ آهي پر هجوم ۽

ويراني ۽ علائقي جي نوعيت جي اعتبار سان خطرن جي گهٽتائي يا واڌ جو فرق ظاهر آهي. ڪجهه علائقا اهڙا هوندا آهن جن ۾ اسلامي ڀيڻ تہ پري جي ڳالهه خود اسلامي ڀاءُ گذرندي ڊڄندا آهن. تنهنڪري اسلامي ڀينرن کي گڏجي سفر ڪرڻ ۾ بہ خوب سوچ ويچار ڪرڻ گهرجي.

**سوال:** ٽيڪسي ۾ هڪ اسلامي ڀيڻ سان گڏ ان جو مڙس هجي يا هڪ يا ڪجهه محارم هجن هاڻي وڏيڪ هڪ يا بہ اسلامي ڀينرون گڏ هليون وڃن تہ؟

**جواب:** گڏ وڃڻ واريون اسلامي ڀينرون جيڪڏهن پردي جي سيني تقاضن سان گڏ نڪتيون آهن ۽ جنهن اسلامي ڀيڻ سان گڏ وڃڻو آهي اهو ۽ انهي جو مڙس يا محرم قابلِ اعتماد آهن انهن کي اها اسلامي ڀيڻ ۽ ان جا گهروارا سٺي نموني سڃاڻن تا ۽ ڀروسي لائق سمجهن تا تہ شهر جي اندر انهن سان گڏ ٽيڪسي يا ڪار ۾ سفر ڪري سگهجي ٿو پر ويهندي وقت اهو خيال رکڻ ضروري آهي تہ اسلامي ڀينرون ڪنهن نامحرم سان گڏ هرگز نہ ويهن اهڙي ۾ يا تہ اجنبي اسلامي ڀاءُ جي جڳهه الڳ هجي يا وري وچ ۾ اجنبي اسلامي ڀاءُ جي زال يا محرمہ ويهي.

## گهر جي نوڪر سان عورت جي بي تڪلفي جو حڪم

**سوال:** ڇا گهر جي نوڪر يا چوڪيدار سان اسلامي ڀيڻ کِلي کِلي بي تڪلفي سان ڳالهائي سگهي ٿي؟ ڇا گهر جي نوڪر يا ڊرائيور کان عورت جو پردو ناهي؟

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

**جواب:** گهر جو چوڪيدار، نوڪر، ڊرائيور يا باغ جو مالهي جيڪڏهن غير محرم آهي ته ان کان به پردو آهي، بي تڪلفي سان کِلي کِلي انهن سان ڳالهائڻ، انهن کان **شرعي پردو** نه ڪرڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. مڙس کي معلوم آهي پوءِ به نه ٿو روڪي ته اهو به **دَيُّوث** ۽ دوزخ جي باهه جو حقدار آهي. جيڪڏهن گهر جو نوڪر 12 سالن جو ڇوڪرو هجي تڏهن به اسلامي ڀيڻ کي ان کان پردو ڪرڻ گهرجي، ڇو ته هاڻي اهو مُراهِق (يعني بالغ ٿيڻ جي قريب) جي حڪم ۾ آهي.

## اسلامي ڀيڻ ۽ راهِ خدا ۾ سفر

**سوال:** ڇا اسلامي ڀيڻ سنّتن جي تربيت جي لاءِ راهِ خدا ۾ سفر ڪري سگهي ٿي؟

**جواب:** اسلامي ڀيڻ پنهنجي محرم يا مڙس سان گڏ سفر تي وڃي سگهي ٿي پر راهِ خدا ۾ سفر ڪرڻ وقت وڏيڪ احتياط جي ضرورت آهي، عورت کي ساڻ ڪري گهمندي وتڻ جي متعلق سوال جو جواب ڏيندي منهنجا **آقا اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ”هڪ عورت کي ساڻ ڪري گهمندو وتڻ بلڪل مُبهم لفظ آهي. ڪهڙي عورت جو وٺي ڦرڻ؟ خادم بڻائي ڪري يا گهرواريءَ بڻائي يا **مَعَاذَاللّٰه** عَزَّوَجَلَّ فاسد طريقي سان ۽ خادم آهي ته جوان آهي يا شهوت جي حد کان چڙهيل پوڙهيءَ ۽ ان کان فقط پچائڻ وغيره جي معمولي خدمت وٺي ٿو يا اڪيلائيءَ ۾ گڏجاڻيءَ جو به اتفاق ٿيندو آهي ۽ گهرواريءَ آهي ته پردي ۾ رکي ٿو يا بي پرده ڪري ساڻ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا . (طبراني)

ڦري ٿو جيڪڏهن شهوت جي حد ڪان ڇڙهيل پوڙهيءَ آهي يا جوان آهي ۽ ان ڪان معمولي خدمت وني ٿو ۽ گڏ ٻيا ماڻهو به آهن جو اڪيلائي جو اتفاق نه ٿو ٿئي يا گهر واريءَ آهي ۽ ان ڪي پردي ۾ رکي ٿو ته حرج ناهي.“ (فتاوي رضويه ج 23 ص 95) تنهنڪري جيڪڏهن ڪا اسلامي ڀيڻ پنهنجي محرم يا مڙس سان گڏ راهِ خداعَزَّوَجَلَّ ۾ سفر ڪري ته ڪجهه ڳالهين جو خيال رکڻ ضروري آهي هڪ ته پردي جو، ٻيو نامحرمن سان اڪيلائي نه ٿيڻ گهرجي، ٽيون سفر جي دؤران اسلامي ڀيڻ اهڙي جڳهه رهي جو ڪنهن نامحرم جو گهر نه هجي يعني انهن ۾ نامحرم ماڻهو موجود نه هجن يا اهو گهر خالي هجي يا اتي صرف اعتماد لائق مسلمان عورتون هجن ته پوءِ اتي رهي سگهي ٿي.

## ”يا الله“ جي 6 اکرن جي نسبت سان مدني قافلن جون 6 بهارون

اسلامي ڀينرو! شرعي پردي جي پابندي تي استقامت حاصل ڪرڻ جي لاءِ سرڪارِ مدينهصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عاشقائن ۽ مديني جي ديوانين جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪريو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن جون خوب بهارون آهن، مثلاً فيشن پرستي، بي حيائي ۽ بي پردگي واري معاشري ۾ پلجندڙ بيشمار اسلامي ڀينرون گناهن جي ڏٻڻ مان نڪري اُمّهاتُ المؤمنين ۽ شهزاديءِ ڪونين بي بي فاطمه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُنَّ جون ديوانيون بڻجي ويون، جيڪي بي نمازي هيون نمازي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينھن مون تي درود شريف پڙھندو آءٌ قيامت جي ڏينھن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

بڻجي ويون، گلي ۾ رئو لٽڪائي شاپنگ سينٽرن ۽ مخلوط تفريح گاھن ۾ ڀٽڪڻ وارين، ۽ نائيٽ ڪلبن، سينيما گھرن جي زينت بڻجڻ وارين کي ڪربلا وارين عفت مآب شهزادين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُنَّ جي شرم و حيا جون اھي برڪتون نصيب ٿيون جو مدني برقعو انھن جي لباس جو لازمي جز بڻجي ويو، ۽ انھن انھيءَ مدني مقصد کي اپنائي ورتو ته ”مون کي پنھنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻھن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آھي“ اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ. ڪڏھن ڪڏھن ربِّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جي عنايتن سان ايمان افروز ڪرشمن جو به ظھور ٿيندو آھي مثلاً مريضن کي شفا ملي، بي اولادن کي اولاد نصيب ٿيو، آسيب زده کي ڇوٽڪارو مليو وغيرھا. اوھان جي ترغيب ۽ تحريص لاءِ 6 مدني بهارون پيشِ خدمت آھن:

## ﴿1﴾ ڳُرڙي جو سور ختم ٿي ويو

حيدرآباد (باب الاسلام سنڌ) جي ھڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آھي ته مون کي ڳرڙي ۾ ايترو شديد سور ٿيندو ھو جو جيستائين به انجيڪشن نه لڳندا ھئا آرام نه ايندو ھو. خوش قسمتي سان اسان جي علائقي ۾ اسلامي ڀينرن جو مدني قافلو تشريف فرما ٿيو الله عَزَّوَجَلَّ توفيق بخشي آئون به انھن سان گڏ سنتون سکڻ سيکارڻ جي حلقي ۾ شريڪ ٿيس. اتي منھنجي ڳرڙي ۾ سور شروع ٿي ويو ايستائين جو رات ٿي ويئي. جڏھن ماني سامھون آئي ته چانور ھئا، آئون گھٻرائيس ته جيڪڏھن چانور کاڌا ته سور وڌيڪ وڌي ويندو پوءِ مون سوچيو ته برڪت جي لاءِ ڪائي ونان ٿي اِنْ شَآءَالله

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

عَزَّوَجَلَّ ڪجهه نه ٿيندو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪاڏي ڪائڻ ڪان پوءِ منهنجو سور وڏيو ڪونه بلڪ بلڪل ختم ٿي ويو.

درد گردے میں ہے یا مَثانے میں ہے　　اس کا غم مت کریں قافلے میں چلو
مَنفَعت آخِرت کے بنانے میں ہے　　یاد اس کو رکھیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# مَفلوج جي هٿوهٿ شفايابي

انهي سلسلي ۾ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 1432 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”فيضانِ سنّت“ صفحو 518 تي آهي: اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ صلٰوة و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ رمضان المبارڪ جي آخري عشري ۾ مسجدن جي اندر اجتماعي اعتڪاف جو سلسلو ٿيندو آهي جنهن ۾ معتڪفين جي سنتن پري تربيت ڪئي ويندي آهي. معاشري جا ڪيترائي بگڙيل ماڻهو اعتڪاف جي دؤران گناهن ڪان تائب ٿي زندگي جي نئين دؤر جو آغاز ڪندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ربّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جي عنايتن سان ايمان افروز ڪرشمن جو به ظهور ٿيندو آهي. جيئن رمضان المبارڪ 1425ھ جي اجتماعي اعتڪاف ۾ دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي ۾ جتي لڳ ڀڳ 2000 معتڪفين هئا، انهي ۾ ضلع چڪوال (پنجاب، پاڪستان) جي 77 سالن جي وڏي عمر وارو پيرسن حافظ محمد اشرف صاحب به معتڪف ٿيو. قبله حافظ صاحب جو هٿ ۽ زبان تي فالج ٿيو هو ۽ بدن جي سگهه به

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

ختم ٿي وئي هئي اهي تمام خوش عقيده هئا. انهن هڪ ڀيري افطار جي ماني ۾ بصد حسنِ ظن هڪ مبلغ ڪان اوبر ڪاڏو وٺي ڪاڏو، انهيءَ ڪان دم بہ ڪرايو، بس انهن جي حسنِ ظن ڪم ڪري ڏيکاريو، رحمتِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ڪي جوش آيو **الله** عَزَّوَجَلَّ ان ڪي شفا عطا فرمائي، **اَلْحَمْدُلِلّٰه** عَزَّوَجَلَّ انهن جو فالج جو مرض ختم ٿي ويو. انهن هزارين اسلامي ڀائرن جي موجودگي ۾ فيضان مدينه جي منچ تي بيهي ڪري بصد عقيدت پنهنجي صحتياب ٿيڻ جي بشارت ٻڌائي. اها خوشي جي خبر ٻڌي ڪري فضا "**الله الله، الله الله**" جي پُر ڪيف صدائن سان گونجڻ لڳي. انهن ڏينهن ڪيترن مقامي اخبارن انهيءَ خبر فرحتِ اثر ڪي شايع ڪيو.

دعوتِ اسلامی کی قَیّوم دونوں جہاں میں مچ جائے دھوم
اس پہ فدا ہو بچّہ بچّہ یا اللہ مری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿2﴾ بلڊپريشر جي مريض تندرست ٿي وئي

باب المدينہ ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي تہ منهنجو بلڊ پريشر لو (low) رهندو هو. پر جڏهن کان مون اسلامي ڀينرن جي مدني قافلي ۾ سفر ڪيو آهي، مون ڪي ان مرض ڪان شفا ملي وئي آهي.

ہائی B.P ہو گر یا کہ LOW ہو مگر فکر ہی مت کریں قافلے میں چلو
رب کے در پر جھکیں التجائیں کریں بابِ رحمت کُھلیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 100 گهرن کان بلائون پري

اسلامي ڀينرو! مدني قافلو وري مدني قافلو آهي، انهي ۾ پاڪيزه صحبتون ۽ پوءِ انهي جون برڪتون ئي برڪتون آهن، **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهين ۽ مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عاشقائن ۽ مديني جي ديوانين جي قربتن جي ڇا ڳالهہ ڪجي! سنن جو قرب ۽ پاڙو ملڻ يقينًا تمام وڏي سعادت آهي انهي جي برڪت سان دنياوي بلائن ۽ آفتن کان بہ نجات ملي ٿي ۽ آخرت جي ڀلائي بہ هٿ ايندي آهي جيئن حسنِ اخلاق جي پيڪر، نبين جي تاجور، محبوب ربّ اڪبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد روح پرور آهي: **الله** عَزَّوَجَلَّ نيڪ مسلمانن جي ڪري انهي جي پاڙي جي 100 گهرن مان بلائون پري ڪري ڇڏيندو آهي.“ (المعجم الاوسط ج 3 ص 129 حديث 4080)

## ﴿3﴾ سڪون جي ننڊ

هڪ اسلامي ڀيڻ (عمر تقريبًا 55 سال) جو بيان ڪجھ ائين آهي تہ منهنجي پير ۾ سور رهندو هو جنهن جي ڪري سڄي رات آئون سڪون سان سمهي ڪونہ سگهندي هيس، ٿوري اک لڳندي هئي تہ ڀوائتا خواب ڏسندي هيس جنهن جي ڪري گهٻرائجي اٿي ويهي رهندي هيس. **اَلْحَمْدُلله** عَزَّوَجَلَّ مون مارچ 2009ع ۾ اسلامي ڀينرن جي مدني قافلي ۾ سفر ڪيو. جڏهن رات جو آرام جو وقفو ٿيو تہ مون کي اهڙي سڪون جي ننڊ آئي جو شايد سالن ۾ ڪڏهن نہ آئي هئي، اهي سڀ مدني قافلي جون بهارون آهن.

اُس کی قسمت پے فدا تختِ شاہی کی راحت
خاکِ طیبہ پہ جسے چین کی نیند آئی ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اسلامي ڀينرو! ربُّ العِباد عَزَّوَجَلَّ جي ياد ۾ دلين جي راحت آهي جيئن تہ سيپارو 13 سورةُ الرعد آيت نمبر 28 ۾ ارشاد آهي:

اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَتَطْمَىِٕنُّ قُلُوْبُهُمْ بِذِكْرِ اللّٰهِ ؕ اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَىِٕنُّ الْقُلُوْبُ ؕ﴿۲۸﴾ (پ 13، الرعد 28)

**ترجمو ڪنزالايمان:** اهي جن ايمان آندو ۽ انهن جون دليون الله جي ياد سان سڪون لهن ٿيون، ٻڌو الله جي ئي ياد ۾ دلين جو آرام آهي.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي ۾ نيڪ ٻانهن جو بڪثرت ذڪرِ خير ٿيندو آهي ۽ جتي بزرگن ۽ پرهيزگار ٻيبين جو ذڪرِ خير ٿيندو آهي اتي رحمتِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ڇم ڇم وسندي آهي حضرتِ سيدنا امام سفيان بن عُيَينه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: عِنۡدَ ذِكۡرِ الصَّالِحِيۡنَ تَنَزَّلُ الرَّحۡمَةُ يعني نيڪ ماڻهن جي ذِڪر جي وقت رحمت نازل ٿيندي آهي. (حلية الاولياء حديث 10750 ج 7 ص 335) تہ جتي رحمت نازل ٿيندي آهي اتي راحت ڇو نہ ملندي! جيڪڏهن رحمتن جي برسات ۾ چين ۽ سڪون نہ ملندو تہ پوءِ ڪٿي ملندو؟ ذڪر ڪيل مدني بهار ۾ ڊپ واري خواب جو بہ ذڪر آهي، تہ انهي جو هڪ مدني علاج پيشِ خدمت آهي جيئن تہ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينہ جي شايع ٿيل 429 صفحن تي مشتمل "مدني پنج سوره" جي صفحي 240 تي آهي: يَا مُتَكَبِّرُ 21 دفعا روزانو پڙهي وٺو، ڊپ وارا خواب ايندا هوندا تہ اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ خواب ۾ نہ ڊڄندا. (علاج جي مدت شفاياب ٿيڻ تائين آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ متيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نه پڙهي. (حاڪم)

پاؤں میں درد ہو زن ہو یا مرد ہو　　قافلے میں چلیں قافلے میں چلو
لوٹ لیں رحمتیں خوب لیں برکتیں　　خواب اچّھے دِکھیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿4﴾ ڪنڌ جو سور ختم ٿي ويو

گھوٽڪي (باب الاسلام سنڌ) جي اسلامي ڀيڻ جو بيان آهي ته مون کي ڏيڍ مهيني کان ڪنڌ ۾ تمام گهڻو سور هو، گهڻو علاج ڪرايو پر مستقل آرام نه آيو. جڏهن مون تبليغ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عاشقائن ۽ مديني جي ديوانين جي مدني قافلي ۾ سفر ڪيو ته ٻيون برڪتون ملڻ سان گڏوگڏ منهنجي ڪنڌ جو سور به ڪافور (يعني ختم) ٿي ويو.

درد گردن میں ہو یا کہیں تَن میں ہو　　درد سارے مِٹیں قافلے میں چلو
کر سفر آئینگی تو سُدھر جائیں گی　　اب نہ سُستی کریں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نابين ٻار جي حيرت انگيز حڪايت

اسلامي ڀينرو! مدني قافلي جون برڪتون مرحبا! اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ جتي مدني قافلي جي مسافره جي ڪنڌ جو سور ختم ٿي ويو! اتي هي"مدني گل" به سنڀالي رکڻ وارو آهي ۽ اهو هي ته عين ممڪن آهي ته مدني قافلي ۾ ڪنهن جو سور ختم ٿيڻ بدران وڌي وڃي بالفرض ڪنهن سان ائين ٿئي به ته اهو شيطان جي وسوسن ۾

اچي هرگز ”مدني قافلي“ سان ناراض نہ ٿئي! مؤمن کي هر حال ۾ اللّٰه ربّ ذُوالجلال عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ئي ادا ڪرڻ گهرجي. يقينًا انهيءَ جي مشيّت ۾ حڪمت کي اسان مان ڪوبہ نٿو سمجهي سگهي. صحت ڏيڻ ۾ بہ ان جي حڪمت، مرض جي وڌڻ ۾ بہ هن جي مصلحت. ڪنهن کي اکين جو نور عنايت ڪرڻ ۾ حڪمت تہ ڪنهن کي انڌو رکڻ ئي ۾ مصلحت! انهي سلسلي ۾ هڪ انڌي ٻار جي حيرت انگيز حڪايت پيشِ خدمت آهي. دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 300 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”آنسوؤن کا دريا“ صفحو 252 تي منقول آهي: حضرت سيدنا عيسٰي روحُ اللّٰه عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڪنهن ندي جي ڪناري وٽان گذريا تہ ڪجھ ٻارن کي انهي ۾ ڪيڏندي ڏٺائون، انهن سان گڏ هڪ انڌو ٻار بہ هو جنهن کي اهي پاڻي ۾ غوطو ڏيئي ڪري ساڄي ڪاٻي ڀڄي ويندا هئا ۽ هو انهن کي تلاش ڪندو رهندو هو پر ڪامياب نہ ٿيندو هو. حضرت سيدنا عيسٰي روح اللّٰه عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ان جي باري ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ لڳا پوءِ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ انهي ٻار جي بصارت لاءِ (يعني نظر) واپس اچڻ جي دعا ڪيائون، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان ٻار کي بينائي عطا فرمائي. جڏهن هن اکيون کوليون ۽ ٻارن کي ڏٺو تہ هڪ ٻار کي پڪڙيائين ۽ هڪ دم ان سان چنبڙي پيو پوءِ ان کي پاڻي ۾ ايتري قدر غوطا ڏنا جو هو مري ويو پوءِ هڪدم وري ٻئي کي پڪڙيائين ان کي بہ غوطا ڏيندي ڏيندي موت جي حوالي ڪري ڇڏيائين! اها صورتحال ڏسي ٻيا ٻار ڊپ وچان ڀڄڻ لڳا. حضرت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

سيدنا عيسيٰ روحُ الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن اهو معاملو ڏٺو ته تمام حيران ٿيا ۽ عرض ڪيو: ”ياالٰهي عَزَّوَجَلَّ! اي منهنجا مالڪ و موليٰ! تون ان جي تخليق (يعني پيدائش) کي وڏيڪ ڄاڻڻ وارو آهين! انهي بار کي پوئين حالت تي موٽائي ڇڏ.“ الله عَزَّوَجَلَّ حضرت سيدنا عيسيٰ روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڏانهن وحي فرمائي: ”آئون توڪان وڏيڪ ڄاڻان ٿو....“ پوءِ حضرت سيدنا عيسيٰ روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام سجدي ۾ ڪِري پيا. (آنسوؤن کا دریا ص 252)

## ﴿5﴾ مون کي الٽي اچي ويندي هئي

گهوٽڪي (باب الاسلام سنڌ) جي اسلامي ڀيڻ جو ڪجهه هن طرح بيان آهي ته مون کي ٽائيفائيڊ ٿيو هو جنهن سبب منهنجو هاضمو خراب ٿي ويو هو. آئون جڏهن به ماني کائيندي هيس فورًا الٽي اچي ويندي هئي. جڏهن مون اسلامي ڀينرن سان گڏ دعوتِ اسلامي جي مدني قافلي ۾ سفر ڪيو ۽ سنّت جي مطابق ماني کاڌي ته پوءِ مون کي نه الٽي ٿي نه پيٽ ۾ سور ٿيو. مون اهي برڪتون ڏسندي نيت ڪئي آهي ته آئنده پاڻ به مدني قافلن ۾ سفر ڪنديس ۽ ٻين اسلامي ڀينرن تي انفرادي ڪوشش ڪري انهن کي مدني قافلي ۾ سفر جي ترغيب ڏياريندس.

گر ہے دردِ شکم مت کریں اس کا غم — ساتھ محرم کو لیں قافِلے میں چلو
تنگ دستی مٹے دور آفت ہٹے — لینے کو برکتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اسلامي ڀينرو! سنّت وري سنّت آهي انهي ۾ برڪت ڇو نه

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

**هوندي ۽ جڏهن سنّتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ آقا** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي عاشقائن، مديني جي ديوانين جي صحبت ۾ رهي سنّت به ادا ڪئي وڃي انهي جي ته ڇا ئي ڳالهه آهي! ڪاش! اسان کي هر ڪم ۾ سنّت تي عمل جو جذبو ملي وڃي.**

محمد کی سنّت کی الفت عطا کر میں ہو جاؤں ان پر فدا یا الٰہی
میں سنّت کی دھومیں مچاتی رہوں کاش! تو دیوانی ایسی بنا یا الٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿6﴾ سون جو گم ٿيل ڪوڪو ملي ويو

**باب المدينه (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي ته منهنجو سون جو ڪوڪو گم ٿي ويو هو. ٿي ڏينهن تائين تلاش ڪيو پر نه ملي سگهيو، پوءِ جڏهن اسان جي علائقي ۾ اسلامي ڀينرن جي مدني قافلي جي آمد ٿي ته مون دعا ڪئي: "ياالله** عَزَّوَجَلَّ**! انهي مدني قافلي جي برڪت سان مون کي منهنجو گم ٿيل ڪوڪو ملي وڃي." اَلْحَمْدُلله** عَزَّوَجَلَّ **انهي دعا جي صدقي مون کي منهنجو سون جو گم ٿيل ڪوڪو آساني سان ملي ويو ۽ وڏيڪ حيرت جي هي ڳالهه آهي جو ان جڳهه تان مليو جتي آئون ڀهرين ڪيئي ڀيرا ڏسي چڪي هيس! اها برڪت ڏسي مون به مدني قافلي ۾ سفر جي نيت ڪئي آهي.**

کھو گئے زیورات آئیں پھیلا کے ہاتھ عرض حق سے کریں قافلے میں چلو
غم کے بادل چھٹیں دل کی کلیاں کھلیں در کرم کے کھلیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# جنت جو بہ ڇا شان آهي!

اسلامي ڀينرو! ڏٺو اوهان! مدني قافلي جي برڪت سان سون جو گم ٿيل ڪوڪو ملي ويو! خير اها تہ دنيا جي هڪڙي حقير شيءِ آهي اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ وارن ۽ وارين کي جنّت بہ ملندي ۽ سُبْحٰنَ الله! جنت جو بہ ڇا شان آهي! دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 176 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بہشت کی کنجیاں“ صفحي 15 کان 16 تي آهي: جنّت ۾ مني پاڻي، ماکي، کير ۽ شراب جون نديون وهن ٿيون. (ترمذي ج 4 ص 257 حديث 2580) جڏهن جنتي پاڻي جي ندي مان پئيندا تہ انهن کي اهڙي حياتي ملندي جو ڪڏهن موت نہ ايندو ۽ جڏهن کير جي ندي مان پئيندا تہ انهن جي جسم ۾ اهڙي تندرستي پيدا ٿيندي جو پوءِ ڪڏهن ڪمزور نہ ٿيندا ۽ جڏهن ماکي جي ندي مان پي وٺندا تہ انهن کي اهڙي صحت ۽ تندرستي ملندي جو پوءِ اهي ڪڏهن بہ بيمار نہ ٿيندا ۽ جڏهن شراب جي ندي مان پئيندا تہ انهن کي اهڙو مزو ۽ خوشي جو سُرور حاصل ٿيندو جو پوءِ ڪڏهن بہ اهي غمگين نہ ٿيندا. اهي چارئي نديون هڪ حوض ۾ پون ٿيون جنهن جو نالو حوضِ ڪوثر آهي، اهو رسول اڪرم، رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اهو حوض ڪوثر آهي جيڪو هيئنر جنت ۾ آهي پر قيامت جي ڏينهن محشر جي ميدان ۾ آندو ويندو. جتي حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهي حوض سان پنهنجي اُمّت کي سيراب فرمائيندا. (روح البيان ج 1، ص 82، 83)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابويعليٰ)

## اسلامي ڀيڻ ۽ نيڪي جي دعوت

**سوال:** ڇا اسلامي ڀيڻ نيڪيءَ جي دعوت جي لاءِ پنهنجي پاڙي جي اسلامي ڀينرن جي گهر جي دروازي تي وڃي سگهي ٿي؟

**جواب:** سخت پردي سان وڃي سگهي ٿي، پر هن معاملي ۾ اسلامي ڀيڻ ڪي تمام گهڻو محتاط رهڻو پوندو.

## آواز کيئن کليو!

اسلامي ڀينرو! دنيا ۽ آخرت جون گهڻيون ڀلايون جمع ڪرڻ لاءِ هفتي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏينهن تنظيمي ترڪيب جي مطابق علاقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪريو. علاقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت جي برڪتن جي ڇا ڳالهه ڪجي! اوهان جو ايمان تازو ڪرڻ جي لاءِ مدني قافلي جي هڪ خوشگوار مشڪبار مدني بهار پيش آهي: پنجاب (پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي تحريري بيان جو خلاصو آهي ته اسان جي علائقي ۾ هڪ اسلامي ڀيڻ گلي جي مرض ۾ ورتل هئي، آواز صاف نه نڪرندو هو ايستائين جو ويجهي وينل کي به انهن جو آواز صحيح ٻڌڻ ۾ نه ايندو هو. ڊاڪٽرن آپريشن جو چيو هو ۽ هي به ٻڌائي ڇڏيو هو ته يا ته آواز نيڪ ٿي ويندو يا بلڪل بند ٿي ويندو. انهي دؤران دعوتِ اسلامي جي هڪ اسلامي ڀيڻ انهن کي علاقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت ۾ شرڪت جي ترغيب ڏياري ته هو مختلف گهرن ۾ پردي جي پابندي سان ڏني ويندڙ ”نيڪي جي دعوت“ ۾ شرڪت لاءِ انهن سان گڏجي ويئي. جڏهن اها اسلامي ڀيڻ

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

علائقائي دوري تان واپس موٽي ته حيرت انگيز طور ان جو آواز پهرين کان بهتر ٿي چڪو هو، پوءِ اڳئين ئي ڏينهن جڏهن انهن دعوتِ اسلامي جي اسلامي ڀينرن جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪئي ته انهن جو آواز اهڙو صاف ٿي چڪو هو جڻ ڪڏهن بند ئي نه ٿيو هو! ائين علاقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت ۽ سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي برڪت سان انهن کي انهي مرض کان ڇوٽڪارو نصيب ٿيو.

آمِنہ کے لال! صَدقہ فاطِمہ کے لال کا | دُور اب تو شامتیں کر بے کس و مجبور کی
بہرِ شاہِ کربلا ہوں دور آفات و بلا | اے حبیبِ ربِّ داور بیکس و مجبور کی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اسلامي ڀينرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ علاقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت جون خوب برڪتون آهن نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ ڀلائي جي ڳالهه ٻڌائڻ جي ثواب جو ڪير اندازو ڪري سگهي ٿو. امام ابو نُعَيم احمد بن عبدالله اصفهاني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّورانِي "حِليةُ الاولياء" ۾ نقل ڪن ٿا: الله عَزَّوَجَلَّ حضرتِ سيدنا موسٰي ڪليم الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ڏانهن وحي فرمائي: "ڀلائي جون ڳالهيون پاڻ به سکو ۽ ٻين کي به سيکاريو، آئون ڀلائي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن جي قبرن کي روشن فرمائيندس ته جيئن انهن کي ڪنهن قسم جي وحشت نه ٿئي." (حِليةُ الاولياء ج 6 ص 5 رقم 7622) هن روايت مان نيڪي جي ڳالهه سکڻ سيکارڻ جو اجر ۽ ثواب معلوم ٿيو. نيڪي جي دعوت ڏيڻ، سنتن ڀريو بيان ڪرڻ يا درس ڏيڻ يا ٻڌڻ وارن ۽ وارين جا ته ڀاڳ ڀلا ٿي ويندا،

اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن جون قبرون اندران جڳمڳائي رهيون هونديون ۽ انهن کي ڪنهن قسم جو خوف محسوس نہ ٿيندو. انفرادي ڪوشش ڪندي نيڪي جي دعوت جي ذريعي ڀلائي جون ڳالهيون سکڻ ۽ سيکارڻ وارن ۽ وارين، مدني قافلن ۾ سفر ۽ فڪر مدينہ ڪري مدني انعامات جو رسالو روزانو پرڻ جي ترغيب ڏيارڻ وارن ۽ وارين ۽ سنتن ڀريي اجتماع جي دعوت پيش ڪرڻ وارن ۽ وارين ۽ مبلغن جي نيڪي جي دعوت ڪي ٻڌڻ وارن ۽ مبلغائن جي نيڪي جي دعوت ٻڌڻ وارين جون قبرون بہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ حضور مُفِيضُ النُّور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نور جي صدقي نورٌ عليٰ نور ٿينديون.

قبر میں لہرائیں گے تا حَشر چشمے نور کے
جلوہ فرما ہوگی جب طَلعَت رسولُ اللہ کی (حدائقِ بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اسلامي ڀينرن جو مدني مشورو

**سوال:** ڇا اسلامي ڀينرون نيڪيءَ جي دعوت جي مدني ڪمن ۾ ترقي جي لاءِ پاڻ ۾ ملي مدني مشورو ڪرڻ جي لاءِ ڪٿي جمع بہ ٿي سگهن ٿيون؟

**جواب:** جي ها شرعي پردي ۽ ٻين شرطن جي پابندي ڪندي مدني مشوري جي لاءِ جمع ٿي سگهن ٿيون.

## عِدّت جي دؤران سنتون سکڻ جي لاءِ نڪرڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** موت يا طلاق جي عِدت جي دؤران اسلامي ڀيڻ سنتون سکڻ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

يا سيکارڻ جي لاءِ گهران ٻاهر نڪري سگهي ٿي يا نه؟

**جواب:** نه

## اسلامي ڀينرن جو اجتماع ڪرڻ ڪيئن؟

**سوال:** اسلامي ڀينرن جو پردي جي پابندي ڪندي ذِڪرالله، نعت خواني سنّتن ڀريي بيان ۽ دعا وغيره تي مشتمل سنّتن ڀريو اجتماع ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** اسلامي ڀينرن کي قرآن ۽ سنّت جون ڳالهيون ٻڌائڻ ضروري آهن ته جيئن انهن کي اسلامي زندگي جو طريقو اچي وڃي. ان جون مختلف صورتون آهن مثلاً انهن کي سنتن ڀريي بيانات جون ڪيسٽون ٻڌڻ ۽ علماءِ اهلسنت جا ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنا وڃن، گڏوگڏ پردي جو لحاظ رکندي ڪنهن جڳهه تي جمع ٿي فرض ۽ سنتون سکن. مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان فرمائن ٿا: ”اڄڪلهه عورتن کي باپرده مسجدن ۾ اچڻ ۽ الڳ ويهڻ کان نه روڪيو وڃي ڇو ته هاڻي سينيمائن ۽ بازارن ۾ وڃڻ کان نه ٿيون رڪجن. مسجدن ۾ اچي ڪجهه نه ڪجهه دين جا احڪام ٻڌنديون.“ (مراة المناجيح ج 2 ص 170) هڪ ٻي جڳهه تي فرمائن ٿا: ”انهن (عورتن) ۾ تبليغ يا ته ڪتابن ۽ رسالن جي ذريعي ڪئي وڃي يا اهلِ علم عورتون بي علم عورتن کي احڪام سيکارين يا سخت پردي سان بيان ڪرڻ واري عالم کان بلڪل الڳ هڪ عمارت يا وڏي پردي جي اوٽ ۾ وعظ ۽ احڪام ٻڌن پر هن ٽين صورت ۾ سخت احتياط جي ضرورت آهي.“ (فتاوٰي نعيميه ص 48)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.** (ڪنزالعمال)

# غير عالم ڪي بيان ڪرڻ حرام آهي

**سوال:** جيڪا اسلامي ڀيڻ عالمه نه هجي ڇا اها اسلامي ڀينرن جي سنتن ڀريي اجتماع ۾ بيان ڪري سگهي ٿي؟

**جواب:** جيڪا ڪافي علم نه رکندي هجي اها مذهبي بيان نه ڪري. منهنجا **آقا اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **فتاوٰي رضويه جلد** 23 **صفحي** 378 **تي** فرمائن ٿا: ”وعظ ۾ ۽ هر ڳالهه ۾ سڀ کان مقدم **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اجازت آهي، جيڪو ڪافي علم نه رکندو هجي ان کي وعظ ڪرڻ حرام آهي ۽ ان جو وعظ ٻڌڻ جائز ناهي ۽ جيڪڏهن ڪو مَعَاذَالله بدمذهب آهي ته اهو ته **شيطان جو نائب** آهي، ان جي ڳالهه ٻڌڻ سخت حرام آهي (ان کي مسجد ۾ بيان کان روڪيو وڃي) ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي بيان سان فتنو پيدا ٿيندو هجي ته ان کي به روڪڻ جو امام ۽ مسجد وارن کي حق آهي ۽ جيڪڏهن سنّي صحيحُ العقيده ڪامل عالم وعظ ڪري ته ان کي روڪڻ جو ڪنهن کي حق ناهي. جيئن ته **الله** تبارڪ و تعاليٰ سيپاري 1 سورةُ البقره جي آيت نمبر 114 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ مَّنَعَ مَسٰجِدَ اللّٰهِ اَنْ يُّذْكَرَ فِيْهَا اسْمُهٗ
(پ ١ البقره ١١۴)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ ڪير ان کان وڌيڪ ظالم آهي جيڪو **الله** جي مسجدن کي منجهن خدا جي نالي وٺڻ کان روڪي.

(فتاويٰ رضويه ج 23 ص 378)

# عالم جي وصف

**سوال:** ڇا مبلغ بڻجڻ جي لاءِ درسِ نظامي (يعني عالم ڪورس) ڪرڻ شرط آهي؟

**جواب:** عالم ٿيڻ جي لاءِ نه درسِ نظامي شرط آهي نه اُن جي صرف سَند ڪافي بلڪ علم هجي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: عالم جي وصف هي آهي ته عقيدن کان مکمل طور تي آگاهه هجي ۽ مستقل هجي ۽ بنا ڪنهن جي مدد جي پنهنجي ضرورت جي مسئلن کي ڪتاب مان ڪڍي سگهي. ڪتابن جي مطالعي سان ۽ عالمن کان ٻُڌي ٻُڌي ڪري علم ٻه حاصل ٿيندو آهي. (تلخيص از احڪامِ شريعت حصو 2 ص 231) معلوم ٿيو عالم ٿيڻ جي لاءِ درسِ نظامي ڪرڻ جي سند ضروري نه آهي نه ئي ڪافي، نه ئي عَرَبي فارسي وغيره جو ڄاڻڻ شرط آهي، بلڪ علم ضروري آهي. جيئن ته منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: سَنَد ڪا شيءِ ناهي ڪيترائي سند حاصل ڪرڻ وارا بلڪل علمِ دين کان خالي هوندا آهن ۽ جِن سَنَد نه ورتي اُنهن جي شاگردي جي لياقت به اُنهن سند حاصل ڪرڻ وارن ۾ ناهي هوندي، علم هئڻ گهرجي. (فتاويٰ رضويه ج 23 ص 683) اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ فتاويٰ رضويہ شريف، بهارِ شريعت، قانونِ شريعت، نصابِ شريعت، مراٰة المناجيح، عِلمُ القرآن، تفسيرِ نعيمي، اِحياءُ العُلوم (مترجم) ۽ ان طرح جا ڪيترائي اردو ڪتاب آهن جِن کي پڙهي ڪري، سمجهي ڪري ۽ عالِمن سڳورن کان پُڇي پُڇي ڪري به ضرورت جي مطابق عقيدن ۽ مسئلن کان آگاهي حاصل ڪري "عالم" بڻجڻ جو شرف حاصل ڪري سگهجي ٿو ۽ جيڪڏهن گڏوگڏ "درسِ نظامي" ڪرڻ جي سعادت به حاصل ٿي وڃي ته هي تمام بهتر آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

# غير عالم جي بيان ڪرڻ جو طريقو

**سوال:** جيڪو عالم نه هجي ڇا ان جي بيان ڪرڻ جي به ڪا صورت آهي؟

**جواب:** غير عالم جي بيان جي آسان صورت اها آهي ته علماءِ اهلسنّت جي ڪتابن مان ضرورت مطابق فوٽو ڪاپيون ڪرائي انهن جي ڪٽنگ پنهنجي ڊائري ۾ چنبڙائي ڇڏي ۽ ان مان پڙهي ٻڌائي. زباني ڪجھ نه چوي ۽ پنهنجي پاران هرگز ڪنهن آيت ڪريمه جو تفسير يا حديث پاڪ جي شرح وغيره بيان نه ڪري ڇو ته تفسير بالرّاءِ[1] حرام آهي ۽ **پنهنجي اٽڪل اندازي جي مطابق آيت مان دليل پڪڙڻ ۽ حديث پاڪ جي شرح ڪرڻ جيتوڻيڪ صحيح هجي تڏهن به شرعاً ان جي اجازت ناهي. فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن بنا علم جي قرآن جو تفسير ڪيو اُهو پنهنجو نڪاڻو دوزخ بڻائي.

(ترمذي ج 4، ص 439، حديث 2959)

غير عالم جي بيان جي باري ۾ رهنمائي ڪندي منهنجا آقا اعليٰ حضرت مولانا شاهه احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ”جاهل اُردو پڙهندڙ جيڪڏهن پنهنجي طرف کان ڪجھ نه چوي بلڪ عالم جي تصنيف پڙهي ٻڌائي ته ان ۾ حرج ناهي.“ (فتاويٰ رضويه ج 23 ص 409)

# مبلغن جي لاءِ اهم هدايت

**سوال:** دعوتِ اسلامي جا ڪجھ مبلغ ۽ مبلغات زباني به بيان ڪندا

[1] تفسير بالرّاءِ ڪرڻ وارو اُهو آهي جنهن قرآن جو تفسير عقل ۽ قياس (اندازي) سان ڪيو، جنهن جي نقلي (يعني شرعي) دليل ۽ سَند نه هجي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

آهن انهن جي لاءِ توهان جي طرفان ڪهڙيون هدايتون آهن؟

**جواب:** جيڪڏهن اُهي عالم يا عالمائون آهن پوءِ تہ حرج ناهي. نہ تہ غير عالم مبلغن و مبلغات جي لاءِ هدايتون پيش ڪري ڇڏيون آهن تہ اهي صرف عالمن جي تحريرن مان پڙهي ئي بيان ڪن. جيڪڏهن ڪنهن جاهل ڪي سنتن ڀريي اجتماع ۾ زباني بيان ڪندي ڏسو تہ دعوتِ اسلامي جا ذميدار ان ڪي روڪي ڇڏين. غير عالم مبلغ و مبلغائن ۽ تمام غير عالم بيان ڪندڙن ڪي گهرجي تہ اهي زباني مذهبي بيان يا خطاب نہ ڪن. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: "جاهل اردو پڙهڻ وارو جيڪڏهن پنهنجي طرفان ڪجهہ نہ چوي بلڪ عالم جي تصنيف پڙهي ٻڌائي تہ ان ۾ حرج ناهي." وڌيڪ فرمائن ٿا: "جاهل خود بيان ڪرڻ ويهي تہ ان ڪي وعظ ڪرڻ حرام آهي ۽ اُن جو وعظ ٻُڌڻ حرام آهي ۽ مسلمانن ڪي حق آهي، بلڪ مسلمانن تي لازم آهي تہ اُن ڪي منبر تان لاهي ڇڏين جو ان ۾ نَهْيٌ مُنڪَر (يعني برائي کان منع ڪرڻ) آهي ۽ برائي کان منع ڪرڻ واجب آهي."

واللّٰه تعالٰي اعلم.

## اسلامي ڀينرون نعتون پڙهن يا نہ؟

**سوال:** اسلامي ڀينرن ۾ اسلامي ڀينرون نعتون پڙهي سگهن ٿيون يا نہ؟

**جواب:** اسلامي ڀينرون، اسلامي ڀينرن ۾ بغير مائيڪ جي اهڙي طرح نعت شريف پڙهن جو انهن جو آواز ڪنهن غير مرد تائين نہ

پهچي. مائيڪ جو ان لاءِ منع ڪيو جو ان تي پڙهڻ يا بيان ڪرڻ سان غير مرد ڪان آواز کي بچائڻ ناممڪن جي قريب آهي. ڪير ڪيترو بہ ڪٽي چو نہ سمجهي تہ آواز شامياني يا گهر ڪان ٻاهر نٿو وڃي پر تجربو اهو ئي آهي تہ لائوڊ اسپيڪر جي ذريعي عورت جو آواز عموماً غير مردن تائين پهچي ويندو آهي. بلڪ وڏين محفلن ۾ مائيڪ جو نظام بہ تہ اڪثر مرد ئي هلائيندا آهن! سگِ مدينہ عُفِيَ عَنه کي هڪ پيري ڪنهن ٻڌايو تہ فلاڻي جڳهہ محفل ۾ هڪ صاحبہ لائوڊ اسپيڪر تي بيان فرمائي رهي هئي، ڪجهہ مردن جي ڪَنن ۾ جڏهن ان جو زنانو آواز پهتو تہ انهن مان هڪ بي حيا چيو: واهہ! ڪيڏو نہ پيارو آواز آهي!! جڏهن آواز ايڏو پُرڪشش آهي تہ پاڻ ڪهڙي هوندي !!! وَلَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰه۔

## اسلامي ڀينرون اسپيڪر استعمال نہ ڪن

**ياد رهي!** دعوتِ اسلامي جي طرفان ٿيڻ واري سنتن ڀريي اجتماعن ۽ اجتماعِ ذڪر و نعت ۾ **اسلامي ڀينرن جي لاءِ لائوڊ اسپيڪر جي استعمال تي پابندي آهي.** تنهنڪري اسلامي ڀينرون ذهن ٺاهين تہ ڪجهہ بہ ٿئي نہ لائوڊ اسپيڪر تي بيان ڪرڻو آهي ۽ نہ ئي ان تي نعت شريف پڙهڻي آهي. **ياد رکو! غير مردن تائين آواز پهچندو هجي، ان جي باوجود بيباڪي سان نعتون ٻڌائڻ واري گنهگار ۽ ثواب جي بدران عذابِ نار جي حقدار آهي.** منهنجي آقا **اعلٰي حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو ويو: ڪجهہ عورتون گڏجي گهر ۾ ميلاد شريف پڙهن ٿيون ۽ آواز ٻاهر تائين

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

ٻڌڻ ۾ ايندو آهي، ائين ئي محرم جي مهيني ۾ ڪتابِ شهادت وغيره بہ هڪ ئي آواز ۾ گڏجي (يعني ڪورس ۾) پڙهن ٿيون اهو جائز آهي يا نہ؟ منهنجي **آقا اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جواب ۾ ارشاد فرمايو: ناجائز آهي جو عورت جو آواز بہ عورت (يعني لڪائڻ جي شيءِ) آهي ۽ عورت جو سُريلي آواز ۾ ڪجهہ پڙهڻ جو اِجنبي ٻُڌي فتني جو سبب آهي. (فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 240)

# عورت جي راڳ جو آواز

منهنجا **آقا اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ ارشاد فرمائن ٿا: **عورت جو** (نعتون وغيره) **سُريلي آواز سان وڏي سَر ائين پڙهڻ جو نامحرمن تائين ان جي نغمي (يعني راڳ ۽ ترنم) جو آواز وڃي حرام آهي. ”نوازلِ فقيہ ابو الليث سمر قندي** رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه“ ۾ آهي: عورت جو سريلي آواز سان ڪجهہ پڙهڻ ”عورت“ يعني لڪائڻ جي شيءِ آهي. ”ڪافي امام ابو البرڪات نسفي“ ۾ آهي: عورت بلند آواز سان تلبيہ (يعني لَبَّيْکَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْک) نہ پڙهي، ڇوتہ ان جو آواز قابلِ ستر (لڪائڻ جي قابل) آهي. علامہ شامي قُدِّسَ سِرُّهُ السَّامي فرمائن ٿا: عورتن کي پنهنجو آواز بلند ڪرڻ انهن کي ڇڪڻ ۽ ڏگهو (يعني هيٺ مٿي) ڪرڻ، انهن ۾ نرم لهجو اختيار ڪرڻ ۽ انهن ۾ تقطيع ڪرڻ (يعني وقفو وقفو ڪري تحليلي عُروض يعني نظم جي قاعدن جي مطابق) شعرن وانگر آواز ڪڍڻ، اسان انهن سڀني ڪمن جي عورتن کي اجازت نٿا ڏيون ڇوتہ انهن سڀني ڳالهين ۾ مردن جو انهن ڏانهن مائل ٿيڻ ڏٺو ويندو ۽ انهن مردن ۾ شهوت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

جي جذبن جي حرڪت پيدا ٿيندي انهيءَ ڪري عورت ڪي اها اجازت ناهي تہ اها اذان ڏئي. واللہ تعالیٰ اعلم.

(ردالمحتار ج 2 ص 97، فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 242)

## منهنجو آواز ڏڪندو هو

اسلامي ڀينرو! مني مني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي غلامي تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلامي جو عجيب امتياز آهي، ان سان جيڪي وابستہ آهن اُنهن تي بہ ربِّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جا اهڙا اهڙا انعام ٿيندا آهن جو عقل حيران رهجي ويندو آهي. بابُ المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جو بيان ڪجهہ هن طرح آهي تہ دعوتِ اسلامي جي مهڪي مهڪي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهرين آئون مختلف گناهن ۾ مبتلا ٿي پنهنجي انمول زندگي جا قيمتي لمحا ضايع ڪري رهي هيس. تقريباً 12 سال پهرين هارٽ اٽيڪ ٿيو (يعني دل جو دورو پيو) ۽ آئون بيهوش ٿي ويس. جڏهن هوش آيو تہ آواز بند ٿي چڪو هو، هاڻي آئون صرف اشارن سان ڳالهہ ڪري سگهندي هيس. ڊاڪٽري علاج سان ڪجهہ فرق تہ ٿي ويو پر اجا بہ ڳالهائيندي وقت آواز ڏڪندو هو، دونهي واري جڳهہ تي ڪنگهہ شروع ٿي ويندي، ساهہ مُنجَهڻ لڳندو ۽ آواز بند ٿي ويندو هو، انهي ئي حالت ۾ تقريباً هڪ مهينو گذري ويو. هڪ ڏينهن آئون پنهنجي بيماري کان غمگين ٿي تمام گهڻو رُنيَس، انهيءَ دؤران مون کي ننڊ اچي وئي. اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ خواب ۾ هڪ بزرگ جي زيارت ٿي، انهن ڪجهہ هن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

طرح فرمايو: ”فڪر نہ ڪر، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ تمام جلدي نيڪ ٿي ويندئين ۽ جڏهن نيڪ ٿي وڃين تہ فيضانِ مدينہ ضرور اچجان.“ ان مبارڪ خواب ڪي ڏسڻ کان پوءِ ڏينهون ڏينهن صحت بهتر ٿيڻ لڳي. جيئن ئي ٻاهر نڪرڻ جي قابل ٿيس، هڪ اسلامي ڀيڻ سان گڏ دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ۾ اسلامي ڀينرن جي سنتن ڀريي اجتماع ۾ حاضر ٿي ويس. اُن اجتماع منهنجي زندگي سنواري ڇڏي، مون دل ئي دل ۾ پڪي نيت ڪئي تہ هاڻي منهنجي زندگي دعوتِ اسلامي جي لاءِ وقف آهي. مون پنهنجو پاڻ کي دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي حوالي ڪري ڇڏيو. اَلْحَمْدُ لله عَزَّوَجَلَّ اِهي مدني ماحول جون برڪتون آهن جو هڪ وقت اُهو هو جڏهن ڳالهائيندي منهنجو آواز ڏڪندو هو ۽ هڪ وقت هِي آهي جو آئون علاقائي سطح تي ٿيڻ واري اسلامي ڀينرن جي اجتماعِ ذڪر و نعت ۾ پنهنجي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون نعتون پڙهندي آهيان، هاڻي نہ آواز ڏڪي ٿو نہ گلو ويهي ٿو ۽ نہ ئي ڪنگهہ ٿئي ٿي.

رحمت نہ کس طرح ہو گنہگار کی طرف | رحمٰن خود ہے میرے طرفدار کی طرف
دیکھی جو بے کسی تو انہیں رحم آگیا | گھبرا کے ہو گئے وہ گنہگار کی طرف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اسلامي ڀينرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ٻهانا ڳولهيندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ترڪيب ٺهي ويندي آهي يعني ”جيڪو روئيندو آهي اُن جو ڪم ٿيندو آهي“ اسلامي ڀيڻ جڏهن دل ننڍي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

ڪري رُني، رحمت کي جوش آيو ۽ ڪم ٿي ويو!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ويراندي مان هڪ ٻئي کي سڏ ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ويراندي مان اسلامي ڀيڻ جو پاڙيسري عورتن سان بلند آواز ۾ ڳالهائڻ ڪيئن آهي؟ اهڙي طرح عمارت ۾ هيٺ مٿي رهڻ واريون هڪ ٻئي کي سڏ ڪن، پاڻ ۾ زور زور سان گفتگو ڪن ڇا اهو مناسب آهي؟

**جواب:** اهو انتهائي غير مناسب آهي ڇو ته ان طرح گفتگو ڪرڻ سان غير مرد تائين آواز پهچڻ جو وڏو امڪان آهي، جيڪڏهن پرپاسي جي اسلامي ڀينرن سان ڪو ضروري ڪم آهي ته ان جي لاءِ هڪ ٻئي جي گهر ٽيليفون يا انٽر ڪام جي ذريعي ڳالهه ٻولهه ڪري وٺي.

## ٻارن کي دڙڪا ڏيڻ جو آواز

**سوال:** ڇڱو اِهو ٻڌايو ته ٻارن کي دڙڪا ڏيڻ وقت اسلامي ڀيڻ جو آواز بلند ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** اسلامي ڀيڻ جو اهڙي طرح دڙڪا ڏيڻ جو آواز گهر کان ٻاهر نڪري انتهائي نا مناسب ۽ ڪِل جوڳو آهي. ٻارن جي ٿوري ڳالهه تي رڙيون ڪرڻ بيوقوفي به آهي جو اهڙي طرح ٻار وڌيڪ ”آزاد“ ٿي ويندا آهن. تنهنڪري ٻار ٻار دڙڪا ڏيڻ بدران اڪثر ڪري پيار کان ڪم ورتو وڃي. سيني جي سامهون ٻارن کي ذليل ڪندي رهڻ سان آهستي آهستي انهن جي نِنڍڙي دل ”باغي“ ٿي ويندي آهي. ٻار جي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

موجودگي ۾ ڪنهن معزز شخص سان اُنهيءَ ٻار جي باري ۾ هِن طرح جون شڪايتون ڪرڻ مثلاً ”هِن ڪي سمجهايو، هي تنگ ڏاڍو ڪندو آهي ڏاڍو شرارتي آهي، ماءُ پيءُ جو چوڻ نٿو مڃي وغيره“ عقلمندي ناهي ڇو تہ ان سان ٻار جي اصلاح ٿيڻ تہ رهيو پري بلڪ ذهن ۾ نهندو هوندو تہ مون ڪي ماءُ پيءُ فلاڻي جي سامهون ذليل ڪري ڇڏيو! اڄڪلهہ اولاد جي نافرمانين جون شڪايتون عام آهن ٿي سگهي ٿو تہ ان جي سببن مان هڪ سبب نندپڻ ۾ ماءُ پيءُ جو ڳالهہ ڳالهہ تي خوامخواهہ رڙيون ڪرڻ ۽ ٻار کي ٻين جي سامهون هر هر ذليل ۽ خوار ڪرڻ بہ هجي.

ہے فَلاح و کامرانی نَرمی و آسانی میں
ہر بنا کام بِگڑ جاتا ہے نادانی میں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عورت نعتن جي وڊيو ڪيسٽ ڏسي يا نہ؟

**سوال:** ڇا اسلامي ڀيڻ نعت خوانن جي وڊيو ڪيسٽ ڏسي سگهي ٿي؟

**جواب:** منهنجو مشورو آهي تہ هرگز نہ ڏسي. هڪ تہ سني آواز سان پڙهڻ جو جادو، ٻيو نوجوان نعت خوان جي (اسٽوڊيو ۾ ناهيل خوش لباسي، پفنگ ۽ لائٽنگ جي ذريعي ”نقلي نور“ وسائيندڙ زبردستي جي پُرڪشش) تصوير ۽ ٽيون اهو تہ ان جي هٿ وغيره لهرائڻ جي ادائن سبب قوي امڪان آهي تہ عورت جي دل ۾ جوش پيدا ٿئي ۽ ثواب جي بدران عذاب جو سامان ٿئي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعلیٰ)

## عورت نعتن جي ڪيسٽ ٻڌي يا نه؟

**سوال:** ڇا اسلامي ڀيڻ نامحرم نعت خوان جي آواز ۾ نعتون ٻڌي سگهي ٿي؟

**جواب:** نعت شريف ٻڌڻ، ٻڌائڻ واقعي ثواب جو ڪم آهي، البت نامحرم نعت خوان جي آواز ۾ عورت نعت شريف نه ٻُڌي جو اُن جي سُريلي آواز جي سبب هوءَ فتني ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿي. صحيح بخاري شريف ۾ آهي ته سرڪارِ مدينه، سلطانِ باقرينه، قرارِ قلب و سينه، فيضِ گنجينه، **صاحبِ معطر پسينه** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جا هڪ حُدي خوان** (يعني اُنن کي تيز هلائڻ جي لاءِ مست ڪرڻ وارا شعر پڙهڻ وارا) هئا، جن جو نالو **اَنْجَشَہ** (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ) **هو جيڪي انتهائي سريلي آواز وارا هئا.** (هڪ سفر جي دؤران جنهن ۾ عورتون به گڏ هيون ۽ سيّدنا اَنجَشَہ شعر پڙهي رهيا هئا ته) **سرڪارِ مدينه** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن** کين ارشاد فرمايو: ”**اي اَنْجَشَہ! آهستي، نازڪ شيشيون نه ٽوڙي ڇڏجان.**“ (صحيح بخاري ج 4 ص 158 حديث 6211) **مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنّان **هن حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا:** ”يعني مون سان گڏ سفر ۾ عورتون به آهن جن جا دل ڪچي شيشي وانگر ڪمزور آهن، سريلو آواز انهن تي تمام جلدي اثر ڪندو آهي ۽ اهي ماڻهن جي ڳائڻ سان گناهه ڏانهن مائل ٿي سگهن ٿيون، ان لاءِ پنهنجو ڳائڻ بند ڪري ڇڏيو.“ (مراة ج 6 ص 443)

## اسلامي ڀينرون نعت خوانن جون ڪيسٽون نه ٻُڌن

معلوم ٿيو، عورتن جون دليون نازڪ شيشين جيان آهن،

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

انهن ڪي سريلي آواز واري غير مرد ڪان سُر سان گڏ شعر نه ٻڌڻ گهرجن، ترنم ۾ هڪ طرح جو جادو هوندو آهي، مرد ۽ عورت هڪ ٻئي جو ترنم ٻڌي جلدي فتني ۾ پئجي سگهن ٿا. ان لاءِ سگِ مدينه عُفِيَ عَنه مردن جي آواز ۾ نعتون ٻڌڻ جو اسلامي ڀينرن کي مشوري طور منع ڪيو آهي، تنهن ڪري اسلامي ڀينرن کي گهرجي ته اُهي مرد نعت خوانن کان نعتون بلڪ انهن جون آڊيو ڪيسٽون به نه ٻڌن ۽ مرد نعت خوان جي نعت پڙهڻ جي طِرز کي به نه اپنائن ڇو ته اهڙيءَ طرح دل ۾ ان نعت خوان جي طرف لاڙو پيدا ٿي سگهي ٿو، شيطان کي فتني ۾ مبتلا ڪندي دير ناهي لڳندي. مرد ۽ عورت (يعني غير محارم) کي هر اُن ڪم کان بچڻ گهرجي جنهن سان هڪ ٻئي جو تصور قائم ٿئي ۽ شيطان ورغلائي.

## ڇا اسلامي ڀينرون مرحوم نعت خوان جون نعتون ٻڌي سگهن ٿيون؟

**سوال:** اسلامي ڀينرون فوت ٿي ويل نعت خوانن جون ڪيسٽون ٻڌي سگهن ٿيون يا نه؟

**جواب:** فوت ٿي ويل نعت خوانن جون ڪيسٽون ٻڌڻ يا انهن جون طرزون اپنائڻ ۾ ڪو حرج ناهي جو بظاهر هاڻي "فتني" جو انديشو ناهي، مثلاً دعوت اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي مرحوم نگران خوش الحان نعت خوان بلبل روضه رسول حاجي محمّد مشتاق عطاري عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ البارِي جي نعتن جون ڪيسٽون ٻڌڻ ۽ انهن جون طرزون اپنائڻ ۾ حرج ناهي. ها مرحوم نعت خوان جي آواز ٻڌڻ تي

به جيڪڏهن ڪنهن اسلامي ڀيڻ جي دل ۾ شيطان گندا وسوسا وجهندو هجي ته اها نه ٻڌي.

## مون کي مدني چينل مدني برقعو پارائي ڇڏيو!

اسلامي ڀينرو! دعوتِ اسلامي جي مدني چينل جي به ڇا ڳالهه آهي! ان جي ذريعي مسلمانن جي اصلاح ٿي رهي آهي، باب المدينه (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جو ڪجهه هِن طرح بيان آهي ته شروع شروع ۾ آئون پردو نه ڪندي هيس. پوءِ دعوتِ اسلامي اسان کي "مدني چينل" جو عظيم تحفو عطا ڪيو جنهن کي ڏسڻ جي برڪت سان آئون ۽ منهنجي ٻارن جا والد نماز جا پابند ٿي وياسين. هڪ ڏينهن مدني چينل تي "پردي جي اهميت" جي موضوع تي سنتن ڀريو بيان جاري هو. منهنجي ٻارن جي والد جڏهن اهو بيان ٻڌو ته ايترا متاثر ٿيا جو مون کي مدني برقعو پائڻ جي ترغيب ڏياري ۽ بِنا ضرورت بازار وغيره وڃڻ کان به منع ڪري ڇڏيو. اَلْحَمْدُلِلّٰهعَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني چينل جي برڪت سان مون کي بي پردگي کان توبهه نصيب ٿي ۽ هاڻي آئون ڪو نظرن کي وٽندڙ غير مردن کي متوجهه ڪرڻ وارو يا مَعَاذَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ متو اگهاڙو رکڻ وارو رسمي برقعو نه بلڪ شرعي پردي جي مطابق صرف ۽ صرف مدني برقعو پائيندي آهيان.

مدنی چینل سنّتوں کی لائے گا گھر گھر بہار
مدنی چینل دیکھنے والے بنیں پرہیز گار

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

# اسلامي ڀينرن جي مدني چينل ڏسڻ جو شرعي مسئلو

اسلامي ڀينرو! مدني چينل جي بهارن جي ڇا ڳالهه ڪجي! اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني چينل ڏسي ڪيئي ڪافرن ڪي ته ايمان جي دولت نصيب ٿي ويئي! ۽ خبر ناهي ڪيترائي بي نمازي نمازي بڻجي ويا، ڪيترن ئي ماڻهن گناهن کان توبهه ڪري سنتن ڀري زندگي جو آغاز ڪري ڇڏيو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني چينل سؤ سيڪڙو اسلامي چينل آهي، نه ان ۾ موسيقي آهي نه ئي عورت جي نمائش. مدني چينل ۾ ڇا آهي؟ ان ۾ فيضانِ قرآن، فيضانِ حديث، فيضانِ انبياء، فيضانِ صحابه ۽ فيضانِ اولياء آهي. ان ۾ تلاوتون، نعتون، منقبتون آهن، دعا ۽ مناجات ۾ ٻاڏائڻ ۽ عاجزي سان روئڻ جا دل ڏڪائڻ وارا ۽ عشقِ رسول ۾ روئڻ، روئارڻ، ۽ تڙپائڻ وارا رِقّت ڀريا منظر آهن. دارالافتاء اهلسنت، روحاني طبي علاج، سنتن ڀريا مدني گل آخرت بهتر بڻائڻ واريون خوب مدني بهارون آهن. مطلب ته مدني چينل هڪ اهڙو چينل آهي جنهن جي ذريعي انسان گهر ويٺي تمام گهڻو ديني علم سِکي سگهي ٿو! ها اسلامي ڀينرن کي مدني چينل ڏسڻ کان پهرين 112 دفعا غور ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته مدني چينل ۾ اڪثر نوجوانن ئي جا نظارا هوندا آهن ۽ عورت نازڪ شيشي آهي ۽ اُن کي معمولي چوٽ ئي ڪافي آهي. ڪِٿي مَعَاذَاللّٰه اها بدنگاهي جي گناهه ۾ نه وڃي پوي. صدرُالشّريعه، بدرُالطّريقه حضرت علامه مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل بهارِ شريعت حصو 16 صفحو 86 تي فرمائن ٿا: عورت جو غير مرد ڏانهن نظر ڪرڻ جو اُهو ئي حڪم آهي جيڪو مرد جو مرد ڏانهن نظر ڪرڻ جو آهي ۽ اِهو اُن وقت آهي جو عورت کي يقيني طور معلوم هجي ته ان ڏانهن نظر ڪرڻ سان شهوت پيدا نه ٿيندي ۽ جيڪڏهن ان جو شبهو به هجي ته هرگز نظر نه ڪري. (عالمگيري ج 5 ص 327)

آقا کی حیا سے جھکی رہتی تھیں نگاہیں
آنکھوں پہ مری بہن لگا قفلِ مدینہ

## عورت عامل وٽ وڃي يا نه؟

**سوال:** اسلامي ڀيڻ عاملن وٽ تعويذ ڌاڳي جي لاءِ وڃي يا نه؟

**جواب:** جيڪڏهن گهر ويني علاج ممڪن ناهي ته ڪنهن محرم جي ذريعي ترڪيب ٻڌائي وٺي. جيڪڏهن ڪو اهڙو مرد به ناهي ته هاڻي شرعي پردي جي پابندي سان گڏ ڪنهن عامله (عورت) وٽ تعويذ وٺڻ وڃي، جيڪڏهن عامله به ميسر ناهي يا ان کان شفا نه ٿئي ته ڪنهن پوڙهي ۽ نيڪ عامل وٽ وڃي. اهو به نه ٿي سگهي ته ڪنهن به مسلمان عامل وٽ وڃي، پر جڏهن به شرعي اجازت سان ٻاهر نڪري ته بيان ڪيل شرعي پردو ۽ ان جي شرطن جو لحاظ رکڻ ضروري آهي. عامل سان لچڪدار نرم گفتگو، بي تڪلّفي يا اڪيلائي هرگز نه ٿئي. جيڪو عامل عورتن سان بي تڪلّف ٿيندو، ڳالهه ڳالهه تي ٺهڪ ڏيندو، خوب ڊاڙون هڻندو ۽ پنهنجا ڪارناما ٻڌائيندو هجي، اهڙن وٽ وڃڻ سخت ڳڻتي جوڳو آهي ۽ عامل کي

جيڪڏهن عورت تي خصوصي توجهه ڏيندي، فون وغيره تي پاڻ ئي رابطو ڪندي ۽ اهڙي طرح جو پيغام ڏيندي ڏسو ته اڪيلي اچ ته جيئن چڱي طرح علاج ڪري سگهجي، ته اهڙن عاملن جي پاڇي کان به پري ڀڄو نه ته شايد سڄي عمر پڇتائڻو پوي.

## عورت جو ميڪ اپ ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** عورت جو هار سينگار ڪرڻ، سوڙهو يا سنهو لباس پائڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** گهر جي چؤديواري ۾ صرف پنهنجي مڙس جي خاطر جائز طريقي سان ميڪ اپ ڪري سگهي ٿي، شرعي اجازت سان مثلاً محارم رشتيدارن وٽ وڃڻ جي موقعي تي، گهر کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ لالي پاؤڊر ۽ خوشبو وغيره لڳائڻ ۽ فيشن وارا ڪپڙا پائي مَعَاذَاللّٰه غير مردن جي لاءِ پرڪشش بڻجڻ جيئن اڄڪلهه عام رواج آهي، اهو سخت ناجائز ۽ گناهه آهي، سنهو رئو جنهن سان وارن جو رنگ ظاهر ٿئي يا سنهي ڪپڙي جا جوراب جن سان پيرن جون ڪڙيون نظر اچن يا اهڙو سوڙهو لباس پائي جنهن ۾ جسم جي ڪنهن عضوي مثلاً سيني وغيره جو اُڀار ظاهر ٿئي، غير محرمن جي سامهون اچڻ وڃڻ حرام ۽ جهنّم ۾ وني وڃڻ وارو ڪم آهي.

## لباس جي باوجود اگهاڙي

**حضرت سيّدنا ابوهريره** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته **الله** جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّهٌ عَنِ العُيُوب ﷺ **جن** هڪ حديث پاڪ ۾ هي به فرمايو: ”دوزخين ۾ ٻه جماعتون اهڙيون

هونديون جن ڪي مون (پنهنجي هن عهد مبارڪ ۾) نہ ڏٺو (يعني آئنده پيدا ٿيڻ واريون آهن) انهن مان هڪ جماعت انهن عورتن جي آهي جيڪي پائي ڪري اگهاڙيون هونديون، ٻين کي (پنهنجي حرڪتن جي ذريعي) ورغلائڻ واريون ۽ پاڻ بہ گمراهہ ٿيل آهن، اُنهن جا مٿا بختي اُٺن جي هڪ طرف جهڪيل ڪوهن (ڪُني جي بلندي) وانگر هوندا، اهي جنت ۾ داخل نہ ٿينديون ۽ نہ ان جي خوشبو ماڻينديون ۽ ان جي خوشبو ايتري ايتري فاصلي کان ايندي آهي.

(صحيح مسلم ص 1177 حديث 2128 ملخصًا)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحنّان مٿي ذڪر ڪيل حديثِ پاڪ جي انهن لفظن ”جيڪي پائي ڪري اگهاڙيون هونديون“ جي تحت فرمائن ٿا: يعني جسم جو ڪجهہ حصو ڪپڙن سان ڍڪينديون ۽ ڪجهہ حصو اگهاڙو رکنديون يا ايترو سنهڙو ڪپڙو پائينديون جنهن سان جسم صاف نظر ايندو، اهي ٻئي عيب اڄ ڏٺا پيا وڃن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نعمتن سان ڍڪيل هونديون شڪر کان اگهاڙيون يعني خالي هونديون يا زيورن سان سجيل تقويٰ کان اگهاڙيون هونديون ۽ ”ڪوهن وانگر هوندا“ جي تحت فرمائن ٿا: هِن جملي مبارڪ جا ڪيئي تفسير آهن، بهتر تفسير هي آهي تہ اُهي عورتون رستي تي هلندي شرم سان مٿو هيٺ نہ ڪنديون بلڪ بي حيائي سان ڳچي بلند ڪري مٿو ڪڍي هر طرف ڏسنديون، ماڻهن کي غور سان ڏسنديون هلنديون جيئن اُٺ جي سڄي جسم ۾ ڪُني بلند هوندي آهي ائين ئي انهن جا مٿا بلند رهندا.

(مراة ج 5 ص255، 256)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نه پڙهيو ته تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

## ڏيکاءُ جي لاءِ زيور پائڻ

**سوال:** عورت جو ڏيکاءُ جي لاءِ زيور پائڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** عورت جو فخر ۽ غرور طور ڏيکاءُ ڪرڻ جي لاءِ زيور پائڻ عذاب جو باعث آهي. حضورِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: توهان مان جيڪا عورت سون جا زيور پائي ۽ انهن کي ظاهر ڪري ان کي ان جي سبب عذاب ڏنو ويندو. (سنن ابي دائود ج 4 ص 126 حديث 4237)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الْحَنَّان هِن حديث پاڪ جي لفظن "ظاهر ڪري" جي تحت فرمائن ٿا: غير مردن تي ظاهر ڪري جو پنهنجو حسن ۽ زيور ٻين کي ڏيکاري، يا فخر ۽ غرور جي لاءِ ڏيکاءُ ڪري يا غريب عورتن کي فخريه ڏيکاري انهن کي ڏک پهچائي آخري ٻه معنائون وڌيڪ مناسب آهن. چاڪاڻ ته غير مردن کي چاندي جو زيور ڏيکارڻ به حرام آهي. عورتون سون جو زيور پنهنجي سهيلين کي فخر سان ڏيکارينديون آهن، انهن کي حقير ۽ ذليل ڪرڻ جي لاءِ هِتي اهو مراد آهي ۽ "عذاب ڏنو ويندو" جي تحت فرمائن ٿا: ان فخر ۽ ظاهر ڪرڻ سبب عذاب ماڻيندي نه ڪي صرف زيور پائڻ تي. (مراٰة ج 6 ص 138)

## عورت خوشبو هڻي يا نه؟

**سوال:** ڇا اسلامي ڀيڻ خوشبو هڻي سگهي ٿي؟

**جواب:** هڻي سگهي ٿي پر غير محرمن تائين خوشبو نه پهچڻ گهرجي. حضرت سيّدنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو ته مديني جي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

تاجورِ رسولِ انور، محبوبِ ربِّ اڪبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد روح پرور آهي: ”مردانہ خوشبو اها آهي جو ان جي خوشبو تہ ظاهر ٿئي پر رنگ ظاهر نہ ٿئي ۽ زنانہ خوشبو اها آهي جو ان جو رنگ تہ ظاهر ٿئي پر خوشبو ظاهر نہ ٿئي.“ (شمائل محمديہ ص 131 حديث 210)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنّان هِن حديثِ پاڪ جي لفظن ”زنانہ خوشبو اها آهي جو ان جو رنگ تہ ظاهر ٿئي پر خوشبو ظاهر نہ ٿئي“ جي تحت فرمائن ٿا: خيال رهي تہ عورت خوشبو واري شيءِ استعمال ڪري ٻاهر نہ وڃي، باقي پنهنجي مڙس وٽ خوشبو هڻي سگهي ٿي اتي ڪا پابندي ناهي. (مراة ج 6 ص 160)

## عورت خوشبو هڻي ٻاهر نہ نڪري

**سوال:** جيڪڏهن ڪا اسلامي ڀيڻ خوشبو هڻي گهران نڪري تہ ان جي لاءِ ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** اسلامي ڀيڻ پنهنجي گهر جي چوڏيواري ۾ جتي صرف مڙس يا محرم هجن اتي هر طرح جي خوشبو استعمال ڪري سگهي ٿي ها اهو احتياط لازمي آهي تہ ڏيرن ۽ ڀين غير محرمن تائين خوشبو نہ پهچي. ٻاهر نڪرڻ مهل جيڪا عورت اهڙي خوشبو لڳائيندي آهي جو غير مردن جي توجهہ جو سبب بڻجي، ان کي تہ ڏچڻ گهرجي جو حضرت سيّدنا ابوموسيٰ اشعري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي: ”جڏهن ڪا عورت خوشبو لڳائي ماڻهن ۾ نڪرندي آهي تہ جيئن ان جي خوشبو محسوس ڪئي وڃي تہ اها عورت زانيہ آهي.“

(سنن نسائي ج 8 ص 153)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي.** (حاڪم)

# خوشبو هڻڻ واري عورت جي حڪايت

**اميرالمؤمنين** حضرت سيّدنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي مبارڪ دؤر ۾ هڪ عورت گذري رهي هئي، جنهن جي خوشبو پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي محسوس ٿي تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن ان کي سزا ڏيڻ جي لاءِ ڪوڙو ڪنيو ۽ فرمايائون: ”تون اهڙي خوشبو لڳائي نڪرين ٿي جنهن جي مهڪ مردن کي محسوس ٿئي ٿي (جيڪڏهن ضرورت لاءِ نڪرڻو بہ پوي تہ) خوشبو هڻي نہ نڪرندي ڪر.“

(مصنف عبدالرزاق ج 4 ص 284 حديث 8137)

# پُرڪَشش برقعو

**سوال:** اسلامي ڀيڻ جديد ڊيزائن وارو موتي پوئيل پُرڪشش برقعو پائي ڪري ٻاهر نڪري يا نہ نڪري؟

**جواب:** ان ۾ سراسر فتنو آهي جو دل جو روڳي خوبصورت برقعي کي تاڙيندو، ياد رکو! عورت جو برقعو جيترو پُرڪشش ۽ ڊيزائن وارو هوندو، اوترو فتني جو امڪان بہ وڌيڪ هوندو. مُفسّر شهير، **حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الْحَنَّان فرمائن ٿا: عورت کي لازم آهي تہ اعليٰ درجي جا ڪپڙا پائي ۽ بهترين برقعو پائي ٻاهر نہ وڃي جو پرڪشش برقعو پردو نہ بلڪ سينگار آهي.

(مراة ج 5 ص 15)

**سوال:** عورت، سفيد يا خوبصورت فلاور چادر جي ذريعي جيڪڏهن مڪمّل جسم ڍڪي ڪري نڪري تہ؟

**جواب:** چادر ۾ ڪنهن طرح جي ڪشش نہ هئڻ گهرجي. جيئن تہ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري وينو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

**حُجَّةُ الاسلام حضرت سيّدنا امام محمد بن محمد غزالي** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الوالي جي فرمانِ عالي جو خلاصو آهي ته عام عورتون جيڪا پرڪشش چادر ۽ نقاب پائينديون آهن اهو ناڪافي آهي بلڪ جڏهن اهي سفيد چادر اوڍينديون يا خوبصورت نقاب پائينديون آهن ته ان سان شهوت کي وڌيڪ حرڪت ٿيندي آهي ته شايد چهرو کولڻ تي هوءَ اڃا وڌيڪ حسين نظر اچي! سفيد چادر ۽ خوبصورت نقاب ۽ برقعو پائي ٻاهر وڃڻ عورت جي لاءِ حرام آهي. جيڪا عورت ائين ڪندي گنهگار ٿيندي ۽ ان جو پيءُ، ڀاءُ، مڙس جيڪو ان کي ان جي اجازت ڏيندو اهو به ان سان گڏ گناهه ۾ شريڪ ٿيندو.

(ڪيمياءِ سعادت ج 2 ص 560)

## مدني بُرقعو

**سوال:** ته پوءِ برقعو ڪهڙو هجي؟

**جواب:** ٿلهي ڪپڙي جو ويڪرو ۽ گهاٽي رنگ جو خيمي جهڙو سادو برقعو هجي. ”جنهن کي پائڻ واري جي باري ۾ اندازو لڳائڻ ڏکيو ٿي وڃي ته هيءَ جوان آهي يا پوڙهي.“

## اسلامي ڀينرن کي تنبيهه

مون (سگِ مدينه عُفِيَ عَنه) کي ماڊرن گهراڻن جي معاملن، مغربي تهذيب جي عاشق رشتيدارن جي خيالن ۽ اڄڪلهه جي ناسازگار حالتن جو مڪمّل احساس آهي پر مون اسلامي احڪام عرض ڪيا آهن ته جيئن شرعي پردي جو صحيح اسلامي نظريو سامهون اچي وڃي بيشڪ هر مسلمان اهو ڄاڻي ٿو ته اسان کي شريعت جي پنيان

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.** (طبراني)

هلڻو آهي، شريعت اسان جي پنيان نہ هلندي، اسلامي ڀينرن کي مدني التجا آهي تہ ڪنهن کي بہ ويڪرو اڏنگي رنگ جو بلڪل بي ڪشش خيمي جهڙو حقيقي مدني برقعو پائڻ تي مجبور نہ ڪن جو ڪيترن ئي گهرن ۾ سختيون تمام گهڻيون آهن، شريعت ۽ سنّت جي احڪامن تي عمل ڪرڻ وارن ۽ وارين سان اڄڪلهہ معاشري ۾ اڪثر بيحد اڻ وڻندڙ سلوڪ ڪيو ويندو آهي، جنهن جي ڪري اڪثر اسلامي ڀينرون همت هاري ويهنديون آهن. اوهان جي تنقيد سان ٿي سگهي ٿو ڪا اسلامي ڀيڻ موجوده معاشري جي هٿان مجبور ٿي مدني ماحول ئي کان محروم ٿي وڃي. بيشڪ ڪيتري ئي پراڻي اسلامي ڀيڻ هجي ۽ اها ڪهڙو ئي خوبصورت برقعو پائي يا ميڪ اپ ڪري ان تي طنز ڪري ان جي دل آزاري نہ ڪريو جو بنا شرعي مصلحت جي مسلمان جي دل ڏکائڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.

## پاڙي ۾ برقعو ڪولي ڇڏڻ ڪيئن آهي ؟

**سوال:** ڪجهہ اسلامي ڀينرون پنهنجي بلڊنگ يا گهٽيءَ وغيره ۾ پهچندي ئي گهر ۾ داخل ٿيڻ کان پهريان برقعو لاهي ڇڏينديون آهن، ڇا اهو مناسب آهي؟

**جواب:** جيستائين گهر جي اندر داخل نہ ٿي وڃو، ان وقت تائين برقعو تہ برقعو ڇهري تان نقاب بہ نہ هٽايو جو گهٽي ۽ بلڊنگ جي ڏاڪڻ وغيره تي بہ نامحرم ماڻهو ٿي سگهن ٿا ۽ انهن کان پردو ڪرڻ ضروري آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

## مدني برقعي ۾ گرمي لڳندي هجي تہ---------؟

**سوال:** گرمين جي موسم ۾ مدني برقعو پائي يا ٿلهي چادر سان جسم ڍڪي ڪري ٻاهر نڪرڻ سان گرمي لڳندي هجي ۽ شيطان وسوسا وجهندو هجي تہ ڇا ڪري؟

**جواب:** شيطاني وسوسن جي طرف توجهہ نہ ڏيڻ بہ وسوسي جو توڙ آهي. اهڙن موقعن تي موت، قبر و حشر ۽ جهنّم جي سخت گرمي کي ياد ڪريو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ شرعي پردي جي سبب لڳندڙ گرمي آسان معلوم ٿيندي. تي سگهي تہ هن واقعي کي ياد ڪريو، تبوڪ جي جنگ ۾ موسم سخت گرم هو، انهي موقعي تي منافقن چيو: لَا تَنْفِرُوْا فِي الْحَرِّ ؕ **ترجموڪنزالايمان:** هن گرمي ۾ نہ نڪرو. ان تي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو: قُلْ نَارُ جَهَنَّمَ اَشَدُّ حَرًّا ؕ "**ترجموڪنزالايمان:** (اي محبوب!) تون فرماءِ جهنّم جي باهہ سڀ کان سخت گرم آهي." (پ 10 التوبہ 81) **خدا جو قسم!** مدني برقعي جي گرمي بلڪ دنيا جي وڏي ۾ وڏي باهہ بہ جهنم جي باهہ جي مقابلي ۾ ڪجهہ ناهي.

## آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلَّم تپندڙ صحرا ۾

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان فرمائن ٿا: حضرت سيّدنا ابوخَيثَمہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو جذبو تہ ڏسو! غزوه تَبوڪ جي موقعي تي (پاڻ ڪنهن بي جڳهہ کان جڏهن) سفر کان ٻيپهريءَ جي وقت پنهنجي باغ ۾ تشريف فرما ٿيا، اتي ڏٺائون تہ ٿڌو پاڻي، گرم مانيون ۽ خوبصورت گهرواريون حاضر آهن. فرمايائون: انصاف جي خلاف آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

تبوڪ جي تپندڙ صحرا ۾ هجن ۽ آئون باغ جي اندر گرم مانيون ۽ ٿڌو پاڻي استعمال ڪريان! (گهڻو پري جو سفر، ٿڪاوٽ ۽ سخت گرمي جي باوجود) پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيڻ جي بغير ئي تلوار کڻي هلي پيا ۽ سرڪارِ نامدار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي قدمن ۾ حاضر ٿي ويا. اِهي ئي اُهي هستيون آهن، جن جي صدقي ۾ اسان جهڙا لکين گناهگار بخشيا ويندا. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ (نورالعرفان ص 318، روح البيان ج 3 ص 475)

**اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## وارن جي باري ۾ سوال جواب

**سوال:** اسلامي ڀيڻ جا جيڪي وار ڦڻي وغيره جي ذريعي جدا ٿين انهن جو ڇا ڪري؟

**جواب:** انهن وارن کي لڪائي ڇڏي يا دفن ڪري ڇڏي، جن جي گهرن ۾ نرم زمين يا باغيچو هوندو آهي، انهن جي لاءِ اهو ڪم تمام آسان آهي. صدرُالشّريعہ، بدرُالطّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي محمّد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي فرمائن ٿا: جنهن عضوي ڏانهن نظر ڪرڻ ناجائز آهي، جيڪڏهن اهو جسم کان جدا ٿي وڃي تہ پوءِ بہ ان ڏانهن نظر ڪرڻ ناجائز ئي رهندو. (درمختار ج 9 ص 612) غسل خاني يا پاخاني ۾ ڌُن جي هينان جا وار لاهي ڪري ڪجهہ ماڻهو ڇڏي ڏيندا آهن، ائين ڪرڻ صحيح ناهي بلڪ انهن کي اهڙي جڳهہ تي پوري ڇڏيو جو ڪنهن جي نظر نہ پوي يا زمين ۾ دفن ڪري ڇڏيو، عورتن کي بہ لازم آهي تہ ڦڻي ڏيڻ يا مٿو ڌوئڻ مهل جيڪي وار

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعليٰ)

نڪرن انهن کي ڪٿي لڪائي ڇڏي جو انهن تي اجنبي (يعني غير مرد) جي نظر نہ پوي. (بهار شريعت حصو 16 ص 92، 91 ملخصًا)

## وارن جي باري ۾ احتياط

اڄڪلهہ شايد ناقص غذائن ۽ طرح طرح جي ڪيميائي صابڻن ۽ شيمپوئن وغيره جي سبب وار ڇڻڻ جي شڪايت عام آهي، جنهن جي گهر ۾ نامحرم گڏ رهندا هجن يا مهمانن جي اچ وڃ هجي، انهن اسلامي ڀينرن کي حمام وغيره مان پنهنجا وار چونڊي ونڻ ۾ وڏيڪ احتياط ڪرڻ گهرجي ۽ جڏهن بہ غسل ڪان فارغ ٿيو صابڻ تي چنبڙيل وار بہ ڪڍي ڇڏيندا ڪريو. غسل ڪان پوءِ اسلامي ڀائرن کي بہ پنهنجا وار ڪڍي ڇڏڻ گهرجن ڇو تہ ٿي سگهي ٿو تہ پردي جي حصي يعني رانن وغيره جا وار بہ صابڻ تي چنبڙيل هجن.

## عورت جو مٿو ڪوڙائڻ

**سوال:** عورت جو مٿو ڪوڙائڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** حرام آهي. (فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 664 ملخصًا)

## عورت جو مردانہ وار ڪترائڻ

**سوال:** عورت جو مردن وانگر وار ڪترائڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** ناجائز ۽ گناهہ آهي.

## هُوءَ ڪفن ڦاڙي ڪري اُٿي ويٺي

غالبًا شعبان المُعَظَّم 1414ھ جو آخري جمعو هو، رات جو

فرمانِ مصطفٰے صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

ڪورنگي (باب المدينه ڪراچي) ۾ ٿيڻ واري هڪ عظيم الشان سنتن ڀريي اجتماع ۾ هڪ نوجوان سان سگِ مدينه عُفِيَ عَنه جي ملاقات ٿي، ان ڪجهه هن طرح حلفيه (يعني قسم کائي) بيان ڏنو ته منهنجي هڪ مائٽ جي جوان ڌيءُ اوچتو فوت ٿي وئي. جڏهن اسان تدفين کان فارغ ٿي واپس موٽياسين ته مرحومه جي والد کي ياد آيو ته ان جو هڪڙو هينڊ بيگ جنهن ۾ اهم ڪاغذ هئا، اهو غلطي سان ميت سان گڏ قبر ۾ دفن ٿي ويو آهي. اهڙي طرح مجبور ٿي ٻيهر قبر کوٽڻي پئي، جيئن ئي قبر جي سِر هٽائي ته خوف سبب اسان جون رڙيون نڪري ويون ڇوته جنهن جوان ڇوڪريءَ جي ڪفن پوش لاش کي هينئر هينئر اسان زمين تي ليٽايو هيوسين. اها ڪفن ڦاڙي ڪري اُٿي ويني هئي ۽ اُها به ڪمان وانگر ٽيڏي! آهه! ان جي مٿي جي وارن سان ان جون ٽنگون ٻڌل هيون ۽ ڪيترائي ننڍا ننڍا نامعلوم خوفناڪ جانور ان سان چنبڙيل هئا، اهو دهشتناڪ منظر ڏسي خوف مان اسان جو ٻالها بند ٿي ويو ۽ هينڊ بيگ ڪڍڻ بنا جيئن تيئن ڪري مٿي اُڇلائي اسان وٽي ڀڳاسين، گهر اچي مون مائٽن کان ان ڇوڪريءَ جو ڏوهه معلوم ڪيو ته ٻڌايو ويو ته ان ۾ هن زماني ۾ بُرو سمجهيو ويندڙ ڪو ڏوهه ته نه هو، جيتوڻيڪ اڄڪلهه جي عام ڇوڪرين جيان هي به فيشن ايبل هئي ۽ پردو نه ڪندي هئي، هينئر انتقال کان ڪجهه ڏينهن اڳ رشتيدارن ۾ شادي هئي ته ان فينسي وار نهرائي، نهي نڪي عام عورتن جيان شاديءَ جي تقريب ۾ بي پرده شرڪت ڪئي هئي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

اے مری بہنو! سدا پردہ کرو　　تم گلی کُوچوں میں مت پھرتی رہو
ورنہ سن لو قبر میں جب جاؤ گی　　سانپ بچھّو دیکھ کر چِلاؤ گی

## ڪمزور بهانا

ڇا ان بدنصيب فيشن پرست ڇوڪريءَ جو داستان وحشت نشان پڙهي اسان جون اهي اسلامي ڀينرون درس عبرت حاصل نہ ڪنديون جيڪي شيطان جي ورغلائڻ تي هِن طرح جا حيلا بهانا ڪنديون رهنديون آهن تہ منهنجي تہ مجبوري آهي، اسان جي گهر ۾ ڪو پردو نہ ٿو ڪري، خاندان جي رواج کي بہ ڏسڻو پوندو آهي، اسان جو سڄو خاندان پڙهيل لکيل آهي، سادي ۽ باپرده ڇوڪريءَ جي لاءِ اسان وٽ ڪو رشتو بہ نہ ٿو موڪلي وغيره وغيره. ڇا خانداني رسم و رواج ۽ نفس جون مجبوريون توهان کي قبر ۽ جهنم جي عذاب کان ڇوٽڪارو ڏياريندي‌ون؟ ڇا توهان بارگاهِ خداوندي ۾ اِن طرح جون فضول مجبوريون بيان ڪري ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ۾ ڪاميابي ٿي وينديون؟ جيڪڏهن نہ ۽ واقعي نہ تہ پوءِ اوهان کي هر حال ۾ بي پردگيءَ کان توبهہ ڪرڻي پوندي. ياد رکو! لوح محفوظ تي جنهن جو جوڙو جتي لکيل هوندو آهي اتي ئي شادي ٿيندي آهي ۽ ناهي لکيل هوندو تہ شادي ناهي ٿيندي جيئن تہ روزانو ئي ڪيئي پڙهيل لکيل ماڊرن ڪنواريون ڇوڪريون اڪ چنبي ۾ موت جو شڪار ٿي وينديون آهن، بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي جو ڪنوار پنهنجي ”رخصتي“ کان اڳ ئي موت جو شڪار ٿي ويندي آهي ۽ ان کي روشنين سان جڳمڳائيندڙ، خوشبو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

مهڪائيندڙ حُجرهءِ عُرُوسي ۾ پهچائڻ جي بدران ڪيڙن ماڪوڙن سان ڀريل سوڙهي ۽ اونداهي قبر ۾ لاٿو ويندو آهي.

تو خوشی کے پھول لے گی کب تلک؟
تُو یہاں زندہ رہے گی کب تلک؟

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عورت جو درزيءَ کي ماپ ڏيڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** اسلامي ڀيڻ جو پنهنجي ڪپڙي جي سلائي جي لاءِ نامحرم درزيءَ کي پنهنجي بدن جي ماپ ڏيڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي، درزي به سخت گنهگار ۽ عذاب نار جو حقدار آهي. ڇو ته بنا نگاهه جمائڻ ۽ بنا بدن تي هٿ لڳائڻ جي ماپ نه ٿي وٺي سگهجي. ممڪن هجي ته اسلامي ڀيڻ ڪان ئي ڪپڙا سبرائي، اهو نه ٿي سگهي ته پوءِ گهر جي عورت ماپ وٺي ۽ ڪو محرم وڃي درزيءَ کي سڀڻ جي لاءِ ڏئي اچي. اسلامي ڀيڻ ڳالهه ڳالهه تي گهران ٻاهر نه ڀڄندي وتي. صرف شرعي مصلحت جي صورت ۾ پردي جي سمورين پابندين سان ٻاهر نڪري.

## ڀاءُ ۽ ڀاڄائي جي انفرادي ڪوشش

اسلامي ڀينرو! شرعي پردي تي استقامت حاصل ڪرڻ ۽ گهر ۾ سنتن ڀريو مدني ماحول بڻائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو. هڪ سمجهدار ڀاءُ پنهنجي ڀيڻ تي انفرادي ڪوشش ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ اُن جي اصلاح ٿي،

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

اهو ايمان افروز واقعو پڙهو ۽ جهومو: باب الاسلام (سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جو بيان ڪجهه هن طرح آهي ته آئون مختلف براين ۽ بي پردگين ۾ مبتلا هيس، منهنجي زبان قينچي وانگر هلڻ جي ڪري گهر وارا وغيره مون کان بيزار رهندا هئا. خوش قسمتي سان منهنجا ڀاءُ ۽ ڀاڄائي ٻئي دعوتِ اسلامي جي مشڪبار مهڪي مهڪي مدني ماحول سان وابسته هئا. اُهي مون تي انفرادي ڪوشش ڪندا هئا پر آئون ڪن نه ڏيندي هيس. آخر هڪ ڏينهن انهن جي انفرادي ڪوشش رنگ لاتو ۽ مون کي ربيع النور شريف جي پُر بهار موسم ۾ ٿيڻ واري اسلامي ڀينرن جي اجتماعِ ميلاد ۾ شرڪت جي سعادت ملي. اُتي ٿيڻ واري سنتن ڀريي بيان مون کي ڏڪائي ڇڏيو، خوفِ خدا جي سبب منهنجي اکين مان لاڳيتو ڳوڙها وهڻ لڳا، مون خوب ٻاڏائي ربِّ ڪافي و شافي عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه ۾ پنهنجي گناهن جي معافي گهري. اُن ميلاد اجتماع ۾ مون کي جيڪو روحاني سڪون مليو اهو پهرين ڪڏهن نصيب نه ٿيو هو. ان کان پوءِ مون اسلامي ڀينرن جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت شروع ڪري ڏني، جنهن تي شروع شروع ۾ منهنجي ٻارن جي والد مخالفت ڪئي پر خوش قسمتي سان جڏهن انهن پاڻ به اسلامي ڀائرن جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪئي، انهن کي به مدني سوچ نصيب ٿي ويئي ۽ هاڻي اُهي راضي خوشي مون کي دعوتِ اسلامي جي مدني ڪم جي اجازت ڏيئي ڇڏيندا آهن. ائين اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجي ڀاءُ ۽ ڀاڄائي جي انفرادي ڪوشش

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (ڪنزالعمال)

جي برڪت سان اسان جي گهر ۾ ٻه مدني ماحول قائم ٿي ويو.

تمہیں لُطف آ جائیگا زندگی کا
قریب آ کے دیکھو ذرا مدنی ماحول

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## گهروارن جي اصلاح ڪيو

اسلامي ڀينرو! اسان سڀني کي گهرجي تہ پنهنجي گهر وارن تي انفرادي ڪوشش ڪندا رهون بلڪ عوام جي مقابلي ۾ گهر وارن تي وڌيڪ توجهہ ڏيون. خصوصاً پيءُ کي گهرجي تہ پاڻ بہ نيڪ عمل ڪري ۽ پنهنجي ٻارن ۽ انهن جي امڙ کي بہ اصلاح جا مدني گل فراهم ڪندو رهي. **اللّٰه** تبارڪ و تعاليٰ سيپاري 28 سورة التحريم جي آيت 6 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَاَهْلِيْكُمْ نَارًا وَّقُوْدُهَا النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ! پنهنجي پاڻ کي ۽ پنهنجي گهر وارن کي ان باهہ کان بچايو جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن.

## گهروارن کي دوزخ کان ڪيئن بچايون

هن جي تحت "خزائنُ العرفان" ۾ آهي: **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ۽ اُن جي رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري اختيار ڪري، عبادتون ڪري، گناهن کي ڇڏي گهر وارن کي نيڪي جي هدايت ۽ بدي کان منع ڪري ۽ اُنهن کي علم ۽ ادب سيکاري ڪري (پنهنجي جانن ۽ پنهنجي گهر وارن کي جهنم جي باهہ کان بچايو)

فرمانِ مصطفيٰ ﷺ : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

## ڪدڙي ڪان بہ پردو

**سوال:** ڇا اسلامي ڀيڻ جو ڪدڙي (يعني هجڙي) ڪان بہ پردو آهي؟

**جواب:** جي ها، ڪدڙو يعني مُخَنّث بہ مرد جي ئي حڪم ۾ آهي، صدرُالشّريعہ، بدرُالطّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي محمّد امجد علي اعظمي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: ڪدڙو مرد آهي، جماعت ۾ هي مردن جي ئي صف ۾ بيهندو. (فتاويٰ امجديہ ج 1 ص 170 ملخصًا)

## مُخَنّث ڪنهن کي چوندا آهن؟

**سوال:** مُخَنّث (يعني ڪدڙو) ڪنهن کي چوندا آهن؟

**جواب:** مُخَنّث عربي زبان جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي اُهو مرد جنهن جي هلڻ چلڻ ۽ انداز ۾ عورتن جهڙي نرمي ۽ لچڪ هجي (مستفاد از البحرالرائق ج 9 ص 334) شارح مسلم علامہ نووي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: ”مخنث اُهو هوندو آهي جيڪو عادتن ۽ طور طريقن، ڳالهائڻ ۽ حرڪتن ۾ عورتن جي مِثل هجي اڪثر ڪري تہ ڪنهن جو اِهو انداز فطري طور تي هوندو آهي ۽ ڪجھ ماڻهو پاڻ مرادو اِهو انداز اختيار ڪندا آهن. (شرح مسلم للنووي ج 2 ص 218)

## ڪدڙائپ ڪان بچڻ جي تاڪيد

**سوال:** ڇا ڪدڙي کي ”ڪدڙائپ“ (يعني ڪدڙي جهڙي انداز اختيار ڪرڻ) ڪان بچڻو پوندو؟

**جواب:** جي ها. جيڪڏهن فطري طور تي ڪنهن جي چال يا آواز وغيره عورتن وانگر هجي تہ اُن کي گهرجي تہ اهو مردانو انداز

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نه پڙهيو ته تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

اختيار ڪرڻ جي لاءِ ان جي مشق ڪري جنهن جو آواز ۽ حرڪتون وغيره قدرتي طور تي ئي عورتن جهڙيون هجن ان جو پنهنجو ڪو قصور ناهي ۽ بدلائڻ جي ڪوشش جي باوجود انداز برقرار رهي ته شرعاً اُن جي پڪڙ ناهي. (فيض القدير ج 5 ص 346، نزهة القاري ج 5 ص 537)

## نقلي ڪدڙو

**سوال:** ڇا نقلي ڪدڙو بڻجڻ گناهه آهي؟

**جواب:** ڇو نه! جيڪڏهن ڪير پاڻ ئي زنانو انداز اپنائيندو يعني ڪدڙو بڻجندو آهي ته گنهگار ۽ باهه جي عذاب جو حقدار آهي. حضرت سيدنا عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن لعنت فرمائي مردن مان مُخَنَّثن (يعني عورتن جي شڪل ۽ صورت اختيار ڪرڻ وارن) تي ۽ انهن عورتن تي جيڪي مردن جي شڪل ۽ صورت اختيار ڪنديون آهن، ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو ته انهن کي پنهنجي گهرن مان ڪڍي ڇڏيو. الخ (بخاري ج 4 ص 347 حديث 6834) ڏٺو اوهان! حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مُخَنَّثن تي لعنت فرمائي ۽ انهن کي گهرن مان ڪڍي ڇڏڻ جو حڪم فرمايو.

## جيڪو مُخَنَّث نه هجي ان کي ڪدڙو چئي سڏڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** جيڪو ڪدڙو نه هجي اُن کي ڪدڙو چئي سڏڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** اِن ۾ مسلمان جي دل آزاري، گنهگاري ۽ باهه جي عذاب جي حقداري آهي. بلڪ اسلامي عدالت ۾ ڪيس ڪرڻ جي صورت ۾ 20

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

ڪوڙن جي سزا ڏئي سگهجي ٿي. هڪ حديثِ پاڪ ۾ سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اهو بہ ارشاد آهي: جيڪڏهن ڪير ڪنهن کي چوي "او ڪدڙا!" تہ اُن کي 20 ڪوڙا هڻو. (سنن الترمذي ج 3 ص 141 حديث 1467)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: "مُخَنَّث اُهو آهي جنهن جي عضون ۾ نرمي، آواز عورتن جهڙو هجي ۽ عورتن وانگر رهندو هجي، ڪنهن کي مُخَنَّث (ڪدڙو) چوڻ اُن جي توهين آهي جنهن تي، ڪنهن جي عزت تي داغ هڻڻ جي دعويٰ تي سگهي ٿي ۽ اها سزا (جيڪا حديث پاڪ ۾ بيان ٿي) جاري ٿي سگهي ٿي ائين ئي جيڪڏهن ڪنهن کي چيو او شرابي! او ڪافر! او لوطي! او سود خور! او ديوث! او خائن! او چورن جي ناني! انهن سڀني ۾ اها ئي سزا ٿي سگهي ٿي." (ملخص از مرأة ج 5 ص 326)

## مُخَنَّث کي ڪدڙو چئي ڪري سڏڻ

**سوال:** جيڪو فطري طور تي ڪدڙو هجي تہ اُن کي "ڪدڙو" چئي ڪري سڏيو وڃي يا نہ؟

**جواب:** بِنا شرعي اجازت ائين نہ ڪيو وڃي ڇاڪاڻ تہ هو شرمندو ٿيندو، دل بہ ڏُکي سگهي ٿي، جهڙي طرح بِنا ضرورت نابين کي انڌو، ننڍي قد واري کي ٺِڱو ۽ ڊگهي قد واري کي لمبو چوڻ جي شرعاً منع آهي اِتي بہ اهڙي ئي طرح بلڪ هِتي دل آزاري جو انديشو تمام گهڻو آهي.

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي.** (حاڪم)

# کدڙن جو ڪردار

**سوال:** کدڙي جي ڪردار جي باري ۾ اوهان ڇا ٿا چئو؟

**جواب:** اسان وٽ هتي کدڙن مان ڪجھ مُخَنَّث هوندا آهن ۽ ڪجھ ٽي جنس سان تعلق رکن ٿا جن کي **خُنثيٰ** يا **خُنثي مشڪل** چيو ويندو آهي. انهن ۾ ڪجھ شريف ۽ خدا ترس هوندا آهن جڏهن تہ ڪجھ پنڻ جو ڌنڌو اپنائيندا، ناچ ڏيکاريندا، بدڪاري ڪرائيندا ۽ انهن ناپاڪ ذريعن سان حرام روزي ڪمائيندا، کائيندا ۽ پاڻ کي جهنم جو حقدار بڻائيندا آهن. تنهن ڪري خبردار! اهڙن ماڻهن کي قطعي پنهنجي گهرن ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏنو وڃي ۽ نہ ئي انهن کي خيرات ڏيئي گناهن ڀريي طور طريقي تي انهن جي مدد ڪئي وڃي جو پيشہ ور پينو کي خيرات ڏيڻ بہ گناهہ آهي.

**سوال:** اڪثر ڪري تہ کدڙا ڀُنيان پئجي ويندا آهن ۽ ڪجھ ونڻ ٻنا وجڻ جو نالو ناهن وننداخاص ڪري شادي پرڻي يا ٻار جي پيدائش جي موقعن تي گهڻو ضد ڪندا آهن ۽ انهن کي ڪجھ نہ ڏيون تہ اهي بُرو رويو اپنائيندا آهن اهڙي موقعي تي ڇا ڪيو وڃي؟

**جواب:** جيترو ممڪن ٿي سگهي انهن کان جان ڇڏائي وڃي ۽ جيڪڏهن واقعي انهن جي طرزِ عمل مان رُسوائي جو انديشو هجي تہ انهن کي چُپ ڪرائڻ جي نيت سان ڪجھ ڏئي ڇڏڻ واري جي لاءِ جائز ٿيندو جو حديثن مان ثابت آهي تہ جيڪڏهن ڪو شاعر ڪنهن جي بُرائي ۾ شعر لکي اُن جي عزت خراب ڪندو هجي تہ اُن کي خاموش ڪرائڻ جي لاءِ ڪجھ ڏيڻ جائز آهي باوجود ان جي جو اِهو

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

ڏيڻ رشوت آهي پر اهڙي موقعي تي رشوت ڏيڻ جائز آهي، پر وٺڻ واري جي لاءِ بهرحال حرام ۽ جهنم ۾ وني وڃڻ وارو ڪم آهي.

## ٽين جنس يعني خُنثيٰ جي باري ۾ اهم معلومات

**سوال:** مُخَنَّث جو تہ سمجھہ ۾ اچي ويو تہ اهو جسماني اعتبار کان مرد ئي هوندو آهي. پر هينئر اوهان "ٽين جنس" يعني **خُنثٰي** ۽ **خُنثٰي مشڪل** جو ذڪر ڪيو تہ اهو بہ ٻڌائي ڇڏيو تہ انهن جي وصف ۽ نشانيون ڪهڙيون آهن.

**جواب:** مرد ۽ عورت سان گڏوگڏ هڪ ٽين جنس بہ آهي فِقہ جي ڪتابن ۾ ان جنس جي وصف ڪجھہ ائين بيان ڪئي ويئي آهي: جنهن ۾ مرد ۽ عورت ٻنهي جون شرمگاهون هجن اهو خُنثٰي چورائيندو آهي. (محيط برهاني ج 23 ص 454) **فقهاءِ ڪرام** رَحِمَهُمُ اللہُ السَّلام جن خُنثٰي جي وصف ۾ هي بہ شامل ڪيو يعني اهو بہ خنثٰي چورائي ٿو جيڪو ٻنهي شرمگاهن مان ڪا بہ نشاني نہ رکندو هجي بلڪ صرف اڳيان جي طرف هڪ سوراخ هجي جنهن سان قضاءِ حاجت ڪندو هجي. (تبيين الحقائق ج 7 ص 440، البحرالرائق ج 9 ص 334) "**بدائِعُ الصنائِع**" ۾ خُنثٰي جي باري ۾ عبارت جو خلاصو آهي: جيڪڏهن ٻار ۾ مرد ۽ عورت ٻنهي جون شرمگاهون هجن تہ جيڪڏهن هو مرد واري شرمگاهہ مان پيشاب ڪندو هجي تہ ان کي مرد ۽ جيڪڏهن عورت واري مان ڪري تہ عورت قرار ڏنو ويندو ۽ بقايا عضوي کي اضافي عضوو قرار ڏنو ويندو. جيڪڏهن ٻنهي جڳهين مان پيشاب ايندو هجي تہ جنهن مان پهرين پيشاب ڪري اهو ئي ان جو اصل

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.** (طبراني)

مقام آهي مثلاً پهرين عورت واري مقام مان پيشاب ڪري ته ان کي عورت ٺئي قرار ڏيندا سين. جيڪڏهن ٻنهي جڳهين مان ساڳئي وقت پيشاب ڪري ته ان جي جنس جي دعويٰ (يعني اهو طئي ڪرڻ ته مرد آهي يا عورت) ڪافي مشڪل آهي ۽ اهڙي ماڻهو کي خُنثٰي مشڪل چوندا آهن. جيستوڻيڪ بالغ ٿيڻ کان پوءِ جيڪڏهن مرد جي نشاني مان ڪا نشاني ظاهر ٿئي مثلاً ڏاڙهي نڪري اچي ته شريعت جي احڪامن تي عمل ڪرڻ جي تعلق سان ان کي مرد قرار ڏنو ويندو ۽ جيڪڏهن عورتن واري ڪا نشاني ظاهر ٿئي مثلاً ڇاتيون نڪري اچن ته ان کي عورت قرار ڏيئي ان تي عورتن وارا مسئلا لاڳو ڪيا ويندا. (ملخص از بدائع الصنائع ج 6 ص 418) ۽ جيڪڏهن بالغ ٿيڻ کان پوءِ صرف مرد واريون يا صرف عورت واريون نشانيون ظاهر ٿيڻ جي بدران ٻنهي طرح جون نشانيون ظاهر ٿين مثلاً ڏاڙهي به نڪري اچي ۽ ڇاتيون به ته اهڙي صورت ۾ به ان کي خُنثٰي مشڪل قرار ڏيندا سين. (فتاويٰ شامي ج 10 ص 478)

## هڪ ڪدڙي جي مغفرت جو قِصّو

مُخَنَّث (يعني ڪدڙي) سان عام طور تي ماڻهو نفرت ڪندا ۽ ان کي حقير سمجهندا آهن، ائين نه ڪرڻ گهرجي جو اهو به **الله** عَزَّوَجَلَّ جو ٻانهو آهي ۽ اُن ئي اِن کي پيدا فرمايو آهي ۽ ڪدڙي کي به گهرجي ته گناهن ۽ ناچ گانن جهڙن حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ واري ڪم کان پاسو ڪري، **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رضا تي راضي رهندي سنتن ڀري زندگي گذاري. اچو هڪ خوش نصيب ڪدڙي جي حڪايت ملاحظه

فرمايو، شايد هر ڪدڙي کي ان تي رشڪ ايندو ته ڪاش! مون سان به ائين ئي ٿئي. حضرت سيدنا شيخ عبدالوهاب بن عبدالمجيد ثقفي عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: مون هڪ جنازو ڏٺو جنهن کي ٽن مردن ۽ هڪ عورت کڻي رکيو هو عورت جي جڳهه مون کڻي ورتو، جنازي جي نماز جي ادائيگي ۽ تدفين کان پوءِ مون اُن عورت کان پڇيو: مرحوم سان اوهان جو ڪهڙو رشتو هو؟ چيائين: منهنجو پٽ هو. پُڇيم: پاڙي وارا وغيره جنازي ۾ ڇو نه آيا؟ چيائين: اصل ۾ منهنجو پٽ مُخَنَّث (ڪدڙو) هو، اِن لاءِ ماڻهن ان جي جنازي ۾ شرڪت کي اهميت نه ڏني. سيدنا شيخ عبدالوهاب بن عبدالمجيد عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ الحميد فرمائن ٿا: مون کي اُن ڏکايل ماءُ تي ڏاڍو رحم آيو، مون ان کي ڪجهه رقم ۽ اناج وغيره پيش ڪيو. اُنهي ئي رات سفيد ڪپڙا پاتل هڪ ماڻهو چوڏهين جي چنڊ وانگر چهرو چمڪائيندو منهنجي خواب ۾ آيو ۽ شڪريو ادا ڪرڻ لڳو، مون پڇيو: مَنْ اَنْتَ؟ يعني اوهان ڪير آهيو؟ چيائين: آئون اُهو ئي مُخَنَّث آهيان جنهن کي اوهان اڄ دفن ڪيو آهي، ماڻهن جي مون کي حقير سمجهڻ جي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ مون تي رحم فرمايو.

(الرسالة القشيريه ص 173 ملخصاً)

## ڪنوار جي پيرن جو ڌوپ ڇٽڪارڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڪنوار جا پير ڌوئي اُن جو پاڻي گهر جي چئني ڪنڊن ۾ ڇٽڪارڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** مستحب آهي، منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا:

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

ڪنوار ڪي پرڻائي آڻيو تہ مستحب آهي تہ ان جا پير ڌوئي گهر جي چئني ڪندن ۾ ڇٽڪاريو، ان سان برڪت ٿيندي آهي.

(فتاويٰ رضويہ ج 2 ص 595، مفاتيح الجنان شرح شرعة الاسلام ص 447)

## نظر جي باري ۾ سوال جواب

**سوال:** ٻُڌو آهي تہ عورت تي جيڪا پهرين نظر پئي اها معاف آهي اهو ڪيتري تائين صحيح آهي؟

**جواب:** اُها پهرين نظر معاف آهي جيڪا عورت تي بي اختيار پئجي وئي ۽ فورًا هٽائي ڇڏي، جاڻي واڻي وِڌل پهرين نظر بہ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. **الله** عَزَّوَجَلَّ مردن ڪي نگاهن جي حفاظت جي تاڪيد ڪندي 18 سيپاري سورۃُ النّور جي آيت نمبر 30 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

قُلۡ لِّلۡمُؤۡمِنِيۡنَ يَغُضُّوۡا مِنۡ اَبۡصَارِهِمۡ

**ترجموڪنزالايمان:** مسلمان مردن کي حڪم ڏيو تہ پنهنجي نظر ڪجهہ جهڪي رکن.

عورتن لاءِ ارشاد قرآني آهي:

وَقُلۡ لِّلۡمُؤۡمِنٰتِ يَغۡضُضۡنَ مِنۡ اَبۡصَارِهِنَّ (پ ۱۸ النور ۳۱)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ مسلمان عورتن کي حڪم ڏيو تہ پنهنجون نظرون ڪجهہ جهڪيون رکن.

## ”زينب“ جي چئن اکرن جي نسبت سان نظر جي باري ۾ 4 حديثون

## نظر ڦيري وٺو

﴿1﴾ حضرت سيّدنا جَرير بن عبدالله رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ روايت فرمائن ٿا، مون رسولِ محتشم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان اوچتو نظر

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

پئجي وڃڻ جي باري ۾ معلوم ڪيو ته ارشاد فرمايائون: پنهنجي نگاهه ڦيري وٺو. (صحيح مسلم ص 1190 حديث 2159)

## ڄاڻي واڻي نظر نه وجهو

﴿2﴾ سرڪارِ مدينه منوره، سردارِ مڪه مڪرمه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم امير المومنين، حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ المرتضيٰ ڪَرَّمَ اللہُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم کي فرمايو: هڪڙي نظر ڪان پوءِ ٻي نظر نه ڪريو (يعني جيڪڏهن اوچتو بنا ارادي جي ڪنهن عورت تي نظر پوي ته فورًا نظر هٽائي ۽ ٻيهر نظر نه ڪري) جو پهرين نظر جائز آهي ۽ ٻي نظر جائز ناهي.
(سنن ابي داؤد ج 2 ص 358 حديث 2149)

## نظر جي حفاظت جي فضيلت

﴿3﴾ تاجدارِ مدينه ، قرارِ قلب وسينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان فرحت نشان آهي: جيڪو مسلمان ڪنهن عورت جي خوبين جي طرف پهريون ڀيرو نظر ڪري (يعني بنا ارادي جي) پوءِ پنهنجي اک هيٺ ڪري، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي اهڙي عبادت عطا فرمائيندو جنهن جي هُو لذت ماڻيندو. (مسند امام احمد بن حنبل ج 8 ص 299 حديث 22341)

## ابليس جو زهريلو تير

﴿4﴾ الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي ته حديثِ قُدسي آهي: نظر ابليس جي تيرن مان هڪ زهر ۾ ٻڏل تير آهي بس جيڪو شخص منهنجي خوف کان ان کي ڇڏي ڏي ته آئون اُن کي اهڙو ايمان عطا ڪندس جنهن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو.
(ابن عدي)

جي مِناس هو پنهنجي دل ۾ محسوس ڪندو.
(المعجم الکبير للطبراني ج 10 ص 173 حديث 10362)

## اکين ۾ باهہ ڀري ويندي

**حُجَّةُ** الاسلام حضرت سيّدنا امام **محمّد بن محمد غزالي** عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الوالي **نقل** ڪن ٿا: جيڪو پنهنجي اکين کي حرام نظر سان ڀريندو، قيامت جي ڏينهن اُن جي اکين ۾ باهہ ڀري ويندي.
(مکاشفة القلوب ص 10)

## باهہ جي سرائي

حضرت علّامہ اَبُو الْفَرَج عبدُالرّحمٰن بن جَوزي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي **نقل** ڪن ٿا: عورت جي مَحاسِن (يعني حسن و جمال) کي ڏسڻ ابليس جي زهر ۾ ٻڏل تيرن مان هڪ تير آهي، جنهن نامحرم کان اک جي حفاظت نہ ڪئي ان جي اک ۾ قيامت جي ڏينهن باهہ جي سرائي ڦيري ويندي.
(بحر الدموع ص 171)

## نظر دل ۾ شهوت جو ٻج پوکيندي آهي

**حُجَّةُ** الاسلام حضرت سيدنا امام محمد بن محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الوالي فرمائن ٿا: "جيڪو ماڻهو پنهنجي اک کي بند ڪرڻ تي قادر ناهي هوندو اُهو پنهنجي شرمگاهہ جي حفاظت بہ ناهي ڪري سگهندو ❁ حضرت سيّدنا عيسىٰ روحُ **الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن ارشاد فرمايو: "پنهنجي نظر جي حفاظت ڪريو اها دل ۾ شهوت جو ٻج پوکيندي آهي، فتني جي لاءِ اِهو ئي ڪافي آهي" ❁ حضرت سيّدنا يحيىٰ عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کان پڇيو ويو تہ زنا جي شروعات ڪيئن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي.** (مجمع الزوائد)

**ٿيندي آهي؟ پاڻ** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **فرمايو: "ڏسڻ ۽ خواهش ڪرڻ سان** ❁ **حضرت سيّدنا فُضيل** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **فرمائن ٿا: "شيطان چوندو آهي نظر منهنجو پُراڻو تير ۽ ڪمان آهي جيڪو خطا ناهي ٿيندو."** (احياء العلوم ج 3 ص 125) ❁ **منهنجا آقا اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **فرمائن ٿا: "ڦهريان نظر ڀٽڪندي آهي پوءِ دل ڀٽڪندو آهي، پوءِ سِتر ڀٽڪندو آهي."** (انوار رضا ص391 ملخصًا) ❁ **يقينًا اکين جو قفل مدينه لڳائڻ ئي ۾ ٻنهي جهانن جي ڀلائي آهي.**

آنکھ اٹھتی تو میں جُھنجُھلا کے پلک سی لیتا
دل بگڑتا تو میں گھبرا کے سنبھالا کرتا

## عورت جي چادر به نه ڏسو

**حضرت** سيدنا عَلاء بن زياد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: پنهنجي نظر کي عورت جي چادر تي به نه وجهو ڇو ته نظر دل ۾ شهوت جو ٻج پوکيندي آهي. (حلية الاولياء ج 2 ص 277)

## بدنگاهي ڪري ورتي ته پوءِ ڇا ڪري؟

**سوال:** جيڪڏهن ڪنهن جي اک ڀٽڪي وڃي ۽ (مرد) عورت سان (يا عورت مرد سان) بدنگاهي ڪري ويهي ته ڇا ڪري؟

**جواب:** فورًا اکين کي بند ڪري يا نظر اُتان هٽائي ڇڏي ۽ ممڪن هجي ته اُتان ڪان هٽي وڃي ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ شرمساري سان ٻاڏائي توبهه ڪري ۽ جيڪڏهن مرد سان ائين ٿيو هجي ته اهو اول آخر درود شريف سان گڏ هيءَ دعا به پڙهي: اَللّٰهُمَّ اِنِّيۡ اَعُوۡذُ بِکَ مِنۡ فِتۡنَةِ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

النِّسَاءِ وعَذَابِ الْقَبْرِ. يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ آئون عورت جي فتني ۽ قبر جي عذاب کان تنهنجي پناهه گهران ٿو.

## گناهه مٽائڻ جو نسخو

جڏهن به گناهه ٿي وڃي ته ڪا نيڪي ڪرڻ گهرجي، مثلاً درود شريف، ڪلمو طيّب وغيره پڙهي ڇڏي. حضرت سيّدنا ابوذر غفاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: مون ڪي نصيحت ڪندي ٻنهي جهانن جي سلطان، مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جڏهن به توکان ڪو بُرو عمل سرزد ٿي وڃي، پوءِ تون اُن کان بعد ڪو نيڪ ڪم ڪري وٺين، ته اُها نيڪي اُن برائي کي مٽائي ڇڏيندي. مون عرض ڪيو: يا رسول الله (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم!) ڇا لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ چوڻ نيڪين مان آهي؟ فرمايائون: "اها ته افضل ترين نيڪي آهي." (مسند للامام احمد ج 8 ص 113 حديث 21543)

## توبهه جي ارادي سان گناهه ڪرڻ ڪفر آهي

اها حديث پاڪ پڙهي مَعَاذَالله ڪير اِهو نه سمجهي ته ڏاڍو زبردست نسخو هٿ اچي ويو! هاڻي ته خوب گناهه ڪندا رهنداسين ۽ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ پڙهي ڇڏنداسين ته مٽجي ويندا. خدا جو قسم! اِهو شيطان جو تمام وڏو ۽ برو وار آهي، اِن ارادي سان گناهه ڪرڻ ته بعد ۾ توبهه ڪري وٺندس اهو اشد ڪبيره يعني سخت ترين ڪبيره گناهه آهي بلڪ مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان نورُ العرفان ص 376 تي سورة يوسف جي آيت نمبر 9 جي تحت فرمائن ٿا: "توبهه جي ارادي سان گناهه ڪرڻ ڪفر آهي." هتي اُهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.** (ڪنزالعمال)

ماڻهو بہ عبرت حاصل ڪن جيڪي بعد ۾ معافي گهرڻ جي ارادي سان بنا اجازت جي ٻين جون شيون استعمال ڪندا آهن، توبھ جي لاءِ ندامت تمام ضروري آهي. ندامت جا بہ ڪهڙا خوب انداز هوندا آهن:

## هڪ اڪ وارو ماڻهو

**حضرت سيّدنا ڪعبُ الاحبار** رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ **فرمائن ٿا تہ حضرت سيدنا موسٰي ڪليمُ الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام **جي زماني ۾ هڪ ڀيري ڏڪار پيو. پاڻ** عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام **جي بارگاھ ۾ ماڻهن درخواست ڪئي، يا ڪليمَ الله! دعا فرمايو تہ جيئن بارش ٿئي. پاڻ** عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام **جن ارشاد فرمايو: مون سان گڏ جبل تي هلو. سڀ ماڻهو گڏ هلڻ لڳا تہ پاڻ** عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام **اعلان فرمايو: ”مون سان گڏ ڪو اهڙو شخص نہ اچي جنهن ڪو گناھ ڪيو هجي، اِهو ٻڌي ڪري سڀ ماڻهو واپس هليا ويا. صرف هڪ اڪ وارو هڪ شخص گڏ هلندو رهيو.“ حضرت سيّدنا موسيٰ ڪليم الله** عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام **جن ارشاد فرمايو: ڇا تو منهنجي ڳالھ نہ ٻڌي؟ عرض ڪيائين: ٻڌي آهي. فرمايائون: ڇا تون بلڪل بي گناھ آهين؟ عرض ڪيائين: يا ڪليمَ الله! مونکي پنهنجو ٻيو ڪو ڏوھ تہ ياد ناهي. البت هڪ ڳالھ جو تذڪرو ڪريان ٿو، فرمايائون: اُها ڪهڙي؟ عرض ڪيائين: هڪ ڏينهن مون رستي تي ڪنهن جي گهر ۾ هڪ اک سان جهاتي پائي ڏٺو تہ ڪو بيٺو هو. ڪنهن جي گهر ۾ اهڙي طرح جهاتي پائڻ جو مون کي گهڻو صدمو ٿيو، آئون خوفِ خدا سان ڏڪي ويس، مون**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا.** (كنزالعمال)

کي گهٽي پشيماني ٿي ۽ جنهن اک سان جهاتي پائي ڏٺو هو، اُن کي کڍي اُڇلائي ڇڏيو! ارشاد فرمايو: جيڪڏهن منهنجو اُهو عمل گناهه آهي تہ آئون بہ هليو ٿو وڃان. حضرت سيّدنا موسيٰ ڪليم الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ان کي ساڻ ورتو، ۽ جبل تي پهچي پاڻ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن اُن شخص کي ارشاد فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ کان بارش جي دعا ڪر! اُن هيئن دعا گهري: "يا قُدُّوس عَزَّوَجَلَّ! تنهنجو خزانو ڪڏهن ختم ناهي ٿيندو ۽ بُخل تنهنجي صفت ناهي، پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان اسان تي بارش وساءِ." فورًا بارش ٿيڻ لڳي ۽ ٻئي حضرات پُسندا جبل تان واپس تشريف وٺي آيا." (روض الرياحين ص295) . **الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

معلوم ٿيو تہ گناهه تي شرمساري وڏي اهميت رکي ٿي، حديث پاڪ ۾ آهي: اَلنَّدَمُ تَوبَۃٌ يعني شرمندگي توبه آهي. (ابن ماجہ ج 4 ص 492 حديث 252) آهہ! اسان ڏينهن ۾ سوين، هزارين گناهہ ڪندا آهيون پر شرمساري تہ رهي پري، اسان کي ان جو احساس بہ ناهي ٿيندو.

کوئی ہفتہ، کوئی دن یا کوئی گھنٹہ مرا بلکہ کوئی لمحہ گناہوں سے نہیں خالی گیا ہوگا
ندامت سے گناہوں کا اِزالہ کچھ تو ہوجاتا
ہمیں رونا بھی تو آتا نہیں ہائے! ندامت سے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پاڻ کان گهٽ مرتبي واري ماڻهو کان دعا ڪرائڻ انبياء ۽ مُرسلين عَلَيْهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۽ بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين جو

فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

طريقو رهيو آهي، يقيناً نبي جو درجو اُمتي ڪان وڏو هوندو آهي، پوءِ بہ حضرت سيدنا موسيٰ ڪليم الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جن پنهنجي اُمتي ڪان دعا ڪرائي. افضل الانبياء هئڻ جي باوجود اسان جي مڪي مدني آقا، مني مني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن عمري جي اجازت ڏيندي حضرت سيدنا عمر فاروق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي فرمايائون: اي منهنجا ياءُ! اسان کي پنهنجي دعا ۾ شريڪ ڪجان. (ابنِ ماجہ ج 3 ص 411 حديث 2894) حضرت سيدنا عمر فاروق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ مديني جي گهٽين ۾ مدني مُنن کي فرمائيندا هئا: ٻارو! ”دعا گهرو عمر بخشيو وڃي.“ خليفۂ اعليٰ حضرت، حضرت سيدي مرشدي قطبِ مدينہ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ وٽ مدينه منوره زَادَهَا اللّٰہُ شَرَفًاوَّ تَعظِیْماً وَّ تَکْرِیماً ۾ روزانو ميلاد شريف جي محفل ٿيندي هئي مون ڪيترائي دفعا ڏٺو تہ اختتام تي ڪنهن نہ ڪنهن کي دعا ڪرائڻ جو حڪم فرمائي ڇڏيندا هئا، پاڻ دعا نہ ڪرائيندا هئا. اِتي مذهبي حُليي وارن ماڻهن ۽ ذميدار مبلغائن جي لاءِ ڪيترو پيارو درس آهي تہ ڪڏهن ڪنهن محفل ۾ انهن کي دعاء ڪرائڻ جي سعادت نہ ملي تہ رنجيده نہ ٿين نہ ئي محفل ۾ دعا ڪرائڻ کي پنهنجو حق تصور ڪن. ڪير بہ دعا ڪرائي، آمين چئي خوش دلي سان دعا ۾ شريڪ ٿيو ۽ دعا جون برڪتون حاصل ڪريو. ائين ناهي تہ بارگاهِ الٰهي ۾ مشڪل لفظن، شان ۽ شوڪت سان گهريل دعا ئي قبول ٿئي ٿي بلڪ اُتي تہ ڏکويل دليون ڏنيون ويندون آهن.

يوں تو سب انھیں کا ہے پر دل کی اگر پوچھو
یہ ٹوٹ ہوئے دل ہی خاص اُن کی کمائی ہے (حدائقِ بخشش شریف)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

# آئون گناهن جي دَلدل ۾ ڦاٿل هيس

اسلامي ڀينرو! سچي دل سان گهريون ويندڙ دعائون الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مهرباني سان قبول ٿينديون، التجائون ٻڌيون وينديون ۽ مُرادون پوريون ٿينديون آهن، پنجاب (پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي تحريري بيان جو خلاصو آهي تہ دعوتِ اسلامي جي مهڪي مدني ماحول ۾ اچڻ کان پهرين آئون گناهن جي دَلدل ۾ بُري طرح ڦاٿل هيس، دل باوجود ان جي جو گناهن کان بيزار ٿي چڪي هئي پر ڇوٽڪاري جي ڪا راهہ ڏسڻ ۾ نہ ايندي هئي، آئون ديني علم کان صفا اڻ ڄاڻ هيس، اڪثر هِن طرح دعا گهرندي هيس: "اي منهنجا پروردگار عَزَّوَجَلَّ آئون سُڌرڻ چاهيان ٿي منهنجي سڌرڻ جا سبب پيدا فرماءِ" آخر دعائن رنگ لاتو ۽ هڪ ڏينهن اها خوشخبري ٻڌڻ لاءِ ملي تہ "دعوتِ اسلامي جي اهتمام هيٺ اسلامي ڀينرن جو سنتن ڀريو اجتماع 12 آگسٽ 2001ع آچر جي ڏينهن فُلان جڳهہ تي ٿيندو." آئون تہ پهرين ئي اُڃايل هيس اهڙي طرح شدت سان اجتماع جي ڏينهن جو انتظار ڪرڻ لڳيس، آخرڪار اهو ڏينهن بہ اچي ويو ۽ آئون وڏي شوق سان اسلامي ڀينرن جي سنتن ڀريي اجتماع ۾ شريڪ ٿيس. تلاوت ۽ ان کانپوءِ نعت شريف ٻڌي مون پنهنجي دل ۾ رقت ۽ نرمي محسوس ڪئي. جڏهن دعوتِ اسلامي جي مبلغہ سنتن ڀريو بيان شروع ڪيو تہ آئون پوري توجهہ سان ٻڌڻ لڳيس، جڏهن بيان ختم ٿيو تہ منهنجو چهرو لڙڪن سان آلو هو. پوءِ اسلامي ڀينرن جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع جو

اعلان ٿيو تہ ان ۾ شرڪت جي پڪي نيت ڪري ورتي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت جي بدولت مون کي گناهن جي ڏُٻڻ مان نڪرڻ نصيب ٿيو. اڄ آئون علاقائي ذميدار جي حيثيت سان اسلامي ڀينرن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ جي لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهيان.

میرے اعمال کا بدلہ تو جہنّم ہی تھا
میں تو جاتا مجھے سرکار نے جانے نہ دیا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعا جون فضيلتون

اسلامي ڀينرو! واقعي اهو صحيح آهي تہ ”نيت صاف منزل آسان“ اُن اسلامي ڀيڻ کي سڌرڻ جي تڙپ هئي ۽ ان جي لاءِ دعائون ڪندي هئي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي اصلاح جا سبب پيدا فرمائي ڇڏيا. اسان کي بہ گهرجي تہ نفس ۽ شيطان جي شر کان ڇوٽڪاري جي لاءِ دعائون گهرڻ ۾ ڪوتاهي نہ ڪيون جو دعا مؤمن جو هٿيار آهي، دعا سان تقدير بدلجي ويندي آهي. ٻہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پيش آهن: (1) ڇا آئون اوهان کي اُها شيءِ نہ ٻڌايان جيڪا توهان کي توهان جي دشمن کان نجات ڏي ۽ توهان جو رزق ڪشادو ڪري ڇڏي، رات ڏينهن الله تعاليٰ کان دعا گهرندا رهو جو دعا مؤمن جو هٿيار آهي. (مسند ابي يعليٰ ج 2 ص 201 حديث 1806) (2) دعا تقدير کي ٽاري ڇڏيندي آهي ۽ احسان ڪرڻ سان عمر ۾ واڌ ٿيندي آهي ۽ ٻانهو گناهہ ڪرڻ جي وجهہ کان رزق کان محروم ٿي ويندو آهي. (ابن ماجہ ج

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

4 ص 379 حديث 4022) دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينہ جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهارِ شريعت" حصو 16 صفحي 199 تي صدرُالشّريعہ، بدرُالطّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي محمّد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: هن حديث جو مطلب اهو آهي تہ دعا سان بلائون ٽري وڃن ٿيون هتي تقدير مان مراد تقديرِ معلق آهي ۽ عمر جي واڌاري جو بہ اهو ئي مطلب آهي تہ احسان ڪرڻ وڏي عمر جو سبب آهي ۽ رزق مان مراد آخرت جو ثواب آهي ۽ گناهہ ان ڪان محرومي جو سبب آهي ۽ تي سگهي ٿو تہ ڪجهہ صورتن ۾ دنياوي رزق ڪان بہ محروم ٿي وڃي.

## ڪنهن جي گهر ۾ جهاتي پائي نہ ڏسو

**سوال:** ڇا جاڻي واڻي ڪنهن جي گهر ۾ جهاتي پائي ڏسڻ جي شريعت ۾ منع آهي؟

**جواب:** جي ها، جيتوڻيڪ دروازو پهريان ڪان ئي کليل هجي ۽ بي اختيار ڪنهن جي نظر پئجي وئي تہ حرج ناهي، افسوس! صد ڪروڙ افسوس! هاڻي اِن ڳالهہ ڏانهن اڪثر مسلمانن جو توجهہ ئي ناهي، ماڻهو گهرن جي دروازن ۾ بنا هِٻڪ جي جهاتي پائي ڏسندا آهن، ايتري تائين جو دروازو کليل نہ هجي تہ مٿي ٽپ ڏيئي جهاتي پائيندا آهن، ڏار وغيره مان جهاتي پائيندا آهن، دريءَ مان جهاتي پائيندا آهن، پردو هٽائي جهاتي پائيندا آهن ۽ ان ڳالهہ جي بلڪل پرواهہ ناهن ڪندا تہ ڪنهن جي گهر ۾ جهاتي پائڻ جي شريعت ۾ منع آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

# اک ڪدي چڏڻ جو اختيار

**سوال:** جيڪڏهن در کڙڪائڻ جي باوجود جواب نہ ملي تہ ڇا پوءِ بہ گھر ۾ جهاتي پائي نٿو ڏسي سگهجي؟

**جواب:** جهاتي پائي نٿو ڏسي سگهجي، حضرت سيّدنا ابوذر غفاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ منوره، سلطانِ مڪہ مڪرمہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: ”جنهن اجازت ملڻ کان پهريان ئي پردو هٽائي ڪري گھر جي اندر نظر ڪئي ۽ گھروارن جي ستر کي ڏٺو، ان اهڙو ڪم ڪيو جيڪو ان جي لاءِ حلال نہ هو جڏهن ان ڏٺو جيڪڏهن ڪير وڌي ڪري ان جي اک ڪدي ڇڏي تہ انهي تي آئون اُن (يعني اک ڪڍڻ واري) کي شرم نہ ڏياريندس. جيڪڏهن ڪنهن اهڙي دروازي وٽان گذريو جنهن تي نہ ڪو پردو آهي ۽ نہ دروازو بند آهي، تنهن ڪري اُن بنا ارادي جي ڏٺو تہ ان تي گناهہ ناهي بلڪ خطا گھر وارن جي آهي.

(سنن الترمذي ج 4 ص 324 حديث 2716)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان ان حديثِ پاڪ جا لفظ ”اُن کي شرم نہ ڏياريندس“ جي تحت فرمائن ٿا: يعني اک ڪڍڻ واري کي نہ تہ ڪا سزا ڏيندس، نہ بُرو ڀلو چوندس، ڇاڪاڻ تہ اِتي قصور اُن جهاتي پائڻ واري جو آهي (ياد رهي! حنفين جي ويجهو اهو فرمانِ عالي ڊيڄارڻ ڌمڪائڻ جي لاءِ آهي نہ تہ اُن اک ڪڍڻ واري کان اک جو قصاص ضرور ورتو ويندو ربّ تعاليٰ فرمايو: ”اَلْعَيْنَ بِالْعَيْنِ“ اک تہ اک جي بدلي ۾ ڪدي سگهجي ٿي نہ ڪي جهاتي پائي ڏسڻ جي عوض. (مراٰة ج 5 ص 257)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

## گفتگوءَ ۾ نظر ڪٿي هجي؟

**سوال:** ڇا گفتگو ڪندي نظر جهڪائي رکڻ ضروري آهي؟

**جواب:** ان جون صورتون آهن مثلاً مرد جو مُخاطَب (يعني جنهن سان ڳالهائي رهيا آهيو اُهو) اَمرَد هجي ۽ ان کي ڏسڻ سان شهوت ايندي هجي (يا شرعي اجازت سان مرد اَجْنَبِيَّہ سان يا عورت اجنبي مرد سان ڳالهائي رهي هجي) تہ اهڙي طرح نظر جهڪائي گفتگو ڪري جو ان جي چهري بلڪ بدن جي ڪنهن عضوي ايتري تائين جو لباس تي بہ نظر نہ پوي. جيڪڏهن ڪا شرعي رڪاوٽ نہ هجي تہ مخاطب جي چهري ڏانهن ڏسي گفتگو ڪرڻ ۾ شرعًا ڪو حرج ناهي. جيڪڏهن نگاهن جي حفاظت جي عادت بڻائڻ جي نيت سان هر هڪ سان نظر جهڪائي ڳالهائڻ جو معمول بڻائي تہ تمام سٺي ڳالهہ آهي ڇو تہ مشاهدو اهو ئي آهي تہ اڄڪلهہ جنهن جي نگاهون جهڪائي گفتگو ڪرڻ جي عادت ناهي هوندي، ان کي جڏهن امرد يا اَجْنَبِيَّہ سان ڳالهائڻ جو موقعو ملي ٿو اُن وقت نگاهون جهڪائي رکڻ ان جي لاءِ سخت مشڪل هوندو آهي.

## نگاهِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلَّم جون ادائون

**سوال:** سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نظر فرمائڻ جا مختلف انداز ٻڌائي ڇڏيو؟

**جواب:** حضرت سيدنا محمد بن عيسيٰ ترمذي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِي نقل فرمائن ٿا: جڏهن رسول اڪرم، نورِ مجسَّم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن طرف توجُّهہ فرمائيندا هئا تہ پورا متوجهہ ٿيندا هئا، مبارڪ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

نظرون جهڪيل رهنديون هيون، نظر شريف آسمان جي بدران اڪثر ڪري زمين ڏانهن هوندي هئي، اڪثر اک مبارڪ جي ڪناري سان ڏسندا هئا. (الشمائل للترمذي ص 23 رقم 7) مٿي ذڪر ٿيل حديثِ پاڪ ۾ اهي لفظ "پورا متوجهہ ٿيندا" ان جو مطلب هي آهي تہ نظر نہ موڙيندا (يعني بي توجهہ نہ ٿيندا) هئا. ۽ اها ڳالهہ تہ "مبارڪ نظرون جهڪيل رهنديون هيون" يعني جڏهن ڪنهن شيءِ جي طرف ڏسندا تہ پنهنجي نگاهہ جهڪائي وٺندا هئا. بِنا ضرورت هيڏانهن هوڏانهن نہ ڏسندا هئا، بس هميشہ عالِمُ الغيب جَلَّ جَلَالُهٗ ڏانهن متوجهہ رهندا هئا، انهيءَ جي ياد ۾ مشغول ۽ آخرت جي معاملن ۾ غور و فڪر فرمائيندا رهندا هئا. (المواهب اللدنية و شرح الزرقاني علي المواهب اللدنية ج 5 ص 272) ۽ اهي لفظ "پاڻ جون نظرون آسمان جي مقابلي ۾ زمين ڏانهن وڌيڪ رهنديون هيون" يعني اهو انتها درجي جي شرم و حيا جو دليل آهي، حديث ۾ جيڪو اهو آيو آهي: خاتِمَ المُرسِلِين، رَحمَةٌ للعٰلمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن ڳالهائڻ لاءِ ويهندا تہ پنهنجي نظر شريف آسمان ڏانهن وڌيڪ کڻندا هئا. (ابوداؤد ج 4 ص 342 حديث 4837) يعني اهو نظر جو کڻڻ وحي جي انتظار ۾ هوندو هو نہ تہ نظر مبارڪ جو زمين جي طرف رکڻ هميشہ جي معمول ۾ هو.

(اشعة اللمعات ج 4 ص 526 مدارج النبوة ج 1 ص 6)

جس طرف اُٹھ گئی دم میں دم آگیا
اُس نگاہِ عنایت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي به هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

# جشنِ ولادت جي برڪت سان منهنجي زندگي بدلجي ويئي

اسلامي ڀينرو! اسان مسلمانن جي لاءِ سلطانِ مدينه منوره، شهنشاهِ مڪه مڪرمه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ولادت جي ڏينهن ڪان وڌيڪ ڪهڙو ڏينهن "انعام جو ڏينهن" هوندو؟ سڀ نعمتون انهن جي ئي طفيل آهن ۽ اهو ڏينهن عيد ڪان به بهتر جو انهن جي ئي صدقي ۾ عيد به عيد تي. انهيءَ ڪري سومر شريف جي ڏينهن روزو رکڻ جو سبب ارشاد فرمايائون: فِيْهِ وُلِدتُّ يعني ان ڏينهن منهنجي ولادت ٿي. (صحيح مسلم ص 591 حديث 1162) اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي طرفان دنيا جي بيشمار ملڪن جي لاتعداد جڳهين تي هر سال عيدِ ميلاد النبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شاندار طريقي سان ملهائي ويندي آهي. ربيع النّور شريف جي ٻارهين رات جو عظيم الشان "اجتماعِ ميلاد" ٿيندو آهي ۽ عيد جي ڏينهن مرحبا يا مصطفيٰ! جون ڌومون مچائيندي بيشمار ميلاد جا جلوس ڪڍيا ويندا آهن جن ۾ لکين عاشقانِ رسول شريڪ ٿيندا آهن.

عیدِ میلادُ النّبی تو عید کی بھی عید ہے
بالیقیں ہے عیدِ عیداں عیدِ میلاد النّبی

جشنِ ولادت جون به خوب بهارون آهن، اهڙي ئي هڪ بهار ٻڌو، هڪ اسلامي ڀيڻ جو بيان ڪجهه اهڙي طرح آهي ته عام ڇوڪرين وانگر آئون به فلمون ڊراما ڏسڻ جي عادي، گانن ٻڌڻ جي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعلیٰ)

شوقين ۽ شادي مرادي ۾ تيار ٿي بي پرده شريڪ ٿيڻ جي شيدائي هيس. ”مرڻ کان پوءِ منهنجو ڇا ٿيندو“ ان جو مون کي بلڪل به احساس نه هو! هڪ سال پهرين مون کي باب المدينه ڪراچي پنهنجي رشتيدارن ۾ وڃڻ جو موقعو مليو. انهن جي گهر جي بلڪل ويجهو اسلامي ڀينرن جو سنتن ڀريو اجتماع ٿيندو هو، هڪ اسلامي ڀيڻ جي دعوت تي آئون به اجتماع ۾ ويس. **اَلْحَمْدُلِلّٰه** عَزَّوَجَلَّ اُن اجتماع منهنجي سوچن جو رخ تبديل ڪري ڇڏيو! پوءِ مون باب المدينه ڪراچي ۾ ئي ربيعُ النّور شريف جون بهارون ڏٺيون ته دل نيڪين ڏانهن وڌيڪ مائل ٿي، **اَلْحَمْدُلِلّٰه** عَزَّوَجَلَّ مون نماز پڙهڻ شروع ڪري ڇڏي. مدني انعامات تي عمل ۽ شرعي پردو ڪرڻ نصيب ٿي ويو. دعوتِ اسلامي جو مدني ڪم ڪندي ڪندي هن وقت علاقائي سطح تي مدني انعامات جي ذميدار جي حيثيت سان سنتن جي خدمت ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهي آهيان.

آئی نئی حکومت سکّہ نیا چلے گا
عالم نے رنگ بدلا صبحِ شبِ ولادت

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جشنِ ولادت ڏسي قبولِ اسلام

اسلامي ڀينرو! **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ هدايت ڏيڻ وارو آهي، جڏهن هو ڪنهن کي نوازڻ چاهيندو آهي ته پاڻ ئي سبب به پيدا ڪري ڇڏيندو آهي، جيئن ته هڪ ماڊرن عورت جي لاءِ اسباب ٿيا ته اُن کي مدني ماحول ۾ شامل ٿيڻ جي سعادت ملي. سُبحٰنَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! جشنِ ولادت

جون بہ چا خوب برڪتون آهن. ان جي ذريعي تہ خبر ناهي ڪيترن جا بگڙيل مقدر سنورجي ويندا آهن. هڪ اسلامي ڀاءُ ٻڌايو تہ جشنِ ولادت ۾ مسجد جي سجاوٽ کان متاثر ٿي هڪ ڪافر اسلام قبول ڪري ورتو تہ واھ واھ! مسلمان پنهنجي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت تي ڪيتري قدر اهتمام سان خوشيون ملهائن ٿا ۽ مسلمانن کي پنهنجي نبي سان ڪيتري قدر پيار آهي.

## جشنِ ولادت ملهائڻ وارن سان آقا خوش ٿيندا آهن

سُبحٰن الله! خود شهنشاهِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ پنهنجو جشنِ ولادت ملهائڻ وارن سان پيار ڪندا آهن جيئن تہ منهنجي آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، مولانا شاھ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي فرمان جو خلاصو آهي: ڪجھ عاشقانِ رسول جن خواب ۾ جشنِ ولادت جي عمل سان محبوب ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خوش ڏٺو ۽ فرمائيندي ٻڌو: مَنْ فَرِحَ بِنَا فَرِحْنَا بِهٖ يعني جيڪو اسان جي خوشي ڪندو آهي اسان اُن سان خوش ٿيندا آهيون.

(خلاصو از فتاويٰ رضويہ ج 15 ص 522،523)

خوشیاں مناؤ بھائیو! سرکار آگئے    سرکار آگئے شہِ ابرار آگئے
عید میلادُ النّبی سے ہم کو بے حد پیار ہے    اِن شاءَاللہ دو جہاں میں اپنا بیڑا پار ہے

## عشق مجازي جي باري ۾ سوال جواب

**سوال:** جيڪو نہ چاهيندي بہ بنا ڪنهن غير شرعي حرڪت جي اتفاقيہ مجازي عشق ۾ مبتلا ٿي وڃي ڇا اهو گنهگار آهي؟

**جواب:** نہ. ڇو تہ ان ۾ هن جو اختيار ناهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي.** (مجمع الزوائد)

**سوال:** ته پوءِ عشق جي مريض کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟
**جواب:** صبر ڪري اجر ڪمائڻ گهرجي.
**سوال:** واهه! مجازي عشق جي ذريعي ثواب به ڪمائي سگهجي ٿو؟
**جواب:** ڇو نه! اها ڳالهه ياد رکو ته بي اختيار عشق ٿي وڃڻ جي صورت ۾ به ثواب ڪمائڻ لاءِ شريعت جي حڪم جي پاسداري ضروري آهي، مثلاً جيڪڏهن ڪنهن غير عورت تي مرد جي اوچتو نظر پئجي وڃي وئي ۽ فورًا نظر هٽائڻ جي باوجود جيڪڏهن اها دل ۾ ويهي رهي ۽ ان کان پوءِ نه ڄاڻي واڻي ان جو تصوّر ڪيو نه ئي ارادي سان ان کي ڏٺو، نه ڪڏهن ان سان ملاقات ڪئي، نه ئي فون تي ڳالهايو نه ان کي عشقيه خط لکيو ۽ نه ئي ڪڏهن ڪو تحفو موڪليو مطلب ته ان تي وڃڻ واري غير اختياري مجازي عشق کي اهڙو لڪايو جو ڪنهن ٻئي تي ته ڇا خود ان ڇوڪريءَ کي به خبر نه پوڻ ڏني ته اهڙو ”عاشقِ صادق“ جيڪڏهن عشق ۾ ڳري ڳري مري وڃي ته شهيد آهي. راحت العاشقين، مراد المُشتاقين، شمسُ العَارفين سراجُ السَّالڪين، خاتمُ النَّبِيّين، جناب رحمةٌ لِّلعٰلمين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان دلنشين آهي: جيڪو ڪنهن تي عاشق ٿيو ۽ ان پاڪدامني اختيار ڪئي ۽ عشق کي لڪايو پوءِ انهيءَ حال ۾ مري ويو ته اهو شهادت جي موت مئو. (تاريخ بغداد ج 13 ص 185 رقم 7160) ڏٺو اوهان! عاشق صادق جي لاءِ اهي شرط آهن ته پاڪدامني اختيار ڪري ۽ پنهنجي عشق کي لڪائي رکي، جيڪڏهن اهو عشق ۾ مئو ته شهيد آهي، دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 1250

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا . (طبراني)

صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهارِ شريعت“ جلد اول صفحو 859 تي صدرُالشّريعه، بدرُالطّريقه حضرت علامه مولانا مفتي محمّد امجد علي اعظمي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ القوي جن شهادت جا 36 قسم بيان ڪيا آهن، انهن ۾ 16 نمبر هي آهي: (اُهو به شهيد آهي جيڪو) عشق ۾ مئو شرط هي ته پاڪدامن هجي ۽ عشق لڪايو هجي.

## عاشق ۽ معشوق شادي ڪري سگهن ٿا يا نه؟

**سوال:** ڇا عاشق ۽ معشوق ڪي پاڻ ۾ شادي جي شرعًا منع آهي؟

**جواب:** جيڪڏهن ڪا شرعي رڪاوٽ نه هجي ته شادي ڪري سگهن ٿا، ياد رکو! شادي کان اڳ ملاقات، خط لکڻ، فون تي ڳالهائڻ ۽ تحفن جي ڏي وٺ وغيره حرام ۽ جهنّم ۾ وني وجڻ وارا ڪم آهن. ڪجهه عاشق ۽ معشوق مائٽن کان لڪي ”ڪورٽ ميرج“ ڪندا آهن ائين ڪرڻ سان لازمي طور تي والدين جي دل آزاري ۽ خاص طور تي ڇوڪريءَ جي والدين جي ذلت ۽ رسوائي ٿيندي آهي ۽ ڇوڪرو جيڪڏهن ڇوڪريءَ جو ڪفو نه هجي ته ڇوڪريءَ جي پيءُ يا ولي (وارث) جي اجازت کان سواءِ ڪيل نڪاح اصلاً ٿيندو ئي ناهي. (ڪفو جي باري ۾ وڌيڪ سوال جواب ڪجهه صفحن ڪانپوءِ اچي رهيا آهن) پنهنجي مجازي عشق جي لاءِ مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ حضرت سيّدنا يوسف عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۽ زليخا جي قصّي کي دليل بڻائڻ سخت جهالت ۽ حرام آهي، ياد رهي! عشق صرف زليخا جي طرف کان هو، حضرت سيدنا يوسف عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جو دامن ان کان پاڪ هو، هر نبي معصوم آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

# غير شرعي مجازي عشق جون تباهه ڪاريون

**سوال:** اڄڪلهه مجازي عشق ۾ شريعت جي ڪافي خلاف ورزي ڪئي ويندي آهي. ان جو سبب؟

**جواب:** ان جو سڀ کان وڏو سبب اڄ ڪلهه اڪثر مسلمانن ۾ اسلامي معلومات جي ڪمي ۽ سنتن ڀريي مدني ماحول کان دوري آهي، انهيءَ ڪري هر طرف گناهن جو سيلاب اچي ويو آهي! T.V، V.C.R، انٽرنيٽ وغيره تي عشقيه فلمون ۽ فِسقيه ڊرامن کي ڏسي يا عشق بازين جي مبالغن ڀري اخباري خبرن، ناولن ۽ بازاري ماهنامن، ڊائجيسٽن ۾ فرضي عشقيه افسانن کي پڙهي يا ڪاليجن، يونيورسٽين جي مخلوط ڪلاسن ۾ ويهي يا نامحرم رشتيدارن سان ميل جول پاڻ ۾ بي تڪلفي جي ڏٻڻ جي اندر لهي ڪري اڪثر ڪنهن نه ڪنهن کي ڪنهن سان عشق ٿي ويندو آهي. پهريان هڪ طرفو ٿيندو آهي پوءِ جڏهن پهريون شخص ٻي شخص کي آگاهه ڪندو آهي ته ڪڏهن ڪڏهن ٻه طرفو ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ عمومًا گناهه ۽ نافرمانيءَ جو طوفان اچي ويندو آهي. فون تي دل ڀري بي حيائي واريون ڳالهيون بلڪ بي حجابانه ملاقات جا سلسلا ٿيندا آهن، خطن ۽ سوکڙين جي ڏي وٺ ٿيندي آهي، شادي جا خفيه قول ۽ قرار ٿيندا آهن جيڪڏهن گهر وارا رڪاوٽ بڻجن ته اڪثر ڪري ڀڄي ويندا آهن، بعد ۾ اخبارن ۾ انهن جا اشتهار ڇپجندا آهن خاندان جي آبروءَ جو سرِ بازار نيلام ٿيندو آهي. ڪڏهن "**ڪورٽ ميرج**" جي ترڪيب بڻجندي آهي ته **مَعَاذَالله** عَزَّوَجَلَّ ڪڏهن ائين ئي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

بغير نڪاح جي ........ ۽ ائين ٻه ٿيندو رهندو آهي ته ڀڄي نه ٿا سگهن ته خودڪشي جي راهه ورتي ويندي آهي جنهن جون خبرون اڪثر ڪري اخبارن ۾ ڇپجنديون رهنديون آهن، توهان جي عبرت لاءِ سومر 9 جُمادي الاوليٰ 1427هه (5.6.2006) جو جنگ اخبار جي انٽرنيٽ تي لڳڻ واري هڪ خبر مرڻ وارين جا نالا ڪڍي معمولي تبديلي سان پيش ڪريان ٿو:

## ٽن نوجوان ڀينرن جي اجتماعي خودڪشي

پاڪستان جي صوبي پنجاب جي هڪ شهر ۾ ٽن نوجوان ڀينرن زهريليون گوريون کائي اجتماعي خودڪشي ڪري ڇڏي. 17 سالہ ڀيڻ فرسٽ ايئر، 19 سالہ ڀيڻ ٿرڊ ايئر ۽ 26 سالہ ڀيڻ ايم اي ۾ پڙهنديون هيون، اڄ رات جو انهن جو پنهنجي والده سان پسند جي شادي ۽ معاشي مسئلن تي جهيڙو ٿيو هو ۽ وارثن جي بيان جي مطابق ٽنهي ڀينرن جي وچ ۾ سخت ڪلامي ٿيندي رهندي هئي. والده انهن جا رشتا پنهنجي پسند جي مطابق ڪرڻ چاهيندي هئي. گذريل رات ٻه معاشي مسئلن ۽ انهن جي رشتن جي ڪري انهن جي پنهنجي والده سان تڪرار ٿيو. رات جو ٽنهي هڪ ڪمري ۾ بند ٿي ڪري زهريليون گوريون کائي ڇڏيون. انهن کي طبي امداد جي لاءِ اسپتال پهچايو ويو، جتي اهي تقريبًا اڌ ڪلاڪ موت ۽ زندگي جي ڪشمڪش ۾ مبتلا رهڻ کانپوءِ وفات ڪري ويون، ٽئي ڀيڻون بيوهه ماءُ سان گڏ رهنديون هيون. انهن جي لاشن جو پوسٽ مارٽم 8 ڪلاڪن کان بعد ٿيو. ٽنهي ڀينرن کي هزارين ماڻهن جي موجودگي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي.** (ترغيب و ترهيب)

۾ آهُن ۽ سُڏڪن سان مٽيءَ حوالي ڪيو ويو. اخبار ۾ ڏنل نالن مان اندازو ٿيو ته اهي مسلمان هيون، ان لاءِ دعا آهي ته **ياالله** عَزَّوَجَلَّ اسان جي ۽ انهن مرحومہ ٿنهي ڀينرن جي ۽ مدني **آقا** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سموري اُمت جي مغفرت فرماءِ. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## عشق ۾ ناڪام ٿيلن جون خودڪشيون

”روزنامہ نواءِ وقت“ (ڪراچي 4 آگسٽ 2004ع) جون وڏيڪ ٻہ خبرون ملاحظہ ڪريو: (1) پسند جي شادي نہ ٿيڻ تي هڪ نوجوان زهر پي ورتو (2) محبت ۾ ناڪاميءَ تي دادوءَ (سنڌ) جي نوجوان خودڪشي ڪري ڇڏي. اهڙي طرح جا موت بہ وڏا حسرتناڪ هوندا آهن.

## مجازي عشق کان بچڻ جو طريقو

**سوال:** مجازي عشق جي سببن ۽ ان کان بچڻ جو طريقو بيان ڪري ڇڏيو؟

**جواب:** فحش ۽ بي حيائي، مخلوط تعليم، بي پردگي، فلم ڏسڻ، ناولن ۽ اخبارن جي عشقيہ ۽ فِسقيہ مضمونن جو مطالعو وغيره مجازي عشق جا سبب آهن. بي سمجهي واري عمر ۾ گڏ کيڏڻ وارا ٻارڙا ۽ ٻارڙيون بہ ننڍپڻ جي دوستي جي سبب ان ۾ مبتلا ٿي سگهن ٿا، والدين جيڪڏهن شروع کان ئي پنهنجي ٻارن کي غيرن بلڪ تمام ويجهن عزيزن بلڪ سڳي ڀائرن ڀينرن تائين جي ٻارڙين سان ۽ پنهنجي ٻارڙين کي اهڙي طرح ٻين جي ٻارڙن سان کيڏڻ کان روڪڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ۽ بيان ڪيل ٻين سببن کان بچائڻ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

جي بہ ڪوشش ڪن تہ مجازي عشق ڪان ڪافي حد تائين ڇوٽڪارو ملي سگهي ٿو. ٻارن کي ننڍپڻ کان ئي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبّت جو درس ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن جي دل ۾ حقيقي معنيٰ ۾ محبت رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهر ڪري وئي تہ اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ مجازي عشق ڪان محفوظ ٿي ويندو.

محبّت غیر کی دل سے نکالو یا رسولَ اللہ
مجھے اپنا ہی دیوانہ بنا لو یا رسولَ اللہ

## شادي ڪيتري عمر ۾ ٿيڻ گهرجي

**سوال:** نڪاح ڪيتري عمر ۾ ڪرڻ گهرجي؟

**جواب:** والدين کي گهرجي تہ جيئن ئي اولاد بالغ ٿئي تہ انهن جو نڪاح ڪري ڇڏين. ان سلسلي ۾ بہ **فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **ملاحظہ فرمايو:** (1) جنهن جي گهر ۾ ڇوڪرو ڄائو اهو ان جو سنو نالو رکي، نيڪ ادب سيکاري ۽ جڏهن بالغ ٿئي پوءِ ان جو نڪاح ڪري ڇڏي، جيڪڏهن ان جو نڪاح بالغ ٿيڻ جي باوجود نہ ڪيو ۽ اهو ڪنهن گناه جو مرتڪب ٿيو، ان جو گناه پيءُ تي ٿيندو.

(شعب الايمان للبيهقي ج 6 ص 401 حديث 8666)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنّان ان حديثِ پاڪ جي لفظن ”ان جو گناه پيءُ تي ٿيندو“ جي تحت فرمائن ٿا: اهو ان صورت ۾ آهي تہ ٻار غريب هجي پاڻ نڪاح ڪرڻ تي قادر نہ هجي ۽ جيڪڏهن پيءُ امير هجي ۽ اولاد جو نڪاح ڪري سگهي ٿو پر لاپرواهي يا شاهوڪار (گهراڻي جي ڇوڪريءَ

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي.** (عبدالرزاق)

جي ٻُولا ۾ نڪاح نہ ڪري، تڏهن ٻار جي گناهہ جو عذاب اُنهي لاپرواهہ پيءُ تي ٿيندو. (مراٰة ج 5 ص 30)

(2) ”توريت“ ۾ لکيل آهي، جنهن جي ڇوڪريءَ ٻارهن سالن جي ٿي وئي ۽ اهو ان جو نڪاح نہ ڪري جيڪڏهن ان ڇوڪريءَ کان ڪو گناهہ ٿيو تہ ان جو گناهہ پيءُ تي ٿيندو. (شعب الايمان ج 6 ص 402 حديث 8669) مِراٰة المناجيح جلد 5 صفحو 31 تي ان حديثِ پاڪ جي لفظن ”جنهن جي ڇوڪري ٻارهن سالن جي ٿي ويئي ۽ اهو ان جو نڪاح نہ ڪري“ جي تحت فرمائن ٿا: يعني ڪفو ملندو هجي ۽ اهو شخص نڪاح ڪرڻ تي قادر هجي پوءِ بہ فقط دولتمند جي تلاش ۾ لاپرواهي سبب نڪاح نہ ڪري. ان حديث مان معلوم ٿيو تہ ربّ تعاليٰ توفيق ڏي تہ ڇوڪريءَ جو نڪاح ٻارهن سالن جي عمر کان پهرين ئي ڪري ڇڏي ڇاڪاڻ تہ پنجويهہ ٿيهن سالن تائين جون ڇوڪريون گهرن ۾ وينيون رهنديون آهن، نہ ٻي اي (پاس ڪيل) لڪا پتي ملي ٿو نہ نڪاح ٿئي ٿو. ربّ تعاليٰ مسلمانن جون اکيون کولي ۽ ”ان جو گناهہ پيءُ تي ٿيندو.“ جي تحت فرمائن ٿا: يعني ان جو گناهہ پيءُ تي بہ آهي ڇاڪاڻ تہ اهو ان جو سبب بڻيو. (مراٰة ج 5 ص 31) افسوس! اڄ ڪلهہ دنياوي رسم و رواج جي سبب شادين ۾ هرويرو دير ڪئي ويندي آهي. جنهن جي ڪري مجازي عشق بہ پروان چڙهندو ۽ بيشمار گناهن جو سلسلو هلندو آهي. ڪاش! ڪو اهڙو مدني رواج قائم ٿي وڃي جو ٻار ۽ ٻارڙي جيئن ئي بلوغت جي چائنٽ تي قدم رکن، انهن جا نڪاح ٿي وڃن جو اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ

فرمانِ مصطفي ﷺ: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

ان طرح اسان جو معاشرو بيشمار برائين کان بچي ويندو.

## جنّ جيڪڏهن عورت تي عاشق ٿي وڃي تہ-----؟

**سوال:** جِنّ جيڪڏهن ڪنهن عورت تي عاشق ٿي وڃي ۽ رقم وغيره ڏئي تہ ڇا ڪري؟

**جواب:** امامِ اهلسنّت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان هڪ اهڙي عورت جي باري ۾ پڇيو ويو جنهن کي جِنّ پئسا وغيره ڏئي ويندو هو تہ ارشاد فرمايائون: ”اهو جنّ جيڪو ڪجهہ ان عورت کي ڏيندو آهي ان جو وٺڻ حرام آهي جو اها زنا جي رشوت آهي.“ (فتاويٰ رضويہ ج 23 ص 566)

## جنّ جيڪڏهن عورت کي زبردستي تحفو ڏئي تہ-----

**سوال:** جيڪڏهن اهو جن عورت کي زبردستي رقم ڏئي تہ ڇا ڪري؟

**جواب:** جيڪڏهن اهو وٺڻ تي مجبور ڪري (تہ) وٺي فقيرن ۾ خيرات ڪئي وڃي پنهنجي استعمال ۾ آڻڻ حرام آهن. (ايضًا ص 567)

## عاشق ۽ معشوق جي تحفي جو شرعي حڪم

**سوال:** عاشق ۽ معشوق پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي تحفا ڏيندا آهن، انهن جو ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** (اها رشوت آهي ۽) گناهہ ڪبيره، قطعي حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. *اَلْبَحرُالرَّائِق* ۾ آهي: ”عاشق ۽ معشوق پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي جيڪي تحفا ڏيندا آهن، اها رشوت آهي، انهن جو واپس ڪرڻ واجب آهي ۽ اهي ملڪيت ۾ داخل ناهن هوندا.“

(البحر الرائق ج 6 ص 441)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو.** (طبراني)

# ناجائز تحفا موٽائڻ جو طريقو

**سوال:** ان طرح جا تحفا جنهن کان ورتا هئا اهو فوت ٿي ويو هجي تہ ڇا ڪري؟ ڇا توبهہ ڪرڻ سان رکڻ جائز ٿي ويندو؟

**جواب:** رشوت جي مال جو حڪم بيان ڪندي منهنجا آقا **اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ”جيڪو مال رشوت يا ڳائڻ يا شعر پڙهڻ يا چوري سان حاصل ڪيو ان تي فرض آهي تہ جن جن کان ورتو انهن کي واپس ڪري ڇڏي، اُهي نہ رهيا هجن تہ انهن جي وارثن کي ڏي، پتو نہ پوي تہ فقيرن تي خيرات ڪري، خريد ۽ فروخت ڪنهن ڪم ۾ ان مال جو لڳائڻ قطعي حرام آهي، مٿي بيان ڪيل صورت کان سواءِ ڪو طريقو ان مصيبت کان بري ٿيڻ جو ناهي. اهو ئي حڪم وياج وغيره عُقُودِ فاسده جو آهي فرق صرف ايترو آهي تہ هتي (يعني مثلاً وياج) جنهن کان ورتو خاص طور تي انهي کي واپس ڪرڻ فرض ناهي بلڪ ان کي اختيار آهي تہ ان کي واپس ڏي، چاهي ابتداءً ئي خيرات ڪري ڇڏي. (فتاويٰ رضويہ ج 23 ص 551) **اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **وڌيڪ هڪ جڳهہ تي ارشاد فرمائن ٿا:** جيڪڏهن (نچڻ ڳائڻ واري کي رقم ڏيڻ جو) اصل مقصد محبت وڌائڻ ۽ پنهنجي طرف مائل ڪرڻ آهي تہ بيشڪ رشوت ٿيندي ۽ انهيءَ حڪمِ مَغصوب ۾ داخل ٿي ويندو. (فتاويٰ رضويہ ج 23 ص 509)

# اَمرَد کي تحفو ڏيڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** مرد جو شهوت جي سبب اَمرَد (يعني سهڻن ڇوڪرن) سان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

دوستي رکڻ ۽ ان کي وڌيڪ پنهنجو ڪرڻ جي لاءِ تحفي ۽ دعوت جو سلسلو رکڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** اهڙي دوستي ناجائز ۽ حرام آهي بلڪ فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام فرمائن ٿا ته ”امرد ڏانهن شهوت سان ڏسڻ به حرام آهي.“ (تفسيرات احمديہ ص 559) ۽ شهوت جي سبب امرد کي تحفو ڏيڻ يا ان جي دعوت ڪرڻ به حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.

## عورت نامحرم کي تحفو ڏئي سگهي ٿي يا نه؟

**سوال:** اسلامي ڀيڻ پنهنجي نامحرم رشتيدار مثلاً ڀيٽويي، ماسڙ، ڦڦڙ، وغيره کي سٺي نيت سان ڪنهن محرم جي ذريعي تحفو موڪلي سگهي ٿي يا نه؟

**جواب:** نه ٿي موڪلي سگهي. تحفي جي تاثير عجيب هوندي آهي، حديث پاڪ ۾ آهي ته” تحفو حڪيم (يعني عقلمند ۽ دانا) کي انڌو ڪري ڇڏيندو آهي.“ (الفردوس بماثورالخطاب ج 4 ص 335 حديث 6969) هڪ ٻي حديث مبارڪ ۾آهي: ”تحفو ڏيو، محبت وڌندي.“ (السنن الکبريٰ للبيهقي ج 6 ص 280 حديث 11946) بهرحال عورت کي پنهنجي نامحرم رشتيدار جي دل ۾ محبت جون پاڙون پختيون ڪرڻ جي اجازت نه ٿي ڏئي سگهجي.

**سوال:** ڪجهه عاشق مزاج ماڻهو بيباڪي سان حضرت سيّدنا يوسف عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ زليخا جو حوالو ڏيندا آهن، انهن کي کهڙو جواب ڏنو وڃي؟

**جواب:** يقينًا اهي نادان عاشق سخت غلطي تي آهن، پنهنجي نفس

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

جي شرارتن جي معاملي ۾ شيطان جي ڳالهين ۾ اچي بنا سوچڻ سمجهڻ جي ڪنهن به نبي عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي باري ۾ زبان کولڻ ايمان جي لاءِ انتهائي خطرناڪ هوندو آهي. ياد رکو! نبي عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي ادنيٰ گستاخي به ڪفر آهي، حضرت سيّدنا يوسف عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام الله عَزَّوَجَلَّ جا نبي هئا ۽ هر نبي معصوم آهي. نبي کان هرگز ڪا مذموم حرڪت صادر نٿي ٿي سگهي، جيئن ته الله تبارڪ و تعاليٰ 12 سيپاري سورة يوسف جي آيت نمبر 24 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَلَقَدۡ هَمَّتۡ بِهٖ ۚ وَهَمَّ بِهَا لَوۡلَاۤ اَنۡ رَّاٰ بُرۡهَانَ رَبِّهٖ ؕ (پ 12 يوسف 24)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ بيشڪ عورت ان جو ارادو ڪيو ۽ اهو به عورت جو ارادو ڪري ها جيڪڏهن پنهنجي رب جو دليل نه ڏسي ها.

صَدرُ الاَفاضِل حضرت علامه مولانا سيِّد محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الهَادِي فرمائن ٿا: الله تعاليٰ انبياء عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي نفوس طاهره (يعني پاڪ نفسن) کي بداخلاقين ۽ ذليل ڪمن کان پاڪ پيدا ڪيو آهي. مقدس، پاڪ ۽ شريف اخلاقن تي انهن جي تخليق فرمائي آهي ان لاءِ اهي هر بُري فعل کان پري رهندا آهن هڪ روايت هيءَ به آهي ته جنهن وقت زليخا پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جي پويان پئي، ان وقت پاڻ عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجي والد محترم حضرت سيّدنا يعقوب عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي ڏنو ته آڱر مبارڪ ڏندن مبارڪن جي هينان دبائي ڪري پري رهڻ جو اشارو فرمائن ٿا. (خزائن العرفان ص 380)

حقيقت اهائي آهي ته عشق صرف زليخا جي طرفان هو، حضرت سيّدنا يوسف عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو دامن ان کان قطعًا يقينًا

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

پاڪ هو. 12 سيپاري سورة يوسف آيت نمبر 30 ۾ مصر جي معززن مان ڪن عورتن جو قول هن طرح نقل ڪيو ويو آهي :

وَقَالَ نِسْوَةٌ فِي الْمَدِيْنَةِ امْرَاَتُ الْعَزِيْزِ تُرَاوِدُ فَتٰىهَا عَنْ نَّفْسِهٖ ۚ قَدْ شَغَفَهَا حُبًّا ؕ اِنَّا لَنَرٰىهَا فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ۝ (پ 12 يوسف 30)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ شهر ۾ ڪن عورتن چيو جو عزيز جي زال پنهنجي نوجوان جي دل لالچائي ٿي. بيشڪ ان جي محبت ان جي دل ۾ گهري ويئي آهي اسان تہ ان کي محبت ۾ بي اختيار ڏسون ٿيون.

حُجَّةُ الاسلام حضرت سيّدنا امام محمد بن محمد غزالي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الوالي فرمائن ٿا: ”زليخا کي خواهش هئي پر حضرت سيدنا يوسف عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام طاقت ۽ قدرت رکڻ جي باوجود ان (يعني زليخا ڏانهن رغبت) کان پري رهيا الله عَزَّوَجَلَّ قرآن ڪريم ۾ پاڻ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي پري رهڻ جي عمل کي خوب ساراهيو آهي.“

(احياء العلوم ج 3 ص 129)

## زليخا جو داستان

**سوال:** ”داستانِ زليخا“ بہ ٻڌائي ڇڏيو تہ جيئن حضرت سيّدنا يوسف عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي باري ۾ ڦهلائي ويندڙ غلط فهمين جو بہ ازالو ڪري سگهجي؟

**جواب:** زليخا جو قِصّو تمام عجيب آهي، حُجَّةُ الاسلام حضرت سيّدنا امام محمد بن محمد غزالي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الوالي جي ”تفسير سورة يوسف“ ۾ بيان ڪيل انتهائي طويل قِصّي کي مختصر ڪري عرض ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو: زليخا هڪ مغربي بادشاهہ طيموس جي انتهائي خوبصورت شهزادي هئي، نون سالن جي عمر ۾ ان جڏهن

**خواب ۾ پهريون ڀيرو حضرت سيّدنا يوسف** عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **جو ديدار ڪيو ته انهي ئي وقت پاڻ** عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **جي ديواني ٿي وئي. حُسنِ يوسف** عَلَيْهِ السَّلَام **جي به ڇا ڳالهه آهي؟ جڏهن پاڻ** عَلَيْهِ السَّلَام **کي مصر جي بازار ۾ آندو ويو ته الله** عَزَّوَجَلَّ **حقيقي حُسنِ يوسف تان پردو کڻي ڇڏيو، ماڻهن ديدار جي لاءِ بيقرار ٿي ڊوڙ پاتي، ان پيهه پيهان ۾ 25 هزار مرد ۽ عورتون مري ويا. حسنِ يوسف** عَلَيْهِ السَّلَام **جي تاب نه آڻيندي** (وڏيڪ) **پنج هزار مردن ۽ 360 ڪنواري عورتن دم ڏنو، زليخا جيڪا بت پرست هئي ان حضرت سيّدنا يوسف**عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ وڏا جتن ڪيا ايتري تائين جو زمانو گذري وڃڻ سبب پوڙهي، انڌي ۽ محتاج ٿي وئي. جڏهن حضرت سيّدنا يعقوب** عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **مصر تشريف وٺي آيا ته حضرت سيّدنا يوسف** عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **پنهنجي لشڪر سميت استقبال لاءِ نڪتا. زليخا به هڪ عورت جو هٿ جهلي رستي ۾ بيٺي هئي ۽ ان کي چيائين ته جيئن ئي حضرت سيّدنا يوسف** عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **گذرن مون کي ٻڌائجانءِ. ان جڏهن ٻڌايو ته زليخا حضرت سيّدنا يوسف** عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **کي پڪاريو پر پاڻ** عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **جو ڌيان نه ويو. انهيءَ وقت حضرت سيّدنا جبريل امين** عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **آيا ۽ سيّدنا يوسف** عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **جي سواريءَ واري خچر جو لغام پڪڙي ڪري چيائون: لهو ۽ هن عورت کي جواب ڏيو، پاڻ** عَلٰی نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **لهي ڪري ان کان پڇيو: تون ڪير آهين؟ زليخا پنهنجي مٿي ۾ خاڪ وڌي ۽ چوڻ لڳي، مان اها ئي زليخا**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو.** (ابن عدي)

آهيان جنهن پنهنجي تن مَن (دل و جان) سان اوهان جي خدمت ڪئي، پاڻ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ربّ العِزّت جي حڪم سان زليخا ڪان ان جي حاجت پڇي، ان نڪاح جو مطالبو ڪيو، فرمايائون: آئون تو ڪافره سان ڪيئن نڪاح ڪري سگهان ٿو! **الله** عَزَّوَجَلَّ جو شان ڏسو! حضرت سيّدنا جبريل امين عَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام زليخا کي چُھيو تہ ختم ٿي ويل جواني ۽ بي مثال حُسن و جمال موٽي آيو، بت پرستي کان توبھ ڪري هوءَ مؤمنہ ٿي ويون، حضرت سيّدنا يعقوب عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام حضرت سيّدنا يوسف عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام سان سندن نڪاح پڙهايو. چون ٿا حضرت سيّدتنا زليخا رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا ايمان آڻڻ کانپوءِ جڏهن حضرت سيّدنا يوسف عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي زوجيت ۾ آيون تہ سندن جنسي خواهش دبجي وئي ۽ پاڻ عبادت ۽ رياضت ۾ ايتري قدر مشغول ٿي ويون جو تمام وڏيون عابده ۽ زاهده بڻجي ويون. هڪ روايت جي مطابق اُهي پاڻ عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْهِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي خدمت سراپا عظمت ۾ 73 سال رهيون ۽ سندن پيٽ مان ٻارهن ڇوڪرا پيدا ٿيا. (تفسير سورت يوسف (مترجم) ص 93، 96، 184، 237 ـ239 ملخصا) **الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## نادان عاشقن جو رد ٿي ويو!

هن حڪايت مان اَظْهَرُ مِنَ الشَّمْسِ وَاَبْيَنُ مِنَ الْاَمْسِ يعني سج کان وڌيڪ روشن ۽ گذريل ڏينهن کان وڌيڪ قابل يقين ٿي ويو تہ اڄڪلھ جا جيڪي نادان عاشق پنهنجي گناهن ڀري سڙيل عشق کي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي.** (مجمع الزوائد)

**صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ مَعَاذَالله** عَزَّوَجَلَّ **حضرت سيّدنا يوسف** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **۽ زليخا جي واقعي کي دليل بڻائيندا آهن، اهي تمام وڏي ڀُلَ ڪري رهيا آهن. سورة يوسف ۾ صرف زليخا جي طرف کان عشق جو تذڪرو آهي، پر ڪٿي به ڪو اشارو به نه ٿو ملي ته مَعَاذَالله** عَزَّوَجَلَّ **حضرت سيّدنا يوسف** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **به سندس عشق ۾ شريڪ هئا. تنهنڪري جيڪي ماڻهو حضرت سيِّدنا يوسف**عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **کي به عشق ۾ شريڪ قرار ڏيندا آهن اهي ان کان توبهه ڪن. الله**عَزَّوَجَلَّ **جي نبي** عَلَيْهِ السَّلَام **جو شان تمام عظيم هوندو آهي ۽ اهي گناهن کان معصوم هوندا آهن.**

**يا الله** عَزَّوَجَلَّ **اسان کي پنهنجي محبت ۽ پنهنجي پياري حبيب** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي سچي پڪي الفت نصيب فرماءِ. يا الله** عَزَّوَجَلَّ **دنيا جي چاهت اسان جي دل مان ڪڍي ڇڏ. ياالله** عَزَّوَجَلَّ **جيڪي مسلمان گناهن ڀري ”مجازي عشق“ جي جار ۾ ڦاٿل آهن، انهن کي آزاد ڪري پنهنجي مدني محبوب** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي زلفن جو اسير بڻائي ڇڏ.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

محبّت غیر کی دل سے نکالو یا رسولَ اللہ
مجھے اپنا ہی دیوانہ بنا لو یا رسولَ اللہ

**سوال: جيڪڏهن صِنفِ مخالف (مثلاً ڇوڪري تي ڪا ڇوڪريءَ) عاشق ٿي پويان پئجي وڃي ته ڇا ڪرڻ گهرجي؟**

**جواب:** هرگز هرگز ان جي طرف متوجهه نه ٿيڻ گهرجي جو جيڪڏهن شيطان کي آڱر ڏني ته هو هٿ پڪڙي وٺندو ۽ پوءِ گناهن کان بچڻ

فرمانِ مصطفےٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

ڏکيو ئي نه شايد ناممڪن ٿي ويندو. فورًا ڪنهن مناسب جڳهه پنهنجي شادي جي ترڪيب بڻائي وجي جو ان طرح به اڪثر مجازي عشق ڪان جان ڇٽي ويندي آهي.

## برقعي پوش اعرابيہ

نظر جي حفاظت ڪرڻ واري هڪ خوشنصيب خوبصورت نوجوان جي ايمان افروز حڪايت ملاحظہ فرمايو، حُجَّةُ الاسلام حضرت سيّدنا امام محمّد بن محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الوالي نقل ڪن ٿا: حضرت سيّدنا سُليمان بن يَسار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الغفّار انتهائي متقي ۽ پرهيزگار، بيحد خوبصورت ۽ حسين نوجوان هئا، حج جي سفر دؤران ”اَبواء“ واري علائقي ۾ هڪ پيري پنهنجي خيمي ۾ اڪيلا تشريف فرما هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو رفيقِ سفر ڪاڏي جو انتظام ڪرڻ لاءِ ويل هو، اوچتو هڪ برقعي پوش اعرابيہ (يعني ڳوٺاڻي عورت) پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خيمي ۾ داخل ٿي ۽ ان چهري تان نقاب هٽائي ڇڏيو! اُن جو حُسن تمام گهڻو فتنو برپا ڪري رهيو هو، چوڻ لڳي: مون کي ڪجهه ڏيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سمجهيا شايد ماني گهري رهي آهي، چوڻ لڳي: آئون اُهو چاهيان ٿي جيڪو زال پنهنجي مڙس ڪان چاهيندي آهي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه خوفِ خدا ڪان ڏڪندي فرمايو: ”توکي مون وٽ شيطان موڪليو آهي.“ ايترو چوڻ ڪانپوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجو مٿو مبارڪ گوڏن ۾ رکيو ۽ بلند آواز سان روئڻ لڳا. اهو منظر ڏسي برقعي پوش اعرابيہ گهبرائي تيز تيز قدم کڻي خيمي مان ٻاهر نڪري وئي. جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو ساٿي آيو ۽ ان ڏٺو ته پاڻ رَحْمَةُ

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.** (ڪنزالعمال)

رضي اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه روئي روئي اکيون سڄائي ڇڏيون آهن ۽ نڙي ويهاري ڇڏي آهي ته ان روئڻ جو سبب دريافت ڪيو، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه شروع ۾ ٽارڻ ڪان ڪم ورتو پر اُن جي مسلسل اِصرار تي حقيقت جو اظهار ڪري ڇڏيائون ته اهو به زار و قطار روئڻ لڳو. فرمايائون: تون ڇو ٿو روئين؟ عرض ڪيائين: مون ڪي ته وڌيڪ روئڻ گهرجي ڇو ته جيڪڏهن توهان جي جڳهه تي آئون هجان ها ته شايد صبر نه ڪري سگهان ها (يعني شايد گناهه ۾ پئجي وڃان ها) ٻئي حضرات رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهما روئندا رهيا، ايتري تائين جو مڪي مڪرمه زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيمًا حاضر ٿي ويا. طواف ۽ سعي وغيره کان فارغ ٿيڻ ڪان پوءِ حضرت سيدنا سليمان بن يسار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الغفار حطيم ڪعبه ۾ گوڏن جي چوڌاري چادر ٻڌي ويهي رهيا. ايتري ۾ ننڊ جو جهوٽو آيو ۽ خواب ڏٺو ته هڪ حسن ۽ جمال جا پيڪر، معطر معطر، خوش لباس ۽ ڊگهي قد وارا بزرگ نظر آيا، حضرت سيّدنا سليمان بن يسار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الغفار پڇيو: توهان ڪير آهيو؟ جواب ڏنائون: آئون (اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو نبي) يوسف آهيان. عرض ڪيائون: يا نبي اللّٰه عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام! زليخا سان اوهان جو قصو به هڪ عجيب واقعو آهي، فرمايائون: ابواء واري مقام تي اعرابيه سان ٿيڻ وارو اوهان جو واقعو عجيب تر آهي. (احياءَ العلوم ج 3 ص 130 ملخصًا) **اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ڏٺو اوهان! حضرت سيّدنا سُليمان بن يسار عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الغفار جن خود هلي اچڻ واري برقعي پوش اعرابيه کي به ڌڪاري ڇڏيو، بلڪ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ﭑ سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ﭑ سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا. (کنزالعمال)

خوفِ خدا وچان خوب روئڻ شروع ڪري ڏنو، جنهن جي نتيجي ۾ حضرت سيّدنا يوسف عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام خواب ۾ تشريف وٺي اچي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جي حوصله افزائي فرمائي. بهرحال دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي انهي ئي ۾ آهي تہ جنسِ مخالف ڪيڏو بہ مائل ڪري ۽ گناهہ تي اڀاري پر انسان کي گهرجي تہ هرگز شيطان جي فريب ۾ نہ اچي، هر صورت ۾ ان جي حيلن کان پاڻ کي بچائي ۽ خوب اجر و ثواب ڪمائي.

**سوال:** جيڪڏهن ڪنهن سان عشق ٿي وڃي، بدنگاهي وغيره گناهن جو سلسلو بہ هجي ۽ شاديءَ جي ترڪيب بہ ممڪن نہ هجي تہ ان کان ڪيئن ڇوٽڪارو حاصل ڪري؟

**جواب:** واقعي اهو معاملو وڏو صبر آزما آهي، ان دؤران جيڪي بہ گناهہ ٿيا هجن، انهن کان سچي دل سان توبهہ ڪري ان عشق سراپا فِسق کان ڇوٽڪاري جي لاءِ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ ٻاڏائي ڪري دعا گهري، ان کي ڏسڻ کان بچي، بلڪ جيڪڏهن ان جي تصوير، تحفو يا ڪا بي نشاني پاڻ وٽ هجي تہ ان کي بہ نہ ڏسي ۽ فورًا اهي شيون پاڻ کان الڳ ڪري ڇڏي، ان جي فون نہ ٻڌي. ان جو عشقيہ خط نہ پڙهي ايتري تائين جو ان جي تصّور کان بہ هر ممڪن صورت ۾ پيڇو ڇڏائي. پنهنجو پاڻ کي ديني ڪمن ۾ هڪدم مشغول ڪري ڇڏي. **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي محبت پنهنجي دل ۾ وڌائي ۽ بارگاهِ رسالت ۾ فرياد پيش ڪري:

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي.** (ترغيب و ترهيب)

محبّت غیر کی دل سے نکالو یا رسولَ اللہ
مجھے اپنا ہی دیوانہ بنا لو یا رسولَ اللہ

## عشق بازيءَ کان جان ڇڏائڻ جو روحاني علاج

**سوال:** عشق بازي کان جان ڇڏائڻ جي لاءِ ڪو وظيفو به ٻڌائي ڇڏيو؟

**جواب:** گذريل سوال جي جواب جي شروع ۾ جيڪي مدني گل پيش ڪيا، ان سان گڏوگڏ بيشڪ قرآني آيتن تي مشتمل هي ”عمل“ به ڪيو: بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ سُبْحٰنَكَ اِنِّیْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِیْنَ . اَللّٰهُ نُوْرُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ. لَا تَاْخُذُهٗ سِنَةٌ وَّلَا نَوْمٌ . باوضو ٽي ڀيرا پڙهي (اول آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پاڻي تي دم ڪري پي ڇڏي، اهو عمل چاليهه ڏينهن تائين ڪري. عورت ناپاڪيءَ جي ڏينهن ۾ نه ڪري، پاڪ ٿي وڃڻ کان پوءِ جتان ڇڏيو هو اُتان کان ڳڻپ شروع ڪري. نماز جي پابندي ضروري بلڪ وڌيڪ ضروري آهي.

## عبدالله بن مبارڪ جي توبهه جو سبب

**سوال:** ڇا حضرت سيّدنا عبدالله بن مبارڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه به مجازي عشق ۾ مبتلا رهي چڪا آهن؟

**جواب:** جي ها! پر انهن عبرت حاصل ڪري توبهه ڪئي ۽ بلند درجا ماڻيا جيئن ته حضرت سيّدنا عبدالله بن مبارڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو واقعو ڪجهه هيئن آهي ته شروع ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ عام نوجوان هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪي هڪ ڪنيز سان عشق ٿي ويو هو ۽ معاملو اڳتي نڪري ويو هو. سخت سردين جي موسم ۾ هڪ ڀيري ديدار جي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڑهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

انتظار ۾ ان ڪنيز جي گھر ڪان ٻاهر سڄي رات ويٺا رهيا ايتري تائين جو صبح ٿي ويئي. رات بيڪار گذرڻ تي دل ۾ ملامت جي ڪيفيت پيدا ٿي ۽ ان ڳالهه جو شدت سان احساس ٿيو تہ ان ڪنيز جي پٺيان سڄي رات برباد ڪري ڇڏي پر ڪجهه هٿ نہ آيو، ڪاش! اها رات عبادت ۾ گذاري وجي ها. ان تصور سان دل جي دنيا بدلجي وئي ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي دل ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پڪي توبهه ڪئي، ڪنيز جي محبت مان جان ڇڏايائون. پنهنجي پروردگار عَزَّوَجَلَّ سان دل لڳايائون ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ ولايت جي اعليٰ منزل ماڻي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ شان ايتري قدر وڌائيو جو

## نانگ مورڇل ڪري رهيو هو

هڪ ڀيري والده ماجده رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ڳولها ۾ نڪتيون تہ هڪ باغ ۾ گلاب جي ٻوٽي جي هيٺان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي ان طرح سمهندو ڏٺائون جو هڪ نانگ وات ۾ نرگس جي ٽاري کڻي مورڇل ڪري رهيو هو يعني سندن جسم مبارڪ تان مکيون اُڏائي رهيو آهي. (تذڪرة الاولياء ج 1 ص 166) **الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## خوشنصيب عابد جي ثابت قدمي

**سوال:** "اسرائيليات" مان امتحان ۾ مبتلا ٿيڻ واري ڪنهن مرد جي ثابت قدمي جو ايمان افروز واقعو ٻڌايو، جنهن مان عبرت ۽ صبر جي قوت ملي؟

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي.** (عبدالرزاق)

**جواب:** جيڪو مسلمان امتحان کان بچڻ جي سستي ناهي ڪندو، نفساني خواهشن کي نفرت سان ٺڪاريندو، ڪهڙي ئي صبر آزمائيندڙ گهڙي اچي ان کان ناهي گهٻرائيندو، رب تعاليٰ جو راضپو ماڻڻ جي لاءِ وڏي کان وڏي مصيبت کي سيني سان لڳائيندو ۽ شيطان و نفس سان هر حال ۾ ٽڪرائيندو آهي، اهو بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ مان بلند درجا ماڻيندو ۽ شان و شوڪت سان جنت الفردوس ۾ ويندو آهي. حضرت سيّدنا ڪعب الاحبار رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي بيان ڪيل هڪ حڪايت کي مختصرًا عرض ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو: بني اسرائيل ۾ هڪ عابد هئا جيڪي صديق (يعني ولين جي اعلي درجي) جي منصب تي فائز هئا شان هي هو جو خانقاه تي بادشاه حاضر ٿي حاجت معلوم ڪندو هو، پر پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ منع ڪري ڇڏيندا هئا. **الله** عَزَّوَجَلَّ جي طرفان پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي عبادتخاني تي انگور جي وَل لڳل هئي جيڪا روزانو هڪ نرالو انگور پيدا ڪندي هئي جڏهن پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ان جي طرف پنهنجو مبارڪ هٿ اڳتي وڌائيندا تہ ان مان پاڻي نڪري ايندو هو جنهن کي پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ پي وٺندا هئا.

هڪ ڏينهن مغرب جي وقت هڪ نوجوان ڇوڪريءَ دروازو کڙڪائي چيو تہ اونده ٿي وئي آهي، منهنجو گهر ڪافي پري آهي، مون کي رات گذارڻ جي لاءِ اجازت ڏيئي ڇڏيو. پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ رحم ڪائي ان کي پنهنجي خانقاه ۾ پناه ڏيئي ڇڏي. ڪافي رات گذرڻ کان پوءِ هوءَ يڪدم پويان پئجي وئي تہ مون سان "ڪارو منهن"

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ متيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نه پڙهي.** (حاڪم)

**ڪر!! ايتري تائين جو مَعَاذَاللّٰه ان پنهنجا ڪپڙا لاهي ڇڏيا! پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جن فورًا اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽ ان کي ڪپڙا پائڻ جو حڪم ڏنو پر ان نه مڃيو بلڪ لڳاتار مطالبو ڪندي رهي.**

**پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه بي قرار ٿي ڪري پنهنجي نفس کان پڇيو، اي نفس! تون ڇا ٿو چاهين؟ ان چيو: خدا جو قسم! آئون ته هن نادر موقعي مان فائدو حاصل ڪرڻ چاهيان ٿو. فرمايائون: تون برباد ٿئين، ڇا تون منهنجي سڄي عمر جي عبادت ضايع ڪرڻ جو اميدوار آهين؟ ڇا تون جهنم جي عذاب جو طلبگار آهين؟ ڇا تون جهنم جي گندرف جي لباس جي خواهش رکين ٿو؟ ڇا تون جهنم جي نانگن ۽ وڇوئن جو طلبگار آهين؟ ياد رک! زاني کي منهن ڀر گِهلي ڪري جهنم جي اونهي غار ۾ اُڇليو ويندو. پر ان بد نيت ڇوڪريءَ سان گڏوگڏ نفس به پنهنجي خواهش لاءِ راضي ڪرڻ لڳاتار جاري رکيو، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه پنهنجي نفس کي فرمايو: هل پهريان تجربو ڪري وٺ ته ڇا تون دنيا جي معمولي باهه به برداشت ڪري سگهين ٿو يا نه! اهو چئي پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه برندڙ ڏيئي تي هٿ رکي ڇڏيو! پر اهو نه سڙيو. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه ڪاوڙ ۾ چيائين: اي باهه! توکي ڇا ٿي ويو آهي تون ڇو نه ٿي ساڙين؟ ان تي باهه پهريان آڱوٺو ساڙيو، پوءِ آڱرين کي پگهاريائين ايتري تائين جو هٿ جو سڄو پنجو سڙي ويو. اهو درد انگيز منظر ڏسي ان ڇوڪريءَ تي هڪدم خوف طاري ٿي ويو، ان جي زبان مان هڪ زوردار رڙ نڪري فضا جي ويڪراين ۾ گم ٿي وئي، هوءَ زور سان ڪِري ۽**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

سندس روح جسم مان پرواز ڪري ويو. پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فورًا ان جي بي لباس لاش تي چادر ڍڪي ڇڏيائين.

صبح جو ابليس رڙيون ڪري اعلان ڪيو "هن عابد فلاڻي ڏيءَ فلان سان رات جو زيادتي ڪري ان کي قتل ڪري ڇڏيو آهي." اها وحشت اثر خبر ٻڌي بادشاهه ڪاوڙ ۾ باهه ٿي سپاهين سان گڏ عابد رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي خانقاهه تي اچي پهتو. جڏهن اُتان ڪان ڇوڪريءَ جو بي پوش لاش نڪتو ته عابد رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي ڪنڌ ۾ زنجير وجهي گهلي ٻاهر ڪڍيو ويو ۽ پوءِ سپاهين خانقاهه کي ٽوڙي تباهه ڪري ڇڏيو. ان عابد رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ صبر ۽ برداشت جو دامن پڪڙي رکيو ايتري تائين جو پاڻ پنهنجو سڙيل هٿ ٻه ڪپڙي ۾ لڪائي رکيو ۽ ڪنهن تي ظاهر ٿيڻ نه ڏنائون! ان وقت دستور هي هو ته زاني کي آري سان چيري ٻه ٽڪرا ڪيو ويندو هو، اهڙي طرح بادشاهه جي حڪم سان عابد رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي مٿي تي آرو رکي ڪري سندن جسم جا ٻه ٽڪرا ڪيا ويا. عابد جي وفات تي وجڻ کان پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ ان عورت کي زنده ڪيو ۽ ان شروع کان آخر تائين سڄو قصو ٻڌايو. جڏهن پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي هٿ تان ڪپڙو هٽايو ويو ته ڇوڪريءَ جي بيان جي مطابق واقعي اهو سڙيل هو، ان کانپوءِ ڇوڪري وري مري وئي. حيرت انگيز حقيقت ٻڌي ماڻهن جا سر عقيدت سان جهڪي ويا ۽ خوشنصيب عابد جي هن دردناڪ وفات تي هر هڪ افسوس ۽ حسرت ڪرڻ لڳو. جڏهن انهن جي لاءِ قبر کوٽي وئي ته ان مان مشڪ ۽ عنبر جا هٻڪارا اچڻ لڳا، جيئن ئي ٻنهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

جا جنازا آندا ويا ته آسمان مان صدا اچڻ لڳي: اِصْبِرُوا حتّٰى تُصَلِّي عَلَيْهِمَا الْمَلٰئِكَةُ يعني صبر ڪريو ايتري تائين جو انهن تي فرشتا جنازي نماز پڙهي وٺن. تدفين ڪان پوءِ **الله** ربُّ العٰلمين جَلَّ جَلَالُهٗ خوشنصيب عابد جي قبر تي چنبيلي ڪي پيدا ڪيو، ماڻهن مزار پرانوار تي هڪ ڪتبو لڳل ڏٺو، جنهن ۾ ڪجهه هن طرح جو مضمون هو: بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي طرفان پنهنجي ٻانهي ۽ وليءَ جي طرف. مون پنهنجي فرشتن کي جمع فرمايو، جبريل (عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام) خطبو پڙهايو ۽ مون پنجاهه هزار ڪنوارن سان جنت الفردوس ۾ هِنَ (پنهنجي ولي) جو نڪاح فرمايو. آئون پنهنجي فرمانبردارن ۽ مقربن کي اهڙن ئي انعامن سان نوازيندو آهيان. (بحرالدموع ملخصًا ص 169) **الله** عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## انبياءِ ڪرام تي به امتحان آيا

ڏٺو اوهان! عورت جو فتنو ڪيترو خطرناڪ هوندو آهي! مردود شيطان ان جي ذريعي اولياء **الله** تي به حملا ڪرڻ کان نٿو ٻُلجي، پر خداءِ ذوالجلال جي مدد جن سان گڏ هوندي آهي، اهي ملعون ابليس جي ڄار ۾ ناهن ڦاسندا. هن حڪايت مان شايد ڪنهن کي هي وسوسا اچن ته ”آخر ايڏي وڏي باڪرامت بزرگ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تي ايتري قدر گندي ڪراهت واري ڪم ۽ مسلمان جي قتل جو ڪوڙو الزام ڪيئن لڳايو ويو ۽ پوءِ ويچاري کي بيدرديءَ سان آري سان ڇو چيريو ويو؟“ انهن وسوسن جو جواب هي آهي ته خداءِ

حنّان و منّان عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ٻانهن جو امتحان وٺندو آهي ۽ ثابت قدم رهڻ وارن کي فقط پنهنجي لطف ۽ ڪرم سان عظيم انعامات ۽ بلند درجات عطا فرمائيندو آهي. ان طرح جي امتحانن جي واقعن سان اسان جي تاريخ ڀري پئي آهي. حضرت سيّدنا زڪريا عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي آري سان چيريو ويو. سندن فرزند ارجمند حضرت سيّدنا يحيٰ عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي ٻه بيدرديءَ سان شهيد ڪيو ويو، ۽ بيشمار انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي بني اسرائيل شهيد ڪري ڇڏيو، ڪربلا جو دردناڪ واقعو مصيبتن ۽ تڪليفن جا پهاڙ ٽٽڻ جي حوالي سان تمام مشهور آهي. تنهنڪري اسان مان ڪڏهن ڪنهن تي امتحان اچي پئي ته صبر جو دامن نه ڇڏڻ گهرجي، الله رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جي رضا تي راضي رهڻ ۾ ئي ٻنهي جهانن جي ڪاميابي آهي ۽ اهو ٻه ياد رکو ته امتحان جيترو سخت هوندو آهي، سند ٻه اوتري ئي اعليٰ ملندي آهي، الله تعاليٰ 20 سيپاري سورةُ العنكبوت جي شروعاتي آيتن ڪريمن ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

الٓمّٓ ۚ﴿۱﴾ اَحَسِبَ النَّاسُ اَنْ يُّتْرَكُوْٓا اَنْ يَّقُوْلُوْٓا اٰمَنَّا وَهُمْ لَا يُفْتَنُوْنَ ﴿۲﴾ وَلَقَدْ فَتَنَّا الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ

**ترجموڪنزالايمان:** ڇا ماڻهو هِن گهمنڊ ۾ آهن جو ايتري ڳالهه تي ڇڏيا ويندا جو چون ته اسان ايمان آندو ۽ انهن جي آزمائش نه ٿيندي ۽ تحقيق اسان انهن کان اڳين کي آزمايوسين.

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنَّان فرمائن ٿا: ”مسلمانن جو (سندن) قوت ايماني جي مقدار جيترو امتحان وٺڻ قانونِ الاهي آهي، بيماري، ناداري، غربت، مصيبت

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

اِهي سڀ ربّ جي (طرفان) آزمائشون آهن جن سان مخلص ۽ منافق ممتاز ٿي ويندا آهن (يعني انهن جو فرق واضح ٿي ويندو آهي) مؤمن **اللّٰه** جي رضا تي راضي رهندو آهي. جيئن تہ ڪو **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جو ٻانهو آري سان چيريو ويو، ڪي لوهہ جي ڦڻين سان پرزا پرزا ڪيا ويا، ڪِن کي باهہ ۾ وِڌو ويو، ڪِن کي حڪم ڏنو ويو تہ پنهنجي ٻار کي پنهنجي هٿ سان ذبح ڪريو، پر اهي هستيون استقامت جا پهاڙ ثابت ٿيون. (نورالعرفان ص 632)

وہ عشقِ حقیقی کی لذّت نہیں پا سکتا
جو رنج و مصیبت سے دو چار نہیں ہوتا

## مجازي عشق تباهي مچائي آهي

آهہ! وڏو نازڪ دؤر آهي، مخلوط تعليم وغيره جي سبب شرم ۽ حياءُ جو تصوّر متجندو پيو وڃي، عشق بازي عام آهي، تباهي متل آهي، سگِ مدينہ عُفِيَ عَنه جي نالي تي ايندڙ خطن ۾ اهڙيون اهڙيون حياسوز تحريرون هونديون آهن جو غيرتمند ماڻهو پڙهي شرم وچان ٻڏي وڃي، اهي نادان عاشق اڪثر بنا هٻڪ جي هڪ ٻئي جا نالا ۽ ايڊريس وغيره بيان ڪري پنهنجي ۽ صِنفِ مخالف جي آبرو کي تباهہ ڪري رهيا هوندا آهن! ان طرح جي بي حيا عاشقن جي تحريرن جا ڪجهہ مثال خدمت ۾ حاضر آهن، پر انهن کي پڙهي صرف انهن کي ئي جهٽڪو لڳندو جن کي حياءُ مان ڪو حصو نصيب ٿيو هوندو، باقي جن ويچارن کي شرم ۽ حياءُ جي هوا بہ نہ لڳي هوندي، اهي تہ بس ائين ئي پڙهي ڪري گذري ويندا، شايد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو.
(ابن عدي)

انهن ڪي هنن جملن جي اندر ڪو برائيءَ جو پهلو به نظر نه ايندو!

## عاشقن جي جذبات جا ست حياسوز جملا

(هن طرح جا مضمون جملا مون ڏانهن موڪليل خطن ۾ ڪثرت سان هوندا آهن)

(1) مون فلاڻيءَ سان محبت ڪئي آهي ڪو گناهه ته ناهي ڪيو. (مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ)

(2) فلاڻي ڇوڪريءَ سان مون کي بي انتها عشق ٿي ويو آهي، هوءَ نه ملي ته آئون حرام جي موت مري ويندس. (يعني مَعَاذَالله خودڪشي ڪري وٺندس)

(3) فلاڻي ڇوڪريءَ کي آئون ننڍپڻ کان چاهيندو آهيان، پر ٻه مهينا ٿيا آهن والدين ان جي شادي ٻي جڳهه تي ڪري ڇڏي آهي. دعا ڪريو، ان کي طلاق ٿي وڃي، نه ته آئون گهوٽ کي هن دنيا ۾ رهڻ نه ڏيندس جنهن منهنجي محبت مون کان کسي ورتي آهي.

(4) "ان" جي ياد ڏاڍو تڙپائيندي آهي، اها خبر آهي ته شراب حرام آهي پر ڏک مٽائڻ جي لاءِ ٿورو پي وٺندو آهيان.

(5) منهنجي محبت جيڪڏهن مون کي نه ملي ۽ ڪنهن ٻي جڳهه تي ڇوڪريءَ جي شادي ٿي وئي ته اهو ڏينهن منهنجي زندگيءَ جو آخري ڏينهن هوندو!

(6) هر وقت ان جي ياد ۾ گم رهندو آهيان، ڪجهه به سنو نٿو لڳي.

(7) توهان ڪي حضرت محمّد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو واسطو مون کي منهنجي محبوبه ڏياري ڇڏيو.

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

# عاشقائن جي جذبات جا 12 حيا سوز جملا

(1) فلاڻي ڇوڪري سان مون کي عشق ٿي ويو آهي، ان جي ياد منهنجي زندگي آهي، جيڪڏهن اهو مون کي نه مليو ته آئون خودڪشي ڪري ڇڏيندس.

(2) جيڪڏهن ”ڪاليج فرينڊ“ سان منهنجي شادي نه ٿي ته ”ڪورٽ ميرج“ ڪري ڇڏينديس، اوهان اسان جي والدين کي لکو ته اسان جي شادي ڪرائي ڇڏين.

(3) ان جي ياد دل ۾ رچي وئي آهي، نه ڪائڻ سنو لڳي ٿو نه پيئڻ، انهيءَ سبب طبيعت ۾ چڙ پيدا ٿي پئي آهي، والدين سان به گستاخي ڪري ويهندي آهيان.

(4) فلاڻي کي آئون دل ۽ جان سان چاهيندي آهيان پر ان کي خبر ناهي ته آئون ان کي چاهيان ٿي، ان سان اظهار به نه ٿي ڪري سگهان ڪو اهڙو عمل ٻڌايو جو ان کي منهنجي محبت جي خبر پئجي وڃي ۽ هو منهنجو ٿي وڃي.

(5) اسان ٻئي هڪ ٻئي کي تمام گهڻو چاهيندا آهيون، فون تي اسان جي گفتگو ٿيندي رهندي آهي، ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي گهروارن کي ڌوڪو ڏئي ۽ سهيليءَ جو بهانو ٻڌائي گهران نڪري ان سان ملڻ به ويندي آهيان، آئون ان کي پنهنجو بڻائڻ چاهيان ٿي، پر گهروارا نه ٿا راضي ٿين.

(6) فلاڻي سان ڏاڍي محبت ڪريان ٿي، ان شادي جا وڏا واعدا ڪيا پر هاڻي ڦري ويو آهي، ڪجهه ڪريو ان کي سمجهايو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

(7) مون کي ان سان ايتري محبت ٿي وئي آهي جو ان کي هڪ ڏينهن نه ڏسان (يعني مَعَاذَاللّٰه بدنگاهي نه ڪريان) ته دل کي سڪون نٿو ملي ڪاش! هو مون کي ملي وڃي.

(8) هاڻي صبر جو پيمانو لبريز ٿي چڪو آهي آئون ان بنا زنده نه ٿي رهي سگهان، جيڪڏهن اهو نه مليو ته آئون جان ڏيئي ڇڏينديس. (يعني مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ خود ڪشي ڪري ڇڏينديس)

(9) آئون پنهنجي محبوب کي تمام گهڻو چاهيان ٿي، اهڙو تعويذ ڏيو جو هو به مون سان محبت ڪرڻ لڳي. (مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ)

(10) هر صورت ۾ مون کي منهنجو محبوب گهرجي.

(11) اهو دل ۽ دماغ تي ڇانئجي چڪو آهي، هاڻي ڪنهن ٻئي جو تصوّر به نه ٿي ڪري سگهان.

(12) چار سالن کان اسان هڪ ٻئي سان ملندا رهياسين هُو منهنجي محبت جي دعويٰ ڪندو رهيو پر هاڻي اهو مون کان دور ٿي چڪو آهي، ان منهنجي خوشين کي ڇهيو رسائي ڇڏيو.

## عشق ۾ ٿيڻ وارين شادين جي باري ۾ سوال جواب

## ڪورٽ واري شادي

**سوال:** مجازي عشق ڪرڻ وارا ڪجهه نوجوان گهر وارن جي مخالفت جي باوجود ڪورٽ ۾ وڃي شادي ڪري وٺندا آهن. ڇا ائين ڪرڻ مناسب آهي؟

**جواب:** قطعي مناسب ناهي بلڪ ڇوڪرو جيڪڏهن ڇوڪريءَ جو ڪفو نه هوندو ۽ ڇوڪريءَ جي ولي جي اجازت کان سواءِ نڪاح

ڪيو تہ اهو نڪاح ئي باطل ٿيندو! فرض ڪريو جيڪڏهن ڪفو بہ ملي ويو ۽ نڪاح بہ ٿي ويو تڏهن بہ ڪورٽ ۾ وڃي ڪري شادي ڪرڻ سان ماءُ پيءُ جي سخت دل آزاري ٿيندي، خاندان وارن جي مٿي تي بدنامي جو داغ لڳي ويندو ۽ ڀين ڀائر ڀينرن جي شادين ۾ رڪاوٽون پيدا ٿي وينديون آهن. ائين ڪرڻ سان اڪثر غيبتن، تهمتن، عيب ڪولڻ، بدگمانين ۽ دل آزارين وغيره گناهن جو دروازو کلي ويندو آهي تنهن ڪري هرگز اهڙو قدم نہ کڻڻ گهرجي.

**سوال:** ولي ڪنهن کي چوندا آهن؟

**جواب:** لفظِ ولي جي لغوي معنيٰ دوست ۽ مددگار آهي، عام عُرف ۾ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب ٻانهي کي ولي چيو ويندو آهي. پر فِقه جي اِصطِلاح ۾ ولي جي معنيٰ بلڪل مختلف آهي. فقہ جي اصطلاح ۾ ولي اُن عاقل ۽ بالغ شخص کي چوندا آهن جنهن کي ٻئي جي جان يا مال تي مخصوص قدرت يعني ”اٿارٽي“ حاصل هجي. بهارِ شريعت ۾ آهي: ”ولي اُهو آهي جنهن جو قول ٻئي تي لاڳو هجي، ٻيو چاهي يا نہ چاهي.“ (بهارِ شريعت حصو 7 ص 42)

**سوال:** رشتيدارن مان ولي ڪير چورائيندو؟ يعني ويجهڙائپ جي بنياد تي جنهن کي نڪاح جي معاملن ۾ ولي (وارث) قرار ڏنو ويو آهي ان جو تفصيل ڪهڙو آهي؟

**جواب:** قرابت جي سبب ولايت عَصَبَہ بِنفسهٖ (رشتيدارن جي هڪ قسم جو نالو آهي اِهي اُهي هوندا آهن جو جن سان رشتيداري قائم ٿيڻ جي لاءِ ڪنهن عورت جو تعلق نٿو اچي جيئن تہ چاچو، جڏهن تہ مامن جي رشتيداري ماءُ جي واسطي سان آهي) جي لاءِ آهي انهن ۾ ترجيح (يعني هڪ کي ٻئي تي فوقيت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

ڏيڻ) جي لاءِ اتي بہ انهي ئي ترتيب جو خيال رکيو ويو آهي جيڪو وراثت ۾ معتبر آهي يعني انهن رشتيدارن مان جيڪو سڀني کان ويجهو درجو يعني رشتو رکي ان کي ولي اَقَرَب (ويجهو ترين ۽ معزز وارث) قرار ڏنو وڃي ٿو ۽ اَقرَب (سڀني کان مقدم) جي هوندي اَبَعَد (پري وارو) ولي (وارث) پنهنجو حق استعمال ڪرڻ کان محروم رهي ٿو. ائين درجي جي لحاظ سان هڪ وقت ۾ صرف هڪ ئي وارث ٿي سگهي ٿو ها جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ ماڻهو هڪ ئي درجي ۾ ايندا هجن تہ گهڻا ماڻهو بہ وارثي جي اهليت تي فائز ٿي سگهن ٿا ان جي گنجائش آهي. جنهن عورت جو عاقل بالغ پُٽ يا پوٽو (هيٺ تائين) نہ هجي اُن جو وارث پيءُ آهي پيءُ نہ هجي تہ ڏاڏو وارث آهي ۽ جيڪڏهن پُٽ موجود آهي تہ پُٽ ئي سڀ کان اعليٰ وارث آهي پٽ نہ هجي تہ پوٽي جو ٻيو نمبر آهي هيٺ تائين. اُن کان پوءِ پيءُ پوءِ ڏاڏو وارث ٿيندو. ڏاڏو نہ هجي تہ پڙ ڏاڏو وارث ٿيندو مٿي تائين باوجود ان جي جو ڪيتريون ئي پيڙهيون مٿي جو ڏاڏو هجي اُن جي هوندي ڪو وارث نٿو ٿي سگهي.

**سوال:** اهي پنج رشتا جيڪي بيان ڪيا ويا جيڪڏهن اهي نہ هجن تہ پوءِ ولي ڪير ٿيندو؟ ۽ ڇا ماءُ بہ ولي ٿي سگهي ٿي؟

**جواب:** انهن پنجن رشتيدارن کان پوءِ ياءُ پوءِ چاچو پوءِ سوٽ عصبہ رشتيدار پنهنجي تفصيل سان گڏ وارث بڻبا انهن جي تفصيل جي لاءِ ڏسو مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل بهارِ شريعت حصو 7 صفحو 43. جڏهن عصبه بِنفسِه جي فهرست ۾ شامل ڪو بہ رشتيدار نہ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (کنزالعمال)

هجي ته پوءِ ماءُ وارث ٿيندي ماءُ به نه هجي ته پوءِ ڏاڏي پوءِ ناني وغير ذالڪ وارث ٿينديون انهي جڳهه تي به رشتيدارن جي هڪ ڊگهي فهرست آهي ان فهرست جي تفصيل جي لاءِ به بهارِ شريعت حصو 7 صفحو 42 کان 52 جو مطالعو ڪريو.

## ڪُفو ڇاکي چوندا آهن؟

**سوال:** ڪُفو ڇاکي چوندا آهن؟

**جواب:** عام چوڻي ۾ صرف ذات پائي (ساڳئي قوم) کي ڪُفو چوندا آهن ۽ شريعت ۾ اُهو ڪُفو آهي جيڪو خاندان يا مذهب يا ڌنڌي يا طور طريقي يا ڪنهن ڳالهه ۾ اهڙو گهٽ نه هجي جو ان سان نڪاح ٿيڻ عورت جي ابن ڏاڏن وغيره جي لاءِ عرف ۾ شرمندگي ۽ بدنامي جو سبب هجي. (فتاويٰ ملڪ العلماء ص 206) صدرُالشّريعه، بدرُالطّريقه حضرت علامه مولانا مفتي محمّد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي بهارِ شريعت ۾ فرمائن ٿا: ڪفائت (يعني ڪفو هئڻ) ۾ ڇهن شين جو تعلق آهي: (1) نسب (خانداني سلسلو) (2) اسلام (3) حِرفه (ڌنڌو) (4) حُرّيت (آزاد هجڻ) (5) ديانت (ديناداري) (6) مال. (بهارِ شريعت حصو 7 ص 53)

## ڪفو جي ڇهني شرطن جي وضاحت

### (1) نَسَب جو بيان

**سوال:** نسب ۾ ڪفو هئڻ مان ڇا مراد آهي؟

**جواب:** نسب ۾ ڪفو هئڻ مان مراد هي آهي ته باعتبارِ عرف ڇوڪريءَ جي مقابلي ۾ ڇوڪري جو نسب يا ته اعليٰ هجي يا برابر ۽ جيڪڏهن ڪجهه گهٽ هجي ته ايترو گهٽ نه هجي جو ڇوڪريءَ

جي اولياء (يعني ابن ڏاڏن وغيره) جي لاءِ عار (ذلت) جو سبب بڻجي. نسب جي اعليٰ (بهترين) ۽ ادنيٰ (ڪمتر) يا برابر حيثيت جي هجڻ ۾ ڪجهه تفصيل آهي:

(1) قريش ۾ جيترا خاندان آهن اهي سڀ پاڻ ۾ ڪفو آهن. ايستائين جو "قريشي غير هاشمي" هاشمي جو ڪفو آهي. فتاويٰ رضويه ۾ آهي: "سيدياڻي جو نڪاح قريش جي هر قبيلي ۾ ٿي سگهي ٿو چاهي علوي هجي يا عباسي يا جعفري يا صديقي يا فاروقي يا عثماني يا اُمَوي. (فتاويٰ رضويه ج 11 ص 716)

(2) ڪو "غير قريشي" قريش جو ڪفو ناهي.

(3) قريش کان علاوه عرب جون تمام قومون هڪٻئي جون ڪفو آهن، انصار ۽ مهاجر سڀ ان ۾ برابر آهن.

(4) عَجَميُّ النَّسل عَرَبي جو ڪفو ناهي پر ديني عالم چوته اُن جي شرافت خاندان جي شرافت تي فوقيت رکي ٿي.(بهارِ شريعت حصو 7 ص 53)

(5) عَجَم جي قومن (يعني غير عَرَبين) ۾ نسب کان علاوه باقي معاملن ۾ ڪفائت ۾ خيال رکيو ويندو ۽ عجمي قومن کي ڪمتر قرار ڏيڻ جو اڪثر دارومدار ڏنڌي روزگار تي آهي. (فتاويٰ امجديه ج 2 ص 132) تنهن ڪري عرف ۾ ڪنهن قوم کي اُن جي ڏنڌي جي بنياد تي گهٽ حيثيت جو سمجهيو ويندو هجي ته اها ڳالهه به ڇوڪري جي ڪفو نه هئڻ جو سبب ٿيندي. (فتاويٰ فيض الرسول ج 1 ص 705)

## عَجَمي ڇوڪرو ۽ عَرَبي ڇوڪري

**سوال:** عجمي (يعني غير عربي) عَرَبي جو ڪفو آهي يا نه؟

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

**جواب:** عجمين مان ديني عالم ڪان سواءِ ڪو ٻيو عربي جو ڪفو ناهي. صدرُالشّريعہ بدرُالطّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي محمّد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل بهارِ شريعت حصو 7 صفحي 53 تي فرمائن ٿا: قريش ۾ جيترا خاندان آهن اهي سڀ پاڻ ۾ ڪفو آهن. ايستائين جو "قريشي غير هاشمي" هاشمي جو ڪفو آهي ۽ ڪو "غير قريشي" قريش جو ڪفو ناهي. قريش ڪان علاوه عرب جون تمام قومون هڪٻئي جون ڪفو آهن، انصار ۽ مهاجر سڀ ان ۾ برابر آهن، عَجَميُّ النَّسَل (يعني غير عربي) عَرَبي جو ڪفو ناهي پر ديني عالم ڇوتہ ان جي "شرافت" خاندان جي شرافت تي فوقيت رکي ٿي.

(فتاويٰ قاضي خان ج 1 ص 163، عالمگيري ج 1 ص 290، 291)

## عالم جي وڏي فضيلت آهي

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويہ جلد 11 صفحو 713 تي فرمائن ٿا: "فتاويٰ خيريہ" ۾ آهي تہ حضرت ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جن فرمايو: "عالمن کي عام مؤمنن تي ست سؤ (700) درجا برتري آهي ۽ هر ٻن درجن ۾ پنج سؤ (500) سالن جو سفر آهي." ۽ انهي تي اجماع آهي ۽ تمام علمي ڪتاب، قَرشي تي عالم جي فوقيت بابت متفق آهن، جڏهن تہ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي فرمان

هَلْ يَسْتَوِي الَّذِيْنَ يَعْلَمُوْنَ وَالَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ؕ

**ترجموڪنزالايمان:** ڇا برابر آهن ڄاڻڻ وارا ۽ اڻ ڄاڻ. (پ 23 الزمر 9)

۾ قرشي ۽ غيرِ قرشي جو ڪو فرق ناهي فرمايو. (فتاويٰ خيريه ج 2 ص

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

234) **اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه **فرمائن ٿا: قُلْتُ** (يعني آئون چوان ٿو) اسان عالم ڪي "ديني عالم ۽ ديندار عالم" جو شرط لڳائيندا سين چوتہ حقيقت ۾ عالم اهو ئي آهي جڏهن تہ گمراهہ (بدمذهب) عالم تہ جاهلن کان بہ بدتر آهن الخ. وڌيڪ جلد 11 جي صفحي 714 تي فرمائن ٿا: اهو عالم ان شرط سان بہ مقيد هئڻ ضروري آهي جو اهو انتهائي حقير ۽ ڪمتر مشهور نہ هجي، جيئن تہ ڪپڙو تيار ڪرڻ وارو، حجام، موچي، چمڙو رنگڻ وارو ۽ انهن جي مِثل، ڇاڪاڻ تہ دارومدار ان ڳالهہ تي آهي تہ علائقي جي عام سڃاڻپ ۾ اهو حقير شمار نہ هجي، جيئن تہ وڏن عالمن صراحت فرمائي آهي. مُحَقِّق عَلَي الاطلاق جن "فتح القدير" ۾ فرمايو: "عرف وارن جو ڪمتر سمجهڻ سبب آهي تنهن ڪري حڪم جو دارومدار ان تي ئي ٿيندو الخ." وڌيڪ صفحي 715 تي فرمائن ٿا: ڪپڙو تيار ڪندڙ، ڌوٻي، حجام ۽ موچي جي عار (عيب ۽ خامي) علم جي وجهہ سان ختم ناهي ٿيندي، ها جڏهن اهي ماڻهو وڏي عرصي کان اهو ڪم ڇڏي چڪا هجن ۽ ماڻهو معزز انداز ۾ انهن سان مانوس ٿي چڪا هجن ۽ ماڻهن جي دلين ۾ انهن جو وقار ۽ عام نگاهن ۾ انهن جي عزت قائم ٿي چڪي هجي جو هاڻي وڏن ماڻهن جي ڇوڪرين جي لاءِ عار (يعني رسوائي جو سبب) ناهن رهيا تہ بہ ٻي ڳالهہ آهي الخ.

## ميمڻ ۽ سيّداڻي جو ڪورٽ ميرج

**سوال:** جيڪڏهن سيّدزاديءَ پيءُ کان لِڪي راضي خوشي سان ڪنهن ميمڻ ڇوڪري سان ڪورٽ جي ذريعي شادي ڪري ورتي تہ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي.** (حاڪم)

نڪاح صحيح ٿي ويو يا نہ؟

**جواب:** اهڙي صورت ۾ نڪاح قائم ئي نہ ٿيندو. انهي لاءِ جو سيّد سڳورن جو خاندان ميمڻ برادري کان اعليٰ ۽ ارفع آهي تنهن ڪري ميمڻ ڇوڪرو سيّدزاديءَ جو ڪفو ناهي ۽ جڏهن ڇوڪريءَ ولي جي اجازت کان سواءِ نڪاح ڪري تہ نڪاح ٿيڻ جي لاءِ ڪفو جو هئڻ ضروري آهي.

**سوال:** جيڪڏهن شادي کان پوءِ گهر وارن سان پرچاءُ ٿي ويو ۽ سيّدزادي جي والد صاحب خوشي سان اُن نڪاح تي رضامندي جو اظهار ڪري ڇڏيو هاڻي تہ ڪو حرج ناهي؟

**جواب:** حرج ڇو ڪونهي! ان سيّد زادي جي رضامندي سان گڏوگڏ ان جي والد صاحب جي رضامندي بہ نڪاح کان پهرين ضروري هئي، نڪاح کان پوءِ جي اجازت مفيد ناهي. شريعت جي تقاضن جي مطابق نئين سِري سان نڪاح ڪرڻو پوندو. منهنجا آقا **اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاه امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: شرع ۾ غير ڪفو اهو آهي جيڪو نسب يا مذهب يا ڌنڌي يا طور طريقي ۾ اهڙو گهٽ هجي جو ان سان عورت جو نڪاح عورت جي سرپرستن جي لاءِ ذلت ۽ رسوائي جو سبب هجي، اهڙي شخص سان جيڪڏهن بالغہ پنهنجي طور تي نڪاح ڪندي نڪاح ٿيندو ئي نہ باوجود ان جي جو نہ ولي (سرپرست) منع ڪيو هجي نہ اُن جي مرضي جي خلاف هجي. اِهو نڪاح ان صورت ۾ جائز ٿي سگهندو جو ولي نڪاح کان پهرين اُن غيرِ ڪفو، جنهن

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

جو ذڪر ٿيو، جي متي ذڪر ڪيل حالت تي خبردار ٿي ڄاڻي واڻي صراحةً بالغہ ڪي ان سان نڪاح جي اجازت ڏيئي ڇڏي هجي، ان مان هڪ شرط بہ گهٽ ٿيو تہ بالغہ جو ڪيل نڪاح بلڪل باطل ٿيندو ۽ ولي ڪي ان جي رد ڪرڻ يا ان جو رد چاهڻ جي ڪهڙي ضرورت جو رد تہ تڏهن ٿئي جو نڪاح ٿيو هجي، هي تہ اصلاً ٿيو ئي ناهي.“
(فتاويٰ رضويہ ج 11 ص 280)

## سيّدزادي ۽ ميمڻ ڇوڪريءَ جو ڪورٽ ميرج

**سوال:** جيڪڏهن بالغ سيّدزادو پنهنجي والد صاحب جي اجازت ڪان سواءِ پنهنجي گهر جي بالغہ ميمڻ نوڪرياڻي سان ڪورٽ ۾ وڃي نڪاح ڪري وٺي تہ؟

**جواب:** جيڪڏهن ڪا شرعي رڪاوٽ نہ هجي تہ نڪاح صحيح ٿي ويندو. مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل بهارِ شريعت حصو 7 صفحو 53 تي آهي: ”ڪفائت (يعني ڪفو هئڻ) صرف مرد جي طرفان معتبر آهي عورت باوجود ان جي جو گهٽ درجي جي هجي ان جو تعلق ناهي. پيءُ ڏاڏي ڪان سواءِ ڪنهن ٻي وارث (سرپرست) نابالغ ڇوڪريءَ جو نڪاح غير ڪفو سان ڪري ڇڏيو تہ نڪاح صحيح ناهي ۽ بالغ پنهنجو پاڻ نڪاح ڪرڻ چاهي تہ غيرِ ڪفو عورت سان ڪري سگهي ٿو جو عورت جي طرفان ان صورت ۾ ڪفائت معتبر ناهي ۽ نابالغ ۾ ٻنهي سان ڪفائت جو لحاظ آهي. (بهارِ شريعت حصو 7 ص 53)
اهو مسئلو نڪاح جي مقرر ٿيڻ جي حد تائين تہ صحيح آهي. البت ان طرح ”ڪورٽ ميرج“ ڪرڻ سان گهريلو مسئلا پيدا ٿي ويندا

آهن ۽ خاندان جي هر طرح سان چڱي خاصي بدنامي ٿيندي آهي اهو به پيشِ نظر رکڻو پوندو، تنهن ڪري نڪاح ماءُ پيءُ جي رضامندي سان ئي ڪيو وڃي.

**سوال:** جيڪڏهن ڪنهن پناڻ ڇوڪريءَ راجپوت قوم جي مسلمان ڇوڪري سان وارث جي اجازت کان سواءِ نڪاح ڪيو، ڇا نڪاح منعقد ٿي ويندو؟

**جواب:** راجپوت معزز قوم آهي تنهن ڪري جيڪڏهن ڪفو جا باقي شرط ۽ نڪاح جا ٻيا شرط به هجن ته نڪاح صحيح ٿي ويندو. فتاويٰ رضويه شريف ۾ آهي: ”هندي قومن ۾ چار قومون شريف شمار ڪيون وڃن ٿيون انهن ۾ ڇتري يعني ٺاڪر ٻي نمبر تي آهي، هندوستان ۾ اڪثر ڪري حڪومت انهي ئي قوم جي آهي، تنهن ڪري انهن کي ”راجپوت“ چوندا آهن ته هندي قومن ۾ انهن جو معزز هجڻ ظاهر آهي.“ (فتاويٰ رضويه ج 11 ص 719) ها جيڪڏهن ڇوڪريءَ ڪنهن قوم جي اهڙي ڇوڪري سان وارث جي اجازت کان سواءِ نڪاح ڪري جيڪي پنهنجي روزگار جي بنياد تي عرف ۾ قابلِ شرم سمجهيا ويندا هجن ته اهڙي صورت ۾ نڪاح نه ٿيندو اهڙي ئي صورت تي مشتمل فتاويٰ فيض الرسول مان هڪ سوال جواب ملاحظه ڪريو: **سوال:** هِنده جيڪا پناڻ قوم مان آهي ۽ ڇوڪرو جيڪو گهانچي قوم مان يعني مسلمان تيلي قوم (اها قوم جيڪا تيل ڪڍندي ۽ وڪڻندي آهي) جو آهي اُهو هنده جي لاءِ ڪفو ٿي سگهي ٿو يا نه؟ **جواب:** ڪفائت جو دارومدار عُرف تي آهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

جيڪڏهن اُتي جي عرف ۾ پناڻ جي ڇوڪريءَ جو گهانچي يعني مسلم تيلي سان نڪاح ڪرڻ والدين جي لاءِ رسوائي جو سبب هجي ته نڪاح جي رد ٿيڻ جي ضرورت (ئي) ناهي جو مذهبِ مفتيٰ بِہ[1] تي اهو نڪاح اصلاً ٿيو ئي ناهي."

## غيرِ سيّدءِ سيّده جو نڪاح

**سوال:** جيڪڏهن غيرِ سيّد پناڻ ۽ عاقل بالغ سيّدزادي جو نڪاح ڇوڪريءَ جي پيءُ جي رضامندي سان ٿيو ته؟

**جواب:** سيّدزادي ۽ اُنهن جي والدِ محترم کي گهوٽ جي پناڻ هجڻ جي خبر آهي ۽ ٻئي يعني شهزادي صاحبہ ۽ انهن جا والد محترم ان نڪاح تي راضي آهن ان صورت ۾ اهڙو نڪاح بِنا ڪنهن شڪ شبهي جي جائز آهي. انهي سلسلي ۾ فتاويٰ رضويہ جلد 11 صفحو 704 تان هڪ "سوال جواب" پيش آهي. **سوال:** پناڻ جي ڇوڪري جو سيّد جي ڇوڪريءَ سان نڪاح جائز آهي يا نہ؟ بَيِّنُوْا تُوْجَرُوْا (يعني بيان فرمايو اجر ڪمايو) **الجواب:** سوال پُڇڻ واري جي بيان مان ظاهر آهي ته ڇوڪريءَ جوان آهي ۽ اُن جو پيءُ زنده، ٻنهي کي خبر آهي ته هي پناڻ آهي ۽ ٻئي ان نڪاح تي راضي آهن، پيءُ خود ان جي تياري ۾ آهي، جڏهن صورت اها آهي ته ان نڪاح جي جائز هئڻ ۾ اصلاً (يعني بلڪل) شبهو ناهي كَمَا نَصَّ عَلَيْهِ فِيْ رَدِّالْمُحتار وغيره مِنَ الْاَسْفَار (يعني جيئن ته ردالمحتار ۽ ٻين ڪتابن ۾ انهي تي نص آهي) والله تعاليٰ اَعلم.

---

(1) "مذهبِ مُفتيٰ بِہ" اها فقهي اصطلاح آهي ان جي معنيٰ آهي: اُهو مذهب جنهن تي فتويٰ ڏنو ويندو آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي به هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

## (2) اسلام ۾ ڪُفو هئڻ

**سوال:** ڪُفو هئڻ ۾ اسلام جو به اعتبار آهي ان مان ڇا مراد آهي؟

**جواب:** ڪُفو هئڻ ۾ اسلام جي اعتبار بابت صورت بيان ڪندي صدرُالشّريعه، بدرُالطّريقه حضرت علامه مولانا مفتي محمّد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي بهارِ شريعت ۾ فرمائن ٿا: ”جيڪو خود مسلمان ٿيو يعني اُن جو پيءُ ڏاڏو مسلمان نه هئا اُهو اُن جو ڪُفو ناهي جنهن جو پيءُ مسلمان ٿيو ۽ جنهن جو صرف پيءُ مسلمان هجي (اُهو) اُن جو ڪفو ناهي جنهن جو ڏاڏو به مسلمان هجي ۽ پيءُ ڏاڏو ٻن پيڙهيَن کان اسلام هجي ته هاڻي ٻي طرف باوجود ان جي جو وڌيڪ پيڙهيَن کان مسلمان هجي ڪفو آهن پر پيءُ ڏاڏي جي اسلام جو لحاظ ”غيرِ عَرَب“ ۾ آهي عَرَبي جي لاءِ پاڻ مسلمان ٿيو يا پيءُ ڏاڏي کان اسلام هلندو آيو هجي سڀ برابر آهن.“

(بهارِ شريعت حصو 7 ص 54)

## مسلمان ڇوڪريءَ جو نو مسلم سان نڪاح

**سوال:** ڪافر ڇوڪري ۽ مسلمان ڇوڪريءَ ۾ جيڪڏهن عشق هجي ۽ ڇوڪرو مسلمان ٿي وڃي پوءِ ٻئي ڪورٽ ۾ وڃي پاڻ ۾ شادي ڪري وٺن ته شرعاً ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** مسلمان ٿيڻ مرحبا! پر شادي لاءِ اتي به ڪفائت (يعني ڪفو هئڻ) ضروري آهي تنهن ڪري ذڪر ڪيل صورت ۾ جيڪڏهن ڇوڪريءَ ولي (وارث) جي اجازت کان سواءِ نو مسلم سان نڪاح ڪندي ته نڪاح ئي نه ٿيندو. اهو حڪم ان صورت ۾ آهي جڏهن ته

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعلیٰ)

ڇوڪريءَ نو مسلم نہ هجي بلڪ مسلمان جي گهر ۾ پيدا ٿي هجي.

## (3) روزگار (ڪم ڌنڌي) ۾ ڪفو هئڻ

**سوال:** ڌنڌي يعني (Profession) ۾ ڪفو هئڻ مان ڇا مراد آهي؟

**جواب:** ڌنڌي ۾ ڪفو هئڻ مان مراد هي آهي تہ ڇوڪرو اهڙي ڌنڌي سان لاڳاپيل نہ هجي جنهن کي عرف ۾ حقير سمجهيو ويندو هجي ۽ ان جي بنياد تي ڇوڪريءَ جا سرپرست عار (ذلت) محسوس ڪندا هجن. صدرُالشّريعہ بدرُالطّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي محمّد امجد علي اعظمي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللہِ القوي مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل بهارِ شريعت حصو 7 صفحي 55 تي فرمائن ٿا: جِن ماڻهن جا ڪم ڌنڌا ذليل سمجهيا ويندا هجن اُهي سني ڪم ڌنڌي وارن جا ڪفو ناهن، مثلاً جُتيون ناهڻ وارا (يعني موچي)، چمڙو پچائڻ وارا (چمار)، سائيس (يعني گهوڙن جي سار سنڀال ڪرڻ وارا ۽) ڌراڙ اِهي اُنهن جا ڪفو ناهن جيڪي ڪپڙو وڪڻندا، عطر وڪڻندا، تجارت ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن پاڻ جتيون نہ ٺاهيندو هجي بلڪ ڪارخاني جو مالڪ آهي جو اُن وٽ ماڻهو نوڪر آهن (۽ اُهي ئي نوڪر) اهو ڪم ڪندا آهن يا دوڪاندار آهي تہ نهيل جتيون وٺندو ۽ وڪڻندو آهي تہ تاجر وغيره جو ڪفو آهي، ائين ئي ٻين ڪمن ۾.

## تاجر جي ڇوڪريءَ جو ڪفو آهي يا نہ؟

**سوال:** جيڪو حجام يا موچي آهي اُهو "تاجر" جي ڇوڪريءَ جو ڪفو آهي يا نہ؟

**جواب:** نہ آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

# حجام ۽ موچي جو پاڻ ۾ ڪفو هئڻ

**سوال:** حجام جي ڇوڪريءَ ۽ موچي جو ڇوڪرو هڪٻئي جا ڪفو آهن يا نه؟

**جواب:** جِن ڪم ڌنڌن کي حقير سمجهيو وڃي ٿو انهن سان لاڳاپيل ماڻهو هڪٻئي جا ڪفو هوندا آهن تنهن ڪري حجام جي ڇوڪريءَ ۽ موچي جو ڇوڪرو هڪٻئي جا ڪفو آهن. (ماخوذاً ردالمحتار ج 4 ص 203)

**سوال:** تاجر جي ڇوڪريءَ رحماني يعني ڪنيار جي ڇوڪري سان ٻِنا ولي جي اجازت جي نڪاح ڪيو پر ڇوڪري جو پيءُ هاڻي پنهنجو ڌنڌو يعني مٽيءَ جا ٿانوَ وغيره ناهڻ ڇڏي تجارت سان وابسته آهي ۽ پنهنجو اباڻو ڌنڌو ڇڏي چڪا آهن ڇا اِن صورت ۾ نڪاح دُرست آهي؟

**جواب:** جيڪڏهن ائين آهي جو ڪنهن رحماني قوم يعني ڪنيار سان لاڳاپيل ماڻهو وڏي عرصي کان مٽيءَ جا ٿانوَ ناهڻ ڇڏي چڪا آهن ۽ تجارت يا ڪنهن ٻي معزز ڌنڌي سان وابسته ٿي چڪا آهن ۽ هاڻ ماڻهن جي دلين ۾ اهي معزز سمجهيا ويندا هجن ته نڪاح صحيح آهي نه ته ناهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: "ڪپڙو تيار ڪرڻ واري، ڌوٻي، حجام ۽ موچي جي عار (عيب ۽ خامي) علم جي ڪري ختم ناهي ٿيندي، ها جڏهن اهي ماڻهو وڏي عرصي کان اهو ڪم ڇڏي چڪا هجن ۽ ماڻهو معزز انداز ۾ انهن سان سُڃاڻو ٿي چڪا هجن ۽ ماڻهن جي دلين ۾ انهن جو وقار ۽ عام نظرن ۾ انهن جي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

عزت قائم ٿي چڪي هجي جو هاڻي وڏن ماڻهن جي ڇوڪرين جي لاءِ عار (يعني رسوائي جو سبب) ناهن رهيا ته ٻي ڳالهه آهي. الخ
(فتاويٰ رضويه ج 11 ص 715)

## (4) ديانت ۾ ڪفو هئڻ

**سوال:** ديانت ۾ ڪفو هئڻ مان ڪهڙي مراد آهي؟

**جواب:** ديانت مان مراد تقويٰ، مڪارمِ اخلاق (يعني اخلاقي خوبيون) ۽ درست عقيدن ۾ برابر هئڻ آهي.

**سوال:** فاسق (يعني گناهن ۾ مبتلا) پيءُ جي نيڪ ۽ پرهيزگار ڇوڪريءَ سرپرست جي اجازت کان سواءِ فاسق سان نڪاح ڪري ته نڪاح ٿيندو يا نه؟

**جواب:** اهڙو نڪاح ٿي ويندو. (ردالمحتار ج 4 ص 202)

## فاسق ۽ بنتِ متقي

**سوال:** هڪ نوجوان شراب پيئندو آهي ۽ اُن جو اِهو عمل ماڻهن ۾ مشهور آهي، ڇا اهو شرابي ڇوڪرو متقي پرهيزگار جي ڌيءَ جو ڪفو آهي يا نه؟

**جواب:** ڪفو ناهي. صدرُالشّريعه، بدرُالطّريقه حضرت علامه مولانا مفتي محمّد امجد علي اعظمي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوي مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل بهارِ شريعت حصو 7 صفحو 54 تي فرمائن ٿا: فاسق شخص متقي (يعني پرهيزگار) جي ڇوڪريءَ جو ڪفو ناهي باوجود ان جي جو اها ڇوڪري پاڻ متقيه (يعني پرهيزگار) نه هجي. (دِر مختار ج 4 ص 202 وغيره) ۽ ظاهر آهي ته فِسقِ اعتقادي (عقيدن جي خرابي) فِسقِ عملي (عملن جي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

خرابي) ڪان ڪيترائي درجا بدتر، تنهنڪري سني عورت جو ڪفو اُهو بد مذهب نٿو ٿي سگهي جنهن جي بد مذهبي ڪفر جي حد تائين نه پهتل هجي ۽ جيڪي بدمذهب اهڙا آهن جو انهن جي بد مذهبي ڪفر کي پهتل هجي (يعني مرتد ٿي چڪا هجن) انهن سان ته نڪاح ئي نٿو ٿي سگهي جو اُهي مسلمان ئي ناهن، ڪفو هئڻ ته وڏي (پري جي) ڳالهه آهي. (بهارِ شريعت حصو 7 ص 54)

## (5) مال ۾ ڪفائت (يعني ڪفو هئڻ)

**سوال:** مال ۾ ڪفو هئڻ مان ڇا مراد آهي؟

**جواب:** مال ۾ ڪفائت (يعني ڪفو هئڻ) جي اها معنيٰ آهي ته مرد وٽ ايترو مال هجي جو مهر مُعَجَّل (يعني نقد مهر) ۽ نفقو (يعني کاڌو ڪپڙا وغيره) ڏيڻ تي قادر هجي، جيڪڏهن ڌنڌو نه ڪندو هجي ته هڪ مهيني جو نفقو ڏيڻ تي قادر هجي نه ته روز جي مزدوري ايتري هجي جو عورت جي روزانه جا ضروري خرچ روز ڏيئي سگهي. ان جي ضرورت ناهي ته مال ۾ هي ان جي برابر هجي.
(بهارِ شريعت حصو 7 ص 54)

## ڪفو جي باري ۾ مختلف سوال

**سوال:** ڇا نابالغ ۽ نابالغه جي نڪاح جي لاءِ به ڪفو جي حاجت رهندي آهي؟

**جواب:** نابالغ ڇوڪرو يا ڇوڪريءَ پاڻ ايجاب ۽ قبول جي قابليت نٿا رکن انهن جي نڪاح جي لاءِ ولي ئي ايجاب و قبول ڪري ٿو، تنهنڪري نابالغ جو نڪاح ته سرپرست ڪان سواءِ ٿي ئي نٿو سگهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.** (ڪنزالعمال)

جيتوڻيڪ ڪجھ صورتن ۾ اتي بہ ڇوڪري جو ڪفو هئڻ نڪاح جي لاءِ شرط آهي. مثلاً هڪ صورت اها آهي تہ نابالغہ ڇوڪريءَ جو نڪاح جڏهن پيءُ ڏاڏي جي غير موجودگي ۾ ڪو ٻيو ولي اَبعَد (پري جو وارث) ڪري تہ ڪفو جو هئڻ ضروري آهي. اهڙي ئي طرح نابالغہ جو نڪاح پيءُ صرف هڪ ئي ڀيري غيرِ ڪفو ۾ ڪري سگهي ٿو ان هڪڙي جو نڪاح ڪرڻ کان پوءِ هاڻي پنهنجي ڪنهن ٻي ڌيءَ جو نڪاح بہ غيرِ ڪفو ۾ ڪري تہ اِن جو اُن کي اختيار ناهي. نابالغہ جي نڪاح جي باري ۾ منهنجا **آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاه امام احمد رضا خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن **فتاويٰ رضويہ جلد** 11 صفحو 717 تي فرمائن ٿا: ۽ جيڪڏهن نابالغہ آهي ۽ ان جو نڪاح پيءُ ڏاڏي کان سواءِ ڪنهن ولي جيتوڻيڪ سڳو ڀاءُ يا چاچو يا ماءُ اهڙي شخص سان ڪري ڇڏيو (جيڪو نابالغہ ڇوڪريءَ کان ڪمتر هجي) اهو بہ **باطل** ۽ مردود ٿيندو ۽ پيءُ ڏاڏو بہ هڪ ئي ڀيري (نابالغہ جو) اهڙو نڪاح ڪري سگهن ٿا (جنهن ۾ ڇوڪرو ڇوڪريءَ کان ڪمتر هجي) ٻيهر جيڪڏهن ڪنهن ڌيءَ جو نڪاح اهڙي (ڪمتر) شخص سان ڪندا تہ انهن جو ڪيل (نڪاح) بہ **باطل** ٿيندو.

**سوال:** ڇوڪريءَ هڪ شخص سان گڏ سرپرستن جي اجازت کان بغير نڪاح ڪيو، نڪاح جي وقت اهو ڇوڪريءَ جو ڪفو هو پر پوءِ بدچلن ٿي ويو ۽ کلي عام شراب پيئڻ لڳو! ڇا انهي عمل سان نڪاح تي ڪو اثر پوندو؟

**جواب:** صرف نڪاح جي وقت ڪفو جو خيال ڪيو ويندو آهي پُڇيل

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (کنزالعمال)

صورت ۾ ڇوڪرو جڏهن نڪاح جي وقت ڇوڪريءَ جو ڪفو هو ته نڪاح منعقد ٿي ويو ۽ بعد ۾ ڇوڪري جي بدچلن هئڻ سان نڪاح جي انعقاد تي ڪو فرق نه پوندو. فتاويٰ رضويه ۾ آهي: ”ڪفائت جو خيال نڪاح جي ابتدا جي وقت آهي جيڪڏهن اُن وقت ڪفو هجي پوءِ ڪفائت ويندي رهي ته ان جو اعتبار نه ٿيندو.“

(فتاويٰ رضويه ج 11 ص 704)

**سوال:** زيد بڪر کي هر طرح سان اطمينان ڏياريو ته هو بڪر جو ڪفو آهي ان جي ڳالهين جو يقين ڪندي ۽ زيد کي پنهنجو ڪفو سمجهندي بڪر پنهنجي نابالغ ڇوڪريءَ هنده جو نڪاح زيد سان ڪري ڇڏيو نڪاح جي ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ معلوم ٿيو ته زيد ڪفو ناهي، ان صورت ۾ نڪاح ٿي ويو يا نه؟

**جواب:** جڏهن وارثن ڪنهن سان ڇوڪريءَ جو نڪاح ڪفائت جي شرط تي ڪيو يعني انهي شرط سان گڏ ته تون ڇوڪريءَ جو ڪفو آهين بعد ۾ ڇوڪرو ڪفو نه نڪتو ته مذهب مفتيٰ بہ ۾ اهڙو نڪاح منعقد ئي نه ٿيو. (ماخوذ از فتاويٰ رضويه ج 11 ص 725. 728)

**سوال:** جيڪڏهن ڪا بالغ ڇوڪريءَ ٻنا وارثن جي اجازت جي از خود پنهنجو نڪاح ڪنهن اهڙي شخص سان ڪري جنهن غلط بياني ۽ ڌوکي کان ڪم وٺندي پنهنجو پاڻ کي ان ڇوڪريءَ جو ڪفو ٻڌايو مثلاً ڇوڪريءَ سيّده هئي ۽ نڪاح جي وقت ڇوڪري پنهنجو سيّد هجڻ ظاهر ڪيو پر نڪاح ڪانپوءِ حقيقت کلي سامهون اچي ويئي ته اهو شخص سيّد ناهي بلڪ شيخ برادري مان آهي اهڙي صورت ۾ نڪاح درست ٿيو يا نه؟

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

**جواب:** جيڪڏهن صورت واقعي اها ئي هئي ته بالغ ڇوڪري وارثن جي اجازت کان بغير جنهن سان نڪاح ڪيو انهي ڪوڙ ڳالهائي پنهنجو ڪفو هئڻ ظاهر ڪيو نڪاح کان پوءِ ان جو غير ڪفو هئڻ ثابت ٿيو ته شرعاً اهڙو نڪاح منعقد ئي نه ٿيو بلڪ اهو نڪاح باطل آهي. (ماخوذ از فتاويٰ رضويه ج 11 ص 702، 703)

## ٻي ڪي پيءُ ٻڌائي وڻڻ

ياد رهي! پنهنجي حقيقي (سڳي) پيءُ کي ڇڏي ڪنهن ٻي ڪي پنهنجو پيءُ ٻڌائڻ يا پنهنجي خاندان و نسب کي ڇڏي ڪنهن ٻي خاندان سان پنهنجو نسب جوڙڻ حرام ۽ جنت کان محروم ڪري دوزخ ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. اِنهيءَ باري ۾ ڏاڍيون سخت سزائون حديثن ۾ آيون آهن جيئن ته ٻنهي جهانن جي سلطان، سرورِ ذيشان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: جيڪو پنهنجي پيءُ جي غير کي پنهنجو پيءُ ٻڌائڻ جو دعويٰ ڪري جڏهن ته هو ڄاڻي ٿو ته اهو ان جو پيءُ نه آهي ته اُن تي جنت حرام آهي. (بخاري ج 4 ص 326 حديث 6766)

## شادي ڪارڊ ۾ پيءُ جو نالو غلط وجهڻ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هتي اُهي ماڻهو به عبرت حاصل ڪن جيڪي هنج ورتل ٻار جي دل رکڻ جي لاءِ اُن تي پنهنجو پاڻ کي حقيقي پيءُ ظاهر ڪن ٿا ۽ اُهو به ويچارو سڄي زندگي ان ئي کي پنهنجو حقيقي پيءُ سمجهي ٿو، پنهنجي اصلي پيءُ کي ايصالِ ثواب ۽ ان جي لاءِ دعا ڪرڻ کان به محروم رهي ٿو. ياد رکو!

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

ضروري ڪاغذات، شناختي ڪارڊ، پاسپورٽ ۽ شادي ڪارڊ وغيره ۾ بہ حقيقي پيءُ جي جڳهہ زباني چيل پيءُ جو نالو لکرائڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. طلاق شده يا بيوهہ عورتون بہ پنهنجي پهرين گهر جي ٻارن کي انهن جي حقيقي پيءُ جي باري ۾ بيخبر رکي (يعني لِڪائي) آخرت جي بربادي جو سامان نہ ڪن. عام گفتگو ۾ ڪنهن کي بابا جان چئي ڇڏڻ ۾ ڪو حرج ناهي جڏهن تہ سڀني کي خبر هجي تہ اتي ”جسماني رشتو“ مراد ناهي. ها جيڪڏهن اهڙي ”بابا جان“ کي بہ ڪنهن سڳو پيءُ ظاهر ڪيو تہ گنهگار ۽ جهنم جي عذاب جو حقدار آهي. شيخ الحديث حضرت مولانا عبدالمصطفيٰ اعظمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: اڄڪلهہ بيشمار ماڻهو پنهنجو پاڻ کي صديقي، فاروقي، عثماني ۽ سيّد چوڻ لڳا آهن! انهن کي سوچڻ گهرجي تہ اهي ماڻهو ائين ڪري ڪيتري وڏي گناهہ جي ڏيڻ ۾ قاتل آهن. خداوند ڪريم عَزَّوَجَلَّ انهن ماڻهن کي صراطِ مستقيم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ ان حرام ۽ جهنمي ڪم کان انهن ماڻهن کي توبهہ جي توفيق عطا فرمائي. (آمين)

(جهنم جا خطرات ص 182 ملخصاً)

**سوال:** مذهبي ماڻهن کي ڇوڪريءَ ڏيڻ کي اسان جي معاشري ۾ عرفاً مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ عار سمجهيو ويندو آهي ۽ اهڙي نڪاح جي باري ۾ چيو ويندو آهي تہ فلان جي ڇوڪريءَ کي ڪنهن نہ ورتو تہ مولوي جي ڪاتي ۾ وجهي ڇڏي! اهڙي سوچ رکڻ ڪيئن آهي ۽ ڇا ان عار (ذلت) جو ڪفو ۾ لحاظ ڪيو ويندو؟

**جواب:** جيڪا سوچ قرآن ۽ حديث سان ٽڪرائيندي هجي اُها سراسر

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي.** (عبدالرزاق)

غلط هوندي آهي ۽ اهڙي سوچ جي هرگز رعايت نٿي ڪري سگهجي. شريعتِ مطهره تہ سوچ ئي اها ڏني آهي تہ نڪاح ڪندي وقت مذهب ۽ دين کي ترجيح ڏيو. رسولِ اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”عورت سان نڪاح چار ڳالهين جي ڪري ڪيو ويندو آهي (يعني نڪاح ۾ انهن جو لحاظ هوندو آهي) ”(1) مال (2) خاندان (3) حُسن (4) دين ۽ تون دين واري کي ترجيح ڏي.“

(صحيح بخاري ج 3 ص 429 حديث 5090)

مٿي ذڪر ڪيل حديث باوجود ان جي جو ڇوڪريءَ جي انتخاب جي لحاظ کان آهي پر شريعت جي مقصد ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پسند ۽ رضا کي ظاهر ڪري ٿي تہ دينداري کي ترجيح ڏني وڃي تنهن ڪري ڇوڪريءَ جي انتخاب ۾ جڏهن ڪفو جا ٻيا شرط پورا هجن تہ مذهبي ڇوڪريءَ ئي کي ترجيح ڏني وڃي ۽ سوال ۾ لکيل سوچ کي هرگز نہ اپنايو وڃي. گناهہ ۽ نافرمانيون ڪرڻ وارن ۾ رشتو ڪرڻ وارا دنياوي طور تي پنهنجي فعل کي ڪيترو ئي سنو سمجهندا هجن پر ان ۾ آخرت جو نقصان ئي نقصان آهي. هڪ صحابي رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا: ”جنهن پنهنجي ڇوڪريءَ شرابي جي نڪاح ۾ ڏني جڻ اُن پنهنجي ڇوڪريءَ کي زنا ۾ قِٽو ڪري (يعني اڇلائي) ڇڏيو. ڇاڪاڻ تہ شرابي جڏهن نشي ۾ هوندو آهي تہ ڪيترائي دفعا طلاق ٿي وڃڻ واريون ڳالهيون ڪندو آهي ائين اُن تي زال حرام ٿي ويندي آهي جڏهن تہ اُن کي خبر ئي ناهي هوندي. (تنبيه الغافلين ص 81)

**سوال:** اسلام تہ اِهو درس ڏنو آهي اڇي کي ڪاري ۽ ڪاري کي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

اڇي تي فضيلت حاصل ناهي پوءِ ڪفو جي معاملي ۾ ذات ۽ برادري جو ايترو ڇو خيال ڪيو وڃي ٿو؟

**جواب:** اسلام جيڪو اِهو چيو آهي تہ اڇي کي ڪاري ۽ ڪاري کي اڇي تي فضيلت ناهي ان مان مراد اها آهي تہ سڀني مسلمانن جي عزت آبرو جان مال جي حفاظت بنا ڪنهن فرق جي ڪئي وڃي ۽ احترام ۽ عزت ۾ ڪنهن کي ڪمتر نہ سمجهيو وڃي ائين ئي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا جيڪي حڪم آهن انهن تي عمل ڪرڻ ۾ بہ سڀ برابر آهن اڇي کي ڪاري ۽ ڪاري کي اڇي تي ڪا فضيلت ناهي. ان ڳالهہ جي بہ گنجائش ناهي تہ غريب ڏوهہ ڪري تہ اُن کي سزا ملي ۽ امير ڏوهہ ڪري تہ اُن کي ڇڏي ڏنو وڃي تہ سوال ۾ اسلام جي جنهن فلسفي جو ذڪر ٿيو اُهو بلڪل حق آهي پر ان مان مراد ڇا آهي اهو ٻڌائي ڇڏيو آهي. هاڻي رهيو معاملو ڪفو ۾ ذات، برادري ۽ ڌنڌي روزگار وغيره ڏسڻ جو، پهريان اهو تہ ان جو لحاظ رکڻ جو حڪم بہ اسلام ئي ڏنو آهي رسولِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاحِ افلاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”پنهنجي ڇوڪرين جو نڪاح نہ ڪريو پر صرف ڪفو ۾.“

(السنن الڪبري للبيهقي ج 7 ص 215 حديث 13760)

ترمذي شريف ۾ اميرالمؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ المرتضيٰ شيرِ خدا كَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہءِ منوره، سلطانِ مڪہءِ مڪرمہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اي علي (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ) ٽن شين ۾ دير نہ ڪر: (1) نماز جو جڏهن وقت اچي وڃي (2) جنازو جڏهن موجود هجي (3) ڪنواري جي نڪاح ۾ جڏهن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

ڪفو ملي وڃي. (ترمذي ج 2 ص 339 حديث 1077) ٻي ڳالھ اها آهي تہ ڇو جو شادي هڪ سڄي زندگي رهڻ واري رشتي جو نالو آهي جنهن ۾ ذهني هم آهنگي ۽ مزاج جي ملڻ جو يقين ۽ لحاظ ڪرڻ هڪ ضروري شيء آهي. ڪنهن بہ جوڙي جي ڪامياب زندگي لاءِ صرف اِهو ئي نہ تہ اُنهن ٻنهي جي وچ ۾ اتفاق ۽ هم آهنگي هئڻ ضروري آهي بلڪ ٻنهي طرف جي خاندانن ۾ بہ هم خيالي هئڻ ضروري آهي ۽ ڪفو جو لحاظ ان مقصد جي حصول ۾ حامي ۽ مددگار ٿيندو آهي. انهي ئي بنياد تي ان جو خيال ڪرڻ جو حڪم آهي.

ٽئين ڳالھ اها آهي تہ ڪفو جو لحاظ حقيقت ۾ سرپرستن جي حق جي بنياد تي آهي يعني پيءُ ڏاڏو وغيره جيئن تہ سرپرست هوندا آهن. ڪفو جو لحاظ نہ ڪرڻ تي ماڻهن جي ملامت ۽ طعنن جو اهي ئي ماڻهو نشانو بڻجن ٿا ۽ انهن کي جنهن رسوائي کي منهن ڏيڻو پوندو آهي اهو ڪنهن کان لِڪل ناهي. انهي بنياد تي انهن کي ذلت کان بچائڻ جي لاءِ خود انهن کي ڪفو جو لحاظ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي ۽ جيڪڏهن ڇوڪريءَ انهن جي اجازت کان سواءِ ڪِٿي ٻي جڳھ غير ڪفو ۾ نڪاح ڪري ٿي تہ وارثن جي حق جو لحاظ نہ هئڻ جي بنياد تي نڪاح جي منعقد نہ ٿيڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي.

## زال مڙس جو هڪ ٻئي تي شڪ ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** زال مڙس جو شڪ جي ڪري هڪ ٻئي تي بدڪاريءَ جي تهمت هڻڻ ڪيئن آهي؟

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

**جواب:** ڪبيره گناهه، حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي، اڄڪلهه اها مصيبت عام آهي، ڪجهه ماڻهو شڪ شبهن ۾ پئجي بدگماني ۽ بهتان هڻي ڪري پنهنجو آباد گهر پنهنجي هٿان ئي برباد ڪري ويهندا آهن. شڪ جي بنياد تي ڪڏهن مڙس پنهنجي زال کي زانيه چوندو آهي ۽ ڪڏهن زال پنهنجي مڙس کي غير عورت سان منسوب سمجهندي آهي، بئي صرف شڪ جي سبب هڪٻئي جي مٿي تهمت هڻندا، خوامخواه وِڙهندا ۽ پنهنجي خاندان تي اهو بدنما داغ لڳائيندا آهن جو ست سمنڊن جو پاڻي به بدناميءَ جي اِن داغ کي ڌوئي نه سگهي، اهڙن ماڻهن کي **الله**عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄڻ گهرجي. حضرت سيّدنا حُذَيفه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته **الله** عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب، حبيبِ لبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عبرت نشان آهي: اِنَّ قَذْفَ الْمُحْصَنَةِ يَهْدِمُ عَمَلَ مِائَةِ سَنَةٍ يعني ڪنهن پاڪدامن عورت تي زنا جي تهمت لڳائڻ سؤ سالن جي نيڪين کي برباد ڪري ڇڏيندي آهي. (المعجم الكبير للطبراني ج 3 ص 168 حديث 3023) هِن حديث پاڪ مان انهن مڙسن کي عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي، جيڪي صرف شڪ جي بنياد تي پنهنجي پاڪدامن گهروارين تي زنا جي تهمت هڻندا آهن. گڏوگڏ اُهي عورتون به عبرت حاصل ڪن جيڪي پنهنجي مڙسن جي باري ۾ طرح طرح جون ڳالهيون ڪنديون آهن ايتري تائين جو انهن تي زناڪاريءَ جو الزام هڻنديون آهن ۽ هر طرف ائين چونديون وتنديون آهن، گهر ۾ ته وقت ڏيندو ناهي، بس پنهنجي "سنگتياڻي" وٽ هوندو آهي، سڀ پئسا انهيءَ کي ڏئي ايندو آهي،

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

ان سان ”ڪارو منهن“ ڪندو آهي وغيره وغيره.

کرلے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪنهن کي رنڍي چوڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** اڄڪلهه ڪجهه عورتون ڪاوڙ ۾ اچي هڪ ٻئي کي ”رنڍي“ جي گار ڏينديون آهن، ان جو ڪهڙو وبال آهي؟

**جواب:** اها ڳالهه سخت دل ڏکائڻ واري، تمام وڏي ۽ بُري گار آهي ۽ دوزخ ۾ وٺي وڃڻ واري آهي.

## گار جي دنياوي سزا

جيڪي ماڻهو ڳالهه ڳالهه تي گنديون گاريون ڏيڻ جا عادي آهن، اُهي اِهو نه سمجهن ته اُنهن جي ڪا پڪڙ ئي ناهي (رائج ٿيل هر گار لکڻ ممڪن ناهي، ٻه مثال عرض ڪريان ٿو) مثلاً: جيڪڏهن ڪنهن کي ولدُ الزّنا يا زنا جي اولاد چيو يا ڪنهن پاڪدامن عورت کي زانيه چئي ڇڏيو. (جيئن عورتون عام طور تي هڪ ٻئي کي ڪاوڙ ۾ چئي ڇڏينديون آهن) اهي سڀ تهمتون ۽ حرام و گناهه ڪبيره آهن. هتي اها دليل نه هلندي ته ”مون ته ائين ئي چئي ڇڏيو، منهنجي نيت اها نه هئي.“ ياد رکو! ان ۾ آخرت جو عذاب ته آهي ئي، دنيا ۾ به ڪجهه صورتن ۾ ان جون سخت سزائون آهن. مثلاً ڪنهن مرد يا عورت ڪنهن پاڪدامن مرد کي زناڪار يا عورت کي زانيه چئي ڇڏيو، ته اسلامي عدالت ۾ ڪيس ٿي وڃڻ جي صورت ۾ جيڪڏهن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي.** (طبراني)

چار اکين ڏٺا گواهہ پيش نہ ڪري سگهيو تہ خود اُن تهمت لڳائڻ واري کي 80 ڪوڙا لڳايا ويندا ۽ اهڙي تهمت لڳائڻ واري جي آئنده ڪنهن معاملي ۾ ڪڏهن بہ گواهي قبول نہ ٿيندي. (اهي احڪام مُحصَن يا مُحصَنہ يعني مسلمان مرد ۽ عورت آزاد، عاقل، بالغ پاڪدامن تي الزام لڳائڻ جا آهن) زنا جي تهمت کي ”قذف“ ۽ تهمت لڳائڻ واري کي ”قاذف“ ۽ اسلامي عدالت کان ملڻ واري ان جي سزا کي ”حدّ قذف“ چوندا آهن، بهرحال زنا جو الزام لڳائڻ واري مرد يا عورت کي صرف بہ شيون ئي سزا کان بچائي سگهن ٿيون (1) جنهن تي الزام لڳو آهي اهو پنهنجي ڏوهہ جو اقرار ڪري وٺي. (2) يا وري تهمت لڳائڻ وارو چار اهڙا گواهہ حاڪمِ اسلام وٽ پيش ڪري جن پنهنجي اکين سان مرد ۽ عورت کي زنا ڪندي ڏٺو هجي ۽ اهو ڏسڻ ايترو آسان ڪِٿي آهي ۽ ان جو ثبوت فراهم ڪرڻ ان کان بہ مشڪل تر، تنهنڪري سلامتي جو رستو اِهو ئي آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن کي ڪنهن جي زناڪاري جي خبر پئجي بہ وڃي تڏهن بہ پردي ۾ ئي رهڻ ڏئي تہ جيئن گندگي جتي آهي اُتي پئي رهي. نہ تہ ٻڌائي ڇڏڻ جي صورت ۾ جيڪڏهن چار اکين ڏٺا گواهہ پيش نہ ڪري سگهيو تہ ”مَقْذُوف“ (يعني جنهن تي زنا جي تهمت لڳي) جي مطالبي تي پنهنجي پُٺي تي 80 ڪوڙا کائڻ لاءِ تيار رهي. بهارِ شريعت ۾ آهي: ڪنهن پاڪدامن عورت کي رنڊي چيو تہ اهو قذف آهي ۽ ”حد“ جو حقدار آهي جو اهو لفظ انهن جي لاءِ آهي جن زنا کي ڌنڌو ڪري ورتو آهي. (بهارِ شريعت حصو 9 ص 116)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

## شڪ جي بنياد تي الزام نہ هڻو

ٿورو اندازو تہ لڳايو شريعتِ مطهّره ڪي مسلمان مرد ۽ عورت جي عزت ۽ آبرو ڪيتري قدر پياري آهي ۽ انهن جي لڄ جي حفاظت جو ڪيڏو زبردست اهتمام فرمايو آهي، بيشڪ اُهي تمام بُرا ماڻهو آهن جيڪي ڪنهن مسلمان جي باري ۾ صرف شڪ جي بنياد تي يا بُڌل ٻڌايل عيب ٻين جي آڏو بيان ڪندا آهن، اُهي اِهو نہ سمجهن تہ اڄ فرض ڪريو ڪو پڇڻ وارو ناهي تہ سڀاڻي قيامت ۾ بہ ڪجهہ نہ ٿيندو. ٻہ حديثون ٻڌو ۽ خوفِ الاهي مان ڏڪو:

## لوهہ جا 80 ڪوڙا

(1) حضرت عِڪرِمہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: هڪ عورت پنهنجي ٻانهيءَ کي زانيہ چيو، (انهي تي) حضرت سيّدنا عبدالله بن عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا فرمايو: تو زنا ڪندي ڏٺو آهي؟ اُن عرض ڪيو: نہ. فرمايائون: وَالَّذِیْ نَفْسِیْ بِیَدِهٖ لَتُجْلَدَنَّ لَهَا یَوْمَ الْقِیَامَةِ ثَمَانِیْنَ يعني قسم آهي اُن جي جنهن جي قبضهءِ قدرت ۾ منهنجي جان آهي، قيامت جي ڏينهن ان ڪري توکي 80 ڪوڙا هنيا ويندا. (مصنف عبدالرزاق ج 9 ص 320 حديث 18293)

(2) حضرت سيّدنا اِبنُ المُسَيَّب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا فرمايو: جيڪو پنهنجي ٻانهيءَ تي زنا جي تهمت لڳائيندو ان کي قيامت جي ڏينهن لوهہ جا 80 ڪوڙا هنيا ويندا. (ايضاً حديث 18292)

## عيب لڪايو، جنت ماڻيو!

**سوال:** ڪنهن جو گناهہ معلوم ٿي وڃي تہ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**جواب:** ان جو پردو رکڻ گهرجي، جو شرعي مصلحت ڪانسواءِ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

ڪنهن ٻئي تي ان جو اظهار ڪرڻ وارو گنهگار ۽ جهنم جي عذاب جو حقدار آهي، مسلمانن جو عيب لڪائڻ جو ذهن ٺاهيو ته جيڪو ڪنهن جو عيب لڪائيندو ان جي لاءِ جنت جي بشارت آهي. جيئن ته حضرت سيّدنا ابو سعيد خُدري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي: "جيڪو شخص پنهنجي ڀاءُ جي ڪا برائي ڏسي ان جي پرده پوشي ڪري ته اُهو جنت ۾ داخل ڪيو ويندو." (مسند عبد بن حميد ص 279 رقم 885) تنهنڪري جڏهن ﺑﻪ اسان کي معلوم ٿئي ته فلاڻي مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ زنا يا لواطت ڪئي آهي، بدنگاهي ڪئي آهي، ڪوڙ ڳالهايو آهي، واعدي خلافي ڪئي آهي، يا غيبت ڪئي آهي يا ڪوبه اهڙو ڏوهه لِڪي ڪيو آهي جنهن کي ظاهر ڪرڻ ۾ ڪا شرعي مصلحت ناهي ته اسان کي ان جو پردو رکڻ لازم آهي ۽ ٻئي تي ظاهر ڪرڻ گناهه آهي. يقينًا غيبت ۽ عزت خراب ڪرڻ جو عذاب برداشت نه ٿي سگهندو.

## عيب کولڻ جو عذاب

**سوال:** غيبت ۽ عزت خراب ڪرڻ جي سزا به بيان فرمائي ڇڏيو؟

**جواب:** معراج جي رات سروَرِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ منظر هي به ڏٺو ته ڪجهه ماڻهو ٽامي جي ننهن سان پنهنجي چهرن ۽ سينن کي پٽي رهيا هئا. سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پڇڻ تي عرض ڪيو ويو: "هي ماڻهن جو گوشت کائيندا هئا (يعني غيبت ڪندا هئا) ۽ ماڻهن جي عزت خراب ڪندا هئا." (سنن ابي داؤد ج 4 ص 353 حديث 4878) وڌيڪ تفصيل جي لاء مڪتبة المدينه جو شايع ٿيل ڪتاب "غيبت جون تباهه ڪاريون" هديةً حاصل ڪري ضرور پڙهو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام دروِد پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

## جادو ٽوڻو ڪرائڻ جو الزام

**سوال:** اڄڪلهه عامل جي ڳالهين ۾ اچي رشتيدار هڪ ٻئي جي باري ۾ جادوءَ جو الزام هڻي ڇڏيندا آهن، اهو ڪيئن آهي؟

**جواب:** ڪنهن مسلمان تي بهتان هڻڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. عامل جي ٻڌائڻ يا خواب يا فال يا اِستِخاري جي ذريعي خبر پوڻ ڪي شرعي ثبوت ناهي ڇئبو جو جنهن کي بنياد بڻائي ڪنهن مسلمان جي طرف انهن گناهن کي منسوب ڪري سگهجي. هتي شرعي ثبوت هي آهي يا ته ملزم خود اقرار ڪري ته مون جادو ڪيو يا ڪرايو آهي. يا ٻه مسلمان مرد يا هڪ مسلمان مرد ۽ ٻه مسلمان عورتون گواهي ڏين ته اسان هن کي خود جادو ڪندي يا ڪرائيندي ڏٺو آهي.

## بهتان جو عذاب

**سوال:** جادو ٽوڻو ڪرائڻ يا مختلف قسمن جا الزام هڻڻ واري جي اُخروي سزا ٻه بيان فرمايو ته جيئن مسلمان ڊڄن ۽ توبهه ڪن؟

**جواب:** ٻه روايتون ملاحظ ڪريو: (1) ٻنهي جهانن جي سلطان، سروَرِ ذيشان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: ”جيڪو ڪنهن مسلمان جي برائي بيان ڪري جيڪا اُن ۾ موجود ناهي ته اُن کي **الله** عَزَّوَجَلَّ اُن وقت تائين دوزخين جي گند، پونءَ ۽ رت ۾ رکندو جيستائين جو هو پنهنجي چيل ڳالهه کان نڪري نه اچي.“ (يعني اُن جي سزا پوري نه ٿئي) (سنن ابي داؤد ج 3 ص 427 حديث 3597)

(2) امير المؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ المرتضيٰ،

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

شير خدا كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم فرمائن ٿا: ڪنهن بي ڏوهي تي بهتان لڳائڻ آسمانن ڪان به وزني گناهه آهي. (نوادر الاصول للحكيم الترمذي ج 1 ص 93)

## توبهه جون تقاضائون پوريون ڪري وٺو!

**سوال:** جيڪڏهن ڪنهن ڪان الزام هٽڻ وغيره جا گناهه ٿي ويا هجن ته اُهو ڇا ڪري؟

**جواب:** جيڪڏهن ڪنهن صرف بدگماني يا اٽڪل اندازي سان يا بُڏل ڳالهين ۾ اچي ڪنهن تي زنا، لواطت، بدنگاهي، چوري، ڪوڙ، واعدي خلافي، جادو ٽوڻو ڪرائڻ وغيره جو الزام لڳائڻ جي خطا ڪئي آهي ته **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ توبهه ڪري ۽ جن جن جي سامهون الزام هنيو آهي، اُنهن کي به پنهنجي غلطي ٻڌائي پنهنجي توبهه ڪان آگاهه ڪري ته جيئن جنهن غريب کي بنا شرعي ثبوت جي ذليل ڪيو آهي، اُنهن جي نظرن ۾ اُن جي عزت بحال ٿي وڃي. جيڪڏهن صاحبِ معامله (يعني جنهن تي الزام لڳايو ويو آهي اُن) کي به معلوم ٿي ويو آهي ته انتهائي شرمساري سان اُن ڪان به معافي گهري ڪري اُن کي خوش ڪري. هِتي **مَعَاذَاللّٰه** عَزَّوَجَلَّ زانين (۽ امردن سان بُرو فعل ڪرڻ وارن وغيره) جي حوصله افزائي ناهي بلڪ اُنهن کي به توبهه جون تمام تقاضائون پوريون ڪرڻ ضروري آهن نه ته دنيا ۽ آخرت ۾ انهن جي لاءِ "قاذف" (يعني زنا جي تهمت لڳائڻ واري) جي مقابلي ۾ وڌيڪ سخت سزائون آهن. ان طرح جا ڏوهاري بلڪ هر طرح جو گناهه ڪرڻ وارا به **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ توبهه ڪن. حُقُوقُ العِباد جي پامالي جي صورت ۾ انهن جي معافي تلافي جون

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

تقاضائون بہ پوريون ڪن نہ تہ جهنم جي عذاب جا حقدار آهن.

ڪرلے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

## بدگمانيءَ جي باري ۾ سوال جواب

**سوال:** دعا يا اجتماعِ ذڪر و نعت ۾ ڪنهن کي روئندو ڏسي اِهو سمجهڻ ڪيئن آهي تہ هي سيني کي ڏيکارڻ لاءِ روئي رهيو آهي!

**جواب:** اها بدگماني آهي ۽ مؤمن صالح تي بدگماني حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. **الله** تبارڪ و تعاليٰ 15 سيپاري سورة بني اسرائيل جي آيت نمبر 36 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَلَا تَقْفُ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ؕ اِنَّ السَّمْعَ وَالْبَصَرَ وَالْفُؤَادَ كُلُّ اُولٰٓئِكَ كَانَ عَنْهُ مَسْـُٔوْلًا ﴿۳۶﴾

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ ان ڳالهہ جي پٺيان نہ پئو جنهن جي توکي ڄاڻ نہ آهي، بيشڪ ڪن ۽ اکيون ۽ دل سمورن کان پڇا ٿيڻي آهي.

**الله** تبارڪ و تعاليٰ 26 سيپاري سورةُ الحُجرات جي آيت نمبر 12 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اجْتَنِبُوْا كَثِيْرًا مِّنَ الظَّنِّ ۫ اِنَّ بَعْضَ الظَّنِّ اِثْمٌ

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ! گهڻن گمانن کان بچو، بيشڪ ڪو گُمان گناهہ ٿي ويندو آهي.

حضورِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسولِ محتشم، شافعِ اُمَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: (انسانو!) بدگماني کان بچو ڇاڪاڻ تہ بدگماني ڪرڻ سڀ کان ڪوڙي ڳالهہ آهي. (بخاري ج 3 ص 446 حديث 5143) ائمہ دين رَحِمَهُمُ اللهُ المبين فرمائن ٿا: گندو گمان گنديءَ دل مان پيدا ٿيندو آهي. (فيض القدير للمناوي ج 3 ص 157 تحت الحديث 2901)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

## روئندڙ تي بدگمانيءَ جو نقصان

حضرت سيّدنا مڪحول دمشقي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ القوي فرمائن ٿا: ”جڏهن توهان ڪنهن کي روئندي ڏسو ته ان سان گڏ روئڻ لڳي وڃو اها بدگماني نه ڪريو ته هو ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ ائين ڪري رهيو آهي. مون هڪ ڀيري هڪ شخص کي روئندو ڏسي بدگماني ڪئي هئي ته هي رياڪاري ڪري رهيو آهي ته ان جي سزا ۾ هڪ سال تائين (خوف خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ ۾) روئڻ کان محروم رهيس.“

(تنبيه المغترين ص 107)

## زال مڙس جي غسل ميت جي باري ۾ سوال جواب

**سوال:** زال پنهنجي مرحوم مڙس کي غسل ڏئي سگهي ٿي يا نه؟

**جواب:** صدرُالشّريعہ، بدرُالطّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي محمّد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ القوي فرمائن ٿا: عورت پنهنجي مڙس کي غسل ڏئي سگهي ٿي جڏهن ته موت کان پهريان يا بعد ۾ ڪا اهڙي ڳالهه نه ٿي هجي، جنهن سان ان جي نڪاح مان نڪري وڃي.

(بهار شريعت ج 1 ص 812)

**سوال:** مڙس پنهنجي مرحومہ زال کي غسل ڏئي سگهي ٿو يا نه؟

**جواب:** نٿو ڏئي سگهي. فقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلام فرمائن ٿا: عورت مري وڃي ته مڙس نه ان کي وهنجاري سگهي ٿو، نه ڇُهي سگهي ٿو ۽ ڏسڻ جي منع ناهي. (ايضاً ص 813 ، درمختار ج 3 ص 105)

**سوال:** ڇا مڙس پنهنجي مرحومہ زال جو منهن ٻه نٿو ڏسي سگهي؟

**جواب:** منهن ڏسي سگهي ٿو. بهارِ شريعت ۾ آهي: عوام ۾ جيڪو

هي مشهور آهي تہ مڙس عورت جي جنازي کي نہ ڪلهو ڏئي سگهي ٿو، نہ قبر ۾ لاهي سگهي ٿو نہ ئي منهن ڏسي سگهي ٿو اهو بلڪل غلط آهي. صرف وهنجاري ۽ ان جي بدن کي بنا رڪاوٽ هٿ لڳائڻ جي منع آهي. (بهارشريعت ج اول ص 812)

**سوال:** مڙس پنهنجي زال کي نہ ٿو وهنجاري سگهي جڏهن تہ زال پنهنجي مڙس کي وهنجاري سگهي ٿي، ان ۾ ڪهڙي حڪمت آهي؟

**جواب:** مڙس جو مرڻ کان فورًا بعد نڪاح ٽٽي ويندو آهي جڏهن تہ عورت جو عدت تائين ڪجهہ احڪامن ۾ نڪاح باقي رهي ٿو. منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: مڙس وفات کان پوءِ پنهنجي عورت کي ڏسي سگهي ٿو پر ان جي جسم کي ڇهڻ جي اجازت ناهي، ان لاءِ جو موت واقع ٿي وڃڻ سان نڪاح ٽٽي ويندو آهي ۽ عورت جيستائين عدت ۾ آهي پنهنجي مرده مڙس جو بدن ڇهي سگهي ٿي ان کي غسل ڏئي سگهي ٿي جڏهن تہ ان کان اڳ بائن (يعني اهڙي طلاق جنهن ۾ ٻيهر نڪاح جي ضرورت هجي صرف رجوع ڪرڻ سان ڪم نہ هلي سگهندو هجي) نہ ٿي چڪي هجي ان لاءِ جو عدت جي سبب عورت جي حق ۾ ان جو نڪاح باقي رهندو آهي.

(فتاويٰ رضويہ شريف ج 22 ص 234)

يا ربِّ مصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ بطفيل مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اُمّهاتُ المؤمنين ۽ بيبي فاطمہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُنّ جو واسطو اسان جي تمام اسلامي ڀينرن کي حياء جي چادر نصيب ڪر ۽ حقيقي مدني برقعي سان گڏ شرعي پردو ڪرڻ نصيب فرماءِ منهنجي ۽ تمام اُمّت جي مغفرت فرماءِ.

اٰمين بِجَاهِ النّبِيّ الاَمين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعلیٰ)

# مآخذ ۽ مراجع

| ڪتاب جو نالو | مطبوعه | ڪتاب جو نالو | مطبوعه |
|---|---|---|---|
| قرآن مجيد | مڪتبة المدينه باب المدينه ڪراچي | محيط برهاني | دار احياء التراث العربي بيروت |
| ڪنز الايمان مع خزائن العرفان | مڪتبة المدينه باب المدينه ڪراچي | بدائع الصنائع | دار احياء التراث العربي بيروت |
| تفسير مدارڪ | دار المعرفة بيروت | تبيين الحقائق | دار الڪتب العلمية بيروت |
| تفسير درمنثور | دارالفڪر بيروت | درمختار و ردالمحتار | دار المعرفة بيروت |
| تفسيرات احمديه | پشاور | الهداية | دار احياء التراث العربي بيروت |
| روح البيان | ڪوئٽه | فتاويٰ عالمگيريه | دارالفڪر بيروت |
| تفسير سورة يوسف | فضل نور اڪيڊمي | مفاتيح الجنان | بيروت |
| نور العرفان | پير ڀائي اينڊ ڪمپني لاهور | فتاويٰ خيريه | باب المدينه ڪراچي |
| صحيح بخاري | دار الڪتب العلمية بيروت | فتاويٰ رضويه | رضا فائونڊيشن لاهور |
| صحيح مسلم | دار ابن حزم بيروت | فتاويٰ امجديه | مڪتبة رضويه ڪراچي |
| سنن ترمذي | دارالفڪر بيروت | فتاويٰ ملڪ العلما | المجمع الرضوي بريلي |
| سنن ابي داوٗد | دار احياء التراث العربي بيروت | فتاويٰ نعيميه | مڪتبه اسلاميه |
| سنن ابن ماجه | دار المعرفة بيروت | وقار الفتاويٰ | بزم وقار الدين ڪراچي |
| مسند امام احمد | دارالفڪر بيروت | فتاويٰ فيض الرسول | شبير برادرز لاهور |
| السنن الڪبريٰ | دار الڪتب العلمية بيروت | بهار شريعت | مڪتبة المدينه باب المدينه ڪراچي |
| المعجم الڪبير للطبراني | دار احياء التراث العربي بيروت | احڪام شريعت | مڪتبة المدينه باب المدينه ڪراچي |
| المعجم الصغير للطبراني | دار الڪتب العلمية بيروت | الملفوظ | مڪتبة المدينه باب المدينه ڪراچي |
| الترغيب والترهِيب | دار الڪتب العلمية بيروت | احياء علوم الدين | دارالصادر بيروت |
| الجامع الصغير للسيوطي | دار الڪتب العلمية بيروت | اتحاف سادة المتقين | دار الڪتب العلمية بيروت |
| المستدرڪ للحاڪم | دار المعرفة بيروت | ڪيمياءِ سعادت | تهران |
| شعب الايمان | دار الڪتب العلمية بيروت | مڪاشفة القلوب | دار الڪتب العلمية بيروت |
| مصنف عبدالرزاق | دار الڪتب العلمية بيروت | تذڪرة الاولياء | انتشارات گنجينه تهران |
| ڪنزالعمال | دار الڪتب العلمية بيروت | تنبيه المغترين | دارالبشائر بيروت |
| سنن دارقطني | مدينة الاولياء ملتان | تنبيه الغافلين | دار الڪتب العربي بيروت |
| تاريخ بغداد | دار الڪتب العلمية بيروت | روضُ الرّياحين | دار الڪتب العلمية بيروت |
| الفردوس بماثور الخطاب | دار الڪتب العلمية بيروت | بحر الدموع | دار الفجر دمشق |
| مجمع الزوائد | دار الفڪر بيروت | الرسالة قشريه | دار الڪتب العلمية بيروت |
| فيض القدير | دار الڪتب العلمية بيروت | المواهب اللدنيه | دار الڪتب العلمية بيروت |
| الڪامل في ضعفاء الرجال | دار الڪتب العلمية بيروت | اخبار الاخيار | فاروق اڪيڊمي |
| مرقاة المفاتيح | دار المعرفة بيروت | مدارج النبوة | مرڪز اهلسنت برڪات رضا |
| اشعة اللمعات | ڪوئٽه | ڪتاب الڪبائر | پشاور |
| مراة المناجيح | ضياءُ القران پبليڪشنز لاهور | جذب القلوب | شبير برادرز لاهور |
| حلية الاولياء | دار الڪتب العلمية بيروت | تلبيس ابليس | بيروت |

